# رسالو سچل سرمست

(سنڌي ڪلام)

مرتّب:
عثمان علي انصاري

سڌاريندڙ ۽ سنواريندڙ:
ڊاڪٽر مخمور بخاري



سنڌي ادبي بورڊ

Gul Hayat Institute

# رسالو سچل سرمست

(سنڌي ڪلام)

مرتّب:

**عثمان علي انصاري**

سڌاريندڙ ۽ سنواريندڙ:

**ڊاڪٽر مخمور بخاري**

Gul Hayat Institute

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ

2012ع

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1959ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو ٻيو | سال 1982ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو ٽيون | جولاءِ 2012ع | تعداد 1000 |

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

**هيءُ رسالو سچل سرمستؒ جي 191 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي شايع ڪيو پيو وڃي.**

## قيمت: چار سؤ ڏهه رپيا
## (Price: 410-00)

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

Gul Hayat Institute

خريداري لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءَ ڪتاب ميسرز ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچيءَ، مان الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌو تهذيب ٻارهين صدي هجريءَ ۾ علمي توڙي فڪري لحاظ سان پوري عروج تي نظر اچي ٿي. اُن صديءَ ۾ ڪيترائي اعليٰ پائي جا شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن، جن جي مڃتا نه صرف سنڌ پر هند تائين پکڙيل نظر اچي ٿي! انهن عظيم شاعرن ۽ صوفي بزرگن ۾ سچل سرمستؒ پنهنجي شخصيت ۽ فن ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. جنهن پنهنجي علمي شعور ۽ مشاهدي وسيلي پنهنجي شعر ۾ خود شناسي، خدا شناسي، خود فراموشي ۽ انسان دوستي جو پيغام ڏنو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي قائم ٿيڻ سان ئي جن رٿائن کي هٿ ۾ کنيو ويو هو، تن منجهان سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام کي منظرعام تي آڻڻ به هڪ اهم رٿا هئي. جنهن ڏس ۾ درازن جي عظيم صوفي شاعر سچل سرمستؒ جي سنڌي ڪلام کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ اِهو ڪم سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ محقق مرحوم عثمان علي انصاري جن کي سونپيو ويو، جنهن صاحب پير حسام الدين راشدي ۽ آغا عبدالنبي صاحب جن جي گرانقدر رهبريءَ هيٺ جنهن عرق ريزيءَ سان ڪلام تي محنت ڪئي آهي سا نه پڙهندڙ پاڻ ئي ملاحظ ڪري سگهن ٿا.

بورڊ پاران ”رسالو سچل سرمستؒ“ (سنڌي ڪلام) جو پهريون ڇاپو 1959ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ڇاپو 1982ع ۾ شايع ڪيو ويو. هاڻي رسالي جي هِن نئين ايڊيشن کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جو ڪم

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر مخمور بخاري جن کي ڏنو ويو، جنهن وڏي محنت سان هڪ تحقيقي مقدمو لکيو ۽ ڪلام کي نئين سر ترتيب ڏيئي، متفرقات ۾ آيل بيتن کي جدا ڪري مناسب داستانن ۽ فصلن ۾ ورڇيو آهي.

الله سائين جي فضل و ڪرم سان سنڌ جي علمي ادبي خاندان جو چشم و چراغ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن مقرر ٿيڻ شرط ئي سنڌ جي تاريخي ۽ ڪلاسيڪي ادب جي ڪتابن ڇپرائڻ لاءِ اسان کي هدايتون ڏنيون آهن.

سچل سرمستؒ جي سنڌي ڪلام جو هيءُ ڇاپو گذريل ڇاپن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ جديد دؤر جي تقاضائن موجب ڪمپيوٽرائيزڊ ڪمپوزنگ ذريعي منظرِعام تي آڻيندي بورڊ جي مخلص ورڪرن سان گڏ خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اميد ته سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب پڙهندڙن کي اسان جي هيءُ ڪاوش پڻ پسند ايندي.

25 شعبان المعظم 1433ھ الهڏتو وگهيو

16 جولائي 2012ع سيڪريٽري

Gul Hayat Institute

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | ـ جستس غوث علي شاهہ | 9 |
| تعارف | ـ ڊاڪٽر مخمور بخاري | 13 |
| عرض حال | | 45 |
| مقدمو | | 49 |
| **رسالو** | | 83 |
| **وحدت نامو** | | 85 |
| **وحدت** | | |
| | داستان پهريون | 93 |
| | داستان ٻيو | 110 |
| **حقيقت** | | |
| | داستان پهريون | 122 |
| | داستان ٻيو | 135 |
| **سُر سسئي** | | |
| | داستان پهريون | 149 |
| | داستان ٻيو | 162 |
| | داستان ٽيون | 176 |
| | داستان چوٿون | 187 |
| | داستان پنجون | 195 |
| | داستان ڇهون | 207 |
| | داستان ستون | 221 |
| | داستان اٺون | 233 |
| | داستان نائون | 244 |


Gul Hayat Institute

داستان ڏهون 258
داستان يارهون 270
جهولڻو 283

## سُر نوري

داستان پهريون 304
داستان ٻيو 308
داستان ٽيون 313
داستان چوٿون 317

## سُر مارئي

داستان پهريون 320
داستان ٻيو 329
داستان ٽيون 338
داستان چوٿون 345
داستان پنجون 355
داستان ڇهون 360
داستان ستون 364

## سُر مومل راڻو

داستان پهريون 370
داستان ٻيو 378

## سنڌي پورب 382

## بيت روجهن بابت 390

## سُر سارنگ 396

## سُر هير رانجهو

داستان پهريون 402
داستان ٻيو 406

Gul Hayat Institute

**سُر جوڳ** 410
**سُر مالڪوس**
داستان پهريون 412
داستان ٻيو 420
داستان ٽيون 428
داستان چوٿون 436
داستان پنجون 444
داستان ڇهون 452
داستان ستون 461
**متفرق ڪلام** 468

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

سنڌي ادبي بورڊ سچل سائين جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جا هي خصوصي ڇاپا (Special Editions) ”سچل سيمينار“ جي تاريخي موقعي تي شايع ڪري رهيو آهي.

سچل جو شاعر، درويش ۽ صوفي بزرگ جي حيثيت، سان سنڌ ۾ جيڪو بلند مرتبو آهي، ان ڪي خيال ۾ رکي اها ڳالهه تسليم ڪرڻي پوندي ته سندس باڪمال شخصيت تي جيترو علمي ۽ تحقيقي ڪم ٿيڻ کپندو هو اوترو ڪو نه ٿيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، سنڌي ادبي بورڊ جي ٻن معياري ڪتابن ”رسالو سچل سرمست“ ۽ ”سچل جو سرائڪي ڪلام“ کان علاوه، ٻيو ڪو به خاص تحقيقي ڪتاب شايع ڪو نه ٿيو آهي. البت، اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اوقاف کاتي ”ديوان آشڪار“ جو اردو نثري ترجمو شايع ڪيو آهي ۽ سچل ميموريل ڪاميٽيءَ طرفان، سال بسال، عرس مبارڪ جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ٿيندي رهي ٿي. انهيءَ حقيقت جي پيش نظر، سنڌ سرڪار فيصلو ڪيو آهي ته شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز وانگر، هڪ اهڙو ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو سچل جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام متعلق معياري ۽ مستند ڪتاب شايع ڪري. اهڙو لٽريچر سنڌ ۾ تصوف جي اثر ۽ سنڌي سماج جي ارتقا جي مطالعي لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿيندو.

سچل جي ڪلام جا اڳوڻا محقق ۽ شارح، مرحوم عثمان علي نصاري، حڪيم محمد صادق راڻيپور وارو، قاضي علي اڪبر درازي،

Gul Hayat Institute

آغا صوفي ۽ نماڻو فقير هي جهان ڇڏي ويا آهن. پر مون کي اميد آهي ۽ منهنجي ڏاڍي جي در دعا آهي تہ سنڌ جي نئين نسل جا اديب، شاعر ۽ محقق پنهنجن لائق ۽ فائق پيش رو بزرگن جي نقش قدم تي هلي، سنڌ ۽ وطنِ عزيز پاڪستان جي قومي ادب ۽ تاريخ ۾ مثبت اضافو ڪندا.

حيدرآباد
2 مارچ 1982ع

**جسٽس سيد غوث علي شاهہ**
وزير تعليم، ثقافت، رانديون ۽
قانون، حڪومت سنڌ.

Gul Hayat Institute

صورت ۾ جاءِ دم جي، دم ريءَ نہ صورت ڪم جي،
دم ۾ جا لذت غم جي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي.

ابليس جي وڏائي، هر سانس تي سوائي،
جيوڙ تہ دم پلائي، نہ تہ تهت نحس ناسي.

ثابت ”سچل“ سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جني وساري، تن تَنَ مٿي اٽاسي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# تعارف

سچل سرمست سنڌي صوفياڻي شاعري جو اهم نالو آهي هن پنهنجي فڪر جي لاءِ مختلف زبانن ۾ شاعري جي گهاڙيٽن کي اختيار ڪيو سندس شعر سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ بيت، دوهي، سورٺي، دوهي سورٺي، جهولڻي، سه حرفي، ڪافي، ڏوهيڙي، غزل، مثنوي، قطعه ۽ فرد جي هيئتن ۾ موجود آهي. سندن ڪلام جي سهيڙ جو باقاعده مڪمل ڪم مرزا علي قلي بيگ سنه 1902ع ۾ ڪيو. جيڪو رسالو "رسالو ميان سچل فقير جو" جي نالي سان شايع ٿيو. ان کان پوءِ اهو سلسلو جاري ٿيو اهڙي ريت آغا عبدالنبي، نماڻو فقير، رشيد احمد لاشاري، درمحمد، سميت ڪيترن ئي سچل شناسن سرمست سائين جو ڪلام سهيڙيو. سنه 1958ع ۾ عثمان علي انصاري جو مرتب ڪيل سچل سائين جو سنڌي ڪلام تي مشتمل 'رسالو' سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو. بورڊ طرفان ان جو هوبهو ٻيو ڇاپو سنه 1982ع ۾ خيرپور ۾ ٿيل سچل نيشنل سيمينار جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو.

## عثمان علي انصاري جي مختصر سوانح حيات

Gul Hayat Institute

عثمان علي انصاري سنڌ جو ڄاتل سڃاتل اديب، تعليمدان رهيو آهي. هت پيش ٿيندڙ سندس سوانح حيات سندس ئي خود نوشته جو اختصار آهي جيڪو تماهي مهراڻ سوانح نمبر 1958ع ۾ شايع ٿيل آهي. البته اها خودنوشته ان خيال کان اڻ مڪمل به آهي جو ان ۾ انصاري مرحوم جو سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ٿيڻ يا سندن لکيل ڪتابن جو ذڪر ناهي. انصاري صاحب پنهنجي باري ۾ خود لکن ٿا.

"منهنجو والد هدايت الله انصاري ڀارت جي شهر سهانپور

ضلعي جي جنت آباد (انبهہ) ڳوٺ جو هو. سنہ 1870ع ڌاري سنڌ آيو ۽ پوليس ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ 1901ع ۾ سيوهڻ ۾ انسپيڪٽر جي حيثيت ۾ وفات ڪيائين. منهنجو (عثمان علي انصاري) جو جنم 21 آڪٽوبر 1901ع تي شڪارپور ۾ ٿيو ان وقت والد صاحب کي گذر ڪئي ٻہ مهينا کن ٿيا هئا. ابتدائي تعليم شڪارپور جي سنڌي اسڪول نمبر2 ۾ شروع ٿي، ٽئين درجي ۾ منهنجي چاچي شيخ صادق علي انصاري جو ان وقت ميهڙ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو (شيخ صادق علي بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو خيال آهي تہ هو صاحب رياست خيرپورميرس جو وزير بہ رهيو) مون کي گهرائي ميهڙ جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتان چوٿون درجو پاس ڪري اچي شڪارپور پهتس تہ انگريزي پڙهان پر قدرت کي منظور نہ هو شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخلا نہ ملڻ جي صورت ۾ وڃي قاضي بهادر علي شاهہ جي مدرسي ۾ ٻہ سال عربي/فارسي پڙهيم. جنهن کان پوءِ وري چاچي خيرپور گهرائي اي۔وي اسڪول (هاڻوڪي ناز هاءِ اسڪول) ۾ داخل ڪرايم جتان پهريون درجو پاس ڪري لاڙڪاڻي جي اي وي اسڪول مان ٽيون ۽ چوٿون درجو پاس ڪري وري پنجين درجي جي لاءِ خيرپور آيس پر وڌيڪ درجي پاس ڪرڻ جي لاءِ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ آيس جتان سنہ 1918ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيم. جنهن کان پوءِ جهوناڳڙهہ وڌيڪ تعليم لاءِ ويس پر اتان جلدئي بنا تعليم جي واپس موٽيس ڪجهہ عرصي کان پوءِ سنہ 1921ع ۾ عليڳڙهہ مان انٽر جو امتحان پاس ڪيم، ۽ موٽڻ بعد ناز هاءِ اسڪول ۾ پڙهائڻ جو شغل جاري ٿيو ۽ پوءِ سال 1923ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان بي.اي پاس ڪري ان ئي سال انگلستان روانو ٿيس.

سنہ آگسٽ 1925ع ۾ انگلينڊ کان واپس اچي "بمبئي ڪرانيڪل" جي سيد بريلوي وٽ ڪم شروع ڪيم. هفتي اندر

خانبهادر ۽ بعد ۾ سر غلام حسين هدايت الله پوني ۾ گهرائي چيو ته سنڌ ۾ نوڪري ڪر. ٻه مهينا لکپڙهه هلڻ کان پوءِ نيٺ سنڌ ۾ 27 نومبر 1925ع تي ميرپورخاص مدرسي جو هيڊماستر ڪري رکيائون، جتان وري 1927ع ۾ نوشهري فيروز بدلي ڪيائون. 1933ع ۾ اتان وري ميرپورخاص بدلي ٿي آيس. سال 1940ع ۾ ڪراچي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيس. 1947ع ۾ ميرپورخاص کان حيدرآباد موٽندي واٽ تي موٽر جي اونڌي ٿيڻ جي ڪري فيبروري کان ڊسمبر تائين زيرِ علاج رهيس. صحتياب ٿيڻ بعد ايس.ٽي ڪاليج ڪراچي جو پرنسيپال ڪري رکيائون. ڇئن سالن کان پوءِ 1951ع ۾ ڊي.پي.آءِ جي عهدي تي آيس جتان تازو آڪٽوبر 1957ع ۾ پينشن تي آيو آهيان."

عثمان علي انصاري شروع کان وٺي شڪار جو شوقين هو پر سندن لکڻ موجب 1947ع ۾ موٽر جي حادثي کان پوءِ ڪمزوري سبب اهو شوق ڇڏي ڏنائين ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ لکڻ پڙهڻ واري شغل ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏيڻ شروع ڪيائين.

انصاري صاحب جي خودنوشت بنهه مختصر آهي جنهن ۾ سندن زندگي جي بنيادي معلومات درج آهي. مولانا غلام محمد گرامي سندن وفات تي لکيل وفات نامي ۾ کين ڪلمک ۽ ملنسار انسان سڏيو آهي. انصاري صاحب 2 سيپٽمبر 1962ع تي وفات ڪئي.

Gul Hayat Institute

## ادبي خدمتون

عثمان علي انصاري هڪ تعليمدان سان گڏوگڏ مترجم، مرتب ۽ ليکڪ جي حيثيت به رکي ٿو پاڻ نه رڳو ڪتاب به لکيائون پر علمي ادبي ادارن سان سندن وابستگي رهي. جنهن جو وچور هن ريت آهي:

1ـ 1946ـ47ع سيڪريٽري، سنڌي ادب (ساهت) لاءِ صلاحڪاري بورڊ (هاڻوڪو سنڌي ادبي بورڊ).

2_ 1961ع (هڪ سال لاءِ) اعزازي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ

3_ ميمبر، 1951ع کان 1961ع تائين سنڌي ادبي بورڊ

ميمبر سيڪنڊري ايڊيوڪيشن ڪميٽي ۽ راڳ جي سکيا جي ڪميٽي جو پڻ ميمبر رهيو.

4_ 1946_47ع چيئرمين ايڊيٽوريل بورڊ مهراڻ رسالو.

عثمان علي انصاري جون تصنيفون هن طرح آهن:

(1) جرم وفا_ شيڪسپيئر جي ڊرامي Cymbcline (سنبلين) جو ترجمو 1937ع

(2) گمراهه دوست_ شيڪسپيئر جي ڊرامي جو ترجمو 1939ع

(3) پنج_انصاري صاحب جي پنج ڪهاڻين جو مجموعو 1937ع

(4) ادبي انتخاب_ مضمونن جو ترجمو ۽ ترتيب_ سنڌي ادب (ساهتيه) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ (هاڻوڪي سنڌي ادبي بورڊ جي بنيادي اداري) 1944ع ۾ شايع ڪيو.

(5) يوناني فلسفو_ ارسطو سقراط ۽ افلاطون جي زندگي ۽ فلسفي بابت، جيڪو سنڌ اڪيڊمي ڪراچي 1949ع ۾ شايع ڪيو.

(6) درس عمل_ 1936ع

(7) شاهه جو چونڊ ڪلام_ 1947ع

(8) شاهه جو رسالو_ هي رسالو انصاري صاحب جي وفات کان گهڻو پوءِ سنه 1997ع ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه طرفان شايع ٿيو.

(9) رسالو سچل سرمست_ سنڌي ادبي بورڊ جي چوڻ تي 1954ع ۾ سچل سائين جو سنڌي ڪلام مرتب ڪري مٿس تصوف جي حوالي سان سير حاصل مقدمو تحرير ڪيائون. جيڪو

Gul Hayat Institute

غور ويچار جي ضرورت پيش اچي ٿي. پوئين ڇاپي جي عنوانن سبب رسالي جي روايت جڙ ختم ٿي پئي وڃي. اسان هت ڪتاب جو نالو پهرئين ڇاپي واري عنوان کي بهتر سمجهندي ۽ ان ۾ اضافو ڪندي نالو رکيو آهي "رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)".

(2) صورتخطي جو غلطيون به پهرئين ڇاپن ۾ نظر اچن ٿيون مثال طور سڄي رسالي ۾ "صحيح" کي "سهي" لکيو ويو آهي جڏهن ته ٻنهي لفظن جي معنيٰ لغت جي صحت کان جدا آهي ساڳي ريت "ڪيچيئڙن" کي اڪثر "ڪيچيڙن"، "شمع" کي "شم"، "حالاٽي" کي "هالاٽي"، بيبان" کي "بئبان" لکيو ويو آهي. بيت جي صحت کي سامهون رکندي صورتخطي جون لڳ ڀڳ ڏيڍ سؤ (150) کن درستگيون ڪيون ويون آهن.

(3) هڪ جاءِ تي ڪافي جي پڙهٽي پڻ تبديل ڪئي وئي آهي. مثال طور: انصاري مرحوم جي پهرئين ڇاپن ۾ وحدت داستان 2 جي ڪافي 6 جي اڳ پڙهٽي هن ريت هئي:

حاجي حج اچ ڪيوسي، ڪعبو منهن محبوب جو.

ان سٽ جي درست پڙهٽي مرزا علي قلي بيگ جي مرتب ڪيل رسالي کي سامهون رکندي هن ريت رکي وئي آهي

حاجي اچ ڪيو سي، ڪعبي منهن محبوب جي.

درست پڙهٽي آڏو ( . ) جو نشان ڏنو ويو آهي.

(4) ڪن مناسب جاين تي خيال جي تسلسل کي قائم رکڻ لاءِ سٽن جو اضافو پڻ مرزا علي قلي بيگ جي مرتب ڪيل "رسالو ميان سچل فقير" کي سامهون رکي ڪيو ويو آهي. اهڙا اضافا "وحدت نامي" ۽ سسئي جي جهولڻي ۾ ڪيا ويا آهن اضافي وارين سٽن جي سامهون (٠) جو نشان ڏنو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| سسئي 9 | 24 | متفرقہ | 127 |
| سسئي 10 | 7 | متفرقہ | 111 |
| سسئي 10 | 9 | مالڪوس 4 | 9 |
| سسئي 10 | 10 | متفرقہ | 112 |
| سسئي 10 | 11 | متفرقہ | 113 |
| سسئي 10 | 19 | متفرقہ | 109 |
| سسئي 10 | 20 | متفرقہ | 110 |
| سسئي 11 | 12 | متفرقہ | 128 |
| سسئي 11 | 13 | متفرقہ | 126 |
| مارئي 3 | 2 | متفرقہ | 108 |
| مارئي 6 | 1 | متفرقہ | 106 |
| مارئي 6 | 1 | متفرقہ | 107 |
| مومل 2 | 1 | متفرقہ | 104 |
| مومل 2 | 2 | متفرقہ | 105 |
| پورب | 1 | متفرقہ | 103 |
| جوڳ | 1 | متفرقہ | 116 |
| جوڳ | 2 | متفرقہ | 117 |
| جوڳ | 3 | متفرقہ | 118 |
| جوڳ | 4 | متفرقہ | 119 |
| جوڳ | 5 | متفرقہ | 120 |
| جوڳ | 6 | متفرقہ | 121 |
| جوڳ | 7 | متفرقہ | 122 |
| جوڳ | 8 | متفرقہ | 123 |
| جوڳ | 9 | متفرقہ | 124 |

اهڙي ريت ”مومل راڻي“ ۽ ”جوڳ“ ۾ آندل جهولڻا پڻ متفرقہ

Gul Hayat Institute

ڪلام ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ساڳي وقت "نوري" داستان 4 جو بيت نمبر 16 موضوع سان واسطو نه رکڻ جي ڪري اتان هٽائي وحدت داستان 1 ۾ بيت 38 طور رکيو ويو آهي.

(7) رسالي ۾ اڳ متفرق ڪلام جي سري هيٺ 168 ڪافيون شامل ڪيون ويون هيون. جيڪي موضوعاتي طور مختلف سرن سان تعلق رکن پيون اهڙين ڪافين ۾ گهٽائي سسئي جي داستان جي هئي تنهن ڪري انهن ڪافين کي واسطيدار سرن ۾ رکيو ويو آهي جن جا سيريل نمبر○ گول دائري ۾ ڏيکاريل آهن. رڪارڊ خاطر اهڙين ڪافين جو وچور هت داخل ڪجي ٿو.

| اڳوڻي ڪافي نمبر | سُر | داستان | موجوده ڪافي نمبر | اڳوڻي ڪافي نمبر | سُر | داستان | موجوده ڪافي نمبر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 8• | وحدت | 1 | 3 | 150• | سسئي | 3 | 9 |
| 4• | وحدت | 1 | 11 | 145• | سسئي | 3 | 10 |
| 144• | وحدت | 1 | 12 | 93• | سسئي | 4 | 9 |
| 21• | وحدت | 1 | 17 | 86• | سسئي | 5 | 6 |
| 11• | وحدت | 1 | 29 | 87• | سسئي | 5 | 7 |
| 76• | وحدت | 1 | 30 | 67• | سسئي | 5 | 10 |
| 77• | وحدت | 2 | 05 | 68• | سسئي | 5 | 11 |
| 39• | وحدت | 2 | 11 | 69• | سسئي | 5 | 12 |
| 30• | وحدت | 2 | 16 | 70• | سسئي | 5 | 13 |
| 115• | وحدت | 2 | 09 | 159• | سسئي | 5 | 22 |
| 9• | حقيقت | 1 | 13 | 80• | سسئي | 6 | 19 |
| 110• | حقيقت | 1 | 22 | 81• | سسئي | 6 | 20 |
| 89• | حقيقت | 2 | 10 | 19• | سسئي | 6 | 23 |
| 34• | حقيقت | 2 | 11 | 05• | سسئي | 7 | 12 |
| 35• | حقيقت | 2 | 12 | 78• | سسئي | 7 | 15 |
| 90• | سسئي | 1 | 20 | 79• | سسئي | 7 | 16 |
| 92• | سسئي | 1 | 21 | 83• | سسئي | 7 | 17 |

Gul Hayat Institute

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 94• | سسئي | 1 | 22 | 97• | سسئي | 8 | 8 |
| 71• | سسئي | 1 | 24 | 99• | سسئي | 8 | 9 |
| 72• | سسئي | 1 | 25 | 103• | سسئي | 8 | 11 |
| 116• | سسئي | 2 | 07 | 105• | سسئي | 8 | 16 |
| 117• | سسئي | 2 | 08 | 98• | سسئي | 9 | 15 |
| 17• | سسئي | 2 | 21 | 44• | سسئي | 9 | 23 |
| 134• | سسئي | 2 | 23 | 112• | سسئي | 10 | 5 |
| 139• | سسئي | 2 | 25 | 113• | سسئي | 10 | 6 |
| 140• | سسئي | 2 | 26 | 73• | مالڪوس | 3 | 10 |
| 151• | سسئي | 3 | 3 | 74• | مالڪوس | 3 | 11 |
| 156• | سسئي | 3 | 4 | 59• | مالڪوس | 6 | 2 |
| 149• | سسئي | 3 | 8 | 62• | مالڪوس | 7 | 6 |

(8) رسالي جي پهرئين ٻنهي ڇاپن ۾ شامل متفرقہ ڪلام ۾ ڪافي نمبر 124 جا آخري ٽي بند ان سان ٺهڪي نہ ٿا اچن ۽ ڪافين جي ترتيب بہ ان نمبر کان پوءِ 131 کان شروع ٿئي ٿي جنهن مان گمان غالب آهي تہ وچ واريون ڇهہ عدد ڪافيون ڇپجڻ کان رهجي ويون آهن. تنهن ڪري اهي رهيل ڪافيون مانواري مرزا علي قلي بيگ جي مرتب ڪيل "رسالو ميان سچل فقير جو" تان ورتيون ويون آهن. جيڪي موضوع جي مناسبت سان ٺهڪندڙ جاين تي رکيون ويون آهن. اهڙين ڪافين جا نمبر پڻ گول دائري ۾ رکيا ويا آهن. انهن ڪافين جي وضاحت هن ريت آهي:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| وحدت | داستان | 2 | ڪافي | نمبر | 23 |
| وحدت | داستان | 2 | ڪافي | نمبر | 24 |
| وحدت | داستان | 2 | ڪافي | نمبر | 25 |
| حقيقت | داستان | 2 | ڪافي | نمبر | 23 |
| حقيقت | داستان | 2 | ڪافي | نمبر | 24 |
| سسئي | داستان | 1 | ڪافي | نمبر | 26 |

(9) رسالي ۾ اڳ آيل آهي "بيت سنڌي پورب جا" جڏهن تہ ان سُر

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ب15 | ڪ26 |
| 2 | ب15 | ڪ26 |
| 3 | ب14 | ڪ25 |
| 4 | ب12 | ڪ14 |
| 5 | ب23 | ڪ22 |
| 6 | ب27 | ڪ23 |
| 7 | ب30 | ڪ17 |
| 8 | ب34 | ڪ16 |
| 9 | ب36 | ڪ23 |
| 10 | ب22 | ڪ19 |
| 11 | ب33 | ڪ19 |
| نوري | | |
| 1 | ب18 | ڪ0 |
| 2 | ب20 | ڪ0 |
| 3 | ب19 | ڪ0 |
| 4 | ب15 | ڪ0 |
| مارئي | | |
| 1 | ب29 | ڪ6 |
| 2 | ب31 | ڪ5 |
| 3 | ب23 | ڪ4 |
| 4 | ب34 | ڪ4 |
| 5 | ب20 | ڪ4 |
| 6 | ب12 | ڪ1 |
| 7 | ب19 | ڪ4 |

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ب15 | ڪ20 |
| 2 | ب15 | ڪ20 |
| 3 | ب14 | ڪ19 |
| 4 | ب12 | ڪ13 |
| 5 | ب23 | ڪ15 |
| 6 | ب27 | ڪ20 |
| 7 | ب30 | ڪ15 |
| 8 | ب34 | ڪ16 |
| 9 | ب36 | ڪ27 |
| 10 | ب22 | ڪ23 |
| 11 | ب33 | ڪ21 |
| نوري | | |
| 1 | ب18 | ڪ0 |
| 2 | ب20 | ڪ0 |
| 3 | ب19 | ڪ0 |
| 4 | ب16 | ڪ0 |
| مارئي | | |
| 1 | ب29 | ڪ6 |
| 2 | ب31 | ڪ5 |
| 3 | ب23 | ڪ5 |
| 4 | ب34 | ڪ4 |
| 5 | ب20 | ڪ4 |
| 6 | ب12 | ڪ3 |
| 7 | ب19 | ڪ4 |

Gul Hayat Institute

## رسالي جو تعارف

هن عنوان هيٺ اسان رسالي ۾ موجود مواد جو مختصر مطالعو ڪنداسين ته جهڙي ريت رسالي ۾ موجود عنوانن ۽ بيان ڪيل ڪهاڻين بابت اسان ڄاڻي سگهون. رسالي ۾ مواد جي ترتيب هن ريت آهي:

- وحدت نامو
- وحدت
- حقيقت
- سسئي
- نوري
- مارئي
- مومل راڻو
- سنڌي پورب
- بيت روجهن بابت
- سارنگ
- هير رانجهو
- جوڳ
- مالڪوس

## وحدت نامو

Gul Hayat Institute

سچل سرمست ڪان پهرئين هن مخصوص عنوان هيٺ طويل بيت چيل نه ٿو ملي، هي تجربو سچل سائين ئي اول ڪيو جنهن ڪان پوءِ فقير قادر بخش 'بيدل' ۽ ڪن ٻين شاعرن "وحدت نامو" چيو. فني اعتبار ڪان هي هڪ طويل بيت آهي جنهن ۾ هڪ سؤ انهتر (178) ڪن سٽون آهن سموريون سٽون پاڻ ۾ هم قافيا آهن. هن ڪان پهرئين اسان کي "ڪبت" يا "سنڌيون" ملن ٿيون جن ۾ شاعراڻي نازڪ خيالي، ٻولي جي سونهن توڙي ٻين لوازمات طرف ڌيان ڏنل ناهي اهي فقط

ماڻهن کي شرعي مسئلا سمجهائڻ خاطر فرض ادائي طور لکيل ڏسجن ٿيون، جڏهن تہ سچل سرمست جو وحدت نامو اڳين ”سنڌين“ کان فڪري ۽ فني لحاظ کان بهتر آهي.

سچل سائين هن ۾ بہ پنهنجو فڪر پيش ڪندي فلسفہ وحدت الوجود جي خاص طور اپٽار ڪندي دل جي خلوص سان سالڪ کي حق تعاليٰ وٽ پيش ٿيڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو۽ پڻ چئي ٿو تہ ظاهري علم سان ڪجهہ بہ حاصل ٿيڻو ناهي.

## وحدت

هن عنوان هيٺ سچل سائين خدا جي هيڪڙائي ۽ توحيد رسالت سان گڏوگڏ پنهنجي ٻُت اندر حق تعاليٰ کي ڳولڻ جي بار بار تلقين ڪري ٿو. هن جو خيال آهي تہ جڏهن ’هُو‘ خود هرهنڌ موجود آهي تہ پوءِ آءٌ تہ آهيان ئي ڪونہ. پوءِ ڇو خود جي هجڻ جي ڳالهہ ڪيان، يعني خود جي نفي ڪري ٿو ۽ پوءِ رب تعاليٰ جي هجڻ جو اقرار ڪري ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي ڏاڍو بيباڪ بڻجيو وڃي. سرمست سائين جي اهڙي بيباڪي ۽ نرالو انداز هن سُر ۾ موجود آهي:

- هي نہ واٽ هُئا جي آهي نڪا تقليد
  تحقيقاً توحيد آهي راهہ رسول جي.
- ”تون“ هي سا ”تون“ ليين ”مان“ ليان ”تو“ سان
  ”تون“، ”هي“، ”آءٌ سڀهين، ”لا، ۾ موجودات ٿي.

## حقيقت

حقيقت جي سِري هيٺ سلوڪ جيِ راهہ سمجهايل آهي، ان راهہ جو ذڪر ڪندي سرمست سائين چئي ٿو تہ هي راهہ ٿي اونداهي مان روشني ڏانهن وٺي ويندڙ آهي، تنهن لاءِ سفر ۾ ڪيترين ئي تڪليفن ۽ اذيتن اچن پر اٽل ارادن سان اهو سفر طئہ ڪرڻو آهي ۽

Gul Hayat Institute

بيقراري ڪيس سمجهائي ٿي ته پنهون ته هو پاڻ آهي. محبوب ٻاهر ڪٿي به ناهي، عاشق به هو آهي ته معشوق به هو پاڻ آهي.

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان
پاڻ ئي منجهان پاڻ ڪي، هي پڙلاءُ پيوم
صحيح ڪن ڪيوم، ته غير گمان اٿي ويا.

سچل سرمست، هن داستان سسئي ۾ ان جي پوري ڪهاڻي بيان نه ڪئي آهي البت ڪجهه تاڻا بيان ڪري؛ وبو آهي پنهنجي احساسن، جذبن، ڪيفيتن ۽ خيالن کي لفظن جو روپ ڏيندو.

## نوري

”نوري ڄام تماچي“ به سنڌ جي شاعرن وٽ مقبول قصو آهي. سچل سائين به هي داستان ڳايو آهي. جنهن ۾ ڄام تماچي جو نوري تي راز ٿيڻ ڪيس پنهنجي راڻي بنائڻ جي ڪهاڻي جا ڪي مکيه اهڃاڻ چٽا ڪري نوري جي زباني عاجزي، انڪساري ۽ نوڙت جو بيان ڪيو آهي.

تون سمو سائين، آءُ ميئي مهاڻي آهيان.

هي سُر ٻولي توڙي مواد جي لحاظ کان انتهائي شاهوڪار ۽ خوبصورت آهي. موضوع جي حوالي سان جيڪا ٻولي استعمال ٿيل آهي ۽ مهاڻن ۽ مهاڻين جي حالت بيان ڪئي وئي آهي. سا هڪ طرف ته حقيقت تي مشتمل آهي ته ٻي طرف اسان کي انهن جي طرز رهائش ۽ ڪيفيتن جي به ڄاڻ ملي ٿي.

- رنگ ڪاري، رُوبون هيون مڙني ملاحن جون
  سي ڪنيون وتن ڪارن ۾ اڇن دُرا ۽ دوبون.

- جت بيحد بدبُوبون، اُت الله عطر اوتيا.

Gul Hayat Institute

• مٿي جَن موڙا، هئا چارين گندئين گودڙئين

• تن مون کِکي جي اچي برابر بدبوءِ.

پر اهڙين تي جڏهن مالڪ مهربان ٿئي ٿو تہ انهن جي ئي کِکي هاٺي بدن مان عطر عنبير جي خوشبو اچڻ لڳي ٿي، اُها گنديئن گودڙئين واري راجا جي محل جي راڻي ٿي بڻجي وڃي پر راجا کي جا ڳالھ پسند آهي سا نوري نماڻي جي عاجزي، انڪساري هو پاڻ کي چام جي راڻي سمجھڻ جي بجاءِ خود کي ميئي مهاڻي ئي سمجھي ٿي، هن جي اها هيناهين، نوڙت ۽ نياز ئي کيس نوري نماڻي هجڻ باوجود اعليٰ بڻائي ڇڏي ٿي.

مَڪَ موتين تي نہ ڏيان، توري هُئن پاتون پات،
ڪوجهي مان ڪم ذات پر چارو چام ڪلهي ڪنيو.

**مارئي:**

مارئي علامت آهي وطن سان محبت جي، وطن خاطر ساھہ ڏيڻ جي، وطن خاطر سڀ عيش عشرت لمحي ۾ گھوري ڇڏڻ جي، هو پنهنجي وطن خاطر عمر بادشاھہ جون سڀ لالچون، آسائشون، سک قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي چاڪاڻ تہ هُن جو وطن، اتي گذاريل ننڍپڻ، جوين، هو ڪنهن بہ ريت وسارڻ لاءِ تيار ناهي، هن جيڪا پاڻ سان قيد ۾ لوئي آندي آهي، سا ان کي هر شيءِ کان وڌيڪ عزيز آهي، هو قيد ۾ پنهنجن جهڻ پياڪ ماروئڙن، جهانگيئڙن کي سڪ ۽ اُڪير مان ياد ڪندي عمر بادشاھہ کي چئي ٿي تہ مون کي ڇڏ تہ مان وڃي پنهنجن سانگيئڙن سان ملان ۽ جڏهن کيس خبر پئي ٿي تہ رات ٿر وسيو آهي تہ سندس ماروئڙن سان ملڻ جي سڪ ۽ تڙپ اجان بہ وڌي وڃي ٿي:

ڪيا ڪوٽن ڪيچ، اج ڏاڏاڻي ڏيھہ ۾،
پر ماڻهو ماروئڙن ڏنهن هڏ نہ آيو هيچ.

ڪالهہ ڏنا هئم اُپ ۾ اٽڪ ۽ اتيج،
انا مينهن ملير ۾، ٿيا رڻ سارا ئي ريج،
چانگن سان چڙي ڪري ڪن چَنن ۾ چيچ،
آءُ پُڻ پِنيءَ پيچ، ملنديس مارو ئڙن کي.

سچل سائين هن ڪهاڻي جا به ڪي مکيہ تاڻا چٽا ڪيا آهن، ۽ انهن وسيلي مارئي جي قيد جي حالت، ان جون ڪيفيتون تہ ان سان گڏوگڏ ٿر جي تمدن ۽ تهذيب جا عڪس بہ اسان کي هن سُر ۾ نظر اچن ٿا. "ڏُٿ"، "پُسيون"، "ڏونرا"، "جهَڙ"، "ريگستان"، مارو ئڙن جا چونئرا (جهوپا) ريڙهن جو ذڪر ڪيو آهي. مطلب تہ ٿر جي زندگي جي تصوير ڪشي ڪندي سرمست سائين اسان کي مهاڻي جي زندگي وانگر ٿاريلي جي حياتي بہ چٽائي سان ٻڌائي آهي:

جهانگي جَهڙ پياڪ، ناهن شربت هيروان،
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون پهرڻ تن پوشاڪ،
لاهيج لوئيڙن تان الله لڳہ اولاڪ،
جو رکن هڏنهن ڪانڪا، عمر بي اِملاڪ،
ڪارڻ پرور پاڪ، مون کي ميڙين مارئين.

## مومل راڻو

ڪاڪ ڪنڌي مومل جي حُسن جو تاءُ جهليندڙ ۽ عقل سان کيس حاصل ڪندڙ راڻو جڏهن مومل کي چڙي وڃي ٿو تہ هو سندس هجر و فراق ۾ روئي ٿي ورهہ جا ورلاپ ورنائيندي، سندس آهن ۽ دانهن ۾ راڻي لاءِ بيقراري، تڙپ ۽ وصل جي باهہ جهلڪندي نظر اچي ٿي، ان حالت ۾ مومل، راڻي کي چئي ٿي تہ تو پاران هي جدائي مومل کي لوڪ آڏو مهڻي هاب نہ بنائي وجهي:

مومل مهڻي هابُ، راڻا ڪر نہ راءَ تون،
جوئن کي جواب، مرد نہ ڏين مينڌرا.

اجا اڳتي سچل سائين، مومل جي واتان راڻي کي ميار ٿو ڏئي ٿو پر اها ميار به ان تڙپ جي تصوير آهي جيڪا آنڌمانڌ راڻي جي وڇڙڻ جي ڪري مومل جي اندر ۾ پيدا ٿي آهي. ڪاڪ جي مومل چئي ٿي:

- هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، مرد نه ڇڏين مينڌرا.
- هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، ڇڏن ڪين جوان،

اهي ٻيي انسان جي ننگن تي نثار ٿيا.

سچل سائين، هن سُر ۾ مومل جي هجر جي خوب عڪاسي ڪئي آهي. راڻي کي ساک لاءِ مومل چکيا تي به چڙهڻ لاءِ تيار آهي. سومل کي راڻي بنائڻ واري غلطي جو پڇتاءُ به اٿس پر ويل وقت تي هٿ ملڻ جي بجاءِ، هو آزي ڪندي چئي رهي آهي ته هاڻ چا ٿيندو. تنهن لاءِ تون اچي مون تان هي مهڻو لاهه نه ته هي سارو لوڪ مون کي گنهگار سمجهندو رهندو ۽ جي تون ايندين ته هن ڪاڪ جا اڏري ويل رنگ ٻيهار موٽي ايندا. هر طرف ساڳيون خوشيون ۽ مهڪار پئي واسبي، سُرهاڻ ۽ سُڳنڌ سان ڪاڪ ڪنڌي مهڪي اُٿندي ۽ مومل جي حياتي ۾ مرڪون موٽي اينديون هو سَرهي ٿيندي، هو سُرهي ٿيندي

آءُ راڻا ڏي رَنگ، موٽي ڪاڪ ڪنڌن کي،
لاهج لگ خداءِ جي، ڏرو پُرزو زنگ،
ناميان پاڙج ننگ، مهڻي هاب متان ڪرين.

## سنڌي پورب

هي سُر بنيادي طور جوڳي فقيرن بابت آهي، جنهن ۾ انهن جي مرتبن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي. پورب معنيٰ اوپر سنڌ ۾ پورب پاسي (ڀارت ۾ ڪانپور کان بهار تائين) کان هندو فقير ايندا رهيا آهن جن ۾ ڪي سنڌ مان ٿي هنگلاج جو تيرٿ پيٺڻ ويندا هئا. سنڌ ۾ مختلف مذهبن جي احترام واري سوچ، انسان دوستي واري تصوف

جي اثر هيٺ انهن جوڳي فقيرن کي سنڌ جا مسلمان احترام جي نظر سان ڏسندا رهيا آهن. شاهه عبداللطيف کان وٺندي سچل سرمست ۽ ان کان پوءِ جي شاعرن انهن فقيرن بابت شعر چيو آهي.

سچل سرمست جي سنڌي ڪلام ۾ اسان کي پڻ "پورب" جي عنوان هيٺ بيت ۽ وايون ملن ٿيون، جن ۾ انهن جي سفر جو بيان، انهن جا مختلف نالا ۽ انهن جا مرتبا بيان ڪيا ويا آهن.

- گنگا کان گذر، آهي ڪنين ڪاپڙين جو
  ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا، سدا تن سفر،
  آهي نام مَشرُ، اُنهن آڏوتين جو.

- جوڳين آهہ نہ جنگ، هن سُلوڪي سڀ سان،
  جيجان هن جهان ۾، هِن طريلا تنگ،
  ڪنهن جي رتا رنگ، ماٺڪ مُنهن مشعلا.

- جاڏي پورب پنڌ، تاڏي آءُ نہ وڃڻو
  هي هنن جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾.

**بيت سنڌي روجهن بابت**

سچل سائين جي شاعري ۾ جتي تصوف جي ڪن اهم مضمونن کي بنيادي نقطو بڻائي شعر چيوويو آهي اتي لوڪ رومانوي داستانن کي بہ سرمست سائين ڳايو آهي تہ ساڳي وقت ڪن ٻين ساهدارن مثلاً "روجهہ" ۽ "ڪانگ" کي بہ موضوع بنائي شعر چيو آهي.

روجهہ، ڳئون جهڙو جابلو جانور آهي جيڪو منداڻتي مينهن جي اوسيئڙي ۾ رهندي آهي. هو بنيادي طور پاڻي جي متلاشي آهي جنهن لاءِ هو هڪ کان ٻئي هنڌ بہ پهچي وڃي ٿي زارو زار روئي بہ ٿي تہ وري ڳجگوڙ تي ٿهي هڪ هنڌ گڏ بہ ٿين ٿيون.

Gul Hayat Institute

آسروند آهين، روجهون راٽيون رڻ ۾،
اُپيون پيون اُپ ڏي ٿيون، وائڙيون واجهائين،
رڙيون ڪيون رڻ ۾ ٿيون، بوندون برسائين،
تنهن ڪنڌ ٿيون ڪاهين، جنهن ڪنڌ وسن مينهڙا.

سچل سائين روجهه جهڙي جانور کي علامت طور پيش ڪيو آهي، روجهه مادي ضرورت پوري ڪندڙ آهي جڏهن ته سرمست سائين هن سر ۾ اهو نقطو سمائي رکيو آهي ته مينهن وسڻ تائين يعني مالڪ حقيقي جي راضي ٿيڻ تائين روجهه جيان طالب اُڃايل آهي، تاسيل آهي ۽ ان حالت ۾ بيقرار آهي ڪيس پنهنجي اُڃ اُساٽ لاهڻ جي اوُن آهي، فڪر آهي. اندر ۾ آنڌمانڌ آهي ۽ جڏهن اَبر برسي پئي ٿو يعني مالڪ راضي ٿي پئي ٿو ته پوءِ ئي سالڪ جي دنيا مَتجي وڃي ٿي سندس نگاهه جو منظر ۽ مرڪز تبديل ٿي وڃي ٿو سندس مرتبو مَتجي وڃي ٿو ۽ پوءِ هو حقيقي مالڪ جي نور ۾ گُم ٿي وڃي ٿو. روجهن بابت بيتن ۾ درازي شاهه اهائي رمز وبهي سمجهائي آهي.

- رڻ چڙهي روجهون وبون، ڏي اوسر ۽ اولا،
  اُنا مينهن مهر جا، مهر ڪئي موليٰ،
  روجهون ريجهيون ڏسي ڪري، ريجڪ رسيلا،
  واحد وسيلا پٽن تي پڌرا ڪيا.

Gul Hayat Institute

- ”منداٿنا موتيا“، روجهون چون روئي،
  ”قسمت قيد الماءِ، کي ڪون جهلي ڪوئي،
  ”سائين سگهوئي، ڪندو وس ولهن تي.“

**سر سارنگ**

سارنگ جي بيتن ۾ سچل سائين مينهن جي مدعا بيان ڪئي آهي، برسات سُرهائي جي نَنيڙي نويد ته سين لاءِ آهي پر ٿر واسين لاءِ

تصوير پيش ڪري ٿو اتي انهن غريب، مسڪين ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن جي به ان حالت کي بيان ڪري ٿو ته مسلسل مينهن پوڻ ڪري جهوپا جهُري پيا آهن ۽ انهن مسڪينن لاءِ مينهن رحمت جي بجاءِ زحمت ٿي پيو آهي.

• هڪ وسڻ بيو وڄڻ، ٿيون لهي پيو سيءُ
جهوري وڏئين جهوپيون، ڇڻ وڏائين ڇيءُ
رنُن جي رئڻ ۾ واهه وسيلو ٿيءُ
حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهه تون.

سچل سرمست سارنگ جي بيتن ۾ جيڪا برسات جي تصوير چٽي آهي اها سندس شاعراڻي نازڪ خيالي ۽ نفيس احساسن جي عڪاسي ڪري ٿي.

## هير رانجهو

پنجاب سان تعلق رکندڙ هن لوڪ رومانوي داستان کي سچل سائين سرائڪي ۾ ته خوب ڳايو آهي پر سنڌي ۾ به هي داستان اسان کي ملي ٿو. جنهن ۾ ڪهاڻي جي ڪن ٽاڻن کي بيان ڪندي سچل سائين، رانجهي جي عشق، ڪيفيتن، احساسن ۽ جذبن کي لفظن ۾ اظهاريو آهي ۽ هير به رانجهي خاطر سڀ ڪجهه ڇڏڻ لاءِ تيار آهي ۽ رانجهو هزاره جو تخت ڇڏي جوڳي بنجي هير خاطر وتي مُرلي وڄائيندو. اهو رنگ عشق جو آهي جنهن کي جڏهن رنگي، پوءِ ته ان کان پيا سمورا رنگ وسري ويندا فقط معشوق ئي ياد رهندو ۽ عشق جي اِها تقاضا به آهي ته عاشق کي معشوق ئي ياد هجي باقي ڪجهه به نه!

سرمست سائين چئي ٿو:

• ڇڏي ملڪيت مال، رانجهو رڙ چڙهي هليو
قسمت ڪيس ڪنگال، نه ته حاڪم هزاره جو.

- هر هر ويئو هير جي، رانجهو ڏسي راهہ،
وينو وڃائي ونجهلي، چاهون تي چناهہ،
سانديو وتي ساهہ، ”سچل“ سور سڄڻ جا.

## جوڳ

هن سُر ۾ جوڳين فقيرن جو بيان آهي، جڏهن ته سُر ۾ ”پورب“ جو تسلسل آهي. جيڪي جوڳي جوڳ وٺن ٿا ۽ سمورين موهہ کي ننڌي هڪ هنڌ ڏيان تڪائي پنهنجي اندر ۾ طويل سفر ڪن ٿا، ويراڳ وٺن ٿا، تيرٿ پيٺن ٿا، تپسيا ڪن ٿا ۽ پوءِ منزل تي پهچن ٿا. انهن ويراڳين، انهن جوڳين بابت سرمست سائين، پورب کان سواءِ جوڳ جو سُر ۾ چيو آهي.

- ڏوٽي منجهہ ڏيان، آهي اڏوتين جو
گم تي گُرگم گوڏڙيا، ڪن گروڙي گيان،
اصل کان آشنا، گنگا جمنا تن جو.

- جهوناڳڙهہ جي جوءِ ۾، جوڳين جوڳ اجوڳ،
يوڳين يوڳ آيوڳ، پاڻ وڃائي پنهنجو.

## مالڪوس

لوڪ ڏاهپ ۾ ”ڪانگ“ کي مخفي پيامي جو درجو حاصل آهي، پرين ڏانهن ڪو نياپو ڪو پنو پرزو ڪو خط پٽ ڪانگ جي ذريعي ئي امالڻ جون لوڪ روايتون موجود آهن. ائين به سموري ساهدار جو پاڻ ۾ فطري تعلق موجود آهي، سچل سائين به اهڙين لوڪ ڏاهپ جي روايتن کي پنهنجي نرالي اسلوب سان بيهر جياريو آهي. ”سر مالڪوس“ ۾ ڪانگ رستي محبوب ڏانهن پيغام موڪلڻ، وري ان پار کان جواب ڪٽي اچڻ جو سهڻو مثال موجود آهي. جيڪو سچل سائين قائم ڪري ڏيکاريو آهي. هن پار جا داستان هُن پار تو بيان ڪري ۽

Gul Hayat Institute

هُن پار جا حال وري اچي ٿو هِن پار عاشق کي پهچائي. عاشق، معشوق جي اهڙي رازداري وارو ڪم ڪانگ وڏي خوش اسلوبي سان نباهي وينو.

- ڪانگل آيم اچ، پريان سندي پار ڏهن،
  ڳالهيون ڪيائين سڄڻان، سي روح ٻُڌي ڪيو رُڄ،
  پکي ڪيو نا پُڄ، ظاهر ڪيائين زبان سان.

- آيم رات رقم، مون ڏي محبوبن جي،
  تہ دوستي وارو دم، ڪڏهن تون نہ وسارين.

- لکيو موتي مون، ڪاغذ قريبن ڏي،
  اٿم تون هي تون، ٻئي جو ناهم آسرو.

- وري ڪانگ وريو پريان سندي پار ڏنهن،
  لاهين لڳي لُونءَ جي، تنهن ڏاڍو سُر پريو
  ڪاڪيون ڪن ڪريو جو تو ڏئي سنيهو سڄڻان.

## فني جائزو

سچل سرمست جي هن سنڌي رسالي ۾ بيت، ڪافي ۽ جهولڻي جون صنفون ملن ٿيون. جن ۾ سچل سائين قافين جي مٽا سٽا سان تبديليون پڻ آنديون آهن اهڙي ريت اسان ڏسون ٿا تہ انهن تبديلين سان انهن صنفن ۾ وسعت پيدا ٿي آهي، ۽ سچل سائين جا اهڙا تجربا نہ رڳو ڪامياب ثابت ٿيا آهن پر اُهي روايت جو حصو پڻ بڻيا آهن. هت اسان مختصر طور سچل سائين جي رسالي ۾ موجود بيت، ڪافي ۽ جهولڻي بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين.

Gul Hayat Institute

**بيت**

بيت سنڌي شاعري جي آڳاٽي ۽ مقبول صنف آهي جنهن کي سگهڙن توڙي ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي اظهار جي لاءِ استعمال ڪيو آهي. سمن جي دور کان هي صنف سنڌي زبان ۾ اُسري. نسري پر پنهنجي اوج ۽ عروج جو زمانو ڪيس ڪلهوڙن جي دور ۾ نصيب ٿيس جڏهن شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف، ميان عيسيٰ جهڙن شاعرن بيت جي قالب کي پنهنجي اظهار لاءِ اختيار ڪيو. ان دور کان پوءِ به لاتعداد شاعرن بيت لکيو جيڪا تاريخ طويل ٿيندي ان لاءِ مختصر طور اسان سچل سائين جي بيت تي نظر وجهنداسين.

سچل سائين جي دور تائين بيت ٻن سٽن جي قيد مان نڪري چڪو هو. ساڳي وقت ان ۾ ورائڻ جو استعمال به جاري هيو. سچل سائين هڪ ته بيت جي هيئت ۾ قيرڦار آڻيندي ان مان دوهي، سورٺي ۽ دوهي سورٺي، (جيڪي هيئتون اڳ هندي شاعري ۾ مروج هيون) مسلسل ڏوها ۽ مسلسل بيت جون صورتون پيدا ڪيون. ته ان سان گڏوگڏ 12 سٽن جا بيت به چيا جن جي قافين ۾ وري تصغيرت جو خوبصورت استعمال ڪري منجهن موسيقيت پري چڏي اٿس. اهڙا بيت رسالي ۾ خاص طرح مارئي جي داستان ۾ موجود آهن ساڳي وقت سيسئي جي بيتن ۾ خاص طور ورائڻ جو به استعمال ٿيل آهي. معنوي خيال کان به سچل سائين جو بيت اعليٰ آهي. منجهس وحدت الوجود جو اُجرو فلسفو سمايل آهي جيڪو فرد کي بنيادي حيثيت جي سمجهه ڏئي خود ۾ ادراڪ جي سگهه به پيدا ڪري ٿو ته ان جي ڏيڍ تي سلوڪ جي راهه جو سفر به طئه ڪرڻ جو حوصلو ڏئي ٿو.

**ڪافي**

ڪافي به بيت وانگر سنڌي شاعري جي آڳاٽي ۽ مقبول صنف آهي، جيڪا سڌي طرح موسيقي سان تعلق رکي ٿي. ۽ ڪافي اهو

Gul Hayat Institute

شاعر لکي سگهي ٿو جيڪو موسيقي شناس هجي. سچل سائين جي راڳ ويراڳ جا داستان تہ عام آهن تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا تہ سندن شاعري ۾ جيڪو رس چس آهي منجهس جيڪا موسيقيت آهي، رواني آهي ردم آهي ۽ لئہ آهي، اُها سڀ سچل سائين جي خود موسيقي شناسي جي طفيل آهي. هيئت جي خيال کان ڪافي يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي ۽ چوٽٽي ٿئي ٿي پر سچل سائين ڪافي جون اهي هيئتون تہ قبول ڪيون آهن پر ان ۾ قافين جي مٽا سٽا سان ان ۾ بيشمار هيئتون پڻ پيدا ڪيون. اسان ٿلهي ليکي ڏسون ٿا تہ سچل سائين جي سنڌي يڪي ڪافي ۾ پندرنهن، ڏيڍي ڪافي ۾ يارهن ٻيٽي ڪافي ۾ يارهن ٽيٽي ڪافي ۾ تي ۽ چئوٽي ڪافي جو هڪ جدا جدا نمونا ملن ٿا جيڪي قافين جي مٽا سٽا سان ڪيا ويا آهن.

سرمست سائين جي دور ۾ سنڌي عروضي شاعري عام ٿيڻ لڳي هئي. تکڙ جي شاعرن جا غزل، هالا پراڻا جي مخدوم عبدالروف ڀٽي جا مولود، سيد ثابت علي شاهہ جا مرثيا يا سرمست سائين جي وفات کان 31 سال پوءِ تہ سنڌي غزل جو مڪمل ديوان ئي پڌرو ٿيو هي سڀ صورتون سندن دور ۾ مروج ٿيون ۽ عام ٿيون; پر سچل سائين عروض کي باقاعده اختيار نہ ڪيو البتہ سندن بيت ۾ اسان کي چند جهڙيون صورتون ملن ٿيون ساڳي وقت سندن ڪجهہ ڪافيون عروض تي پوريون اچن ٿيون. مثال طور:

- ”عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي“، وزن مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن (بحر مفارع) تي پوري اچي ٿي.
- ”آءِ ادا سالڪ، صحيح ڪر تون طلسمات کي“، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعل، تي چيل آهي.
- ”اتي پيو وڃي خيال منهنجو جتي دم قدم جي جاءِ نہ آءِ“، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن تي پوري نظر اچي ٿي.

Gul Hayat Institute

سچل سائين ساڳي وقت ڪافي ۾ اندروني قافين جو استعمال ڪيو آهي اُتي پڻ قافين جو استعمال پڻ ڪٿي ڪٿي نظر اچي ٿو. اهڙيون قافيون وڏيڪ ردم ۽ لئہ سان ڀرپور ملن ٿيون.

## جهولڻو

هي صنف اڳ سنڌي شاعري ۾ مروج نہ هئي هن کي سنڌي ۾ سچل سرمست آندو هن کان اڳ سندن همعصر ۽ پاڙيسري شاعر رُوحل فقير هندي زبان ۾ جهولڻو چيو آهي. جهولڻي جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ اسان کي نظر ايندو تہ هي صنف ڏکڻ ايشيا جي ”تامل“ زبان جي شاعري جي صنف آهي جنهن کي ان ٻولي ۾ ”اوشل“ چيو ويجي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي ”جهولڻو“. هن صنف جو پس منظر وري ڪجھ هن طرح نظر اچي ٿو تہ ان زبان جي علائقن ۾ شادي ڏينهن جو ٿيندي آهي ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار کي هڪ جهولي ۾ ويهاري شادي جا گيت ڳايا ويندا آهن. انهن خوشي جي گيتن کي ”اوشل“ يعني جهولڻو سڏيو ويو آهي. پر اسان جي سچل سائين ان جهولڻي ۾ سسئي پنهون جي داستان کي سمهوبندي ان ۾ سسئي جي ورلاپن ۽ پنهون ڪارڻ ڏونگر ڏورڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ ملندڙ تڪليفن، پيڙائن، اذيتن ۽ ڏکن جو ذڪر ڪيو آهي.

جهولڻي جو سنڌي زبان ۾ پهريون ۽ اڄ تائين آخري تجربو فقط سچل سرمست ئي ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

## پچاڻي

سچل سرمست سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي جو شاعر آهي، هن جو شعر بہ اسان کي انهن زبانن ۾ ملي ٿو. هن رسالي ۾ مانواري عثمان علي انصاري، سچل سائين جو سنڌي شعر سهيڙيو آهي. هن صاحب رسالي جي ترتيب ۾ جيڪو معيار قائم ڪيو يعني رسالي جي ترتيب مضمون واري رکي ڪٿي ڪٿي خود بہ ان تي قائم نہ رهيو ساڳي وقت

ڪافين جي ترتيب ۾ پڻ ڪانئس ڪي اوڻايون رهجي ويون ته اهڙي ريت پروف جون چُڪون ۽ صورتخطي جون غلطيون به رسالي ۾ موجود رهيون. اهي غلطيون رڳو پهرئين ڇاپي 1958ع ۾ ئي نه رهيون پر ٻئي ڇاپي 1982ع ۾ به هوبهو موجود آهن. جن کي هن ڇاپي ۾ سڌاري پيش ڪيو ويو آهي. ساڳي وقت هن رسالي جي مرتب ڪندڙ جي مختصر سوانح حيات کي به هنن صفحن ۾ ان لاءِ چٽو ڪيو ويو آهي ته اسان کي سنڌي ادب جي هن مانائتي ليکڪ سچل شناس جي باري ۾ ڄاڻ ملي. اهڙي ريت معنوي ۽ فني خيال کان رسالي جو مطالعو پڻ ڪيو ويو آهي ته رسالي ۾ موجود داستان توڙي ٻين عنوانن جي پسمنظر کان واقف ٿيندي سچل سائين جي فڪر جي اُڏام توري هيئتي تجربن ۽ ٻولي جي حُسناڪي بابت به ڄاڻي سگهون ۽ هن مطالعي مان اسان ڏٺو ته هڪ طرف سچل سائين سنڌ اندر فلسفي همه اوست جو پهريون وڏو شاعر آهي جنهن پنهنجي هڪ مخصوص انداز کي اپنائيندي سنڌي شاعري ۾ مروج ڳنڀير ۽ اونهي اسلوب جي بجاءِ کلم کلا، ٻي ڊپائي وارو اسلوب اختيار ڪيو جنهن جي پسمنظر کي سمجهڻ لاءِ اسان کي سلوڪ جي راهه جي حالتن، ڪيفيتن ۽ سرمست سائين جي دور جي سياسي، سماجي معاشي توڙي مذهبي حالتن جو جدا سان مطالعو ڪرڻو پوندو. ساڳي وقت شاعري جي هيئتن ۾ تجربا اسان کي ٻڌائن ٿا ته سچل سائين شاعري جي فن کان به بخوبي نه رڳو واقف هو پر ان تي هڪ ماهر جي حيثيت به رکندڙ هو.

سچل سائين جو پيغام انسان دوستي، اتحاد، سهپ، رواداري، محبت، برابري جو اهو پيغام آهي جنهن کي اختيار ڪرڻ جي اڄ به اسان کي اوتري ئي ضرورت آهي جيتري ان دور ۾، جڏهن سچل سائين اهو پيغام ڏنو.

"سچو" سارو سچ، منجهان ڪثرت ڪُل،
ٿج گلابي گل، مر مارنئي منصور جان.

Gul Hayat Institute

**هن اڀياس دوران هيٺيان ڪتاب سامهون رهيا**

(1) مرزا علي قلي بيگ. رسالو ميان سچل فقير جو. ماسٽر هريسنگهه بوڪ سيلر. 1902ع

(2) عطا محمد حامي. (مرتب). سچل سرمست. پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي. 1964ع

(3) عثمان علي انصاري. (مرتب). رسالو سچل سرمست. سنڌي ادبي بورڊ 1958ع. ٻيو ڇاپو 1982ع

(4) ٽماهي "مهراڻ سوانح نمبر". سنڌي ادبي بورڊ. 1958ع

(5) جي.ايم.سيد. جنب گذاريم جن سين (جلد ٻيو). سنڌي ادبي بورڊ. 1967ع

(6) عطا محمد حامي. (مترجم) نينهن جا نعرا. مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق. سنڌي ادبي بورڊ. 1992ع

(7) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو. سچل لغات. سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور. 1981ع

(8) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. جامع سنڌي لغات (پنج جُلد). سنڌي ادبي بورڊ

(9) ڊاڪٽر مخمور بخاري. سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر. سنڌ ثقافت کاتو. حڪومت سنڌ. 2011ع

(10) ڊاڪٽر مخمور بخاري. سچل- ساڄاهر شعور. پوپٽ پبليڪيشن خيرپور. 2011ع

(11) خنيل موريائي. (مرتب). شڪارپور. تاريخ ۽ تحقيق. روشني پبليڪيشن. حيدرآباد. 2004ع

**ڊاڪٽر مخمور بخاري**

24_06_2012

هالا

Gul Hayat Institute

# عرض حال

هر نقش که بر تختهٔ هستی پیداست،
این صورت آن کس است کین نقش اراست:
دیاری کهن که می زند موج نو،
موجش خوانند و فی الحقیقت دریاست!

1952ع جي آخر ڌاري حڪم ٿيو ته سرمست سائين جو ڪلام گڏ ڪري، هڪ سال اندر، سرڪار کي ڏيان. خيال ڪيم ته نه ايتري فرصت آهي نه فراست، جو انهيءَ تصوف جي اٿاهه ساگر کي تاليف ڪري سگهان. ليڪن قبوليت ڏيڻ کان پوءِ پٺتي موٽڻ به مصلحتاً مناسب نه ڄاتو ويو. شروعات جا ٻه يا ٽي مهينا ته فقط بزرگ جي ڪلام هٿ ڪرڻ ۾ گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ سندس ڪلام جو مطالعو به ٿيندو رهيو. پر جيئن جيئن سندس ڪلام کي پڙهندو ويس، تيئن تيئن دل ڌاسندي ويئي تان جو "اٿندي، ويهندي، گهمندي، ٽوڪي ساهه سنياري" وارو ڪم ٿي ويو. ڪن ڪن جاين تي جيڪڏهن ڪنهن تصوف جي لڪ کي سمجهي نٿي سگهيس، ته روح جي بغاوت ٿي محسوس ڪيم. اهڙيءَ الجهن جو احوال ڪنهن سان ڪري به نٿي سگهيس، آخر فيصلو ڪيم ته تصوف تي جي ڪتاب هٿ اچي سگهن، تن کي پڙهي پوءِ سرمست کي هٿ لايان. بدقسمتيءَ سان، ڪنهن سنڌي بزرگ جو تصوف تي لکيل ڪتاب هٿ نه اچي سگهيو. اردوءَ وارن "همه از اوست" تي ته گهڻو ئي لکيو آهي، ليڪن "همه اوست" جي مستيءَ پري دنيا ڏي منهن به ڪين ڪيو اٿن. آخر شيخ

Gul Hayat Institute

اڪبر جو ڪتاب "فصوص الحڪم" هٿ چڙهيو. شيخ اڪبر جو "فصوص الحڪم" ڪنهن مون جهڙي 'هيچمدان' جي سمجهه کان گهڻو مٿي لکيل آهي: يا تہ پڙهندڙن کي سمجهه ۾ نہ ايندو ۽ جي ايندو تہ مست ڪري ڇڏيندو. تصوف جي خاص اصطلاحن جون معنائون بہ معمولي لغتن ۾ ڪين ٿي لڀيون: مثلاً "وجود" ڇاهي، "ممڪن" ڇاهي، "علم سينہ" ڇاهي، تہ "علم سفينہ" ڇاهي! خيال ڪيم، جي "فصوص الحڪم" جي اصطلاحن جي معنيٰ سمجهہ ۾ نہ آئي، تہ "همہ اوست" جي عميق تائين ڪين وڃي سگهبو ۽ جي اِها بنيادي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ سرمست جو ڪلام سمجهڻ غير ممڪن آهي. جيڪڏهن ڇڙو مومل راڻي جو قصو پڙهي ۽ زباني لذت وٺڻي آهي تہ حفيظ تيوڻي تي ئي ڪفايت ڪجي، ۽ سرمست جي محبت واري مچ کان پري ئي رهڻ ۾ عافيت آهي. جڏهن معاملو انهيءَ حد تي اچي پهتو تہ انهيءَ سبب الاسباب هڪ اهڙو ڪتاب عنايت ڪرايو جو لکيل بہ هڪ سنڌي بزرگ جو هو ۽ جنهن ۾ بحث بہ فقط تصوف جي اصطلاحن جي سمجهاڻيءَ تي ٿيل هو. ميان عبدالرحمان جي انهيءَ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ، ڪجهہ همت بہ آئي ۽ ڪجهہ سرمست جي سمجهہ بہ آئي. آهستي آهستي، سنڌس ڪلام لکي پورو ڪيم.

پنهنجي سمجهہ آهر، تصوف جي پيچيدگين کي، سرمست جي ڪلام جي پس منظر ۾، سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جيڪڏهن ڪي غلطيون ڪيون اٿم ۽ ضرور ڪيون هونديم تہ اهي سڀ منهنجي ناقص فهم جون سمجهيون وڃن: ڇو تہ سچل تہ سچ ئي چيو هوندو.

سرمست جي سنڌي ڪلام جا ڇپيل سمورا نسخا هٿ ڪيم. مرزا علي قلي بيگ وارو نسخو (ٻنهي جلدن ۾)، پوڪرداس وارو نسخو هريسنگهہ وارو نسخو آغا غلام نبيءَ وارو نسخو نماڻي فقير وارو

Gul Hayat Institute

نسخو. بزرگ جي پراڻن دستخط نسخن مان ڪو بہ هٿ نہ اچي سگهيو؛ سندن درگاهہ تي بہ ڪو اهڙو نسخو رکيل ڪين آهي، جنهن مان مدد ملي سگهي ها. فقير نظر محمد مرحوم شڪارپوريءَ جي پوين وٽ بہ جيڪي دستخط ڪتاب رکيل آهن، انهن ۾ بہ ڪو ڇڙو سرمست جو ڪلام نہ آهي: گهڻن ئي ٻين بزرگن جو ڪلام هڪ جاءِ تي سهيڙيو ويو آهي؛ اتان جيڪي بيت يا ڪافيون اهڙيون هٿ لڳيون جي ٻين نسخن ۾ درج ٿيل نہ هيون، سي بہ لکرائي هٿ ڪيم. صفر فقير درازائيءَ شڪارپوريءَ وٽ جيڪو سرمست جو سهيڙيل ڪلام هو، سو بہ ورتم. انهن سڀني نسخن سان ڀيٽ ڪرڻ بعد، هيءُ نسخو تيار ڪري، ميان محمد صديق ٻنويءَ صاف نويس کان لکرائي، پيش ڪريان ٿو.

مقدمي تيار ڪرڻ ۾ مون ڪي ڪن تصوف جي ڪتان مان مدد ملي، جن مان ڪي هي آهن: فصوص الحڪم، نظريہ توحيد، مڪتوبات امام رباني، تصوف اسلام، فلسفہ فقراء، علم تصوف، ڪلمة الحق، وغيره.

سچل سرمست جو زمانو سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهڙو ارتقائي دور هو جنهن ۾ سنڌي شاعريءَ بہ پنهنجو پاسو ورائڻ ٿي گهريو. اهڙي ريت 'وائيءَ' جي جاءِ 'ڪافيءَ' اچي ورتي هئي؛ ٿورو گهڻو غزل جو بہ رواج پئجي چڪو هو. زبان بہ پنهنجو روپ ڦيرائي رهي هئي؛ پٺائيءَ واري زماني جا ڪيئي لفظ متروڪ ٿي چڪا هئا وڏي ڳالهہ تہ تخيل جي اونهائي گهٽبي ٿي ويئي، ۽ زبان جي چسڪي تي وڌيڪ زور ٿي ڏنو ويو. ظاهر آهي تہ اهڙي زماني ۾، جيڪڏهن گهر گهر نہ، تہ ڪم از ڪم ڳوٺ ڳوٺ ۾ تہ ڪو نہ ڪو شاعر هوندو ئي هوندو!

تنهنڪري، سرمست جي همعصرن جي فهرست ڏيڻ بہ ڪو آسان ڪم نہ آهي. يوسف فقير، صديق فقير، شاهڻ فقير، غلام علي فقير، خليفو ڪرم الله، خليفو گل محمد هالائي، آخوند عزيز الله، دلپت،

وغيره انهيءَ زماني جا شاعر هئا. پر چاڪاڻ ته سرمست جي واٽ پنهنجي هئي، تنهنڪري اسين جيڪر انهن کي "همعصر" ته چئون، ليڪن "همعسر" شاعر ڪين چئي سگهون.

سرمست جو ڪلام تمام گهڻو هو جو زماني جي خورد برد هيٺ اچي ويو. تنهن کان پوءِ به جيڪي ڪجهه هن وقت به سنڌي دنيا ۾ موجود آهي، سو به ايترو آهي جو ٻئي ڪنهن هڪ شاعر جو ايترو موجود نه آهي: مثلاً، "سچل جو سنڌي رسالو"، جنهن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ڏوهيڙا، تيهه اکريون، ڪافيون ۽ جهولڻا درج ٿيل آهن: "ديوان آشڪار"، "راز نامو" ۽ رهبر نامو سمورو فارسي ڪلام آهي: "قتل نامو*"، "گداز نامو" ۽ "تار نامو"، ٿيئي محبت جي نهايت باريڪ نقطن جا بياض آهن.

هر آن معنی که شد از ذوق پیدا،<br>
کجا تعبیر لفظی یابد او را

**عثمان علي انصاري**

---

* "قتل نامو"، سچل سائين جي تصنيف ناهي. — مرتب

# مقدمو

## فقير عبدالوهاب عرف سچيڏنوؒ

ميان عبدالوهاب ولد ميان صلاح الدين ولد ميان صاحبڏنو فاروقي، سنہ 1152 هجري مطابق 1739 عيسويءَ ۾، رياست خيرپور جي گنبٽ تعلقي جي هڪ ننڍي ڳوٺ، درازن، ۾ پيدا ٿيو. والدين ۽ سندس ٻيا بزرگ کيس پيار مان "سچيڏنو" سڏيندا هئا، جنهن جو مخفف "سچو" پنهنجي سنڌي شعر ۾ تخلص قبول ڪيائين.

ميان صلاح الدين جي وفات کان پوءِ، صغر سنيءَ ۾ ئي پنهنجي چاچي، سهري ۽ مرشد، ميان عبدالحق جي زير پرورش ورتائين. چوڏهن سالن جي عمر ۾، فارغ التحصيل ٿيو. نهايت درجي ذهين ۽ قبول صورت هو. شروعات زندگيءَ ۾، روزي، نماز ۽ شريعت جي مڙني احڪامن جو نهايت پابند هو. تن آراميءَ جو خيال ٻہ دل ۾ ڪين ايندو هوس - ايتريقدر جو حياتيءَ ۾ ڪڏهن کٽ تي نہ سمهيو. راڳ ۽ سماع جو شوق هوندو هوس، جو شوق اڳتي هلي سندس مستيءَ جو پيش خيمو ثابت ٿيو ۽ ننڍپڻ جو "سچيڏنو" سنڌي دنيا ۾ "سرمست" تي نروار ٿيو.

جيئن دنيا جي هر بزرگ هستيءَ جي حياتيءَ جي احوال سان، خوش اعتمادي، سوين اهڙا واقعا وابستہ ڪندي آئي آهي، جي شايد عقل سليم قبول نہ ڪري، تيئن اسان جي سرمست بابت ٻہ ڪيئي روايتون مشهور ٿي ويون، ۽ اجا ٻہ ٿينديون ٿيون رهن، جن جو بيان ڪرڻ نہ اسان جي مقصد ۾ داخل آهي، ۽ نہ سنڌين جي معلومات ۾ ڪو معقول اضافو ڪري سگهندو. تنهنڪري اسان ان کان پرهيز ٿا ڪريون. جنهن بزرگ هستيءَ پاڻ پنهنجي لاءِ هينئين ريت فرمايو

Gul Hayat Institute

آهي، تنهن جي عقيدن لاءِ جيڪڏهن اسين ڪو بہ قطعي فيصلو ڏينداسين تہ "ننڍو منهن، وڏي ڳالهہ" ٿي پوندي ـ پاڻ فرمائين ٿا تہ:

ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو شاعر چوي، ڪو ساحر چوي: "آءُ جو ئي آهيان سو ئي آهيان."
ڪو مُلا چوي، ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي،
ڪو روزيدار نمازي چوي: "آءُ جوئي آهيان سو ئي آهيان."
ڪو رَد چوي، ڪو بَد چوي، ڪو بيدِينِي بيحد چوي
ڪو مشرڪ پِي ملحد چوي: "آءُ جو ئي آهيان سو ئي آهيان."

سندس شبيهہ، قد، بدن وغيره لاءِ بہ ڪو مستند احوال ڪونهي؛ البت ڪن سندن سوانح نگارن لکيو آهي تہ "سچل سائينءَ جو قد وچولو رنگ صفا، پيشاني ڪليل ۽ ڀهڪندڙ ۽ وار ڏگها هئا، مٿي تي سائي رنگ جو تاج پائيندو هو ۽ بدن تي اچو چولو."

فقير سچيڏني ڪي، انهيءَ زماني جي وڏ گهراڻن ٻارن ڪي جا تعليم ملي سگهندي هئي، سا ملي؛ ۽ چاڪاڻ تہ پاڻ نهايت فهيم طبع جو مالڪ هو، تنهنڪري ان وقت جي تعليم مان پورو پورو فائدو ورتائين. پاڻ قرآن شريف جو حافظ بہ هو. فارسيءَ جو اينترو علم هوس، جو سندس فارسي ڪلام جو پورو ديوان، هز هائينس مير علي مراد خان ڇپرائي پڌرو ڪيو، جو "ديوان آشڪار" جي نالي سان مشهور آهي.

سنڌ جي هن دلير صوفي بزرگ، 14 رمضان شريف 1242 هجري، مطابق سال 1826ع، هن دنيا کان موڪلايو.*

فقير سچيڏني جي سنڌي ڪلام ۾ اهي سڀ صفتون موجود آهن جي هڪ بلندپايہ شاعر جي ڪلام ۾ هجڻ گهرجن. سندس

* سچل سائين جي وصال جو درست عيسوي سال 1242هہ/1827 آهي. م ب

Gul Hayat Institute

ڪلام، سر تا سر، ”همہ اوست“ جي رنگ ۾ رڱيل آهي. پاڻ انهيءَ ڏس ۾ ايڏي تہ طبيعت جي جولاني ڏيکاري اٿن، جو ”وحدت الوجود“ جي ڪنهن بہ ٻئي وڪيل کي اهڙن واضح لفظن ۾ انهيءَ موضوع تي ڪجهہ چوڻ جي جرات نہ ٿي آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سرمست پنهنجي ڪلام ۾ ”همہ اوست“ کي اينتري تہ جاءِ ڏني آهي، جو ٻئي ڪنهن بہ موضوع لاءِ وٽس گنجائش ئي ڪانہ رهي آهي. ڇا ڪافين ۾، ڇا ڏوهيڙن ۾ ”تُو هي تُو“ جو نعرو پيو ٿو ٻڌجي. ائين ٿو معلوم ٿئي جڻ بزرگ کي اهو هڪ پيغام ڏيڻو هو، جو مزا وٺي وٺي ڏنو اٿس. اسان بہ تنهنڪري سندس قافيہ، رديف، تشبيهات، محاڪات، وغيره کي ڇڏي، سمورو بحث سندس ”وحدت الوجود“ جي پيغام تي ڪنداسين، جيئن سنڌي دانن کي واضح طرح ڏسڻ ۾ اچي، تہ اسان جي بزرگن ”وحدت الوجود“ ۽ ”وحدت الشهود“ جي نظرين مان ڪهڙو قبول فرمائي، پنهنجن کي تلقين ڪئي، تہ هو بہ ائين ڪن.

ظاهر هجي تہ سچل سرمست نہ فقط سنڌي زبان جو هڪ نهايت بلند پايي جو شاعر هو نہ فقط اسلاميات جو ڄاڻو هو، پر هو هڪ صاحبِ ڪيف و حال بزرگ بہ هو. سندس ڪلام کي زبان جي نقطي نظر سان سمجهڻ تہ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي؛ هر هڪ سنڌي کيس سمجهي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ نهايت سليس زبان ڪم آندي اٿائين (شڪوي جا طالب، زبان جي شڪوي جو خيال رکندا آهن: مستن جي مستي ڪنهن بہ قسم جي وڏائيءَ جي متحمل نہ ٿيندي آهي.) ليڪن اقليم سخن جي هن تاجدار جي قلبي مستين ۽ وجداني تجلين کي سمجهڻ لاءِ، ڇتي سمجهاڻي بہ گهرجي، تصوف جو پس منظر بہ گهرجي، ۽ انهيءَ سان گڏ ذوق سليم بہ گهرجي. تڏهن وڃي ڪو پڙهندڙ انهيءَ حقيقت تائين پهچي، جنهن لاءِ پاڻ فرمايو اٿن تہ ”سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي“! پڙهندڙ جيڪڏهن سندس تشبيهہ،

Gul Hayat Institute

استعاري (تصريح)، يا ڪنايي تي اڙجي بيهي رهيو ته عروس معنيٰ تائين سندس پهچ محال آهي. ۽ اسان جيڪڏهن سندس بيان ۽ بدايع جي وصفن تي ويهي بحث ڪيوسين، يا سندس فصاحت ۽ بلاغت جي گلڪارين جي ذڪر کي ڇيڙيوسين، ته اهو ممڪن آهي جو پڙهندڙن لاءِ سندن دماغي عياشيءَ جو سامان ضرور پيدا ڪري وجهنداسين، پر اسان جو اهو مقصد فوت ٿي ويندو، جنهن مقصد سان اسان سرمست جي هن سدا بهار چمن کي سنڌي دنيا سان روشناس ڪرائڻ ٿا گهرون.

سنڌ جي ادبي دنيا جو هيءُ ئي هڪ روشن ستارو آهي، جنهن کي زاهدن جو هڪ ٽولو تحسين جي خراج ڏيڻ ۾ بخيلي ڪندو رهيو آهي، ڇو ته سندن اعتقادن کي سچل جي هيڙن بيتن کان نِيس لڳندي رهي آهي:

"مُلا مار مَ مون، مان سبق پڙهان ڪين سچڻ ڏسان!"

قبول ڪيوسين ته سوَ مان اڪثر پڙهندڙ اهڙا هوندا، جن جي تخيل جو پرواز ايترو مٿي نٿو وڃي سگهي، جو سچل جي هڪ سٽ جي معنوي بلنديءَ تائين پهچن. مثلاً فرمايو ٿن، "آهي ڪل شيءِ سو هادي، واندي غير ڪنون هيءَ وادي". سرمست جي انهيءَ واديءَ کي غير کوَن واندو سمجهڻ لاءِ به "شرط اول قدم آنست ڪہ مجنون باشي" ليڪن سچل جي ڪلام ۾ جي: ادبي خصوصيات آهن يا پاڻ جيڪي سنڌي محاورا ۽ ترڪيبون استعمال ڪيون اٿن، تن جو داد نہ ڏيڻ به ادب جي مذهب موجب "گناهہ" آهي. ماروئيءَ جو قصو سنڌ جي مڙني شاعرن بيان ڪيو آهي، جن ۾ پنائيءَ جو درجو نهايت بلند آهي: پر نهايت ساديءَ ۽ جادو پريءَ زبان سان، عمر کي راضي ڪري هن کان ماروئيءَ جي جند ڇڏائڻ، سرمست جو حصو هو. ماروئي ٿي چويس:

"اڄ جوڙي وينا جهنگ ۾، جهانگي جهوپڙيون؛
ڏي نہ ڏوٿيڙن کي، تون لائق لوُيڙيون؛
راجا روئڙيون، گهرين رکن ڪينڪي!"

پوئينءَ سٽ تي خيال فرمايو تہ جنهن ۾ ايڏي نصيحت آميز طنز آهي، تنهن جو دانهن ڪرڻ ڪان سواءِ، ڪو ٻيو داد بہ ڏيئي ٿو سگهجي ڇا؟ سچل جا اهي سڌا سادا لفظ جي پنهنجن بيتن ۾ ائين جڙيا اٿس جيئن منڊيءَ ۾ ٽڪ. سي زوريءَ دل ۾ جاءِ ڪندا ٿا وڃن، ۽ دل ٿي گهري تہ اکيون بند ڪري، انهن لفظن جي جادوءَ جو ويٺو مزو وٺجي:

"هِت ڏسان ڏوٿيڙن جون، ويٺي واٽڙيون؛
هت پون پنهوارن تي، منيون ماٽڙيون؛
ياد اتي جون مون پيون، چوهون چاٽڙيون؛
توڙي چار ڪُنڊان لوئيءَ جون، هت ڦاڪين ڦاٽڙيون،
تان پيي وچان اوڏهين، جتي ڪنوٽيون ڪاٽڙيون،
مون کي لُهن لاٽڙيون، تن سانگن سنڌيون سومرا!"

سچل جي مٿئين بيت پڙهڻ سان جا غربت جي تصوير اکين آڏو اچي ٿي بيهي، سا پنهنجو جواب پاڻ آهي. لفظن جي تصغيريت پنهنجي سموريءَ نزاڪت سان دل ۾ گهڙندي ٿي وڃي: مثلاً، ساڳي شيءِ جڏهن گاهہ تي پئي تہ ماٽ ٿي؛ ۽ جڏهن مارئيءَ جي مسڪين مارن تي پيئي، جي بنا ڪنهن اجهي جي پٽَ تي پيا آهن تہ اڪير جي عمق ان کي "منيون ماٽڙيون" ڪري ڇڏيو! اهڙين جاين تي هڪ شاعر جو ڪلام بشري حدن ڪان نڪري معجزانہ بلنديءَ تي وڃي پهچي ٿو ۽ سچل جي ڪلام ۾، سنڌس هر بيت هڪ ادبي معجزي جو درجو ٿو رکي. بحث جي ڊگهي ٿي وڃڻ جي خوف ڪان، اسين وڌيڪ مثال نٿا ڏيون، ۽ هڪ پويون مثال سنڌس روماني شعر جي لاثاني هجڻ جو پيش ڪري اسين سنڌس پيغام ڏي ٿا ورون. لکنؤ جي نوابي دربار ۾ مشاعرو ٿو ٿئي، جنهن ۾ ڪاريهر نانگ جي تشبيهہ جو قيد رکيو ويو آهي. شاهي عطيات حاصل ڪرڻ خاطري درباري شاعرن خوب پنهنجي

Gul Hayat Institute

طبيعت جون جولانيون تي ڏيکاريون. آخر ۾، نواب صاحب هي شعر اول نمبر ۾ رکيو:

خیالِ گیسو میں آج کی شب جو دل ہمارا الجھ رہا ہے،
کہاں سے لایا ہے یاالٰہی یہ گھر میں کالی بلا لگا کر!

سچل وٽ نہ ڪو مشاعرو هو نہ ڪنهن جي عطيات جو آسرو ۽ نہ وري ڪو 'طرح' جو قيد هو. پنهنجي ليکي جذبات جو اظهار ڪيو اٿس، ۽ خوب ڪيو اٿس:

"چَلي چَلي وال سُهڻي دي، چاڙ بَشيِهرَ ڪالي،
طرح ڪيهي اِهي دلبر مُنهن تي، سخت بَلائين پالي!"

مطلب تہ سچل سرمست کي، خداوند ڪريم، سنڌ جي صاحب ڪمال شاعرن ۾ هڪ نهايت بلند مقام عطا ڪيو هو. سندس هر هڪ بيت، نظم يا ڪافيءَ مان تخيل جي پاڪيزگي ۽ بيان جي سونهن پئي تي چمڪي. تنقيد ڪرڻ وارن هيءَ بہ هڪ قسم جي رسم ڪري ڇڏي آهي تہ شاعر جي ڪلام مان ڪجهہ انتخاب پيش ڪيو وڃي: ليڪن اسان جو خيال آهي تہ ادبي اخلاقيات موجب اِهو جائز نہ آهي جو پڙهندڙن جي پسنديءَ تي بہ مؤلف ڏاڙو هڻندو رهي، ۽ ذوق جي پرک پوئتي رهجي وڃي: تنهنڪري اسين ڪو انتخاب بہ نٿا ڏيون، جيئن پڙهندڙ پنهنجي چوند پاڻ ڪري چوَ تہ

"فکر هر کس بقدر همت اوست."

Gul Hayat Institute

سچل کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ لاءِ جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون اِهو اشد ضروري آهي تہ سندس ڪلام جو پس منظر، سندس نگاهہ جي بلندي، سندس دل جي تڙپ ۽ سندس ڪيف جي حالت، پڙهندڙن کي اول معلوم ڪرائي وڃي. اِهو بہ ضروري آهي تہ پڙهندڙن کي خبر هجي تہ جو پيغام سچل پنهنجي ڪلام جي وسيلي ڏئي ٿو تنهن پيغام جا بڻ وارا ڪهڙي خمير جا نهيل آهن. واضح رهي تہ سنڌي طبيعت، تصوف جو اثر ايتريقدر قبوليو هو جو اڄ بہ مشرق جي دنيا ۾ ڪو بيو ملڪ سندس مقابلي ۾ نٿو اچي سگهي. پيري مريديءَ جي هن واديءَ ۾، جتي ڪيئي اڻ سهندڙ بدعتون بہ رائج ٿي چڪيون هيون، ۽ ڪيترن ئي بزرگن وٽ، معرفت جو فيض بہ عام هو جنهن مان انهيءَ پار جا پانڌيئڙا بہ پِي ڍؤ ڪندا هئا. "رب العالمين" جي مخلوق کي وحدت جي نگاهہ سان ڏسڻ وارن معرفت جي مالڪن، مومن ۽ ڪافر يا مسلم ۽ هندوءَ جو فرق يڪ قلم مٽائي ڇڏيو تہ سندن هستيون هميشہ اهڙي غير فطري امتياز کان مٿي رهيون. انهن حق جي عاشقن، پنهنجي قول ۽ فعل سان، هڪ اهڙي هم آهنگ معاشرت سنڌ ۾ پيدا ڪري وڌي هئي، جنهن جو نظير، "ٻن قومن جي نظريي" رکڻ وارن هندو پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ پيدا ٿي ڪين سگهيو هو سنڌي بزرگن جي انهيءَ مساوات جيڪي سياسي يا مذهبي نتيجا پيدا ڪيا، تن جهڙا نتيجا ٻين صوبن جا مسلمان پيدا ڪري نہ سگهيا مثلاً، سنڌ جو هندو ڪنهن نہ ڪنهن مسلمان بزرگ جو مريد هو. پر اهو موضوع ڇاڪاڻ تہ اسان جي دائري ۾ نٿو اچي، تنهنڪري اسين فقط ادبي نتيجن کي ٿا وٺون: سرمست ؒ فقط مسلمانن جو هيرو نہ هو پر سنڌ جا هندو بہ ڪين عزت ۽ فخر سان پنهنجو رهبر قبول ڪندا رهيا.

Gul Hayat Institute

سرمست جي ڪلام ۾ تصوف جون بيحساب اهڙيون تجليون موجود آهن، جي مسلمانن سان گڏ غير مسلمن جي دلين تي به حڪومت ڪنديون ٿيون رهن. جي سندس ڪلام مان لساني لذتن کان سواءِ روحاني تاثرات به وٺندا رهيا آهن.

سچل جي ڪلام جي هڪ خاص خصوصيت هيءَ آهي ته هو صاحب مدهوشيءَ ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي، ۽ هوش ۾ مدهوشيءَ جا راڳ الاپيندو ٿو رهي. پنهنجي ڪلام جي زور تي، پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي ياد ڏياريندو ٿو رهي ته مسلمان ۽ غير مسلم، امير ۽ غريب جو فرق، يا ازين قسم ٻيا فرق، سڀئي انسانيت جي وهمن جي ڪار فرمائيءَ جو نتيجو آهن: نه ته ظاهر ۽ باطن، انهيءَ "واحد حقيقت" جا ٻه پهلو آهن:

"ڪافر مؤمن صورت سائي، جانب ڏس ڏنو هي جائي؛
فَاَينما تُوَ لّوُا آيت آئي، يَسمَعُ يُبصرُ تي هيڪڙائي؛
سو ئي بندو سوئي مولائي، اِنّي اَنَا اللهُ آگاهي؛
هُئڙي صورت سڀ سُيائي، سوئي هيٺ سوئي بالائي."

'اين و آن' جو فرق فقط انساني نگاهه جو قصور آهي. سرمست جيڪي ڏٺو سو چيائين، ۽ جيڪي چيائين سو عيني مشاهدي کان پوءِ چيائين. سندس زبان ۽ نگاهه ۾ ڪوئي فرق ڪونهي: ڇو ته انهي ٻنهي قوتن تي قابض، هڪ ئي حقيقت آهي. "يَسمَعُ يُبصرُ آهي هِڪائِي."

سرمست جو انهيءَ عقيدي تي ايمان آهي ته محبت جو بنياد، روحن جي اتحاد تي ٻڌل آهي: عاشق ۽ معشوق جو روح، ٻه شيون نه آهن. انهيءَ عقيدي کي پٽائي رح واري فرمودي موجب، پنهنجي ڪلام ۾ انتهائي لطافت سان نباهيو اٿس. مثلاً، سسئيءَ جو پنهونءَ جي تلاش ۾ جبل جهاڳڻ، حيران ۽ سرگدان ٿيڻ کي، حقيقت کان بيخبري ۽ عرفان نفس کان غفلت جو نتيجو قبول ڪيو اٿس ۽ جڏهن 'نائي نيڻ

Gul Hayat Institute

نهارڻ سان پاڻ م ديرو دوست جو' تي ڏسي، تہ ساڳي سسئي پاڻ تي قبول ڪري ٿو:

”سسئي چام پنهون هڪ هو تان،
ڪامڻ جانب ڳوليو جو تان،
ساڳي پاڻ پنهون هئي سو تان،
سچو دوست ڏُوئيءَ کان ڏو تان.“

سچل فقير جي انهيءَ انداز بيان ۾ چاڪاڻ تہ تصوف جي فلسفي سان گڏ عاشقانہ مستيءَ جو بہ ڪافي جلوو موجود آهي، تنهنڪري سندس ڪلام کي انهيءَ پس منظر ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ بہ آسان ڪم نہ آهي. ”ڪشف ۽ شهود“ جون ڳالهيون بہ فقط ڪشف ۽ شهود سان ئي سمجهہ ۾ اينديون، ۽ حافظ شيرازيءَ ڪين چيو هو تہ:

”گرنکتہ دان عشقي، خوش بشنو اين حکايت!“

اچو تہ تصوف جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون تہ ”تصوف“ ڇا آهي. جدا جدا وقتن تي، پنهنجي پنهنجي فڪر موجب، تصوف بابت صوفي بزرگن مختلف رايا ڏنا آهن. هر هڪ بزرگ، پنهنجي پنهنجي مشاهدي جي تصوير پيش ڪئي آهي: ڪن بزرگن جي خيال موجب، تصوف نہ علم آهي ۽ نہ وڏن جي رسم جو نالو آهي؛ بلڪ اولياءِ الله جي برگزيده اخلاقن ۽ سندن زندگيءَ جي طريقي جو نالو آهي. ڪن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن انسان کي پنهنجي نفس جي چنبي مان نجات ملي، ۽ هو خلق جي نظرن ۾ فاني ٿي وڃي، ۽ خالق وٽ وڃي بقا حاصل ڪري، تہ هو پورو صوفي آهي. ڪن جو فرمودو آهي تہ شريعت جي روح کي تصوف ٿو ڪوٺيو وڃي؛ ڪي ٿا چون تہ نفس کي مارڻ ۽ اندر اجارڻ جي معنيٰ آهي تصوف. مطلب تہ ”عليم“ ۽ ”مستيءَ“ جي فرق ڪري، ڪيترائي مختلف تعبير ٿيندا رهيا آهن. پر، جيڪڏهن انهن تاويلن کي پاسيرو ڪري حقيقت تي

Gul Hayat Institute

غور ڪبو ته تصوف جو ماحصل، ڪجهه نه ڪجهه، ضرور سمجهه ۾ اچي ويندو. انسان پنهنجي خدا داد قوتن کان ڪم وٺي، پنهنجي دل کي حقيقت جو آئينو بڻائي، ۽ ظاهر کان اڳيرو هلي، باطن جو رازدار بڻجي سگهي ٿو. ڪيس اول پنهنجي نفس کي سمجهڻ جو موقعو ملندو ۽ بعد ۾ جمال ذات ۽ ڪمال صفات جو مشاهدو. انهيءَ پار جو پانڌيئڙو جڏهن پنهنجي مقصد جي تلاش ۾، فڪر جي اٿاهه سمنڊ جي غواصي ٿو شروع ڪري، ته سندس پهرين منزل تن جي تسين ۽ زهد جي منزل تي ٿئي.

"ڪنڌِ اونڌي اوريج، اَنئي پهَرَ عَجِيبَ کي؛
اَچَن اوجاڳَن ۾، عينا اوجاريج؛
آدؤن ڪِينَ ڳهيج، ظاهِرُ هِنَ زبان سان."

انهيءَ نفس ڪشيءَ جي اوٽ ۾، جي گمراهه ڪندڙ ور وَڪڙ ٿا ڪيس آڏو اچن، تن مان لنگهڻو ٿو پوي‌س. پر جسماني خواهشات کي جڏهن مردانگي جي عزم سان روڪيندو اڳتي ٿو وڌي، ته آهستي آهستي روح جون پرڪيف لذتون ڪيس پاڻ کان بيخبر ڪنديون ٿيون وڃن. تان جو مٿس مستي ڇائنجي ٿي وڃي؛ قدم قدم تي پاڻ کي هڪ نئينءَ ۽ خوبصورت منزل تي داخل ٿيندو ٿو محسوس ڪري؛ ۽ هر منزل جا نوان نوان مشاهدا مٿس اثر ڪندا ٿا رهن: ڪٿي گونا گون بيروني تجليون ٿو ڏسي، ته ڪٿي "بيچون و بي چگون" اندروني ڪيفيتون ٿو محسوس ڪري؛ ۽ هر هڪ منزل تي جو ڪجهه ڏسي ٿو يا محسوس ٿو ڪري، ان مان پنهنجي همت ۽ قوت آهر بهرياب ٿيندو ٿو رهي. جي سندس ظرف ننڍڙو آهي، يا جي سندس طبيعت جو قناعت ڏي لاڙو آهي، ته اهڙيءَ ڪنهن هڪ ٿي منزل جي مشاهدن کي اصل ۽ آخرين حقيقت سمجهي، اتي ويهي ٿو رهي، ۽ پنهنجي زبان مان اهو ڪجهه چوندو ٿو رهي، جو مقامي ڪيفيت جو اظهار ته ضرور

Gul Hayat Institute

آهي، ليڪن حقيقي معرفت اڃا پري اٿس:

"چون نديدند حقيقت، ره افسانہ زد ند."

بيءَ صورت ۾، جيڪڏهن ظرف بہ وڏو آهي، همت بہ ڪافي آهي، محبتِ الاهي بہ شامل حال آهي، ۽ تائيد ربانيءَ جي رهمنائي بہ حاصل آهي، تہ منزلن جي پنيان منزلون لتاڙيندو تجليات ۽ ڪيفيات جو مشاهدو ۽ حظ حاصل ڪندو حق جي راهہ جو مجاهد ۽ طريقت جي واٽ جو سالڪ. آخر هڪ اهڙي بلند مقام تي وڃي ٿو رسي، جتان ڪيس اهو ڪجهہ ٿو ڏيکاريجي، جو ٻين کي نصيب نٿو ٿئي.

"جيڪي ڏٺو سو مون ڏٺو آرياڻي اوهان ڇا ڏٺو!"

سالڪن جي انهيءَ نفس ڪشيءَ جي جا تصوير اسان جي سرمست ڪڍي آهي. تنهن تي بہ هڪ نظر وجهي ڏسو: فرمائي ٿو

اَلفَقِيرُ لا يَحتَاجُ اِلاّ اليَ اللهِ، ٻيو ڏنائون ٻَنِ؛
ٻئي جهان ڦٽاڪيو، تا ٿئين جهان وڃن؛
وتن ويڳاڻا ورهہ ۾، نيٽين ننڊ نہ ڪن؛
راتو ڏينهان روج ۾، ڇَپُ نہ ڪو ڇورن؛
مَن عَرَفَ رَبَہ ڪَلَّ لِسَانہ، ٻڏي زبان اُنهن؛
نشي تن کي 'نانهہ' ڪيو، مورڙن 'مان' نہ چون؛
مولي جي محبت ۾، ڪيا ٿيا وتن؛
سُڏڪا سيئي سوز جا، پنيءَ رات پرن،
'هر آن سِرِي ڪه يا محبوب دارند.
خبر نبود ڪراما ڪاتبين را. سِرَّ اهو سائين؛
نهائينءَ ڪان نيهڙو سڪيو ساميئڙن؛
مچ مچايو من ۾، ٻاڦ نہ ٻهر وجهن؛
عينا سندن اوجاريون، آڃن اوجاڳن؛

Gul Hayat Institute

اَنئي پهر عجيب کي، ڪنڌ اونڌي اورن؛
اَلصبرُ مِفتَاح الفَرَح، صبر صابرن؛
بعضي موحد وحدتي، اهڙا پيي آهن،
ڪرڪن ڪنجهن ڪين ڪي، چڙهڻ پار وهاڻءَ وجن؛
رَت منجهاروُن پانهنجي، وضو وير ڪرن؛
ايءَ نماز عشق جي، تهوُن پوءِ پڙهن؛
جي محبت وڏا مامري، سي ڪيئن مڙس مڙن؛
هٽي درد دهيون ڪيا، سندي سپرين؛
ڪڏهن اڇا ڪپڙا، ڏار نہ ڪنهن ڏڪن؛
مٿي پيرين برهنہ، ايڏو سور سهن؛
پريتو پروانن جان، ڪاهيو تت پون؛
ڀنيڙ باهہ عشق جي، سپورن سڙن؛
ڪامي، لهسي، لوسجي، لائق لعل ٿين."

انهن بر گزيده هستين لاءِ ئي ارشاد ٿيو هو تہ "الله بن جَاهَدو فِينَا لَنَهدِ ينَّهُم سُبلُنَا" (جي اسان لاءِ تڪلفيون ٿا سهن ۽ مجاهدا ٿا ڪن، اسان انهن کي نين نين راهن تي ٿا وٺي وڃون.)

مٿين ٻن مقامات تي منزل انداز ٿيڻ ۽ انهن جي علحده علحده مشاهدي ماڻڻ جو نتيجو اهو نڪتو، جو اسلامي دنيا جا صوفي ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويا، جن مان هر هڪ ٽولو پنهنجي دعويٰ جو بنياد "ڪشف ۽ شهود" تي ٿو رکي. ٻنهي ٽولن جي دعوائن مان ڪهڙي دعويٰ "حق" آهي، ۽ ڪهڙي "حقيقت" آهي، اهو فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن: اسان هتي سندن منزلن جي بيان بعد، فقط سندن عقيدن جو بيان ڪرڻ مناسب ٿا سمجهون.

شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي، پنهنجي "ڪشف ۽ شهود" جي دعويٰ تي ۽ ڪن آيات ڪريمہ جي سندن تي، وڏيءَ حجت ۽

Gul Hayat Institute

اصرار سان چوي ٿو تہ هيءَ ڪائنات. پنهنجين سمورين زنگينين ۽ انهن جي ارتقائي اير ڦير سان، خالق اعظم کان ڪو علحدو وجود نٿي رکي: اصل ۾ بنيادي وجود، فقط باري تعاليٰ جل شانہ جو وجود آهي. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجھ ڏسي سگهجي ٿو سو سڀ انهيءَ هڪ وجود جي جدا جدا تجليات جو پرتو آهي: جيڪڏهن انسانيت ان کي ڪجھ ٻيو ٿي سمجهي تہ اها سندس نظر ۽ سمجھ جي ڪوتاهي آهي، نہ تہ حقيقت هن کان سواءِ ٻي ڪانهي تہ "لاموَجُود اِلاّ الله". انهيءَ نظريي جو اصطلاحي نالو "وحدة الوجود" آهي. اسلامي صوفين جو ٻيو ٽولو ڪائنات جي مٿئين تعبير کي نہ فقط سخت لفظن ۾ ننديو ٿو پر اهڙي عقيدي رکڻ وارن کي "ملحد" ۽ "زنديق" جي لفظن سان ٿو ياد ڪري. انهيءَ ٻئي ٽولي وارن جو چوڻ آهي تہ خالق ۽ مخلوق جي وجود کي "هڪ وجود" قبول ڪرڻ، حقيقت ۽ شريعت جي خلاف آهي. سندن چوڻ آهي تہ اسلامي تعليمات، جن جي بنياد تي اسان جو دين ٻڌل آهي، ۽ جنهن کي عام فهم زبان ۾ "شريعت" ٿو چيو وڃي، تنهن موجب خالق ۽ مخلوق جا "ٻہ وجود" آهن هڪ "وجود امڪاني" ۽ ٻيو "وجود وجوبي." جنهن ٻہ سالڪ کي، جيڪڏهن ڪنهن مقام يا منزل تي ڪي روحاني وارداتون پيش اچن ٿيون، تہ انهن کي هرو ڀرو "لاَ موَجُود اِلاّ الله" جو رنگ ڏيڻ، سندس سمجھ جو قصور آهي: مقامي ڪيفيات ۾ محو ٿي وڃڻ ڪري، سالڪ جي نگاھ، "خالق" ۽ "مخلوق" جو جدا جدا وجود قبول ڪرڻ جي بدران، هڪ ئي حقيقت تي قبول ڪري، جو سندس نگاھ جو ڏوڪو آهي. انهيءَ ٽولي جي مٿي ڄاڻايل نظريي جو اصطلاحي نالو "وحدة الشهود" آهي.

اسين هاڻي انهن ٻنهي نظرين جو گڏوگڏ ذڪر ڪنداسين تان تہ پڙهندڙ چٽيءَ طرح تفاوت سمجهي سگهي.

Gul Hayat Institute

# (3) حقيقة الوجود

محي الدين ابن عربي، ڇهين صدي هجريءَ (560_628) جو هڪ نهايت مشهور مفڪر بزرگ هو جنهن کي سندس صوفيانہ فلسفي جي ڪري " شيخ اڪبر" سڏيندا هئا. اسپين ۾ پيدا ٿيو هو. ابتدائي تعليم وطن ۾ پوري ڪري، سير ۽ سياحت جي خيال سان ٻاهر نڪتو. مصر ۽ شام ۾ ڪجهہ وقت گذارڻ بعد، دمشق ۾ اچي مستقل طرح سڪونت اختيار ڪيائين: اتي ئي گذاري ويو ۽ اتي ئي سندس مزار آهي. شيخ اڪبر ئي اهو پهريون بزرگ آهي، جنهن تصوف جي هن خاص نظريي کي پنهنجو علمي موضوع بڻائي ڪتاب لکيا، جن ۾ دليلن سان ثابت ڪيائين تہ ڪائنات ۽ ڪائنات جي خالق جو "وجود" هڪ ئي آهي — ٻہ نہ آهن. شيخ اڪبر کان اڳ، ڪنهن بہ صوفي بزرگ "وحدة الوجود" جي نظريي کي نہ تہ موضوع بحث بڻايو هو ۽ نہ ڪڏهن انهيءَ جي تائيد يا ترديد ۾ لبڪشائي ڪئي هئي. البت، بعضي بزرگن جا ڪي اهڙا جملا مشهور هئا، جن مان "وحدة الوجود" جو خيال پيدا ٿيندو هو. پر اهي فقط نعرن جي صورت ۾ هئا. مثلاً، حضرت بايزيد بسطاميؒ جو قول "سُبحَانِي مَا اَعظَمَ شَانِي"، يا حسين بن منصور حلاج جي دعوي "اَنَاالحق": ليڪن اهي ڇڙا نعرائي هئا، جن تي ڪنهن خاص طريقي جو بنياد قائم نٿي ٿي سگهيو. ڪنهن بہ مسلڪ جو بنياد جيڪڏهن مذهبي يا عقلي دليلن تي نٿو ٻڌايو وڃي، تہ انسانيت جي لاءِ ان ۾ ڪا بہ ڪشش نٿي پيدا ٿي سگهي. ڀاءَ اٿي ڪائڻ وارو انسان، سطحيات جي ڪڏ هرو ڀرو ڪين پوندو آهي. شيخ اڪبر جڏهن 'پنهنجي ڪشف کي حقيقت جو رنگ' ڏيئي، هڪ خاص نظريو پيش

Gul Hayat Institute

ڪيو ۽ ان جي تائيد ۾ ڪتاب لکيا ۽ باقاعدي ”وحدة الوجود“ جي تبليغ شروع ڪئي، تہ علمائن جو هڪ ٽولو زبان سان سندس عقيدن جي ترديد ڪرڻ لڳو. البتہ تحريري ترديد گھڻو دير سان شروع ٿي، ۽ جيئن شيخ اڪبر جي نظريي، پنهنجي جدت جي زور تي، اسلامي دنيا ۾ نهايت جلد ۽ نهايت گهڻي قبوليت حاصل ڪئي، تيئن سندس مخالفن بہ نهايت جلد هوا جو رخ ڦيري وڌو. حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رح، ”وحدة الوجود“ جي مقابلي ۾ ”وحدت الشهود“ جو نظريو پيش ڪيو. ياد رهي تہ ”وحدة الوجود“ جو نظريو ڇهين صديءَ ۾ پيش ڪيو ويو هو ۽ پنج سو سال ڪو بہ ٻيو نظريو ميدان ۾ ڪين آيو هو: حضرت مجدد الف ثانيءَ، يارهين صدي هجريءَ ۾ پنهنجو نظريو دنيا جي اڳيان آندو. شيخ احمد: 'پنهنجي ڪشفي حالات کي پنهنجي وحدة الشهود جي نظريي جو بنياد' ٻڌايو ۽ پنهنجين ڪيترين ئي تصنيفن ۾، ان تي بحث ڪيو آهي ۽ نهايت مدلل بحث ڪيو آهي. جڏهن شيخ احمد پنهنجو نظريو دنيا جي اڳيان پيش ڪيو تہ اسلامي دنيا جي مفڪرن ۾، هڪ صديءَ تائين، ٻنهي نظرين جي وچ ۾ گهڻي ديکان ديکي هلي. ٻنهي ڌرين جو وڪيلن ۾، پنهنجي پنهنجي نظرين جي وڪالت ڪندي، نهايت گرما گرم بحث مباحثا ٿيندا رهيا، زباني بہ ۽ تحريري بہ: پر اهي مباحثا ڪنهن بہ فيصلي تي پهچڻ کان سواءِ ختم ٿي ويا. انگريزن جي هندوستان فتح ڪرڻ کان پوءِ تہ تصوف جو رهيو کهيو مشغلو بہ باقي فقط پيري مريديءَ جي رسمي صورت اختيار ڪري، فقط ڪن صوفي بزرگن جي درگاهن جي زينت وجي بڻيو. انهن ٻنهي نظرين جي دليلن ۾ جا علميت ۽ تخيل جي اونهائي هئي، جا تصوف جي فلسفي جي جان هئي، سا ڪن پراڻن ڪتابن کان وسواءِ، عملي دنيا کان هونئن بنهہ موڪلائي وئي. نتيجو هي نڪتو تہ سنڌ جي ٻن تابناڪ ستارن، يعني سيد عبداللطيف رح ۽ ميان عبدالوهاب رح، کي سمجهڻ

Gul Hayat Institute

وارو بہ ڪو نہ رهيو. اسان جا اهي ٻئي بزرگ صوفي، شيخ اڪبر جي اسڪول سان تعلق ٿا رکن. ۽ پنهنجي خيالات ۽ راين ۾ شيخ اڪبر جا همرنگ آهن يعني خالق ۽ مخلوق ۾ عينيت جا قائل آهن. مثلاً سندن چوڻ آهي تہ "سسئي" ۽ "پنهون" ٻئي "وجود واحد" جو ظهور آهن. ۽ ظاهر بين نگاهن کي بہ ٻہ ٿا ڏيکارجن، ليڪن حقيقت بين نگاهن کي هڪ البتہ اسان جي ٻنهي سنڌي بزرگن جي اظهار ۾ فرق آهي: عبداللطيف رح پنهنجي لطيف پيرايي ۾ ٿو اظهار ڪري، ۽ سرمست جي لفظن مان مستي پئي ٿي ٽپڪي. مثلاً ساڳي ڳالهہ ڀٽائيؒ هن ريت ٿو فرمائي:

"ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٽو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڏاٽو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهہ ڪي."

۽ فقير سچيڏنوؒ وري هينئن ٿو فرمائي:

"'تو مان' وچي وچ مَون، نہ ڪي پاڻ پسن،
'عابد' ۽ 'معبود' سو هڪ نگاهہ ڏسن،
پاڻ پڙهي، پاڻ ٻڌي، پاڻ ئي سجدو ڪن،
پاڻ مڙيوئي پاڻ ٿيو نوڙي نوڙت ڪن،
'ڪافر مومن هڪ ٿيو ڀلا ٿا ڀائن،
سو ئي فلڪ، سو ئي ملڪ، سو ئي آدمن،
سو ئي احد، سو ئي اَحمد، سو ئي هڪ سمجهن،
نانءَ، ڳنن اکين جا، وچؤن ئي وَڃن،
عين عليم ڪليم ٿيو قادر قدرتن،
هي مڙيو ئي وصفان، اندر آدمن.
هِت آدم مَون الله ٿيو ٻيا سڀ شڪَ ڀڄن،
اصل الله مَون آدمي، ثابت صورتن."

Gul Hayat Institute

شيخ اڪبر پنهنجي "وحدة الوجود" جي خيال تي ايڏو ته مضبوطيءَ سان قائم رهيو جو دنيا جو ٻيو ڪو به نظريو وٽس انهيءَ لائق به نه هو جو ان تي غور ڪيو وڃي. سندس چوڻ هو ته اسلامي عقيدن جو اولين بنياد آهي "توحيد"، ۽ جيڪڏهن "وجود" جي مرتبي ۾ دوئيءَ کي داخل ڪيو ويو - يعني ٻه به وجود قبول ڪيا ويا ته "توحيد" جون پاڙون کوکليون ٿي وينديون. ساري ڪائنات "وجود واحد" مان پيدا ٿي ۽ "وجود واحد" پيدا ڪئي: ڇو ته هڪ "مخفي خزاني" کي عالم آشڪار ڪرڻو هو تنهنڪري "ذات" پاڻ کي "صفات" ۾ ظاهر ڪرڻ قبول فرمايو ۽ هيءَ ساري ڪائنات ٺهي. هن ساريءَ ڪائنات ۾ جو ڪجهه به موجود آهي، انهيءَ هڪ ئي آفتاب جا شعاع آهن. انهيءَ هڪ ئي نور جون تجليون آهن. "موجود"، حقيقت ۾ اها هڪ ئي "ذات" آهي، ۽ باقي موجودات انهيءَ "ذات" کان ڪو جدا وجود نٿيون رکن: جيئن لهريون، حُباب، موجون ۽ ڪُن، سمنڊ جي پاڻيءَ کان جدا ڪا به حقيقت نٿا رکن.

"آءُ اصل پاڻي آهيان، ڪيئن ٿا سمنڊ سڏن:
نانءَ مٿم ناحق جا رکيا الاجي ڪَن؟"
(سچل)

تيئن، هي تمام مخلوق، انهيءَ "وجود واحد" جي مختلف صفات جا مختلف روپ ۽ مظاهرا آهن. مخلوق جو "اصل" اهائي هڪ ذات آهي، جنهن مان سڀئي نڪتا به آهن ۽ واپس به انهيءَ ۾ ويندا. جيئن هن فرمودي مان ظاهر آهي ته "ڪُل شيءٍ يرجعُ اِلىٰ اَصلهٖ وَاِلَه ترجعون".

انسان ۽ خدا جي وچ ۾ جا نسبت آهي، تنهن کي شيخ اڪبر "عينيت" يا "قرب" ٿو قبولي، ۽ چوي ٿو ته انهيءَ "قرب" جي معنيٰ، نَحنُ اَقربُ اِليه مِن حَبلِ الوَرِيدِ" (اسان شهه رڳ کان به انهن کي وڌيڪ ويجها

آهيون) جي آيت ڪريمه ۾ خداوند خود سمجهائي آهي. شيخ اڪبر جو چوڻ هو تہ صفات کي ڇڏي، انساني ظاهري صورت بابت بہ حديث شريف آهي تہ "الله خلق آدَمَ عليٰ صُورته" يعني تہ بيشڪ آدم کي الله تعاليٰ پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو. انهيءَ جي معنيٰ تہ انسان ۾ خدا جي صورت ۽ فطرت جون صفتون موجود آهن "فطرت الله التني فطر الناس عليها" (قرآن). حقيقت ۾ اِهي خدا جون صفتون ئي آهن، جي انسان جو روپ وٺي ظاهر ٿيون. تنهنڪري تہ چيو ويو تہ "من عرف نفسه فَقَد عرف رَبَه " "جنهن پنهنجي نفس (حقيقت) کي سمجهيو بيشڪ انهيءَ پنهنجي رب کي سڃاتو".

شيخ اڪبر اڃا بہ اڳيرو هلي چوي ٿو تہ خداوند ڪريم جو راز بہ فقط انهيءَ هستيءَ کي چٽي سگهيو جا "وجود اڪبر" سان تعلق رکندي هوندي جي نہ تہ "الانسانُ سري و اَنَا سِرُه" (انسان منهنجو راز آهي، مان انسان جو راز آهيان) کي ڪا معنيَ ئي ڪانهي. اهڙيءَ طرح، شيخ اڪبر ويو آهي سَندون ڏيندو ۽ پنهنجي نظريي کي مضبوط بڻائيندو. ميان عبدالوهاب رحہ بہ جاءِ جاءِ تي اهوئي آواز آلاپيندو ٿو رهي: مثلا،

"پنهنجي ذات، لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان:
اعليٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وَڄايان:
منصوريءَ جي موج ۾، ٿو اَناالحَق، الايان."

ٻيءَ جاءِ تي چوي ٿو:

"ڪاٿي سچل ڪاٿي ذات سچل جي، ساروئي سر آهي:
موج درياءَ حباب ڪڙا ڪريا، جاڻج ڪو شڪ ناهي:
عاشق، عشق، معشوق اهوئي، ڏانءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي:
پنهنجي پاڻ پسائڻ ڪارڻ، ناهہ لکين ٿو ناهي:
اُهو اندر اُهو ٻاهر: ڪيئن چوان ائين ناهي؟"

Gul Hayat Institute

”ذات صفات هڪائي آهي، ٻول نہ وجھين ٻولي؛
سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي؛
تو ۾، مون ۾، هن ۾، هر جا، سچ ”سچو“ تو ڀولي.“

”طبل وڄائج وحدت وارو، غازي ڇڏ گدائي؛
هيڏي هوڏي تون ئي آهين، ڪانهي جاءِ جدائي؛
”اَلانسان سري و انا سره“، آهين خاص خدائي؛
بَرَ بَحَرَ تي تنهنجو سچا، آهي سر سدائي.“

”باس، اهائي بات اسان جي، غازي غير نہ آهن؛
خام خيالي هي ٻانهپ وارو ”لا“ ۾ لاشڪ لاهين؛
مَن عَرَفَ نَفَسه فَقَد عَرَف ربه، تاهہ ڪهڙا ٻيا ناهن،
سچا، سچ اشارو اهو ڪاڏي ڪوڙا ڪاهين؟“

”صورت سڀ انسان جي، اتي عشق اصل؛
خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صُورته، جزو جهڙو ڪل؛
الانسان سري و انا سره“، سچ ”سچا“ پيو سل،
ٻول نہ ٻي تون ڀل، هتِي هُتي هڪ اَٿئي“

”ڪنهن جي ڪارڻ تي ڪرين، هاري ڙي هاءِ هاءِ؛
سوئي ڏسندڙ سوئي سڻندڙ پاڻهين ڳالهيون ڳاءِ؛
سارا ڏونگر ڏورئين، ڪا ڪِي ڙي ڪنهن لاءِ؛
”سچو“ وڏو ساهہ ڪون، ڪير چوي تا تاءِ؟“

”جيڪي هُيَڙس جيڏيون، ساڳي آءُ ٿيو،
پاڻهي پُنهل آهيان، ڄاڻو ڪونہ ٻيو

Gul Hayat Institute

ظاهر منهنجي ذات کي، ڪيچن پاڻ ڪيو
"سچو" سارو سچ ٿيو وچون ورهه ويو"

مطلب تہ سرمست جو سارو شعر "لا موجود الا لله" سان معمور آهي. جيئن شيخ اڪبر ٿو چوي تہ "خلق ۽ خالق جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي تہ فقط اعتباري فرق آهي، حقيقت ۾ جو خالق آهي تہ اهوئي خلق آهي ۽ جو خلق آهي سوئي خالق آهي". تہ ميان عبدالوهاب بہ هيئن ٿو چوي:

"پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهہ سڃاڻ؛
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله جاڻ؛
تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ شاهد آ قرآن
ناهي شڪ گمان، "سچو" سائين هيڪڙو."

Gul Hayat Institute

# (4) وحدت الشھود

جيئن مٿي چئي آيا آهيون تہ شيخ اڪبر جي نظريي، ”وحدة الوجود“، جي مقابلي ۾، پنجن صدين تائين ٻيو ڪوبہ نظريو ڪنهن بہ سندس مخالف دنيا جي اڳيان ڪين پيش ڪيو باوجود انهيءَ جي جو ڪيترا علماءَ ”وحدة الوجود“ جا قائل ڪين ها. انهن مان ڪو توحيد وجوديءَ جي خلاف ترديدي بيان بہ ڏنا، ۽ ڪن وري ڪتاب لکي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ”وحدة الوجود“ جو نظريو اسلامي اصولن جي خلاف آهي پر مقابل نظريو مجدد الف ثاني حضرت شيخ احمد رحہ سرهنديءَ ئي، يارهين صديءَ ۾ دنيا جي اڳيان رکيو.

شيخ احمد، حضرت عمرؓ جي اولاد مان هو. ٩٧١هہ ۾ بقام ”سرهند“ ۾ پيدا ٿيو جنهن شهر جو پهريون نالو ”سهرند“ آهي. شيخ احمد ابتدائي تعليم پنهنجي گهر ۾ ورتي. قرآن شريف جو حافظ هو. بعد ۾ دهليءَ ۽ آگري ۾ وڃي پڙهيو. شهنشاهہ جهانگير پنهنجي وڏي وزير آصف جاهہ جي چوڻ تي قيد ڪرائي گواليار روانو ڪري ڇڏيس، جتي ہہ سال نظربند هو. بعد ۾ بادشاهہ سان ڪن شرطن تي ناهہ ٿيس ۽ قيد مان بہ آزاد ٿيو پر ڇهن سالن بعد وفات ڪيائين. اسان هيٺ انهن ٻنهي نظرين جي اصولي اختلافن جو آمهون سامهون بيان ڪريون ٿا، جيئن پڙهندڙن کي صاف معلوم ٿئي تہ شيخ اڪبر جو نظريو شيخ احمد جي نظريي کان ڪيترو پري ٿو هليو وڃي.

| ”وحدة الوجود“ | ”وحدة الشهود“ |
|---|---|
| (1) ڪائنات جي مخلوق، عين صفات باري آهي، ۽ صفات نالو آهي ذات باريءَ جي تجليات جو. | (1) خالق ۽ مخلوق بہ جدا حقيقتون آهن، جي نہ اڳ ڪڏهن هڪ هئا ۽ نہ آئندي |

Gul Hayat Institute

تنهنڪري خالق ۽ مخلوق، بنيادي اعتبار سان هڪ شيءِ آهن ۽ اول آخر هڪ ٿي وينديون.

ڪڏهن هنن جي هڪ ٿيڻ جو امڪان آهي.

(2) "عدم" کي "وجود" جو لباس پهرائي نٿو سگهجي، ۽ جا شي "وجود" وٺيو بيٺي آهي، انهيءَ جو "معدوم" ٿيڻ حقيقت جو بدلجي وڃڻ ٿيندو، تنهنڪري غير ممڪن آهي؛ ڇو ته حقيقت بدلجي نٿي سگهي. الله جل شانه کان سواءِ سموري مخلوق کي "ممڪن" جو نالو ڏنو ويو آهي: "ممڪن" ڪڏهن به "عدم" مان وجود ۾ نٿو اچي سگهي؛ ڇو ته "عدم" جو ضد آهي "وجود"، تنهنڪري "ممڪن" جيڪڏهن "وجود" ۾ آيو ته ضرور ذات مان وجود ورتو هوندائين. تنهنڪري ڪڏهن به معدوم نٿو ٿي سگهي.

(2) "ممڪنات" کي الله تعاليٰ "عدم" مان، پنهنجي قدرت جي زور تي وجود ۾ آندو ۽ وري جڏهن به مرضي پوبس ته هر "ممڪن" کي "عدم" جي اونداهيءَ ۾ فنا ڪري سگهي ٿو. ذات باريءَ "ممڪن کي "پاڻ" مان وجود ۾ ڪين آندو، بلڪ سندس "صفات" جڏهن "عدم" تي پنهنجيون تجليون وڌيون ته "صفات" جي تجلين ۽ "عدم" جي گڏجڻ سان "ممڪن" وجود ۾ آيو.

(3) انسان جو جود، ڇاڪاڻ ته اعتباري وجود آهي، تنهنڪري انسان کان جا به عمل جي گهر ڪئي وئي آهي، سا به اعتباري هجڻ گهرجي ۽ نه حقيقي.

(3) انساني وجود، خالق اڪبر جي وجود کان هڪ جدا شيءِ آهي ۽ الله جي قدرت جو مظاهرو آهي، تنهنڪري شرعي احڪامن جي عملي تقاضا، حقيقي بنيادن تي هوندي ۽ نه اعتباري.

Gul Hayat Institute

(4) الله جَل شانہ. هڪ مخفي خزانو هو، جنهن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اهي سمورا روپ، حدون ۽ حالات قبول ڪيا. جن سان پوري ڪائنات پريل آهي.

(5) حقيقي توحيد تہ فقط اها آهي جو وجود اڪبر ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ وجود قبول نہ ڪيو وڃي چا عرش تي، چا فرش تي.

(6) اِهو "وحدة الوجود" جوئي اثر هو، جو "ممڪن" (بندو) "امڪان" جون حدون لتاڙي، قاب قوسين تائين "واجب" جي ويجهو وڃي پهتو، جي نہ تہ جيئن "عدم" "وجود" جي نور کان محروم آهي، تيئن "ممڪن" بہ قاب قوسين تائين ڪين پهچي سگهي ها. پر اها حقيقت آهي تہ ائين ٿيو، ۽ پستيءَ کان بلنديءَ تائين چڙهائي جنهن کي "معراج" تو چيو وڃي. آئندي بہ "ممڪن" کي ميسر ٿي سگهي ٿي؛ "وجود" ۽ "ممڪن"

(4) اللهُ غُنَي عَنِ العالمين يعني الله جل شانہ ڪنهن بہ لحاظ سان (چاهي اهو پنهنجي ظهور جو لحظ هجي) مخلوق جو محتاج نہ آهي، بلڪ مخلوق هن جو محتاج آهي؛ چو تہ صمديت حقيقي فقط ڪيس حاصل آهي.

(5) حقيقي توحيد هيءَ آهي ذات ۽ صفات باريءَ کي ڪنهن بہ شريڪ کان پاڪ سمجهيو وڃي، ۽ ان کي مخلوق کان قطعاً هڪ علحدو وجود قبول ڪيو وڃي.

(6) اهو غلط آهي تہ "ممڪن" "امڪان" جون حدون لتاڙي، "وجود" تائين وڃي پهتو جنهن کي معراج تو چئجي؛ "ممڪن"، "امڪان" جي حدن اندر ئي رهيو. اهو جيڪي ڪجهہ ٿيو سو "امڪان" جو معراج نہ هو بلڪ "عبديت" جو ڪمال هو. معراج تي وڃڻ وارو "عينيت" جي حجت جي آسري تي نہ بلڪ "عبديت" جي وسيلي اوج تي پهتو ۽ معراج تي پهچائڻ واري بہ ڪنهن رشتي يا ناتي جي اثرن

Gul Hayat Institute

جي وچ ۾ جي حجابات آهن، سي
دور ٿي سگهن ٿا. دوئي منجهي
سگهي ٿي ۽ حقيقت جو نور
انسان جي اندر پيدا ٿي سگهي ٿو.
ايتريقدر جو انسان "اِني آنَا الله"
جي دعويٰ ڪري.

ڪان پاڪ رهي، پنهنجي ڪامل
عبد کي "اين و آن" جو سير
ڪرايو ۽ اتي به "عبد" ۽ "معبود"
جو امتياز قائم رکيو "سُبحَان
الذِي آسري بِعَبده ليلاً مِنَ
الَمسِجدِ الحرام الي المسجد
الاقصي" (پاڪ آهي اها ذات جا
پنهنجي بندي کي راتون رات
مسجد الحرام کان مسجد
الاقصيٰ تائين وٺي وئي).

(7) الله تعالي، آسمان ۽ زمين جو
نور آهي. انهيءَ آفتاب وجود جي
نور، پنهنجي شعاع سان،
ڪائنات کي وجود جو هڪ
رنگين گلدستو بڻايو. جيڪڏهن
سندس ضيا مرڪز ڏي موٽ
ڪائي، ته هن رنگ برنگي دنيا جو
ڪو نشان به نه رهي. تنهنڪري،
جن هستين جون نگاهون ظاهر ۽
باطن کي ڏسي ٿيون سگهن، ۽ جي
"وجود" جي رازن کان واقف آهن،
تن کي تصوير جي ٻنهي طرفن
جي ڄاڻ آهي. اهي آئينو به ڏسن
ٿا ۽ جنهن جو پرتو آئيني ۾ آهي
تنهن کي به ڏسن ٿا. ۽ سمجهن ٿا

(7) "ذات واجب" يقينن آسمان ۽
زمين نور آهي! اهي گهٽي ۾ گهٽ
ته ظلمت آهن. چو ته جي نور
هجن ها ته "نور" جو عڪس "نور"
تي نه پوندو آهي: روشني روشنيءَ
کي ڪين قبول ڪندي آهي:
ڏينهن جو ڪوبه ڏيئو ڪين
ٻاريندو: تنهنڪري نور جي
لطافت کي قبول ڪرڻ لاءِ ظلمت
جي ڪثافت گهرجي.
جيڪڏهن "ذات" پنهنجو "نور"
واپس وٺي ته گهٽي ۾ گهٽ تمام
"ممڪنات" "ظلمت" ۾ وري گم
ٿي ويندا. پر اهي "حقيقت واحده
۾" ڇو وڃي ملن؟

Gul Hayat Institute

تہ حقيقت هڪ ئي آهي. حضرت عليؓ جو فرمودو هو تہ "لَو ڪشف الغطاءِ مَا ازددت يقيناً" يعني تہ جيڪڏهن ڪائنات جي ظاهري نيرنگين جا حجابات پري ٿي وڃن، تہ بہ اسرار جي راز دارن جي يقين ۽ عرفان ۾ ڪوئي فرق نظر نہ ايندو. معرفت ڪڏهن بہ خارجي وسيلن جي مدد سان هٿ نہ ايندي آهي، بلڪ "صفات" هميشہ "ذات" تائين پهچڻ ۾ رهبري ڪندي ٿي رهي. "ظاهر" ئي "باطن" جو ڏس ڏيئي سگهي ٿو جيئن چيو ويو تہ "عَرَفتُ" ربِي بِرَبِي" (رب کي رب جي وسيلي سان ڄاتم). هڪ درخت جو پيدا ٿو ٿئي ۽ وڌي ٿو جنهن مان ٽاريون ٿيون نڪرن، گل ٿا پيدا ٿين ۽ بارآور ٿو ٿئي، اهو درخت "هُوَ عينها" وانگر پنهنجي بہ کان ڪو جدا وجود ٿي رکي ڇا؟ ۽ جيئن اهو درخت، آخر سميٽجي، پنهنجي صل (ٻج) جي صورت ٿو وڃي اختيار ڪري، تيئن "انسان" بہ آخر "ذات واحد" ۾ ٿو گم ٿي "ممڪن" ڪڏهن بہ پنهنجي "امڪان" جي حدن کان ٻاهر نٿو نڪري سگهي. "عرفان ربي" ڪوبہ "ممڪن" پنهنجي ڪوشش سان حاصل نٿو ڪري سگهي، سواءِ انهيءَ حالت جي جو خداوند ڪريم خود ان کي پنهنجي معرفت عطا فرمائي ۽ اهوئي صحيح مطلب آهي "عَرَفتُ رَبي بِرَبِي" جو.

حضرت عليؓ جن جي قول جو اهو مطلب نہ آهي جو "وحدة الوجود" وارن ورتو آهي. "لوڪشف... الخ" جو مطلب آهي تہ عينيت جي حجابن دور ٿيڻ کان پوءِ بہ يقين ۾ ڪا واڌ ڪانہ ٿي سگهندي.

Gul Hayat Institute

وجي: "وَاليه تُرجع الأمُورُ" جو اهوئي مطلب آهي.

(8) "نحنُ اَقربُ اِليه مِن حبل الوريد." جا هستي، شهه رڳ جي ويجهو آهي، سا ئي انسان جي هستيءَ جو مرڪز بہ آهي. اهائي قوت، انسان جي رڳ ۾ سمايل آهي. تنهنڪري جيئن جيئن انسان جو روح، عارضي ڪثافت کان پاڪ ٿيندو ٿو وڃي، تيئن تيئن ظاهري حجابات بہ هٽندا ٿا وڃن. تجليات، چوطرف ٿيون نظر اچن: "اين و آن" جو فرق نٿو رهي؛ "دوئي" ختم ٿي ٿي وڃي: انهيءَ منزل تي عارف دعويٰ ٿو ڪري تہ "سُبحانِي ما اعظم شاني."

(8) "قُرب" جو مفهوم "ممڪن" ۽ "ممڪن" جي وچ ۾ قبول ڪري ٿو سگهجي، ليڪن "واجب" ۽ "ممڪن" جي وچ ۾ "قرب" جو صحيح اندازو مشڪل آهي.

"وجود" ۽ "شهود" جا ٻئي نظريا مٿي ڏنا ويا. انهي نظرين جي اختلاف اسلامي دنيا ۾ ايڏي تہ شدت اختيار ڪئي، جو انهن جي اختلاف سمجهڻ کان سواءِ تصوف جو سمجهڻ نهايت مشڪل ٿي پيو. تنهن کان سواءِ جيڪڏهن انهن نظرين جي موافقت ۽ مخالفت ۾ فقط علمي دليل ڏنا وڃن ها، تہ شايد معاملو ايڏيءَ حد تائين نہ وڃي ها. پر، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ڌرين پنهنجي حق تي هجڻ جي دعويٰ "ڪشف ۽ شهود" تي رکي ۽ قرآن ڪريم جي تاويلن ڪرڻ ۾ بہ هڪٻئي کان پري هليا ويا. تہ معاملو نازڪ صورت اختيار ڪري ويو: تان جو هڪڙا ٻين کي "مُلحِد" ۽ "زنديق چوڻ لڳا ۽ ٻيا وري کين ڪوربين، مدعي، وغيره سڏڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

ڪن بزرگن، جي پاڻ ظاهري علم ۽ باطني ڪشف سان آراستہ هئا. انهن بنهي ڌرين جي نظرين ۾ تطبيق ۽ هم آهنگيءَ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ڪجهہ هڪڙن کي سوري، ڪجهہ ٻين کي پرپرو ڪري، هڪ ڊرمياني واٽ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب بہ ٿيا خصوصن، شاهہ ولي الله صاحب دهلوي ليڪن، اها درمياني واٽ فقط لفظن جي اير ڦير سان پيدا ڪئي وئي هئي، جنهن اعتراض ڪرڻ وارن کي ڪجهہ وقت لاءِ خاموش ضرور ڪيو پر ڇاڪاڻ تہ بنيادي اختلاف اُجا قائم هئا، تنهنڪري قلبي سڪون ڪنهن کي بہ نصيب نہ ٿيو.

هن نهايت اهم مسئلي کي "ڪيف ۽ وجد" وارن جي نگاهہ سان ڏسڻ جو موقعو اسان کي نصيب ڪين ٿيو آهي. البت، پنهنجي ناقص عقلي دليلن سان ۽ پنهنجي صوفي بزرگن جي قولن مان جيڪي ڪجهہ سمجهہ ۾ آيو آهي. سو ناظرين جي اڳيان حاضر آهي: ڇو تہ جيستائين "علم" پنهنجا سبب ڏيندو ايندو اختلاف پيدا ٿيندا رهندا، ۽ جيستائين اختلاف" موجود هوندا، تيستائين "حقيقت" تي حجاب باقي رهندا.

Gul Hayat Institute

ٻنهي طرفن جي حجتن جي مطالعي، بعد، جا تصوير اسان جي ذهن ۾ اچي بيٺي آهي، سا بہ اسين هيٺ ڏيون ٿا.

جيڪڏهن انسان کي فقط هڪ عنصر يعني ”جسم“ ڏيئي پيدا ڪيو وڃي ها، تہ ڪيس ڪو وجود ئي نہ هجي ها، ڇو تہ ”جسم“ پيدا ٿيل آهي ”عدم محض“ مان ۽ ”عدم محض“ کي ”وجود“ نٿو ٿي سگهي، ۽ جيڪڏهن انسان کي پيدا ڪيو وڃي ها ٻئي عنصر يعني ”روح“ مان، تہ ڪيس ”ظهور“ نصيب نہ ٿئي ها، ڇو تہ ”روح“ پيدائش آهي ”نور“ جي، ۽ ”نور“ جو ”ظهور“ ممڪن نہ آهي جيئن الله تعاليٰ جو ”ظهور“ ”امڪان“ جي حد اندر نٿو اچي سگهي. تنهنڪري، انساني وجود ٻن جدا عنصرن جي دلچسپ آميزش جو نتيجو آهي، جسماني ۽ روحاني. سندس جسماني حصي کي ”مادي“، ”ممڪن“ ۽ ”فاني“ ٿو چيو وڃي. شڪل، صورت ۽ ساخت ۾ انسان ٻئي مخلوق کان نرالو آهي، ليڪن انسان، پنهنجي ضرورتن جي خيال سان، باقي جاندار مخلوق کان نيارو نہ آهي: مثلاً کائڻ، پيئڻ يا ٻين ضروري حاجتن ۾ يا پنهنجي جنسي خواهشات ۾، ٻئي مخلوق کان مٿي نہ آهي. زماني جا حادثا، گرمي سردي، وغيره بہ جهڙا ٻين تي اثر انداز آهن، تهڙا انسان تي بہ اثر ٿا رکن. سندس انهيءَ حصي جي ڪنهن بہ صورت جي ڪا بہ نسبت ”ذات“ سان نٿي ٿي سگهي، ۽ انهيءَ صورت ۾ ڪيس ذات واحد جي ”صفات“ جو آئينو بہ ڪين ٿو چئي سگهجي.

انساني وجود جو ٻيو مگر وڏيڪ اهميت رکندڙ جزو، جنهن کيس ”اشرف المخلوقات“ جو لقب ڏياريو ۽ باقي مخلوق کان ممتاز بڻايو ۽ جنهن جو ”ذات واحد“ سان سڌو واسطو آهي، سو آهي ”روح“. اهو انساني روح ئي آهي، جو ”ذات الاهيءَ“ سان تعلق پيو رکي ٿو

”صفات الاهيءَ“ جو پرتو گير بہ آهي. چنانچہ قرآن مجيد ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ ڪيترئين ئي جاين تي، انساني ”روح“ بابت هڪ خاص انداز ۾ ذڪر فرمايو آهي: مثلاً ارشاد آهي تہ ”من روحي“ يا ”من روحنا“. تنهن کان سواءِ، الاهي ارشادات، ”روح“ ۽ ”جسم“ جي وچ ۾ ايڏو تہ فرق پيدا ڪري وڌو آهي، جو معرفت جي طالب کي، پنهنجي طريقت جي واٽ وٺڻ ۾، ڪابہ دشواري نٿي ڏيکارجي. الله جل شانہ هن ساريءَ ڪائنات کي ٻن حصن ۾ ٿو ورهائي: اَلالہ الخلقُ وَ الأمرُ“. يعني تہ ”عالم خلق“ ۽ ”عالم امر“ جو جدا ذڪر ٿو ٿئي ۽ ”عالم خلق“ (جسم) کي ”عالم امر“ (روح) جي حڪم هيٺ ٿو رکيو وڃي: بلڪ ”جسم“ جي ايجاد ئي انهيءَ مطلب سان ڪئي وئي تہ ”روح“ جي اطاعت ۾ رهي يعني تہ جسم ”مڪان“ آهي تہ روح ”مڪين“ آهي. ”روح“ جو تعلق خداوند ڪريم جي ”ذات ۽ صفات“ سان ايترو گهڻو ٿو ڏيکاريو وڃي ۽ ايترو ويجهو ٿو سمجهايو وڃي، جو ”روح“ جي حقيقت بہ خداوند ڪريم جي حقيقت وانگر، انساني عقل، فهم ۽ ادراڪ کان مٿي ٿي وڃي ٿي، ۽ فرمان ٿو ٿئي تہ ”قل الرُّوح مِن اَمرِ ربِي وَمَا او تيتم من العلم الا قليلاً“. جنهن مان ظاهر آهي تہ انساني عقل، ”روح“ جي صحيح علم هٿ ڪرڻ جي وسعت نٿو ساري. بعد ازان، حضرت صديق اڪبرؓ جو مشهور عارفانہ قول آهي تہ عجز جو اقرار ئي خداوند ڪريم جي صحيح معرفت آهي: ”پاڪ آهي اها ذات جنهن مخلوق لاءِ پاڻ تائين پهچڻ جي، سوا عجز جي، ٻي ڪا راهہ ئي نہ پيدا ڪئي.“ مٿئين بحث کي ذهن نشين ڪرڻ کان پوءِ، ”و في انفسڪم اَفَلا تبصرون“ ۽ ”من عرف نفسہ فقد عَرَفَ رَبّہ“ جو پورو پورو مفهوم سمجهڻ مشڪل نہ آهي: ٻنهي ۾ ”معرفت“ جو مقام انساني ”روح“ کي قبول ڪيو ويو آهي، جنهن سان انساني جسم کي شامل نہ ڪيو ويو آهي. حضرت آدم عليہ السلام کي، خداوند ڪريم پنهنجو خليفو قبول فرمائي، کيس هڪ نهايت بلند منصب ڏنو ۽ فرشتن ملائڪن

Gul Hayat Institute

بلڪ ساريءَ ڪائنات کي حڪم ڪيو تہ آدم کي سجدو ڪن. ظاهر آهي تہ انهيءَ ”سجوديت“ ۾ آدم جي جسم جي ڪا حيثيت تہ ضرور هئي. ۽ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ سجدي جو حڪم آدم جي ”جسم“ لاءِ بہ هو يا فقط آدم جي ”روح“ لاءِ هو؟ انهيءَ باري ۾ جيڪڏهن قرآن مجيد خود ڪا وضاحت نہ ڪري ها تہ البت اختلاف جي گنجائش پيدا ٿي سگهي ها. پر جن واضح لفظن ۾ قرآن مجيد انهيءَ راز تان پردو هٽايو آهي، سي انسانيت جي رهبريءَ لاءِ ڪافي آهن: جيئن تہ ”نَفختُ فيه مِن رُوحي فقعُواله سجِدِينَ يعني الله جل شانه تمام مخلوقات کي خطاب ڪندي فرمايو تہ. جڏهن آدم جي ”جسم“ ۾ مان پنهنجو ”روح“ ڦوڪيان، تہ اوهين سڀ ان جي اڳيان سجدي ۾ جهڪي پئو.“ انهيءَ مان هي مطلب نڪتو تہ ملائڪن وغيره جو سجدو انهيءَ وقت واجب ٿيو جڏهن آدم جي ”جسم“ ۾ ”روح“ آيو. بعد ازان، انهيءَ الاهي حڪم مان هي بہ ثابت ٿيو تہ انساني روح فرشتن وغيره جي روح کان وڏيڪ مڪرم قبول ڪيو ويو. ڇو تہ ”ساجد“ ۽ ”مسجود“ جو امتياز ظاهر ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ، ٻئي مخلوق کي هي بہ واضح لفظن ۾ ٻڌايو ويو تہ انسان ۾ جو روح آهي سو خدا جي روح مان آهي. اجا بہ اڳتي هلي حڪم ٿو ٿئي تہ ”لَقَدَ کَرَ منا بَني آدَمَ“ (اسان آدم جي اولاد کي مڪرم بنايو) ۽ اهو اعلان، نهايت مبالغي جي ضيغي ۾ آيو آهي. جنهن آدم کي سندس جسم سوڌو باقي مخلوق کان مٿي وجهي ويهاريو. خداوند ڪريم جي مٿئين فرمان (مان پنهنجي روح مان جڏهن آدم جي جسم ۾ ڦوڪيان تہ اوهان سڀئي فرشتا ان جي اڳيان سجدي ۾ جهڪي پئو) ٻڌڻ کان پوءِ، فرشتا جن کي پنهنجي عبادت ۽ ذات پاڪ جي تقرب تي ناز هو سي آدم جو صحيح مقام سمجهي نہ سگهيا. ۽ کين ضرورت محسوس ٿي تہ خداوند ڪريم کان پڇن تہ سائين، هي جو اول اوهان جو حڪم هو تہ اوهان جي ذات پاڪ کانسواءِ ٻي ڪا بہ هستي سجدي جي لائق نہ آهي، سو حڪم هيئنر ڇو ٿو ڦيرايو وڃي.

Gul Hayat Institute

چنانچہ انهيءَ سلسلي ۾، رب العزت ۽ فرشتن جي وچ ۾ جا گفتگو هلي، تنهنجو تفصيل قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي جاين تي ملي ٿو. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي تہ فرشتن کي نہ فقط آدم جي مرتبي جو اندازو نہ هو پر کين پنهنجي مقام جي بہ پوري ڄاڻ ڪين هئي. هوڏانهن، آدم پاڻ کي "مسجود" ڏسي قطعاً حيران نہ ٿيو ۽ نہ تعجب ڪاڏائين، ڇو تہ الله جي هن نبيءَ تي، الله ۽ غير الله جي سامهون سجدي ٿيڻ جو مفهوم اڳي ئي ظاهر ٿي چڪو هو. سندس فطري ۽ لدني علم مٿس ظاهر ڪيو هو تہ اِهو سجدو سندس "غير الله" جي حيثيت ۾ نہ هو. اتي، آدم ڏنو تہ پاڻ فرشتن جي انتهائي درجي کان گهڻو مٿي ۽ خدا معلوم ڪيترو مٿي هليو ويو جنهن مقام جي بلنديءَ جي ڄاڻ بہ قيامت تائين فرشتن کي ڪين پئجي سگهندي. اهڙي اشرف مقام تي پهچڻ کان پوءِ جيڪڏهن انسان "اَنَا الحَقُ" جو نعرو بلند ڪيو تہ تعجب جي ڳالهہ بہ ٿي ڇا؟ جتي ذات پاڪ سندس محبوب تي ڇُڪي ۽ پاڻ ذات پاڪ جو محبوب قبوليو ويو، پوءِ جي اتي چيائين تہ:

"من نمي گويم 'اَنَا الحق'، يار مي گويد بگو
چون نگويم، چون مرا دلدار مي گويد بگو.
آنچه نتوان گفت اندر صومعه با زاهدان،
بي تحاشا برسر بازار مي گويد بگو."

تہ انهيءَ دعوي مان فقط هيءُ ثابت ڪرڻ ٿي گهريائين تہ ڪيس پنهنجي مرتبي جي ڄاڻ آهي.

Gul Hayat Institute

انساني وجود جي انهن مٿي ڄاڻايلن ٻن جزن ۽ انهن جي حيثيتن کي اڳيان رکڻ بعد، مسلمان صوفين جي وچ ۾ "وجود" ۽ "شهود" جا اختلاف سمجهڻ ڪا مشڪل ڳالهہ ڪين ٿيندي. "وحدة الوجود" جي سالڪن يڪسوئي اختيار ڪري، تن کي تسيا ڏيئي، پنهنجون نفساني خواهشون ماري، دنيا جي رنگينين کان اکيون بند

ڪري، فقط "عالم امر" تي نگاهہ رکي، الله جل شانہ جي ذات ۽ صفات جي معرفت هٿ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي "روح" کي وسيلو بڻايو: پوءِ جڏهن الاهي فيض کين حاصل ٿيو ذات ۽ صفات جون تجليون سندن "روح" کي منور ڪنديون رهيون. تہ کين "حقيقت" جو مشاهدو ماڻڻ نصيب ٿيو ۽ ائين ٿيڻو بہ هو، ڇو تہ انساني "روح" جو سڌو تعلق "ذات" پاڪ سان آهي. جڏهن الاهي تجليات ۽ ڪيفيات، براهہ راست، روح کي حاصل بہ ٿي ٿي سگهيون، ۽ هيون بہ ڪنهن تغير يا فنا ٿيڻ کان مٿي، ۽ "ذات" پاڪ ۽ "روح" جي وچ ۾ بنا ڪنهن ٻئي وسيلي جي ملي بہ ٿي سگهيون. تہ انهن سالڪن پنهنجي انساني جسم کي وساري بلڪہ فنا ڪري ڇڏيو. ڇو تہ اها ضرورت محسوس نہ ڪيائون نہ "جسمَ" کي بہ وسيلو بڻائن. ڀٽائيءَ کين فرمايو آهي هو تہ "گهڙو ڀڳو تان گهوربو ڀچي تان مَ گهڙي". ڇو تہ گهڙو هڪ اهڙو وسيلو هو جنهن جي معرفت محبوب تائين پهچڻ محال هوس: تڏهن وري ٿو ڀٽائي نصيحت ڪريس تہ "پاڻ مَ ڪڇ پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڃ: ڀيلو ڀيري ڀڄُ، اَڪَنَدِر ڪڻ عميق ۾".

"وجودي" سالڪن جو سمورو زور، "روح" جي قوتن کي مضبوط ۽ پاڪيزه بڻائڻ تي ڄميو رهيو. نتيجو هي نڪتو تہ سندن ڪشف جو سفر پنهنجي روح کان شروع ٿيو ۽ سالڪ "عالم امر" جو سير ڪندو رهيو. انهيءَ سموريءَ سير ۾ بلڪہ منزل تائين، سالڪ جي جسم جو يا جسماني خواهشات جو يا جن تڪليفن کان جسم ڪيٻائيندو آهي انهن جو هن سان ڪو بہ واسطو نہ رهيو.

"نَڪو آدم اُتهين، نڪو جسم جان:
نڪا جزا جاءِ تهين، نا سُرت جو سامان:
نڪو قدر، نڪو جبر، نا خوشي نا ارمان:
بيخبريءَ جو بيان، 'سچل' ڪندين ڪيترو؟"

Gul Hayat Institute

حقيقتاً، انهن "وجودي" سالڪن پنهنجي جسم کي، ۽ جسم جي ترغيبن کي "نفس" ڪري ڪوٺيو ۽ اُن جي مشابهت ڪتي سان ڏنائون، ۽ شروع کان وٺي انهيءَ لاءِ پنهنجي دل ۾ نفرت پيدا ڪندا رهيا، ڇو تہ سندن چوڻ هو تہ اهو نفس کين "عينيت" جي مشاهدي کان پري رکندو ايندو: جيئن سَچَل هڪ هنڌ چيو.

"نفس ميڏي دي اينوين شڪل، جيوين ڪُتا گُذر ڪالا:
نِت نِت ڪاوي، نِت نِت ڪوڪي، مَنگي نَرم نوالا:
اسين رانجهو هڪ ٿيوسي، ميان 'سچو' ٿيا نفس ميڏي دا منهن ڪالا."

هوڏانهن "شهودي" صوفيءَ، "ما خلقت هذا با طلاً" جي بنيادي ارشاد کي پنهنجي آڏو رکي، هي اصول قبول ڪيو تہ "عرفان حق" حاصل ڪرڻ لاءِ روح سان گڏ جسم جي ترقي بہ ضروري آهي، يعني "امر" ۽ "خلق"، جي ٻئي مظاهرا آهن "ذات" ۽ "قدرت" جا، تن ٻنهي جو گڏ و گڏ سفر ڪرڻ ضروري آهي، نہ تہ "عينيت" اڌوري رهجي ويندي. سندن انهيءَ مسلڪ جو نتيجو هي نڪتو تہ جڏهن سالڪ کي رباني تجليات نصيب ٿيون، تہ هن ڏٺو تہ "معبود" سان گڏ "عبد" بہ آهي: نوراني روشنيءَ ۾ ڪيس خالق ۽ مخلوق جا بہ وجود نظر آيا.

مطلب تہ "توحيد وجودي" بہ عين عرفان آهي، تہ "توحيد شهودي" بہ عين عرفان آهي جنهن کي جيڪا واٽ نصيب ٿئي!

جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون، سچل فقير "وجودي" نظريي جو صوفي درويش هو تنهنڪري سندس ڪلام کي انهيءَ پس منظر ۾ پڙهبو تہ سندس روحاني تجليات جو مزو بہ وٺي سگهبو ٻيءَ صورت ۾ سندس سلايل گُرَ سمجهڻ نهايت مشڪل آهن.

"تون" هِي سان "تون" هِي ليين،
"مون" ليان "تو" سان.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# رسالو سچل سرمست

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# وحدت نامو

اول ساراهه ڪر سُبحان جي، موليٰ جو ملڪن،
مڙيائي محظوظ ڪيا، ڏسو ڏيهه ڏٽين،
ڪي ڪامل ڪُرسيءَ تي چڙهي، وَہ وَہ وعظ ڪن،
ڪي ڪاتب ڪتابن جا، سوين سبق ڏين،
ڪي مسئلا مسائل ڪيون، ناميان نبيرن،
ڪي پڙهيا پاڻ پروجهه سان، پڙهيون پڙهائن،
ڪي وردن وظيفن ۾، شاغل روز رهن،
ڏسيو وائسيو ورق ڪي، وريون ورائن،
سِڪَ سچيءَ ڪَون ڪونڪو سبق سور سِڪن،
• اکر لکن نہ دل تي ٿا ڪاغذ ڪارا ڪن،
مَسُ ڪاريءَ جان مَنَ ڪي، ٿا ڪاري ڪارو ڳن،
• مدعا جنهن ٿئي ڳالهہ ۾ تنهن جي خبر نہ من،
جو فرمودو واحدَ جو، تاڏي ڳنُ نہ ڳن،
"وفِي اَنفُسِكُم اَفَلاَ تُبصِرُونَ"، هِن ويسَهہ نہ وسهَن،
بين مَعنائن ۾، ڪاهَت ڪيون ڪهَن،
اِهو فِڪر فائِدو نہ ڪري، توڙڻ ڪي تَن،
فڪر ڳن نہ فنا جو ٿا بقا ڪي نہ پُڇَن،
سي اُتي حيران ٿيا، اوڳا ۾ اَڪَرن،
معنيٰ تن جي طرح سان، هڪڙي ٻي چوَن،
پڙهيو سمجهيو علمَ تي، عمل نہ آڻن،
"مَن تَعَلمَ العلم لِلمُنَاظرَہ وَالمُكَابرَةُ" اُهي منافق مَرن،

Gul Hayat Institute

هينَؤُن مِٽيءَ جي پِسِي، تا پاڻ ئي لِڪائن؛
آهي آفتاب اَبر ۾، پَر لائق ڪِين لَهَن؛
منجهايو ماڻهن کي، مامن مَذهبن؛
محڪم ماڻهن کي ڪيو، تن جي زنجيرن؛
هُون حديثن ڪِينَڪِي، نہ ۾ آيتن؛
مِجن تن کي ڪِين، ٿيو ملا تا مَجن؛
سي سوڳها سيئي ڪيا، نامراد نِيَرَن؛
اکيان اکين وڏڙا، توڙؤن ئي ڏسُ تن؛
بِرَهہ جي بيبان کؤن پاسي اوءِ پَوَن؛
هي پَسَڻَ کؤن پري ٿيا، ڪين پَساء پَسَن؛
محبت جي مهراڻ مؤن، جي مُلا چاش چَکَن؛
تہ ڪنز قدوري 'ڪافيا'، لهرن ۾ لوڙهن؛
ڪن سلام 'صرف' کي، هوند 'نَحو' نہ نَهارن؛
پرکَ لاءِ تنهن ڳالهہ جي، باس نٿا باسن؛
اُهي رهيا اَتهين، مٿي ڪِين چڙهن؛
ڪيئي آهن قالَ ۾ . ٻاتيون ٻس نہ ڪَن؛
ڪي وڃي رسيا حالَ کي، ڪي بينا باڏائن؛
ڪي لَنگهي هليا حال کؤن، نڪي قال ڪهَن؛
ڪي دنيا جي طلب ۾، هنيا حرص هَجن؛
"طَالِبُ الدنيَا مُؤنث"، محبت ناهي تَن؛
ڪي ڪوڙيا عقبيٰ جا ٿيا، هنيا لئہ حورن؛
"طالِبُ العُقبيٰ مُخَنث"، مڙس نہ سي چئجن؛
عاشق جي اللّٰهَ جا، سي سائين سيبائن؛
"لاَ مَوجُودَ اِلا الله"، حاضر ڪيون وتن؛
"طالِبُ المولٰي مُذَڪر"، هن رسايا رمزن؛

ڪا ساعت هَڏِ نہ سنرا، اُنهين ري آهِن؛
ظاهِر سي ٿي زبان سان، پيو تا ڪين ڳهَن؛
مامن سان ماڻهن ڪي، سالڪ سمجهائن؛
”صُم بُڪم“ سڪوت ۾، اڳيون پئي عامن؛
”عَينُها باڪية و قُلُوبُها ذاڪِر“، اهو ذڪر چوَن؛
”عَينُهَا تَنَامُ وَلاَ تَنَاءُ قُلُوبُهَا“ دل طرف دوسَن؛
آئي آڏو عامَ جي، اکِهين ڪا نہ ڳهن؛
”اِنّ اَولِيائِي تَحت قَبَائِي“، لائق لعل لِڪن؛
”الصّبرُ مفتاحُ الفَرَح“، صبر صابرن؛
بعضي موحد وحدتي، اهڙا پِيي آهن؛
مست ڪئين منصور جان، سوريءَ سِرُ سَٿِن؛
محبت ۾ مخمور ٿيا، ڪامل ڪوڌَ ڪُسَن؛
ڪُرڪَن ڪِنجهن ڪِينڪِي، جڻ پار وِهانءَ وَڃَن؛
رتَ منجهارُون پانهنجي، وضو وِير ڪرن؛
اِيءَ نماز عشقَ جِي، تهؤن پوءِ پڙهن؛
جي محبت وِڏا مامري، سي ڪيئن مُڙس مُڙَن؛
سوريءَ اُتي صابري، ڪيو ڇيج چڙهن؛
تَختون تريءَ تي رکيو، صادق سِرُ ڏِين؛
ڪن سِرُ صدقِي دوست تَوَن، بيا پهه ڪين پُڇن؛
نِينهن نهوڙيا نڪِٽيان، جنهن پَر ڪاپڙين ؛
هٽِي درد دهيون ڪيا، سندي سپرين؛
ڪڏهن اچا ڪپڙا، ڍار نہ ڪنهن ڍڪن؛
منهن ميرا مَٿي ٿيڙا، اهڙيون طرحان تن؛
ڪائي تن جي ڪا نڪا، جُڙي لِيڙَ لِڱَن؛
مٿين پيرين برهنہ، ايڏا سور سَهَن؛

Gul Hayat Institute

پرتيو پروانن جان، ڪاهيو تِتِ پوَن؛
پَنيڙ باهه عشقَ جي، سپورَن سَڙن؛
ڪامِي لَهسِي لُوسجي، لائق لعل ٿين؛
آوڙي عام نہ اُن ڪي، جي سينڌائِي سچڻ،
اَچو پوَن آڙاهہ ۾ ، سِرَ جو سانگ نہ ڪَن؛
ڊِجو ڪنهن جسِ جهوپڙا، آڏا ڪين اَڏن؛
اوڏنهن وٺ متان پوي، ڪنگهر اِي گهارن؛
ري پِريان تن ڪين پيون، ڳالهيون ڪَس لڳن؛
ڏاڍا ڦٿ فراقَ جا، تن جي چت چاڪن؛
ورهہ وڍي واڍوڙ ڪيا، روبو رت رئن؛
”مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتُوا“، ائين مَن مارِن؛
اُهي مرڻ کون اڳي مُئا، ”مان“ ڪي ڪين مَڃن؛
دشمن دوستَ هڪ ڪيو، گودڙيا گڏجن؛
ان جي اَکِين اَگم سِتيا، بوندان بس نہ ڪَن؛
سِرُ ڏيو سَنوپرا، وَڻِي وِرهہ وَڻن؛
”تَرڪُ الدنيا سُنَة طَلَبُ المولِيٰ فَرض“ هو دِل ڌَرنِ؛
سوبن چڏيو سُکَڙا، گوندَرَ گُذارن؛
جوڳي جانبَ ڪاڻ ٿيا، مثل مَستانن؛
اَبتر ڪيائون پاڻ کي، پَسڻَ لئہ پِرين؛
هاءِ وِڃايو حالڙو ويتر ويچارن؛
”هو مشتاق علي لِقاءِ الله“، ائين محظوظ رهن؛
ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبوبن؛
آهِ لقاءَ لطيفَ جو عيدون عاشقن؛
محبت جي مڪان کؤن، لاهوتي لَنگهن؛
واديءَ ۾ وحدتَ جي، دانهہ پيبر ڌَرِن؛

”تون-مان“ وجي وچ مون، تہ ڪِي پاڻ پَسَن؛
شڪ يقين اُتي وبو برابر چوَن؛
هادي مريد هڪ ٿيو تفاوت نہ ڪن؛
عابد ۽ معبود سو هڪ نگاهہ پَسَن؛
پاڻ پڙهِي پاڻ ٻُڌي، پاڻ ئي سجدو ڪن؛
”پاڻ“ مڙيوئي ”پاڻ“ ٿيو نِوڙي نِوڙت ڪن؛
پاڻ اُتي، پاڻ وبهي، پاڻ رموز رکن؛
پُرجهہ مڙيوئي ”پاڻ“ ٿيو غير نہ پسائن؛
ڪافر مومن هڪ ٿيو پلا ٿا پائن؛
سوئي فَلَڪ سو ئِي مَلَڪ، سو ئي آدمن؛
سو ئي اَحمد سو ئِي علي، سو ئِي هڪ سَمجهن؛
نانوَ ڪَنن اَڪِين جا، وچون ئِي وِجَن؛
بازيون بازيگر ڏِسِي، اِنهيءَ پِتِ پُلَن؛
تان اکيون، ڪَن، زبان سي، ٻوليون ٿيون ٻولن؛
اسين آهيون آدمي، بيحد مَوَن بشرن؛
نا تہ مِڙيوئِي پاڻ ٿيو سميع بصير ڏسن؛
عين عليم ڪليم ٿيو قادر قدرتن؛
هي مڙيون ئي وصفان، اندر آدمن؛
هي مِڙيوئي حق ٿيو، ٻيا باقي چا بچن؛
وصفن انهن ساڻ، اصل آدمي سڏن؛
هِت آدمَ مون الله ٿيو، ٻيا سپ شڪ پَچن؛
اصل الله مَون آدمي، ثابت صورتن؛
مورتَ صورتَ هڪ ٿئي، ڏسج دل نيٺن؛
سو ئي ڏسڻ وارو سو منظور مجن؛
خالي ڪا نہ جاءِ ٿي، بنا محبوبن؛

Gul Hayat Institute

سڀ ڪنهن هنڌين سپرين، ڇا ڄڃي جاءِ خسن؛
ڪاٿئين پٽڙٽيون پَٽ جون، ڪاٿئين دلقا ڪن؛
ڪاٿين جاما زر جا، ڪاٿئين پشمينا پَهرن؛
ڪاٿئين سَناسِن ۾ ، ڪاٿئين مَنجهه مُلن؛
ڪاٿئين مُعرڪن ۾، ڪاٿئين مجنهه ڪُنڊن؛
ڪاٿئين مَسيتن ۾، ڪاٿئين ۾ دائرن؛
ڪاٿئين رهن تقويٰ ۾، ڪاٿئين ۾ ناچن؛
ڪاٿئين تماشن ۾، ڪاٿئين ساجن ۾ سيرن؛
”خَلَقَ الاَ شيَاءَ فَهُوَ عَينُهَا“، منجهه عربيءَ ائين چون؛
پاڻ چوندڙ پاڻ ٻڌندڙ پاڻ ئي ۾ ٻولن؛
سمونڊ سرگردان ٿيو پيو ۾ عَجَبن:
”آءُ اصل پاٽي آهيان، ڪيئن سمونڊ سڏن؛
نانو مَتم ناحق جا، رکيا الا جي ڳن!“
جي رسيا وچي وصالَ کي، سي ڇڏ رنگ پار پَسَن؛
اوَل ڪفر پوءِ مَجَڻ، پوءِ تان مَنجهه ڪُفرن؛
پر ڪفر مسلماني هڪ ٿيِ، مِڙيوئي مَچن؛
نفيءَ مؤن اثبات ٿيو، پيا سڀ ”لا“ ٿين؛
مرشد ڪامل هادي منهنجو دائم درازن؛
عارف **عبدالحق** آهي، صوفي صاف سَيَن؛
هُئي شالَ چراغ سو روز شبان روشن؛
عارف جي اولاد کي، دعا سڀ ڪَرِن؛
حيرت ۾ هميشه سي، غازي سڀ هُئن؛
عشق منجهه الوت هُئِن، سيئِي صاحبن؛
تا گهٽين طرحين نانوِڙا، مَٿي ”نانهه“ رکن؛
ڏيو روشن تن جو تائين قيامتن؛

Gul Hayat Institute

اُجرائي آفتاب ڪان، هادي شالَ هُئن؛
اَظهر هُئن دارَين ۾، برڪت پنجتن؛
هوئن خليفا غوث جا، سي روشن ڪانئن هُئن؛
قائم مَسند تن جِي، حُرمت خير سندن؛
•نبيؐ، عليؓ، پٽ ۾ تنهين جيئي ٿين.
”سچو“ سگ انهن جو سندن دروازن؛
ڪَلمو چئو نبيءَ تي تا چِٽو ڪانءُ چِيَنِ.
لا اِلـه اِلا الله محمد الرسول الله.

Gul Hayat Institute

# وحدت

## داستان پهريون

1

اَول پيبري ڀَڄُ، جي بَند خيالات جا؛
تَنهِن پڇاڻا وَڃُ، حَلاّجِي خيرتَ ۾.

2

هِيءَ نہ واٽَ هُئاءِ جِي، آهي نڪا تَقلِيد؛
تَحقيقاً توحيدَ، آهي راهَہ رسُولَ جِي.

3

هِڪُ سَفَر ساعَتَ، ٻيو سَفر سالَ جو؛
پهريون تا راحتَ، ٻويون تا پوءِ رَهيو.

4

جي تو ادب آهہ، تا ٻنڌاڻَن ٻڌِي وَڏين؛
ڳَل نہ ٻِيڙِءِ ڪاءِ، اُصولِي اِسرار جِي.

5

ٻُنيءَ ڄَڄَ نہ ڄُلُ، مَنجهہ تَماشي نہ ٻَوين؛
گهوٽُ ڳَري تون پاڻ ڪي، ڳَر هَنگامان هُلُ،
ٻولِ نہ ٻئي ڪَنهِن ٻُلُ، وَنِج حالُ حَلاّجَ جو.

6

ٻُنيءَ ڄَڄَ نہ ڄُل، تون ڳَر پاڻ ڪي گهوٽُ؛
مَردَ نہ هِتَئُون موٽُ، ٻنِيءَ لائي ڄَيڄَڙي

7

جَڏهن وِهن فڪر ۾، خاصو ڪري خيالُ؛
تَڏهن فرقَ وارا فِي الحالُ، ٻَندَ ٻَڌَندءِ وِچَ ۾.

Gul Hayat Institute

8

حُڪم هَلي تو جَنهِن سان، سو ڪر پيدا پاڻُ؛
صورت سا سجاڻُ، مُنهن ڳري مورَتَ ڪي.

9

"تون" هي سان "تون" لَيين، "مان" لَپان "تو" سان؛
"تون"، "هي"،"آءٌ" سَيهِين، "لا" ۾ موجودات ٿي.

10

جي تو ڄاتو "پاڻُ" تہ "آءٌ" ٻيو ڪو آهيان؛
ڳنڍُءِ غَرق گُمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾.

11

اَدبُ اَٿئي اوٽ، اوتِ تہ اڳاهون ٿِئين؛
مار نغاري چوٽ، عاشِقَ "اَنَاالحق" جِي.

12

جي فِڪر ڪَوُن فارغ ٿيا، ٿيا دنيا ڪان دور؛
هوندا سي حضور، آءٌ تہ ڳرهيون ڳالهڙيون.

13

بيرنگيءَ مَون رنگُ، پسو جو پيدا ٿيو؛
ظاهِرَ ۾ پيو زَنگُ، موسيٰ ءِ فرعونَ جو.

14

تون جا پائين مَوجَ، سا مِڙيائي مِهراڻ ٿي؛
هِي اُنهن جا اوجَ، جَن سَنبت سوريءَ پار ڏي.

15

ڊِين ڪُفر دِل دام، ڏج مڙبوئي موج ۾؛
تنهن ڪان پوءِ حُڪامُ، هَر ڪنهن هَنڌ تنهنجو هَلي.

Gul Hayat Institute

16

جاڏي ڪياڙي، سجدو تاڏي نہ ٿئي؛
جاڏي مُهاڙي، سجدو تِت صحيح ٿيو.

17

ظاهر ڪڱرُ آنءِ، مِينهن تو ئِي باطن ۾؛
پاڻَ اوهوئي پانءِ، جنهن وسي سان وَسَ ٿئي.

18

سوزَ گُدازُ ۽ غمُ، مِڙبوئي معافي ٿيو؛
مار دَمامين دَمُ، عاشِقَ "اَناالحق" جو.

19

جي ادب ڪان نيڱِئا، سي ئي ٿيا اللهَ؛
هُن وڃايو راهُہ، هو هاجي ۾ هجِي وِيا.

20

تون تا ڪاتي آنءِ، پاڻُ اَول لَهُہ پانهنجو؛
جيلهان پِئي نانءِ، پَئين تيلهان تفاوَت ۾.

21

جاڻُ نَہ تفاوتُ، عبد ۽ اللهَ جو؛
هو آهي اَمرتُ، هِي پِي ڏُور نَہ اُن ڪَؤن.

Gul Hayat Institute

22

الله جاڻُ نہ هن ڪي، مِڙبوئِي حَقُ،
ناهي شبهو شڪُ، جو مَعلوم ٿيو مرشِدَ ڪَؤن.

23

معلوم ٿِي مرشدَ ڪَؤن، ٻي جا ڳُجهِي ڳالهہ؛
هِن جِي چاهہ مجالَ، "هو" لَيِي "هُن" سين.

24

هِي تا مور نہ وَڄڻو چئو وڃي ڪاڏي؟
"هُو" "هِي"، هِڪَ ڪري، مورک ڇڏِ ماڏي.

25

جهڙو ڀائِيندين، "پاڻُ" پَنهنجو پاڻهين؛
تِهڙو ٿِي ٿيندين، هُت ڀِي ساڻ يقين جي.

26

جيڪي آهي هِتِ، هُت ڀِي اُهو ئِي آٿئِي؛
ڀِيج اُها ئي ڀِتِ، تان تون اهو ئي رَهين.

27

جِهڙو آهين تِهڙو هوندين، فانِي ٿيندين ڇا؟
سُڌ پنهنجي سِرّ جي، ڪامِلَ پِيَرِءِ ڪا؛
ڳالهہ نَہ سمجهيئي سَا، آوازي "اَنَاالحقَ" جِي.

28

فارغ ٿِيَن نہ فِراقَ ڪَون، وِيجها ڪين وصالَ؛
گُم ٿِيَڻ ڪَوُن گم ٿِيا، نِڪا سُرت سَنڀال؛
اتي قِيل نہ قال، "سچو" صُمَ بُڪُمُ ٿيا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

پيو ڪو ڄاڻڻ مَحض گناهہ، هر ڪَنهِن صورت آپ الله.

ڪِتي گدا گدائِي والا، ڪِتي شهنشاهہ.
دونهان ڏيک متان ڪو پواي، اولي اَبر ماهہ.
”وَنَفَختُ فِيہِ مِن رُوحِي“ آهي، صحي ڪر ساهہ.
”خَلَقَ الاشيَاءَ وَ هُوَ عَينُها“، اِهو قول گواهہ.
صورت منجهہ ”سچوءَ“ جي، ٻولي پاڻ ئي بيپرواهہ.

## ڪافي 2

عاشق ڏِسڻ ۾ آيو محبوب گل سَناسِي؛
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسِي.

برهي جِي اک ٻيني، ڪائي مثال چيني،
توڙي رنگون رنگيني، چينيءَ جي مَٽ نہ ڪاسي.

گِلِ آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي،
عاشِق ڏِسڻ ڪوُن ڪاتي، رَهندو پتنگ پياسي.

”صورتَ“ ۾ جاءِ ”دَمَ“ جِي، ”دَمَ“ ريءَ نہ ”صورتِ“ ڪَم جِي،
دَمَ ۾ جا لذت غَمَ جِي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصِي.

ابليس جِي وڏائِي، هَر سانس تي سوائي،
جِيوَڻ نہ دَم پلائِي، نہ تہ تحت نَحس ناسِي.

ثابت ”سچل“ سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جِنين وساري، تَنِ تَنَ مِٺي اَٽاسِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

عِشق اسان وٽ آءُ، اچي تو تا سانوڻ لايا!

چئنچل چيهل ٿي چوڌاري، مينهن رات ڪئي موچاري،
عزت لڌي آسمان، پِرين اچي پير گُهمايا.

بوندَ بِرهه جي بَرسي باري، جرش اکِيَن مون جَرَ ٿيا جاريَ،
بيحد ٿيا بارانَ، اصل ڪون راهَ وهايا

گل ڦل گاهن ڪئِي گلزاري، مَجيائوِن سارنگ جي سرداري،
سَهسين ٿيا سامان، اَکين اچي آگَم لايا.

يار "سَچَل" چَئي مُحب مِليا سي، بيشڪ دل جا دردَ لٿا سي،
شاهِي رکيائُون شان، اچِي تَن حُڪم هَلايا.

## ڪافي 4

هُتِ تان ڪير هُياسِ، ميان وو! هِتِ ٿِي ڪير آيس، نہ ڄاڻان!

نانءُ پئو هُتِ هو منهنجو هِتِ پئي نانءَ ٿِياس،
اڄڻ نہ هو هِت منهنجو پَر ڪَنهِن تا خواهش ڪَنياس،
هُتِ هُيَس معشوقيءَ ۾، هِت عاشِق ٿي آياس،
هَي هَي هُئي هَت ڪا نَڪا، هِت مَنجهه پروڙ پياس،
"سچو" سارو وو سَچ ٿيو، وڃُون، آءُ وياس.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 5

ميلو ٿيندئي، ميلو ٿيندئي، نينهڙو لائيَ جُڙيا جانِي، مون سان ميلو ٿيندئي:

”وهُو مَعَڪُمۡ“ چيو وصالون، وري سو ورهہ وسايُو.
”وَنحنُ اَقۡرَبُ“ پاڻ اُتيوئي، موتِي تا بِرهُہ بچايُو.
”اسين توسان، تون اسان سان“، پاڻَ پِرين فَرمايُوَ.
زلفان ڪولَيوَ خيال اسان جي، ڏاڍو ڪو ستم سَهايُوَ.
ڪري اُمارو اڳيون اسان جي، تيرن ساڻ تَپايُوَ.
راند روئڻ جِي سِکِئين ”سَچڙ“ ري، ڏاڍو ڪو پور پِرايُوَا

## ڪافي 6

آءُ تا پِيڙس اُتي، جِتِ جاءِ اَدب جِي ناهي.

نادانن ناداني آهي، بيهڻ اُتي بُتي.
وحدت جو پيو باز جتي، مُو مرغ اَدب جو اُتي.
وهم خيال وڃايا غيري، خيال هڪڙي کُتي:
سر ڪٽايو سو ڪيئن موٽي، ويڙو جو شرط اُتي:
”سچو“ سَچ آهي اِهو ئي، وسريءِ نِي پَنج سُتي.

## ڪافي 7

نانءُ اِهو ئِي، اهو ئي نانُون وَارو صورتَ مورتَ سا ئي وو.

اِسم خاني وِڃُڻ اِسما، اِهو ڏَسُ هادِيءَ جو جانِي، وو.
آهِہ تَعجَب اِهو جو ڪَر لوڪان ذاتِ لِڪائِي، وو.
گاهي طاعتَ گاهي عبادت، سَجدو سَهو سَهائِي، وو.
ٻئي پارون تان ڏئي ڏيکاري، اوڙَڪ خاَلق مُنجهائِي، وو.
”سچوءَ“ صحي ڪَڍي اِها سِيائِي جا بازِي يار بنائِي، ووا

Gul Hayat Institute

ڪافي 8

آءُ ادا سالڪَ صحيح ڪر تون طلسمات ڪي؛

ٻيُ دوئي تا ڪل پوئي، دور ڪر درجات ڪي.
سِرّ اهو سارو سڻائج، ڳن نه ڏي ڪرامات ڪي؛
ظاهر ٿئين تہ 'ذات" مون، پر سمجهه تون تہ "صِفات" ڪي.
غازي نہ پائج غير تون هن محض موجودات ڪي؛
سِر سَٽج، هِن سِرّ ۾، ڏي مُنهن نہ ٻي مصلحات ڪي؛
بي اعتباري سان ڪرين، هر هر نفي اثبات ڪي.
اثبات ڪُون اڳيان لنگهي، ڳر ٿَم تون طاعات ڪي.
تون ڪيئن وٺي وبهي رهين، هَي هاءِ حڪايات ڪي؛
ڳالهين مَنجهؤن تان ڪِين ٿئي، ٻيَ اوٺ عزّي لات ڪي.
"سچو" روئين ڇو هيترو بس ڪر هن برساتَ ڪي؛
تَصديعَ تون ڇو ٿو ڏئين، محبوب جي محلات ڪي.

ڪافي 9

ڳالِهه صحي ڪيَم ساري، ٻڙي جيڏيون، يارَ جي، وو:
پلو جيڏيون، هوءِ... هوءَ... هوءِ...!

جي مون وسَهو جيڏيون، آءُ اهو آهيان آري
پوءِ ٻرُوڙڻ پانهنجي، لاتِي خَلقَ خواري
پارَ ڪري تو پارَ ڪي، يار زوراور زاري.
"سچُو" ري سِر پانهنجي، بِرهُ ڪيائين باري

Gul Hayat Institute

## ڪافي 10

هو سو سَجَڻ مُون، سڻُ، جنهن جي ڪارڻ مُون تي پوتيون پتايون!

”وَهُوَ مَعَكُم اَينَمَا كُنتُم“، آهي سَندس اُهڃاڻ،
جنهن جي ڪارڻ، مون تي فالون وِجهايون!

سَدا مون وٽ سپرين، مُحب ناهي مهَماڻ،
جنهن جي ڪارڻ، مون تي واتون پُڇايون!

آهڙيءَ اوڏائِيءَ ۾، ڪو نہ پيو مُون جاڻُ،
جنهن جي ڪارڻ، مون تي راتيون لَنگهايون!

هيڏي هوڏي تي ڏَنُم، ڪِينَ پَروڙيم پاڻُ،
جنهن جي ڪارڻ، مون تي وِرهن وَسايون!

پري پُڄُ نہ پندڙا، ”سَچو“ تون پاڻ سُڃاڻ،
جنهن جي ڪارڻ، مون تي ميڙيون سَنباهيون!

## ڪافي 11

آکو ڙيا آءُ ڪير آهيان، ذات نہ ڀاٽان ڪير!

صحي ڪَري ڪين سگهان، تون پيئر پنهنجو پيرُ
ڪاٿُون تِي آءُ ڪاتي آيس، پرٿؤن پاتم پيرُ،
ساڳيوئي سو رانجهو آهيان، تنهن ۾ ڦندُ نہ ڦيرُ،
پاٽڙن جاٽي پير گڏهايم، سُرمو ڪيٽرم سيرُ،
جوڳِي تي ڪَرَ جوڳ ڀڄايم، ڏاڍو ڪِيُم اَنڌيرُ،
مَڪي مَنجهہ مَسيت بڻايم، جٽبو جيسلمير،
”سچو“ نانءُ نہ آهي منهنجو هَڏِ نہ آهيان غير.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 12

اُهو وبو ماڻي ڪاڏي، جِنهن "سچوُ" سو، نانءُ سَڏايو!

مُڪڙيءَ منجهؤن، ني وي ميان، ٿيو گُل پيدا، وي ميان،
منهُن ڪري پينو ماڏي
سُڌ نہ پئي، ني وي ميان، طَرفَ اُنهي جي، وي ميان،
جان جُثو وبو جاڏي
اهو هلي ٿو، نِي وي ميان، اهو چلي ٿو وي ميان،
گوشو ڪيو وجي ڪاڏي!
ڏيهُ ڏاڏاڻو ني وي ميان، اڳُ ڏٺو سي، وي ميان،
پَلَٽَ ڪَئي پَر ڏاڏي!
نانءُ "سچوءَ" جو ني وي ميان، وبو اوڏاهين، وي ميان،
طَلَب وبئي پي تاڏي،

## ڪافي (13)

ڀُل وجي ٿو، لوڪ سارو ٿِي ڀُل وجي ٿو!

"مان"، "تون" وبندي، اُهو ئِي ٿيندو ڀولُ اُهوئِي جيڪو ڀجي ٿو،
اِهو اُهو ئي سَرتيون آهي، نہ تا اها ڪوئِي ڳالهِ مَجي ٿو،
اندر باهر اُهو ئِي آهي، "سچُو" هِي سِرَّ صحيح سَجي ٿو،

## ڪافي 14

Gul Hayat Institute

ڀولِ نہ ٻئي ڪَنهِن ڀُلُ، تون تہ آدم ناهين،

لِڪو ٿو لاتِيوُن ڪرين، جيئن باغِ اَندَر بُلبُل،
مَلَڪن ٿي سجدا ڪيا، واهہ مِٺي تنهنجو مُلُ!
ڪير تپائي، ڪير ڪُڏائي، شاهہ بنا دُلدُلَ،
احد منجهاروئن عبد سڏائي، هُئين تان پاڻ اصل،
"سَچَل" چوي سَچُ ٿي آئين، ڪونهي تنهنجو ٿُلُ،

## ڪافي 15

آهيان آءُ اِسرارُ، جيڏيون مون کي ڪير پانيو ٿيون!

ڪنُ نہ ڏيان ڪيچ ڏي، پنهوروُن بيزارُ.
چَڏي بادشاهي پانهنجي، ڪيڙُم هِتِ شِڪار.
آئيسِ هِنَ عالَمَ ۾، باري چاڙهي بارُ.
آٽيو صِدقَ يقين سان، آديون ڙي اعتبارُ.
نوري نارِي ناهيان، آهيان رَبُ جبّارُ.
مُرشِدَ پاڻهو نہ چيو تون "سچو" آهين سَردارُ.

## ڪافي 16

پنهنجي ذاتِ لِڪائي، ڪيئن بِي ذاتِ سڏايان!

ظاهِر ڳريان ذاتِ کي، تا هي بُتَ پچايان.
مَنصُوريءَ جي موجَ ۾، تو "اَناالحَقُ" آلايان.
واديءَ ۾ وَحدتَ جي گهوري سِرُ گهمايان.
"اعلي اَعظم شانَ" جِي نوبَتَ نيهَن وَڄايان.
ظاهِرُ باطِن هِڪڙو آءُ تا حُڪم هَلايان.
"سَچُو" سارو سَچُ ٿيو حِڪمت هِيءَ چَلايان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 17

پڇو نہ منهجڙي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان!

اڄڻ اَسان جو ٿيو اُتاهين، جاتي ڏينهن نہ رات.
ظاهر آهِ زبان منهنجي، "الاقرب" سندءِ ڪلمات.
"سچو" سِر صحي ڪر پنهنجو عشق منجهون عِشقات.

## ڪافي 18

اوهين سَيَئي چو نہ جاڻو نانءُ مَٿِم آهي ڪهڙو!

اِسم اَصَل کون وِرهَہ وَڏايو صورتَ هِيءَ سُجاتو.
پاڻِيءَ منجَهون پارو ٿيو پيدا، واهُ عجب ڪوئي واٽو.
شاهہ جهانَ جو بانهون ٿِي، ڪَرَ وائيءُ هِنَ وِڪاٽو.
ڏِسي تَماشو اِهو سو سارو، وَتي تان پاڻَ وِيڳاٽو.
نانءُ وارو سُٽو ري سَرتين، ٿيو هِتِ ڪِيئَن نِماڻو.
مَستيءَ واري ساٿَ نہ سلجي، "سَچُو" تون ٿِيءُ سِياڻو.

## ڪافي 19

آهي بي نام و نشان، سِرّ اِنهيءَ جو ناهي امڪان.

طرحين طَرح پوشاڪان پهريئين، ڪُل يَومِ هُوَ فِي شَان.
ظاهِر ذاتِ، صفات صحي ڪر، "سِرّي سِرّه الانسان".
منصوري آهي راهہ اِهوئي، جوشَ تنهين ۾ آ جولان.
غرض گداگر يارَ اچي ٿو نا تہ "سَچُو" سارو ئي سلطان.

## ڪافي 20

پاڻَ پِرين اُهو آهي، مَتان پيئنر پولو پانيو.

جَنهن تي آهي تَنهن تي آهي، نانءُ ٻئي تي ناهي.
پاڻُ پَنهنجو صحي ڪيوسين، ڪيچ وڃون ڪِيئَن.
هِيئَن تَنهن جو اَوهين نہ جاڻو چَوءِ تَڏهِن ٻئو ٿاهي؟
"سَچو" سارِي صُورَت اُهائي، لوڏا لَڳن جا لاهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 21

تاڏي مُنهُن نہ پِيو ڙِي مُنهنجو ٻا ڏي لوڪُ لَڙي ٿو.

جيڪو هُتَڙُس جيڏيون، ساڳيو آءُ ٿيو.
پاڻَ ئي پُنهلُ آهيان، جاڻان ڪو نہ پيو.
ظاهِرُ مُنهنجي ذاتِ ڪي، ڪيچن پاڻَ ڪِيو.
"سچو" سارو سَچُ ٿيو وِڇوڻن وِرهَہ وِيو.

## ڪافي 22

اُتي پيو وَڃي خيال منهنجو جتي دَم قَدمَ جي ٻاءِ نہ آءِ.

لامڪانَ مَون لَهر لُڙهِي، جَنهن مَٿي سَڀ هوءِ هاءِ.
وحدتَ جي درياءَ مَنجهاروُن، تون ٻِي وَڃِي موجَ مَناءِ
بِرهَہ تو تي بادَلُ آندو "اَناالحق" جِي هڪل سڻاءِ.
قَطرو پاڻُ نَہ ڀانئِج عاشِقَ، ساروئِي تون ٻحر سَڏاءِ.
ٻِئِي جهان هِڪو گَر جڻين، جلوو تنهنجو جاءِ بجاءِ.
"سچو" آهِين سِرِّ سُبحانِي، ظاهِر جر تُون نانءُ وِڃاءِ.

## ڪافي 23

پاڻ ڪي يارُ نہ ڄاتوم، پيئر پُلِي آهيان.

ٻُڌيس ٻِيائِيءَ ۾، جو پاڻ نَہ سُڃاتوم.
موڪَائِيءَ جي مونجهَہ ۾، ٿي وِرهُہ وسايوم.
اُٿَڻُ ويهَڻُ پانهنجو هِي پيئر ٿي پانيوم.
خاص مُناري خاڪ جي، سو سَرتيُون سمايوم.
ڏِسڻ ٻُڌڻ هِڪڙو ڪاڏنهن آلايوم.

Gul Hayat Institute

"يُنطِقُ" واريءَ رمزَ ۾ هِي سِرُ سَلايوم.
نالو آدم جو رکي، هِن حيرتَ هلايوم.
نانءُ مَجَهوُن نانهِ تِي، هِت "سچو" تي آيوم.

## ڪافي 24

ڪجو اوهين ويساهه، سَرتيون، مُنهنجي ڳالهه سَچيءَ تي!

آيو ڪنهِن تا ڳالهه ڪَون: شهود ۾ ساهه.
لَدَم هِهڙي هوتَ جو ريجهائي مون راهه.
جهڙي هدايت ۾ سوئي آهي گُمراهُه.
اَحد اَحمد هِڪڙو آهي پاڻ الله.
ساڳيون اَنوَ پاڻ سو چئو جو اَرواح.
'سچو" سچيءَ ڳالهه ۾ ڪهڙو ڪيُم گُناهه؟

## ڪافي 25

سڀ ڪنهن ويڙهي تون وسين ڪو نه آهي بيو تو ري!

جاڻي هِيئن جاتوم، تو کي سانوَلَ سڃاتوم.
هر بنا آهين تون حاطي.
هَر جا حاضر "تون"، موتِي ڪهڙي آهي "مُون".
هادِي ڪَرڻ حِجابَ کي.
ڪاٿئين قاضِي ٿئين، وبهِي ناحق فتويٰ ڏئين.
سوريءَ تي منصور جي.
موتِي ٿئين منصور، ڪيئِي مُلَن جو مذڪور.
شاهد تي بيهين شَرعَ تي.
"اَنَاالحَق" آواز هِي، تاسارو تنهنجو راز.
ظاهِر ڪيئِي بيهي زمينَ تي.

Gul Hayat Institute

سرمد تي اَسرارَ، ڪَيءِ عالم تي اِظهار
وري وڏُءِ شور شهرَ ڪي.
هي سَڀ ڳُم سنداءِ، آهن جاني جاءِ بجاءِ،
جيڪي ڪرين تون سو ٿي.
حاظر ناظر تون، باطن ظاهِر تون،
تُنهنجو هُل هَنگام هي.
اُڀريو آفتابُ جهَليو تارَن هَڏِ نَہ تابُ،
گوشا ويا ٿِي گُم سي.
”سچو“ پَچُ گُمانُ، ٿي حيرتَ ۾ حيرانُ،
جو مولا مُون ۾ پانهون ٿي.

ڪافي 26

آحوال عشق لائي، ”سِرَ سِرِهُ“ بُلائي.

سِسي شيخ عطار جِي، ٿو چوٽئين چَلائي.
ڏِنُو تماشو تيغَ جو، ڪُوپَن ڳَنڏ ڳَپائي.
دينَ ڪُفر مَون نِڪري، ٿو ”اَنَاالحَق“ اَلائي.
واديءَ ۾ وحدتَ جي، ڪوڙيين سِرَ ڳنوائي.
”سَچوءَ“ ڪي تنهن صفَت ۾، سائين مانَ سڏائي!

Gul Hayat Institute

ڪافي 27

رانجهو چاڪ ٿي آيو، نہ ڄاڻان ڪهڙيءَ ڳالهِ ڪَوَن.

پَڏر وِڇهِي پاڻ ڪي، لالَنَ پاڻ لِڪايو.
بَنگُلي ۾ آدمَ جي، سَاڄَنُ پاڻ سَمايو.
سوئِي چَوندڙ سوئِي پڌندڙ ڪيائِين ڪو نَہ ڪِنايو.

"مَارايتُ شَيئاً اِلا ورائَيتُ الله فِيہِ" فائِق اِئين فرمايو.
"لَو كَشَفَ الغِطاء مَا زدتَ يَقِيناً". حيدر هِي رنگُ لايو.
مَاٽهوءَ جي، مَظهَر ۾، آڻي سو نيڻهن نِوايو.
"سچوءَ" جي صِفَت ۾ الله اِئين آلايو.

## ڪافي 28

نانءُن حَقَ ڇپايو، پلو جيڏيون، وو ... هوءِ، هوءِ، هوءِ!

هنِيڙي کي حيرتَ، يار وي، آهي اُهائِي،
لَهرين بحَرُ لِڪايو.
هنِيڙي سان لائين، يار وي، رمز اِهائي،
هاديءَ هِيئَن سمجهايو.
جان جسم جي، يار وي، ڏيئي ڏيکاري،
لِڪ لِڪوٽي تي آيو.
رنگَ بيرنگَ ۾، يار وي، طرحين طرحين،
يار "سچوءَ" رنگ لايو.

## ڪافي (29)

حڪم تنهنجو تو هلي، پَر ڏوهہ پاڻ ئي، کي ڏيان!

آهي "فَعّال لّما يُريدُ." نانءُ هِيءُ ڪاڏي نِيان؟
آهي "وَبي يَنطِقُ وَبُبصِرُ". تر نہ توريءَ جيان.
جاڏهن آچي ظاهر ٿئين، هَل هيجَ مَون تاڏي هيان.
"يَرجِعُ اِلىٰ اَصلِہِ". سُرُ مامَ هِيءَ مُون هان مِيان.
گمنام غمزي ۾ ڪرين، ساڳيو "سَچو" سُوئِي ٿيان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (30)

ڪيهِي چال چلي ٿو اڙي جيڏيون يار منهنجو!

”ونَفَختُ فِيہِ مِن رُوحِي“، سارِي ڳالهہ سَلي ٿي.
”اَنا عَبدہُ وَرسوُلہُ“. ٻُڌن گهَر مِلي ٿو.
ڪاٿئين تعظيمان ڏئي، ڪاٿئين ڪِل ڪلي ٿو.
ڪاٿئين سڪيو سُبرين، ڪاٿئين جوشن منجهہ جلي ٿو.
”سچو“ سڀ ڪنهن صورتين هيڙي هلت هلي ٿو.

Gul Hayat Institute

# داستان ٻيون

1

اَول گُمراهي، آهي رباني راهہ ۾؛
تِنهان پوءِ هَمراهِي، آهي هيءَ هدايت جِي.

2

جي اوّل هِدايَتَ، تَحقِيقاً ڄاڻيج تون،
زياده ضَلالتَ، آهي اُنهينءَ وچَ ۾.

3

قَدرُ هِدايتَ جو آهي ۾ ضَلالتَ؛
جي ضَلالتَ نہ هُئِي، تا ڪاٿي هدايَت؟

4

جي تو نہ تَجريدَ، تا آئين نہ تَفريدَ ۾؛
ڪاٿي ٿِي توحيدَ، ڪاٿي ٻيهَڙَ تانهِنجو!

5

جِتي ماڻهن ميڙ آهِ، آءُ تِتي ناهيان؛
سِسِي سنباهِيان، پُنيءَ شاهہ حلاّجَ جي.

6

جي مَڃِن ٿا آدمِي، سي نہ مَڃان مان،
ڪوئي آهيان آن، جو ٻانهو ڳَنهِن جڙ نہ ٿيان.

7

ٻَسِي ٻَت پُليوس، تا آءُ آدمِي آهيان؛
وچان جان وبوسِ، تہ ساڳيو سائِين آهيان.

Gul Hayat Institute

8

بيائِي بانَهَپ چَڏِ، آءُ تون اَحديَت ۾،
لَحمؤِن دَمؤِن لَڏِ، تا پاڪائِي پاڪُ ٿِئي.

9

آچِيا اَرل آهِه، پوءِ تِڪُت جو پنڌڙو،
جڏهن تِڪُت جاءِ، وڏُ تڏهِن اُن حَد کي.

10

فِراقاءُ فَرقُ، شالَ نہ پوي جيڏيون:
مون کي آهہ مَرڪُ، سَدا سوزُ پِرين جو.

11

جَهڙو پانڀِر پاڻ کي، تَهڙو آهِيان اَنءُ:
باقِي رهيو نانءُ، "سچو" مون صاحِبَ جو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

ذاتيءَ مَنجهہ ذاتِ ڇُپائي، بازي جا يارَ بنائِي!

هاديءَ حقيقت حالَ جِي، مون کي ساري سُڻائِي.
سڀَ ڳُڻن ۾ سَجڻ، نوبت نبين وڄائِي.
ڪاٿئين "اَنالحق" جي، تن چوٽ تہ چَلائِي.
"اَنَا اَحمَد بلا مِيم"، اِها مَعنيٰ مِڙبائِي.
ڪاٿئين مَسِيتن ۾، ٿيو خاصو خدائي.
مورتي مَڙهين وِچ ۾، تنهين مالهان ڦيرائِي.
ڪاٿئين وتِ نہ وارَ جِي، ٿِي ڪاٿئين جُدائِي.
ڪاٿيئن مَتي تخت جي، ڪاٿِئين گدائِي.
اندر باهر هڪڙو آهي، صورتَ سِپائي.
ڳالهِہ نہ سَمجهڻ جهڙِي، پر سَيا سَمجهائِي.
ڪافِر مومن هِڪڙو "سچو" بوڙج پِيائِي.

## ڪافي 2

سڀَ ڳُڻن پار، پِريءَ جو پَرتو خوابون عينُ ٿيايو:

وحدتَ مون، ور ڪثرتَ ڪِيائين، رَنگيءَ رنگُ رَچايو.
تو مان جي پَردي ٿين باهر، سرتِيُن چو نہ سڏايو.
طرحين سُرخ پوشاڪان پهري، لالَڻ پاڻ لِڪايو.
هِي سڀ حُسن هَاديءَ جو آهي، پيمَر ڪِيمَ پُلايو.
پاڻ ڳُجهو ڪِيائين پَڌرائِيءَ ۾، هيءُ تَنهن هنر هَلايو.
"سَچيڏني" جي صورتَ ۾ تَنهِن، اِهڙي رَمز رلايو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي سو تان يار وَسي ٿو.

ساڻُ سدا آهي تان تنهنجي، پِرين نہ آهي ٻي پار.
ڦولهي لَهج پاڻ مَون، چو تو وَجين وڻڪارِ.
”وفي اَنفُسِڪُم اَفَلاَتبصُرون“ ويجهو ڪيم وسار.
پِرينءَ نہ پُڇج پَنڌڙا، تون ”سَچو“ پاڻ سَنڀار.

## ڪافي 4

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو آهيُ اُهو جو مان روز ڏِسان ٿي!

وِيٺِي هُيَڙَس وَاٽ تي، اَچي وسيلو ٿيو.
ماڙيءَ مَنجهہ معشوقُ ، ڏنوسِين، لالڻ پائي لِيو.
دريءَ مَنجهون ديدَ ڏنيسُون، لالڻ پاتو لِيو.
جَتَن ڪَج جَتَن جو سڱُ سَبب سان ٿِيو.
صَحِي سُڃاتَم سُپرين، يار يقينؤن ٿيو.
”خَلَقَ اَلاشيَاءَ وَ هُوَ عَينُهَا“، شڪ وچون ٻِيو ويو.
ڪٿِي وجان آءُ خوشِيءَ سان، سَرتُيون جي سُنهن ڏيو.
سَير ساروئِي صُورَتين، پاڻَ قرِيبَن ڪيو.
يَار ”سچل“ تون صحيح ڪر ڄاڻج، ڪيو خمارن ڪيو.

## ڪافي (5)

ڇا ڪي ڏونگر ڏوريان، مَن وسي يار مُنهنجو!

پرين آهي پاڻ سان، تَڪَ ٻئا ڇو توريان؟
راتو ڏينهان روح ۾، آرياڻي ٿي اوريان.

Gul Hayat Institute

سَڀ ڪنهن پارين سُپرين، آءُ گهٽوئي گهوريان.
هوتَ هميشہ حاضري، وندر ڪنهن لَڳ ووڙيان؟
"سچو" سچي ڳالهڙي، چَتِ اِها ئي چوريان.

## ڪافي 6

حاجي اَڄُ ڪيوسي، ڪعَبي مُنهُن محبوبَ جَي.

هاڻ حاصل سَرتيون، اَڪبر حَج ٿيوسي.
ٿِيو قبوليت مُنهنجو جيڪو عَرضُ ڇيوسي.
هِيءُ تَنُ طَوافِي ٿيو وچؤن غيرُ ويوسي.
هَاريون ڙي حَرمين ڏي، سَندن نانُ نِيوسي.
اُنهِيءَ باجُهون ناهہ ڪو اِهو احرامُ ٻَڌوسي.
اُهو ڪعبو اُهو قبلو "سَچو" ڏَسُ ڏِيوسي.

## ڪافي 7

تو ڪِيئَن وڃايو پاڻُ، ڳولي لَهِج پاڻ ڪي!

پاڻ وڃايو نہ لَهِين، پَڇي شَڪَ گمان!
آخر گَڏيُئي گهَرَ ۾ ميان سوئي گهَرُ سُڄاڻ.
مَڪَڙُ اڪر هِيڪڙو ميان سوئي ڪَيرُ سنياڻ.
آهين ناهين آهہ سَيوئي، آهہ نڪو اُهڃاڻ.
ڇا جي ٿيندو ڇا جي لَيندو صورت وچ سُڄاڻ.
"سَچو" تي سَچُ آئيو ماڳ اِنهِيءَ مِهمانُ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 8

سَڀ ڪنهن صورتَ ۾ سُپِريَن، سر تئيون ڙي، ساري ڳالِهه سَليائون.

ڏيو ٻاري سَڄُ ڪي، ڪاٽي ڪَپِنَ ڏَنائون.
ساڻُ روشِنيءَ سِڄَ جي، پُرجهِي سِڄُ پَسيائون.
وحدتَ ڪثرتَ هِڪڙي، جيئَن مِينهَن ڦُڙيون مورائون.
"سَچوءَ" سندي نانءَ ۾، اِهڙيءَ طرحَ اُتائون.

## ڪافي 9

هِڪي ڏهاڙي پير مغان، مون کي ڳالهه ڳجهي فرمائي!

سَلَڻ جهڙي ناهه سا، جا ڀاڻ پرين پُرجهائِي،
عامَ نہ مَڃَن ان کي، جا صاحبن سَمجهائِي.
مَتَ منجهارئون مَئي جي، تنهن ساقيءَ سُرڪَ چکائِي،
پيالي مَون پرواز ٿيو واءِ وئي ٻِي وائي.
"عبد" چاتو ٿي جنين، تن ٻازي هت هارائي،
"حق" ڪَون "حق" نصِيب ٿيو ٿي، مدعا "سچوءَ" سَنيائي.

## ڪافي 10

جيئَن سِڄُ آهي پرِيشان، سوئي ڳولي سِڄَ کي.

مَڇلِي جيئي آبَ سان، آب پڇي طغيان.
تارو پڇي نجمَ کي، موجَ پُڇي مِهراڻ.
ڦُڙي پُڇي مِينهَن کي، شاهُه ڳولي سلطان.
هو مِڙيئِي پاڻَ ٿِيو ڪير ٿِيا حيران!
"سچوءَ" جي صفت ۾ اِهو باريءَ ڪيو بيان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 11

جي اوهين جاڻو ڙي جيڏيون،اهي الله لوڪ سارو!

ڪاٿي آهي چُپ چُپاتيءَ، ڪاٿي ماري نعرو.
بيڪسيءَ ۾ ڪاٿي گذاري، ڪاٿي سو حڪمن وارو.
ڪاٿي شرعَ ۾ شور مَچائي، ڪاٿي ڳچيءَ ۾ ڳارو.
جاڏي ڏسو تاڏي آهي، سندس نيهَن نظارو.
حقيقت جي حال ڪَون، ”سَچُو“ ٿِيءُ نہ وسارو.

## ڪافي 12

صورتَ سَڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پَنهنجو تَماشو!

ڪاٿَئين حَنبل، شافِعي، ڪاٿِئين مالِڪ، نعمان؛
ڪاٿَئِين پَٽي پوٿيون، ڪاٿَئِين پَڙهي قرآن؛
ڪاٿَئِين اَناالحَقُ چَوي، ڪاٿَئِين ڦيرائي فَرمان؛
ڪاٿَئِين طفوليَت ۾، ڪاٿَئِين پِيرُ جوان؛
ڪاٿَئِين مِير وزير ٿيو ڪاٿَئِين ٿِيو دربان.
ڪاٿَئِين احمد بلاميمي، ڪاٿَئِين هَنومان؛
”سچُو“ پيو صَبَر ۾، هوءِ حَيرتَ ۾ حَيران!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 13

ٻانهون ٻانءِ مَ پاڻُ توهِين مالِڪ مُلڪَ جو!

”لاَ خَير فِي عَبدِي“ اِهو آَٿَئي اُهڃاڻ؛
پاڻ پنهنجو پاڻَهِين، صورتَ مَنجِهه سُڃاڻ؛
تون ٿِي جاڻَندڙ سَڀَ ڪِي ميان، ٿِئين ڪِيئَن اَڄاڻ؛
اللهُ الله چو چَوين، پاڻ ئي الله جاڻ؛
”سَچو“ سائِين هِڪڙو ناهي شَڪَ گمان.

هِي جِيَڻ آهه عاريت، جن جو آهي تن کي وٽي؛
ڳِڍ وڃون تون پاڻ کي، اَندر ٻاهر آهي ڏٽِي.

آهين اَمانت ٻيَن جي، تون آهين ڪاٺي ڪِينڪِي.
سِرُ هِيءَ سارو صحي ڪر، 'هڪ' ۾ تي، چو تو ڳٽين؟

انسان جو اولو ڪري، سَؤ رَنگَ ڪرين سنسارَ ۾.
چاهه کي هِيءَ ڳالهڙي، وَهَه واهَه جا "سَچُو" وٽِي.

## ڪافي 17

تو ۾ تَندُ تنوار، ٻُڌين نٿِي ٻوڙِي، الا!

ڳالَهه اِهائِي ناهي سَلَڻَ جِي، خَرچين سَو لَکَ هزارَ.
ساتِيَڙن، ميان، ڪيا هي سَڏڙا، لاهي سَڀ مَيارَ.
دم غنيمَتَ جا هِت آهِن، ڏينهَن دنيا ۾ چار.
"سَچل" آکي عِشق مَنجهاروُن، تَڳان تُنهنجِيءَ تار.

## ڪافي 18

مَحبوب ڳولي ڏِسُ مَنَ ۾، مَنَ ۾ تون، ڏِسُ دل ۾ تون.

واهَه ڪاريگر سازُ بَنايُئي، "ڪُن فَيَڪُونَ" جي ڪُنَ ۾.
بي فائِدو بازار گُهمين تو، گُل ڦَلَ باغَ بَدنَ ۾.
چورِيءَ چورِيءَ سَير ڪرين تو، تُنهنجو چاندَ چَمَنَ ۾.
"سَچَلَ"، سائين صَحي ڪر جاتُم، يار گَڏيو ڪَکَ پَنَ ۾ .

## ڪافي 19

مون ساري سُجاتِي، بازِي بازيگر جِي!

مَستِيءَ مَون مَنصورَ جو تِئين جي جَماعِتي؛
سورهيه با سِج سر تي، تون ڪُسَڻ جِي ڪاتِي:

Gul Hayat Institute

غيرُ نہ آڇج وچ ۾، آهين ظاهِر تون ذاتي،
مَتان ياڻين پاڻ کي، تون "سَچو" صفاتي.

## ڪافي 20

پاڻُ سُڃاڻڻ آيو ڙي، سَچَڻ پاڻ سڃاڻڻ آيو ڪم نہ هُيَڙس ڪو بِيو!

پاڻُون جاڻِي پاڻ سان، هِت لَون تا لائِڻ آيو.
عَرش مَنجهارُون اُلَهِي، هِت ورهُہ وسائِڻ آيو.
سوليءَ تِي مَنصُور تِي، هِت سِرّ سَلائِڻ آيو.
مِصرَ جي بازار ۾، هتِ مُلهہ وڪامڻَ آيو.
"سَچو" ري سنسارَ ۾، هتِ پير گهمائڻ آيو.

## ڪافي 21

توڙي پُنيءَ لڳي سارو جَڳُ، تان پي چا تيو۔
ناهي مَحِتا ۾ مَطلبُ.

نَفِي سِرِي خَفِي اخفا، توڙي جاري ٿِئي قَلب.
ڳالِهيَن ڪِئي ڪِين ٿِئي، مَنصُورِي مَنصَب.
ڪاڻ تماشي ڪِيترا، پُڇن پارَ عَرب.
ڪَري ڏيکارين ڪيترو عالَمَ کي بہ عَجب.
نَفلَ نمازان وردَ وَظِيفا، اِهو ڪوڙ ڪَسَب.
دائرا دَعوَتَ جا قُرين، ڪَرين تَسخِيرات طَلب.
باجهَون عِشقَ اللہَ جي، "سچو" ٿِئي نہ سَبَب.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 22

چئو ميان عشقا ڪِيئَن، تُون سَوين سيلَ بنائِين تو!

يا تُون آهِين ذاتِ ديوانو، جو ڪيڏا ناھ نهائِين تو.
ڪاٿئين مُلا قاضِي تُون، ڪاٿِئين سَيّد سڏائين تو.
ڪاٿَئِين مُغ برهمڻ تون، ڪاٿِئين بانگ ٻڌائِين تو.
ڪاٿِئين مُنهن ۾ محراب، ڪاٿَئِين تِلڪ لائِين تو.
ڪاٿِئين تسبيحان تون سورين، ڪاٿَئين جٽيان پائِين تو.
ڪاٿئِين پيرين آهِين پيادو ڪاٿَئين ٻور بچائِين تو.
ڪاٿئِين منبر واعِظي، ڪاٿَئين پوٿيون پَڙائِين تو.
ڪاٿِئين زربفت قبائون، ڪاٿَئين لِيڙا لڙڪائين تو.
ڪاٿِئين ڏيئي شرعي فتوىٰ، ڪاٿِئين مَنصُور مارائين تو.
ڪاٿِئين هَنومان ڪونائِين، ڪاٿَئين ڏهيسر ڏَسائِين تو.
ڪاٿِئين تئِين رام يا سيتا، ڪاٿئين لَڇمڻ لَڪائِين تو.
ڪاٿئِين نمرود ابراهيم تي، ڪيئي ٻيڪ بنائين تو.
ڪاٿِئين تي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سَمائين تو.
ڪاٿِئين تي بادشاھ مُلڪ جو سارو ديس دٻائين تو.
ڪاٿِئين تئِين غرض گداگر، ڪاٿئين توليون تڪائين تو.
ڪاٿِئين مفتي تون ”خدائي“، ڪاٿئين ”اَنَاالحق“ فرمائين تو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 23

ساروئي سِرُ آهي، ڪاٿي سچل ڪاٿي ذات سچل جي.

مؤج درياء جُباب ڪتڙا ڪيا، ڇاڇ ڪو شڪ ناهي.
آهي اُونهو اسرار الهي، ڇا منجهاروُن ڇاهي.
پنهنجي پاڻ پسڻ جي ڪارڻ، ناھ لڪين تو ناهي.

عاشق عشق معشوق اھوئي، ڏانؤُ ڏاڍو ڪيو ڏاھي.
اِلاالله اثبات مڙيوئي، ”لا“ کي ڇڏ تون لاھي.
لي مع الله سمجھ اشارت، فيل لنگھيو منجھ پاھي.
وات اِھائي وحدت واري، ڪامل ايندا ڪاھي.
اوئي اندر اوئي ٻاھر، ڪيئن چوان ائين ناھي.
ڳالھ ”سچل“ جي سالڪ سمجھن، لوڪ ليکي ٻيو ڇاھي.

ڪافي (24)

ڪرن مڙئي قتلام، پاڻ ڪريان جي پڌرو.

جدا جماعت کان، آھيان پاڻ امام.
دم نہ اڳيون دين ٿيو ڪفر نہ ڪو اسلام.
فارغ تيڙس فرض ڪؤن، سُنت کي بہ سلام.
”سچو“ آيو سچ ۾، ناھي حلال حرام.

ڪافي (25)

تون رب ڏاڍو بي پرواھ، آءٌ تا ڏجان تنھنجي ڏاءُ.

زڪريا کي ڪرت وجھايئي، سمي ساھ منجھاءُ.
ھو جو ھڪي ڪوڙيو تنھن کي ڏنئي ڪيئي ڪھڪاءُ.
حَسن مرايُئي حسينؔ ماريُئي، ڏيئي جيءَ جفاءُ.
ڪربلا منجھ قتل ڪرايُئي، ترس نہ پيڙءِ ڪاءُ.
ظلمي آھين رحمي آھين، جا وٹئي سا واھ.
”سچو“ سر تي سڀ منين، سائين جيڪا رب رضاءُ.

Gul Hayat Institute

# حقيقت

## داستان پهريون

1

هُو پِي ڪِينَ اَڇِٽو هِي پِي ڪِينَ وِيو.
نَفيءَ ۾ اثبات ڪَئِن، پَري خيال پِيو.
"سَچو" سَچُ ٿِيو بِي بانَهپ بولِي ناهِ ڪا.

2

"سَچُو" سَارو سَچُ ٿِيو مَنجهان ڪَثرتَ ڪُلُ:
اَلَف مَئِن آدَمِ ٿِيو ڪَري هنگامان هُلُ:
هندو مؤمِن سو ٿِيو پول نَہ بئي ڪَنهِن پُلُ:
"خَلَق اَلاَشيَاءَ فَهُوَ عَينُهَا" اِهو آڻ عَمَلُ:
تِج گُلابِي گُلُ، مَرُ مارِنئِي مَنصُورَ جان.

3

قلبِيءَ ۾ نَہ قَرارُ آهي عاشِقَن کي:
روحِيءَ لَڪَ رُلايا، نہ نفِيءَ نفع دارُ:
سِرِّيءَ سَوَ وِڃايا، خَفِيءَ ڪيا خوارُ:
اِپَرَ اِخفا ناهِ ڪو طالِبَ کي تَڪرارُ:
رِيءَ پَروڙڻ پانهنجي، آهِ شيطان شِڪارُ:
"سَچُو" هِي سَنسار، سارو پاڻَ صحي ڪَرِين.

4

سائِر مَنجهہ سَهسَ، گهيڙا گِهڙَڻ آئِيا:
ڪو سِرُ سِيٽاهِيو ڪَڍي، ماٺي ڪَئِن مَسَ:
"سَچو" لَنگهي لَس، شَرط وَڃِي پيو شَهہ ۾:

Gul Hayat Institute

5

اَچي اَوتڙياءُ، گهڙِبس گهوري جِندڙي؛
چَڙهِيس ذَاڍي چَاهَه مَنِ، مَستِي مَوجَ مَتاءُ؛
تَڙَ لَهِي تِرياءُ، شَرط، لنگهي پِيس شَهه ۾.

6

جي وَڃِي شَهه پيا، مُشڪل موتَڻ تن جو؛
چا تانگهي چا تار ۾، ٻڏِي پَوَن پيا؛
جي وِڃَڻ پاڻ ويا، سي پاڻ ئي پاڻِي ٿِيا.

7

گهڙَن جي گهِيڙاءُ، تانگهو عِشقُ تَن جو؛
جن کي عشقَ عَلِيل ڪيو سي ايندِيون اَوَ تَڙاءُ؛
جي سُور چِڪنديُون ساءُ، ميهَرُ سي ماڻِيندِيُون.

8

اَسان پِريَن وِچَ ۾، وَهي تو دَرياهُه؛
آهي ڪو نَه اَسان جو هاديءَ ري هَمراهُ؛
سُپريان تَوَن سَاهُه، "سچوءَ" تان صَدقي ڪِيو.

9

ڏاها ڏُوريون پَنڌُ، مَتان پائين پِرِيَن جو؛
حَبِيباڻو هَنڌُ، وِجِي ڏِسِج اَکَڙِين سان.

Gul Hayat Institute

10

پِرين مُنهنجا پَارِ، تون ڪِيئَن هِت ويلا ڪَرين؟
قاصِد قَريبَن ڏي، دوڙَنُ تو دَرڪار؛
ڏسِي وَرِج سِگهڙو دوساڻِي دَربار؛
لَڳِي آتم لَونءَ جِي، عَجِيبَن سان عَارِ؛
ڏاتر مُون ڏيکار، صورَتَ سانگِيڙَن جي!

11

آسان پرينَ وِچَ ۾، دور وهي دَرياءُ؛
ڇوليُون ڇَران ٿي ڪري، پيو وِڇُڻي واءُ؛
سُٽِي آهان آءُ، مِيان هِنَ مُشتَاقَ جُون!

12

اسان پرين وِچ ۾، جَرُ وهي جاري؛
هِڪُ ڪَڙڪو ڪُنَن جو پَوي، پيون وِيريُون ڏي واري؛
هُت ساجَن جا سارِي، سا دَهلي ڪِينَ دَرياءَ کَؤن.

13

مُون تان توڏي موڪلِي، لِکِي ڪِتابَتَ؛
ڏُکَن جي هِنَ ڳالَهڙيءَ، مُنجهائِي مَصلحت؛
ڪِيو فَنا فرضُ سنّتَ، سِڪَ تَوهان جيءَ سپريمِ.

14

ڇَري ڇَري ۾ ڇئو ڇَريو آهي لَوڪُ؛
جو ڇَرئي لَڌو ٿوڪُ، سو "سَچُو" آهِ نَہ سڀ ڪنهن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

سالِڪ راھَہ سُڃاڻِي، پاڻُ نَظَر ۾ آئِين،

جاءِ نَظَر جِي آھِين اَصلَ ڪَؤن، يارَ يَقِيناً جاڻِي،
پاڻُ وجائِج نُور نَظر ۾، تَہ وسرئِي ٻِي آڪاڻِي،
فنا ڪَؤن اَڳِي بَقا نَہ ڏِيندين، جِيئَن پارو ۾ پاڻِي،
صورتَ مَنجھان ڏِي ٻِي صورَتَ، وِچؤن گَرد اُڏاڻِي،
ھادِيءَ حقيقَتَ ھيءَ سَمجھائِي، ”سَچو“ ساھَہ سيبَاڻِي.

## ڪافي 2

لَوءُن اَڃِي پاڻ لاَيَوَ ناتہ مون کي گل نہ ھوئِي؛

اَصلَ لاڪُون عِشقَ لائِڻ جِي، ڳالِھہ اِھا خوش آيَوَ
دَردَ فِراقَ جِي ڏِنيو اَمَانت، اِھا سانَولَ سيبايَو
عَرشَ ڪَرسِيءَ جا ڪِين قبوُلِي، اُھا اسان ڏي ھوت ھَلاَيوَ
ڳالِھہ پُرجھَڻ جھڙِي نا ھُئي، پاڻَ سَجَڻَ سَمجھَايَوَ
ڏينھن اُنَھِيءَ جِي، يارَ ”سَچُوءَ“ کون، سچي ڳالِھہ سَلايَو .

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

تُنھنجو دَردُ اَصلَ ڪَؤن اِختيار ڪِيوسين، ميان،
تُنھنجي سُخنَنَ سَڄَن اُتي اِعتبار ڪَيَوسين، ميان؛

ڪِي ٿا پُڇَن پِرينءَ کي، ڪُرسِيءَ يَا عَرشَ اُتي،
تُنھنجن اَکين مَنجھان سُھڻا اِسرار ڏٺوسين، ميان؛

ڪي تا تابع تَجليَ يا شُعلِي نوري يارو
اسان صورَتَ هِن ۾ تا دِيدارُ ڏنوسين، ميان؛

تنهنجو حُسن ٻنَهي جهانين، يار سَجَڻ صحي ڪيوسين،
تُنهنجي سَچيءَ ڳالِهِ هِنَ تي اِقرار ڪيوسين، ميان؛

هو جو ڪَيَڙَو مون سان، سو پانهنجو وعدو پاڙيو،
سِر ساهُ صدقي صد بار ڪيوسين، ميان؛

”سَچو“ سَگ دروازه آهي، روز اَزلَ کَوَن، ميان،
تو پِيرَ عبدالحَق جو پِيزار ڪيوسين، ميان.

## ڪافي 4

وجِي اَکيون ڪاتي لايُئي، حَال حقِيقتَ جي سان؛

فِڪر اِنهيءَ ۾ ميان ٿِي فنا تون، پاڻُ پَنهنجو پايُئي.
اِهڙيون ڳالهيون سُڻُ ري عاشِقَ، سارو سو عشق وڃايُئي؛
محبت وارو دل جي اندر، ڏاڍو ڪو مَڄُ مَچايُئي؛
کَنيئي پَلَڪ ۾ پاٽَهي، ٻولي ڪنهن نہ ٻُلايُئي؛
جي ٿِئين عاشِق يار ”سچو“ ري، اِئين سو عِشقُ ڪمَايُئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 5

ڳَلَ نہ ٻونَدِي ڪائِي، عَجَب جيهي اسرارُ اُنهِيءَ جي؛

هُئي حَلاجَ ذرو سُڌَ سِرَ جِي، تَنهِن سِسِي ڪوڙَ ڪپائي؛
لاهي حجابُ وڃائِين، هِيءَ حِرفَتَ يارَ هَلائِي؛
”سَچو“ سوئِي صاحب آهِين، پر سڀ ۾ ذات سَمائِي.

## ڪافي 6

جِهڙو هيءَ عجائب آهِ، ناهي عجب بيو ڪو اِهڙو

هيڏي هوڏي نہ ڏسين، مُنهُن پاڻيءَ ۾ پاءِ،
پوءِ تصور هن ۾، ٻي بازي ڪا نہ بناءِ،
اڪيون پَٽي جي ڏسين، هادي آهي هَرجاءِ،
"سَچوءَ" سارو سچُ چيو هيءَ رمز دل سان لاءِ

## ڪافي 7

اِهو ڏاهيون ڏَس آهِ، سانول اِتي وسي ٿو

ڦولهي لَهج پاڻ مؤن، پَري نہ پيرا پاءِ،
دائِم آهي دوستَ جِي، تُنهنجي جيءَ ۾ جَاءِ،
ڳنهِن جي ڪارڻ ٿِي ڳرين، هاري ڙي هاءِ هاءِ،
سوئِي ڏسندڙ سو ٿِي سُڻندڙ پاڻ ٿِي ڳالهيون ڳاءِ،
سارا ڏونگر ڏورئين، ڪاڪي ڙي ڳنهن لاءِ؟
"سَچو" وڏو ساهَہ ڪَؤن ڪير چَوي تا ناءِ!

## ڪافي 8

هِي چَڏيج هو ونيج، مِتان ڪا ٻِي ڳالهِہ پُڇيج

دُئيءَ واري دامَ کَؤن، ڀِهريون طالِبَ پاڻ ڪڍيج،
مُرشِدَ جِيئَن فَرمائِيو واقف سو تان ڏَسُ وَنيج،
سِر صحي ڪَر پانهنجو ٻئا آڏاٽا ڪِيم آڏيج،
لاري لڳُ نَہ ڳنهن ٻِئي، عَاشِقَ اِنهِيءَ پَنڌَ پٽيج،
وبسَهُہ واريءَ واٽ تي، "سَچو" ڙي تُون سِر سَٽيج.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 9

پاڙهين پارؤن يارَ قاصِدُ مون ڏي اَڄُ آيو!

اَڄڻَ سَندي اُن جي، اُٿِي ويا آزار
ٿورو ڪيڏو ٿَن لايو.
ڏنا دلاسا دل کي، رهبر راتَ هزارَ
سَندن روحَ جو رايو.
هيڏي هوڏي نَہ وڃي، اَڄج ۾ اَعتبار
محبت مِڙيوئِي مايو.
اَڄڻ جا مَحبوبَ ڪَيا، پَڪا قولَ قَرارَ
"سچو" تو ڏي هُتُن سَعيو.

## ڪافي 10

ڀِلِي ڪري آئين، هِت تُون گُهرجين يارَا!

هِت تُنهنجِي گُهرَ گهٽِي هُئِي، دوست مِنا دلدارا!
جاڏي تاڏي جَلوو تُنهنجو عَجب تُنهنجا چَمڪارَ.
هِي پِي، هو پِي هِڪُ، ديسُ تنهنجو ڇَپِين ڪُنڊين چوڏار.
اَڃِي تئين هِڪُ "سَچوءَ" سان، لاهي ٻيائي بارَ.

## ڪافي 11

عاشِق مَرندا ڪِينڪِي، رهندا ڪِينَ مَڪانَ ۾.

ديواني درياءَ جو پِيتئون پيالو پُر ڪري
اَجر مَنجهه اَمر ٿيا. اُهي گڏيا ڪِينَ جهانَ ۾.

Gul Hayat Institute

غيبَ ۾ جي غَرق ٿيا، ٿَن گهاؤ گَردَن ۾ لڳا،
بولِي بولن ٿا ٻِي نڪا، اُهي رَهن ”اَلاَمانَ“ ۾.

ڪيئِي پَڙهندي سالَ ٿيا، روزا نمازون نفَل نِي،
ٿَن ڪُنَن ڳَلَ ڪانہ ڪا، باطون جي بيانَ ۾.

چِين ولايت گهر ڳري، گهَڙِي گهارن ڪِينَڪِي،
پَسَن هادِي حَق کي، رهن ٿا بيبانَ ۾.

هَر دم آهي دم دوستَ ڏي، اُهي سُونهن ٿا سَر انجام ۾،
سو ”سَچوءَ“ کي ٿي مليو هي گُر اچي تہ گِيانَ ۾.

## ڪافي 12

ڪِيئن وساري تو ويهون ويهون،
آهِن ڪيهيون اَسان جيون ڳالهيون.

ساهَہ سَنيون تان يادِ ڪَيُون، سي آهِن عجائبَ جيهون جيهون.
کهڙيين ڳالهيين عاشِقِ آسان کي، ڏُک ڏوراپا تو ڏيهون ڏيهون.
اِهي عتابَ تون رکين تو ڪيها، پَکي اسان جڙي پيهون پيهون.
هِنَ پڇاڻَن مَتان اَسان تي، ڳالهيُون رکين تون ايهون ايهون.
”سچو“ اسان جو تون، اسين تنهنجا، ڳالهيون ڪرين بيون ڪيهون ڪيهون!

## ڪافي 13

جيءُ آئين پَلي آئين تون، ڪنهن منزل مون پهچائين تون،
تو موتي سِرُ وڏائين تون!

Gul Hayat Institute

سرمَدَ کي ڏيئِي لَٽَ کهايئِي، سوريءَ تي مَنصور چڙهايئي،
شيخ عطار جو سِرُ وڍايُئي، هاڻي هيڏي پنڌَ پُڇائين تون.

زڪريا ساڻُ ڪَرتَ چِيرايئي، يوسف کي مَنجهه کَوهه وجهايئي،
شمس مُلن جي هَٿئون مارايُئي، عاشِقَ تو آزمائين تون.

جٽيو ڪفر صنعان وجهايئي. بُلي شاهه کي ذبح ڪرايئي؛
جعفر کي درياءَ ٻوڙايئي، تن کي پار لنگهائِين تون.

گهاٽي ۾ بلاول پيڙايئي، عنايت ميدانَ مارايئي؛
ڪرمَل کي هِنَ حُڪم هِلايئي، ڦيرو ڪَنڌُ ڪپائين تون.

قاسِمِ دُرّن ساڻ سَتايئي، موسيٰ کي پي سُهاڳَ ونايئي،
اڪيداسَ تعزير ڏِوايئي، سو اَڄُ ساڳيو آهين تون.

"سَچو" سندءِ پَنڌَ پُڇائي، گهوربو پنهنجو سِر گُهمائي،
نِيهن واري ڳالِهه ڳالهائي، عاشق تي فرمائين تون.

ڪافي 14

آءَ ڪانگا ڪَر ڳالِ، پِريان سَندي پارَ جِي، وومِيان.

Gul Hayat Institute

مون سان ڪَري جي ڪالِهه وئين، اُهي تان وعدا پال.
هِنَ غريب سان پِرين گڏائِج، بِرهَه ڪِيسَ بيحال.
هيڏي اَچڻ جي هُئِي اُنهن کي، ڪا تان ڦيل مقال.
ٻاجهه پَوبِئي وي ٻاروچا، نِج نِماڻي نال.
ياد ڪَرن تا هُتِ توئي کي، وِجُهه نَ جيءَ جَنجال.
"فَاذ ڪُرونِي اَذڪُرڪُمِ". پَئين تُون ڪيهي خيال.

## كافي 17

سِگهَڙي لهج سَنيالَ، هادي هِنَ جي حالَ جِي؛

كوتَهه كَريو قالَ كي، آٽي ۾ اَحوالَ؛
سگهو موتج سُپرين، توريءَ كَيَم كَشالَ؛
فنا كَريو فِراقَ كي، ويجهو كريو وِصالَ؛
گهٽا لايَو ڏينهڙا، ماريَس هِنَ مِثَالَ؛
اَوهان ٻاجهُون سُپرين، هِهڙا ٿِيڙم حالَ؛
اَگڙ هِنَ جي آءُ تون، "سچوءَ" مَج سوالَ.

## كافي 18

زاري پيئَر زاري، اِڳيئن عَجيبَن جي آهي اسان جي!

روز اَزل كَوُن عاشقَن جِي، سُوريءَ تي هسواري؛
شاهه مَنصور حلاج حُسَينِي، سُوري كِيئَن سينگاري؛
هِيءَ ٿئي گُم اُهو ٿئي ظاهِر، چُپ چُپان چوڌاري؛
"سچو" ساهه سِري كر صدقي، سَرسُ وٺين سَرداري.

## كافي 19

تو دوستيءَ جو دمُ هَڻين، پر كِيئَن كُسِي قُربان ٿئين.

Gul Hayat Institute

مَهَند مَنصُوريءَ جي ٿُون، مَنجهه مَعركي مَردان ٿئين.
وري صحِي "اَنَاسِرَه" ٿَنهِين اسم مَؤن انسان ٿئين.
جي تو پوي سُڌِ سور جي، حيرتَ انهيءَ حيران ٿئين.
نعرو "اَنَاالحَقّ" جو هَڻِي، ٿِي مرد سر ميدان ٿئين.
جي دم سُجاڻين پانهنجو ٿُون دين، تون ايمان ٿئين.

هِي پَنڌ سو پُرزا ٿئي، جي نينهن جو نيشان ٿئين.
”سچو“ يَڪا يَڪ ٿئين، تون شمع تون پروان ٿئين.

## ڪافي 20

مين ماهِي دي لَڳِ ماري، ماري آئون ڦِر جياري

چَونديَس پيش پِرينءَ جي، حال حَقِيقَت ساري
جا نالو ونَندي نِينهَن جَو تَنهن کي اِيندي شَهَر نِڪاري
دم نَہ رهندي دوستَ ري، شَوقُ سَندو شِڪاري
مَستَن کي محبَتَ جي، آهي، ڳِچِيءَ ۾ ڳاري
جي اَول ماريو پوءِ جِيارن، تَنين گڏ قَطاري
چَڱِي تِيَڙس چِت ۾، دوستَ ڏِني دلداري
”سچيڏني“ کي عِشقَ جِي، صاحِب ڏي سَرداري

## ڪافي 21

عاشِقَ ڪَيئَي اُداسِي، وَهہ واهہ ڳالِهِہ خاصِي.

لَوُن لَوُن منَجهہ روز ازل کَوُن، آهي ورِهہ اَوهان جي واسِي.
”عشق نارءُ احِترَق“، سُٺِي اشارتَ. هيءَ دل تان ڪِينَ هِراسِي.
هيڏي هوڏي ڪين وِباسي، بات اِها اسان باسِي.
برهہَ اوهان جي ڪِيو بيراڳِي، ”سچو“ رنگ سنَاسِي.

## ڪافي 22

اسين آهيونَ ڇا اَسين آهيون؟

بيلي، نتا ڄاڻون، ڇا اَسين آهيون!

ذري باران برساتيون لايون، ذري ٻَرن ٽيون وڏيون باهيون.

Gul Hayat Institute

ذري پڙهيون ٿا نمازان روزا، ذري لوچَ مٿي ٿَون لاهِيون.
ذري چئون ٿا "آهيون اَسين ئي"، ذري چئون ٿا "اصل ناهيون"
ذري آرام آهي هِن دل کي، ذري وهايُون نيڻَئون واهيون.
ذري چئون ٿا "اَسان پاڻ سُجاتو"، ذري چئون ٿا "اَسين چا هيون"
"سچو" اصلئون سوئي آهين، ناهُه هتي ڪيهو ناهيون!

Gul Hayat Institute

# داستان پيو

1

جي اَچين تان اَچُ، نَہ تَہ هِت پُورَن پَچاڙيون؛
محبت ياريو مَچُ، سِيني مَنجھ "سَچوءَ" جي.

2

ڪِيم مَهِينا لاءِ، آءٌ پَلا پُلِي آهِيان؛
اَچِي اَڪَڙيُون ڪَٽِي، "سَچوءَ" ڪي سَرچَاءِ؛
جانِي جوڙِيَم جاءِ، تو لَڳِ اَڪَڙيُن ۾.

3

چَشمَن جِي چمڪارَ ساھہ مُنھنجو سوگھو ڪِيو؛
وِيھي وانَٽڙيُن تي، رُئان زارو زار،
هوت اَچِج هيڪار، اَڱَڻ آسروند جي.

4

ماٺ ڪريان تان مُشرڪ ٿيان، ڪُڇان تان ڪافِر؛
اِنھيءَ وائيءَ وَرُ ڪو سَمجھي "سَچيڏنو" چوي.

5

روئَڻ ڪان نہ رهن، آيَل اِهي اَکيُون؛
سڀ ڪنھن ويل وهَن، اَٿن آٿر اوهِيرن جا.

6

لَحظو نہ لاهِين، بارَ مَٿَن برسات جا؛
اَکين کي آهِين، اَٿَرَ اوهِيرن جا.

Gul Hayat Institute

7

باڏَل وارا بارَ، چشمَن تي چڙهيا،
رئن زارو زار، اَٿَن آٿر اوهيرن جا.

8

آئي نِي مُند مِينهَن، آهي اَکڙين کي،
رئن راتو ڏينهن، اَٿن آٿر اوهيرن جا.

9

آهِه اِها ئِي تاتِ، اَگم اَکڙين کي،
ڏينهن اَوَن رات، اَٿن آٿر اوهيرن جا.

10

اَگم اَکڙين کي، سدائين آهِين،
سي ڪِيئَن اوڳائِين، جن کي آٿر اوهيرن جا.

11

اَکين کي اَگمَ، هِن سَدائين سَرتيون،
گُوندر گڏيون غمَ، اَٿن آٿر اوهِيرن جا.

12

لايون پِرت پَسن، اَوَن اَگم اَکِين ميڙيا،
سَيّ تانَ ڪِيئَن نَہ وسَن، جن کي آٿر اوهيرن جا.

13

ڏسن ۽ رئَن، اِها عادت اَکين کي،
سي سرهِيُون شالَ هُئن، جن کي آٿر اوهِيرن جا.

14

آهي ريجهَہ رئڻ، آيَل اَکڙين کي،
هُئي تَن هُئڻ، جن کي آٿر اوهيرن جا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آءٌ تہ ”مان“ ”تون“ وَڃي، يارَ
ٻِي ڳالھَ ڳَر مَ ڪائِي

ڳُجِھي ڳالھ هاديءَ واري دل تي دائِم،
فراموش ٿِي ٻِي ورونھن وائِي
بَحَر تي جا لَھر لَڳي تي،
اَسان پاڻ بازي اَصل ڪئِن بَنائِي
آهي هُوءِ حيرَت هَو جِي جِسم تي،
حَرفُ حَقَ جو آهي صورتَ سَيائي
لَٿو جُھڙُ جو هو نَظر ۾ ظاهِر ٿيو سِڄُ،
ٿِي اَڄُ سراَسَر سَهائِي
آهي ”سَچو“ سَڄُ تحقيقَ ڄاڻين،
جنَھِن مَست ماريو دمُ خدائِي

## ڪافي 2.

سچا سي سخن هاديءَ جا، يارو اڄ ياد آياسي،
تَنھِن ڏينهن لاڪُون اڄ تائين، اُهي بَر چشم چاياسي.

ڪيو تان قولُ سائِين هي، مِيڙن آڌو پَڪو مون سان،
هونداسين دمبَدم توسان، اِنھيءَ وعدي وناياسي.

ڏيو هِي تن طَاعَت ۾، گَڏيو هِي جان جانان سان،
پَري ڄاڻيجو پائِيءَ کي، لاڙي هِن يارَ لاياسي.

Gul Hayat Institute

روزا ڪيئي، نفل نِمازان، توڙي سَو ورد وظيفا،
سَيپيئي لَڳَ ظاهِر آهن، سبق ساڄن پڙهَاسي.

پنَو جي خيال خاصي ۾، سُڄاڻو پانهنجِي صورتَ،
ٻئي ٻولي ڏسي ٿو ڪير، فڪرَ پيا سَڀ ڦَلاياسي.

وِنو مَنجهه بادشهه محلي ٻولي ٿو ڪيِئَن اُهي ٻولِيُون،
اُهو بادشاهه اُهو بنگلو نہ ٻي ٻولي ٻُلاياسي.

جيڪي ڪيا دوستن مون سان، اُهي ڳڻ تان نَہ وسَرن ٿا،
هُئا گَڏ جي حبيبن سان، چڱا سي دمَ لنگهاياسي.

شڪر اَلحمدالله ٿو پڙهان لڪَ بار شڪرانا،
اُهي پيهي پَکي آيا، جَنِين لاءِ پَنڌَ پُڇاياسي.

"سَچو" سگ آهي دروازي اَزل جي روز سائِن جو
پَنهنجو سي ڪِيئَن ڇَڏيندا هي، توڙي عيبن اُناياسي.

ڪافي 3

چوڪرين ٿو اَرمان، جيڪي آهِين سوئِي ٿِيندين!

Gul Hayat Institute

اُتر اُوِيَر اولهہ ڏکڻ، سَر زمِين چا اُهو آسمان.
پاڻُون جاڙِي پيرَ گُهمايَئِي، ٿي صورتَ ۾ انسان.
اُتَڙ وبهَڻ جاڙِ اِهوئِي آهي، "ڪُلَّ" يَوم هُوَ فِي شَان".
"ڪُلُّ شَيءٍ يَرجَعُ اِلي اَصلِہ"، قادرَ ٿيو فرمان:
هاديءَ حقيقَتَ هِيءَ پُرجهائِي، "سَچو" تون سُلطان.

## ڪافي 4

برهه جي بازار، جيڪا ڏسڻ ايندي

جيڪا جو ڏسندي تجلوَ ٿنهنجو رهندي سا ڪين قرار،
سودو جا ڪندي سِرَ جو وهندي سا ڪينَ قرار،
چوسُول اَندر سُرخِيءَ مائل، تيز گُهمي تلوار،
جي ڪنهن چمڪو ڏنو ٿنهنجو سا سِرُ ڏيندي سَردار،
”سچو“ اِنهيءَ سيرَ ۾، آهي ڪُسڻَ جي ڪار.

## ڪافي 5

پانهنجا وعدا پاڙيا، سانولَ سائِينءَ!

هو جي ڪِياٺون اَصل اسان سان، سي قولَ تہ يارَ وساريا،
ڏينهن اُهي مون ڪَوْن تا نہ وسِرن، جي مون گڏ گُذاريا،
سُخن سَچَائِيءَ يارَ سَجَڻ جا، سي هِنَ ساهہ سنياريا،
اُنهن ڪارڻ شهر بَحر هي، مون تان نِتُ نِهاريا،
دوستَ ”سَچوءَ“ جا دور هئا جي، سي واليءَ هِت وراِيا.

## ڪافي 6

جو تو ڳولين يار، سو تان تو ۾ آهي!

Gul Hayat Institute

ڏونگرَ ڪيڏا ڏورئين، ڇؤ تون ڪِني لاءِ؟
هيڏي هوڏي نہ وڃين، پاڻَ ئِي ۾ مُنهن پاءِ،
دل واري خاني ۾، سَندي جانِبَ جاءِ،
اِهڙيءَ اوڏائِيءَ جِي، ”سَچو“ ڪَلَ نہ ڪاءِ.

## ڪافي 7

سَل سوداگَرَ يارَ ڙي مِيان، ڳھڙي ديسؤن آئين آئين؟

ظاهِر ٿِئين ٿُون وو اَچي زمينَ تي، ڪَٿِي ڪَٿوريءَ بارَ:
هَلِي اُتاهُون وو اَچي اِتاهِين، هَنجن سو پُوتَئي هَارَ:
طَرحين طَرحين وو اَچي ڳيئي هِت، صورتَ جا سِينگارَ:
شاهه آهين وو يا تہ ڳُماشتو، لايَئي ڳڍ قَطَارَ:
اَچي پِياسي وو سُڻُ "سَچو" ڙي، شوقؤن منجهه شُمارَ.

## ڪافي 8

جُهليو جَن تي حالُ، اُنَهن کي آءُ ڪِيئن نہ سُڃاڻا!

مَڃِن ماضِي ڪينڪِي، نَڪو اِستقبال:
لِڪو ناهي لوڪَ کَؤن، اُنهن جو احوال:
جي مُون پُڇيو جيڏيُون، آهي ورهه وصالِ:
وڃِ ووءِ ٻاجهُون تن کي، نَڪو قيل نہ قال:
"سَچوءَ" سُڃاتو تن کي، جن کي عِشقُ ڪمال.

## ڪافي 9

مُون کي عِبرتَ آهي، اَهڙي حالَ جي،
هاريون حيرتَ آهي اِنهيءَ ڳالِهه جي:

ڪاٿِئين ڏادو، ڪاٿِئين هيٺو ڪاٿِئين جوڙ جَٽيا ٿو پائي:
ڪاٿِئين ڪوري، ڪاٿِئين موچي، ڪاٿِئين سيد سَڏائي:
ڪاٿِئين تارڪُ، ڪاٿِئين سارقُ، ڪاٿِئين مُک مِلائي:
ڪاٿِئين شاهي، ڪاٿِئين سپاهِي، ڪاٿِئين حُڪم هَلائي:

Gul Hayat Institute

ڪاٿِئين ڪافِر، ڪاٿَئِين مؤمن، ڪاٿِئِن سوريءَ سِرُ هَلائي؛
ڪاٿَئِين گُسائين، ڪاٿَئِين سَنياسِي، ڪاٿَئِين بُتَ بَنائي؛
ڪاٿِئين سامِي، ڪاٿِئين اِنعامِي، ڪاٿِئين تِلڪ لَڳائِي؛
ڪاٿِئين قادر، ڪاٿَئِين نادر، ڪاٿِئين "سچو" نانءُ سُڏائي!

## ڪافي (10)

يار منهنجو يار، ڪَئِي ڪَئِي صورتَ سير ڪري ٿو!

ڪاٿئين ٻُڍڙو پِير ٿيو ڪاٿئين ٻولي ٻار.
ڪاٿئين بيراڳي ڦِري، ڪاٿَئين ڪَيُس قرارُ.
ڪاٿئين وظيفن ۾، ڪاٿَئين خم خمار.
ڪاٿئين آهي باشاھ، ڪاٿئين چوبدار.
ڪاٿئين پيرين پنڌ ڪري، ڪاٿئين گهوري جو هسوار.
ڪاٿئين "اَحد" ٿيو "اَحمد"، ڪاٿئين "عَبدالحق" اظهار.
آهي دلبَر دوست جو "سَچُو" سَڀ سِينگارُ.

## ڪافي (11)

نہ مان مريد نہ مان پِير، ساري فقَر جو فقير.

Gul Hayat Institute

نہ مان حاڪم، نہ مان ظالم، آهيان اَمُن جو امير.
نہ مان طاعَتَ نہ مان تقوي، آهيان ورهَھ جو وزير.
نہ مان گُھمڻ نہ مان گَهَتڻ، آهيان عِشق جو اسير.
نہ مان ڪُچَڙ نہ مان پُچَڙ، آهيان دوست لئہ دلگير.
"سَچوءَ" ٻڌو محڪم سِرَ تي، محبت جو مَنديُر.

## ڪافي (12)

عاشق اکيون اُپٽي ڏسين، آهي مِڙيوئي يار، ميان،
ظاهر زباني ٿو ڪريان، عجبَ جيهو اِسرار، ميان.

اعتقاد فردا رکُ، اَڄ دوست ٿيءُ اظهار، ميان،
جنهن کي پَسڻُ هِت پرينءَ جو، هُت پِيي تنهين ديدار، ميان.

سالِڪ صحي ڪِي تا ڪرين، صورت سندو گلزار، ميان،
ٻانهون ٻڌين ڇو ٻين کي، آهين تون سڀ سالار، ميان.

بلبل اول ڪر پاڻ کي، گُهٽ گهٽ سارو گلزار، ميان،
جي تون زليخا جان ٿئين، ساجن سَيو سنسار، ميان.

تون تا سچيءَ هِنَ ڳالهه کون، عاشق نه ڪر انڪار، ميان،
جيڪي چيو مُرشد توکي، آڄِ اُتي اعتبار، ميان.

سروپا اُهو ساجن وسي، ٿي پاڻَ کون بيزار، ميان،
آهي وس "سَچو" سڀ يار جو ناهه ڪو اسان اختيار، ميان.

## ڪافي 13

Gul Hayat Institute

سُهڻي سَجڻَ سان نينهڙو لايوسي!

وردَ پڙهيَم ٿي وڄَ ۾، اَديون ڙي، آڏو عِشق آيوسي،
سَڀ وساريئين ڳالِهيون ڏسڻ سان، اديون ڙي، ڏاڍو پُور پرايوسي،
ٻَن وجهِي بيون ڳالَهڙيون، اديون ڙي، ڳَليءَ ڳَليءَ يارُ ڳايوسي،
اول وقت عَجِيب جي، اديون ڙي، اِنَهيءَ گُهورَ گهايوسي،
"سَچوءَ" سَوَ مبارڪان، اديون ڙي، چاهَؤن سِرَ تي چايوسي.

## ڪافي 14

شوريدن ڪؤن حال، پڇيج وڃي پوءِ هوءِ ۾.

مجلس وڃج اُن جي، تان ڏسي خاص خيال.
اَگهہ لَهج اُن جي، تان تو وڻ تَڙ آهي وصال.
ورقَ وسارج وڃَ جا، تا فارغ ٿئين في الحال.
عقل اُڇلج آبَ ۾، تا بِرهُہ ڪَرئي بيحال.
جي تون وسهين ويسلا، هي "سچوءَ" سَچ سوال.

## ڪافي 15

ساري ڏيهُہ نہ ڏي زِي،

پانهنجِي دِل سَمجهہ سَنيالين.

ڳالهہ پُڇين جي پِرينءَ جي، حَرف حالَئي جا هِي زِي
اُچل نہ نِڪر پِٽر جان، نِينهُن پارَڻ ئِي سان ني زِي
هاريُون اِنهيءَ حالَ جو قُرب سُڃاڻن ڪي زِي
پاڻَهِين آهِن پَڌرا، "سچو" سالِڪَ سي زِي

## ڪافي 16

ٿُنهنجي حُسن ماريا، سوريءَ سي سنپاريا، اِنهيءَ ڳالهہ ڳاريا،
هزارين هزارا

اُهي يارَ آيا، نِيزن جي نِوايا، نيئي سِر سَلايا،
تنهين تو اگهار.
جَنهِين موج آئي، تَنهين سُڌِ سَيائِي، ڪيهي ڳالهہ ڪائي،
لنگهيا شهسوار.

Gul Hayat Institute

كمر جا پڏائون، وري نا چوڙيائون، نَئِي سِر ڏنائون،
لاٿائون مهَار.
مَچڻ هَٿ هَٽي سي، اِها ڳالِهه ڳَٽي سي، ٽريءَ سِر ڪٽي سي،
ڪيائون نِثار.
جن موجن چڙهيا سي، لَهرن لُڙهيا سي، "اَنَاالحَقُ" پڙهيا سي،
ڪِنيا هِن خُمار.
هِي نعرو هنيائون، اَنَاالحَقءُ" پَڙهيائون، نَئِي سِر سَليائون،
ٿيا گم غبار.
مَي جا پيتائون، هي سِهرا ڳُتائون، وڏي وڪَ وڌائون،
پاڙيائون قَرار.
پهلوانَ پاسي، نہ تيندا ڳڏهان سي، اِها بات باسي،
هَليا حُڪمدار.
مُلڪان مُلڪَ ۾، مَلڪَ ۽ فَلڪَ ۾، سُٺو سي خَلقَ ۾،
پئي هيءَ پچارَ.
منجهؤن حُبَ هَلياسي، مَاري چوٽَ چلياسي، وجي رنگ رَلياسي،
ٿنهين هِي تَنوار.
اِها اعتباري، سوري جَن سواري، عجب خوش خُماري،
ڪُنن جي قَطارَ.
نَشانا ڪوڙيائون، مُنهن نا مُوڙيائون، ہئِي هَٿَ ہڌائون،
ڪُنا قُربدار.
ٿِي مَنصور مَستِي، ڪيئَن گُم هَستِي، هَنيائِين دو دسَتِي،
تپش جي ٿَرار.
ٿي شِبليءَ شابس آءِ، سُرن جي سَراپاءِ، ڏڪيائين لِڱين لاءِ،
وجود دؤن وسار.
مُلا سو قاضي، ڪڙي ڪيائون بازي، منجهن گنؤ غازي،
ڪڙا ها جونجهار.

Gul Hayat Institute

هنيئين پير جَنهن تي، ڏنئين سِرُ پِيي تنهن تي، نہ سُڌ هي سين تي،
تِئين سَچُ سچار.
”سچو“ سِڪَ تَنهِين جي، جذب جاءِ جَنهِين جي، نہ پرواهہ ڪنهين جي،
رکي نِي سنپار.
وِڌي سِر پِچاڻون، اَنَا الحَق“ واڻون، اهو سِر سُڃاڻون،
آڻيو اعتبار.
هنيائين هَڪل هيءَ، وئي تان شڪل هيءَ، نہ حاجت عقل هيءَ،
جَليا جلوه دار.
ڏنئون مُنهن مَتاري، نہ ڪاڏي نهاري، سٽيو سِر سچاري،
دليون دوستدار.
سچي ڳالهہ ڪيائين، نہ ڪوڙي ڄيائين، نَباهي نينهن نيائين،
ڪارڻ هڪ نظار.
باهِن مِ وڌائون، پوءِ لهرين لوڙهيائون، اَنَاالحق“ ٻڌائون،
تِي هَي هي هونگار.
پِيي بغداد سارو مڙيو بَهت پارو منجهن نَر نعرو
هٽي هوشدار.
”سچو“ عشق ايندئي، اچي ڏاڻ ڏيندئي، ”من وما“ نيندئي،
ڪندئي گل بهار.

## ڪافي 17

هٿئون پيتو مون تان پير مُغان جي، جام شرابون شوري.

Gul Hayat Institute

دَور ڪارائي دل کي تو چشمان ڪيف ڪَڪوري:
اصل ڪؤن منصور جو اُنهيءَ، ڪاتيو ڪنڌ ڪوري:
نشي منجهہ نواز تي، گهوريون هي سر گهوري:
جنهن ساقيءَ سُرڪ پياريو آءَ ڪيئن پُجان تنهن جي توري:
پِنهان ڪيائين پاڻ کي، چِت ”سچوءَ“ جو چوري

## ڪافي 18

مون کي آهن ياد، مِٺيون تنهنجيون ڳالهيون!

هي نماڻي ڏوهن هاڻي، دوست پهچائين داد،
پرين پنهنجي پار جو عشق ڪرين امداد،
"سچو" آهي اوهان جو تنهن ۾ دوست ڪريو دل شاد.

## ڪافي 19

مين ماري، محبت تنهنجي، ميان!

ورتم ڏک درد جو، تنهن سڀ کا واٽ وساري،
ڳِلا ۽ غيبت جي، سِر تي ڪنيم ڪاري،
چنڊ اُڀري آئيو ويئي سڀ آنڌاري،
مِڙني مِنياڻن ۾، نيهن ڪئي نِرواري.

## ڪافي 20

جا چوڻ جيهي ناهه، سا ئي ڪيئن چوان؟

ڳجهي آهي ڳالهڙي، ڪنهن ڳل نہ آهي ڪاءِ،
اوڏي ناهي پَروڙ ڪي، ويجهي نہ وِيساهه،
هُئڙي سَڌ حلاج کي، تنهن سِسي ڪوڏ ڪپاءِ،
پوڻ آهي اونهن ۾، جتي هوءِ هواءِ،
"سچو" سِرّ نہ سَلڻ جو سو تان سڀ منجهاءِ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 21

جنهن دل تي آهي جوش، سا دل سورن سان سنڙِي

آءِ هڏ گهوري اُن تؤن، جنهن تي جوش خروش؛
ڳالهہ ڳرهڻ ڪهڙي، خلق اڳيئن خاموش؛
اثر اهي عشق جا، اول وڃائي هوش؛
سالڪ سُڪ نہ سرها، گوبندر ڏي ڪن گوش؛
”خَلَقَ الانسَانَ عَلي صُورتِہٖ“ بادشاهي پوش؛
”سچو“ سوريءَ وڄڻا جي، مَي ۾ ٿيا مدهوش.

## ڪافي 22

منصور سوريءَ تي چڙهيو هر ڪنهن چيو ٿي واهہ واهہ.
عاشق اُتي ئي سِرُ ڏنو اناالحق ٿيو سڀ ساهہ ساهہ.

عشق اچي نعرو هنيو آيس سيائي باهہ باهہ.
نظر مون کي هادي آيو ٿيو سوئي الا الله.

عاشقن سرڪي جا پيتي ٿي سيائي هُو هواءِ.
منصور، شمس تبريز پارن هٿ ڪيائون جاهہ جاهہ.

ويا سمنڊ ڏيئي ٽُبي، سارو لڌائون سُڌ سماءُ.
الف سان جي گُم هوا ٿيا ڪُل شيءِ هر جاءِ جاءِ.

”سچو“ ڏسڻ سان سُرخ ٿيو ۽ تخت تي هو شاهہ شاهہ.
رچي اُتاهون لعل ٿيو سارو اهو هو خود خداءِ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (23)

عِشق لڳئي تا ڪر آمين، نامنجهه ڪُفر نا منجهه دين.

سُورن جون ستون ڪهڙيون پڙهين ٿو ورهه نه پڇنديءَ والضالين.
ديد ڏسي ڪي ديد آڙائن، نينهُن نه پڇندائي نابين.
جلوه عشق جو عرش ڪُرس تي، سرِزمين چا زير زمين.
دِل سان ذرو درد قبوليم، ڪَشف قُبور ڪرامت ڪِين.
شُبها شڪ سيئيءَ لاٿم، پاڻ سُڃاڻڻ ساڻ يقين.
طالب ڪي تلوين گهُرن ٿا، نڪي تمنائي تمڪين.
هادي عبدالحق "سچو" ڪي، توڙوُن هِيءَ تا ڪئي تلقين.

Gul Hayat Institute

# ٻُسئي

## داستان پهريون

(1)

ناهي وبچاريءَ وَسُ، جو ڪَري ماٺ پَئِي رَهي؛
ڪَنهِين چَن نہ چڏيوم، سندو گورَنِ گَسُ؛
ڏونگر منجهان ڏَسُ، پوندم هوت پنهونءَ جو.

(2)

وَيُم لالَڻُ لوءِ، هِيءَ اَٽاسِي ننڊ ۾؛
پُليءَ هيئَن نہ ڄاڻيو پيو پروڙڻُ پوءِ؛
هوتُ وَتِم جي هوءِ، تا سُک گُذاريون ڏينهڙا.

(3)

منهن ڏيئي آيام، جبل جهاڳڻ ڪيچ ڄا؛
طعنا تهمتَ لوڪ جا، سِر چَڱا چايام؛
پَت پَليءَ پايام، سِهرا سُور پريَنِ جا.

(4)

Gul Hayat Institute

هيءَ نِماڻِي نال، سنگت نِجو ساٿيو!
ايندي پُنيءَ آن جي، جيهي تيهي حال؛
هِن ڳوليندڙ جي ڳالهہ، ڪا هئي هوتياڻِن ۾؟

(5)

رُئڻ زار و زار؛ راتو ڏينهان آهہ مون؛
ڪوڙي ڪان قريبُ وبو هِنئڙي مَنجهہ هزار؛
هن ڳوليءَ جي گُفتار ڪا ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾؟

(6)

وجڻ ذوق ضرور، هِن ڪاهِل آهي ڪيچ ڏي؛
ڏسان شال اکين سان، هوتاڻو حُضُور؛
منهنجو ڪو مذڪور، ٻُڌوَ پاروچن ۾؟

(7)

سرتيون سڪ سبيل، آندر منجهه عجيب جِي؛
راتو ڏينهان ٿي ڪريان، زاريون منجهان زِيلَ؛
هن ڪمينيءَ جي قِيلَ، ڪا هئي هوتياڻن ۾؟

(8)

پَرين ڏيئي پور، ويا ويچاريءَ ڪي؛
تنهن دنيا جو دُور ڪيو سيو شوق شعور؛
هن مُئيءَ جو مذڪور، ڪو ٻُڌوَ پاروچن ۾؟

(9)

ريءَ ڪر تنهن گولي، آهيان آرياڻيءَ جي؛
جو ڏنائون ڏِيل ڪي، سو جهليم جهولي؛
هن ٻانهيءَ جي ٻولي، ڪا ٻُڌيوَ پاروچن ۾؟

(10)

ساربو پڇي ساٿَ، سنديون ڪيچن خبرون؛
هيڏي اچڻ جي هئي، ڪيچيڙن کي ڪا تڙ؛
منهنجي پيي مَصلحات، ڪا ٻُڌيَوَ پاروچن ۾؟

(11)

لَڪين ڏيئي لَت، پاڻ ئي ڪريان پڌرو؛
سارو وندر وُوڙبان، جيڏيون ڪارڻ جت؛
منهنجي ڪا مَصلِحَتَ، هُئي هوتياڻِن ۾؟

Gul Hayat Institute

(12)

ڪري ساٽ سوال، تہ ڪيچن جي ڪا ڳل ڏيو؛
جا ڇڏيائون ڇپرين، موٽڻ تنهن محال؛
هَي هَي آرياڻيءَ ري، هھڙا ٿيڙم حال؛
سندي هِن سنيال، ڪا هئي هوتياڻِن ۾؟

(13)

راتو ڏينهان رَت، اوتڻ آيم اُن ري؛
آيل عشق عليل ۾، شال نہ پوي ڦٽُ؛
جبل سڀ جهاڳي وڃي، جيڏيون ڏسان جَتُ؛
هِن مُئيءَ جو مَتُ، پوي مذڪور پِرين ۾.

(14)

آثر ڪيو اَفسوس، مُئيءَ جي مِرَن ڪي؛
جُودَ تنهين جي جوش، سارو روح رتيون ڪيو.

(15)

گوندر گذاريام، سي تان پلا ڏينهڙا؛
سڀ ڪنهن ساعت سپرين، تني صحي ساريام؛
هي ڪشالا ڪاريام، ساعت هڪ سمهڻ جي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

ڏونگر آهي ني ڏَسُ، ميان، هاريون منهنجي هوت جو.

هلان تہ هلڻ نہ ٿئي، ناھہ وبچاريءَ جو وَس،
راتيون رهڻ روهَہ ۾، ڪاڪِيون آهي ڪس،
ڪِيَڙو عشق عجيب جي، هنيڙي منجهہ هَنبَسُ،
آهي عجيبن جي، ”سچو“ سِڪ سَرس.

## ڪافي 2

منهنجو پانڌيڙا پِرينءَ کي، ڏيج هي نياپو.

ڏيئي باھہ پنيور کي، هيءَ ڪيچ ڪندي ڪاپو،
اَصل لاڳُن آهي، منهنجو ساڻن سياپو،
آهي اوهان جو سپرين، هن ڇوريءَ تي ڇاپو،
منهجو محبوبن کي پيو ڏيج نہ ڏوراپو،
سدا آهين ”سچوءَ“ کي، تون جيءَ جو جياپو.

## ڪافي 3

پري ٿين نہ شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي!

ساڻن ٿيس نہ سنگتي، هَي هَي ههڙي حال،
جَتن ڪِيڙم جيڏيون، جتن سان مون جال،
دوستن بنا ديس ۾، جيئڻ منجهہ جنجال،
ڪنهن در ڏيان دانهڙي، هو جي ڳُهي ويڙم ڪال،
ڪوڙين ڪَيَڙم ڪيترا، اُنهن ڪاڻ ڪشال،
سي ئي ”سچوءَ“ آئيا، جن لَڳ وجهايم فال.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

پينر هي پنيور، اَسين چڏي ويندا سون!

وس نہ آهيان پانهنجي، پلو ميان، پورن ڪيڙو پور،
هِت رتي نہ رهنداسون.
جاءِ عقل جي ناهہ ڪا، پلو ميان، عشق ڏيکاريو هت زور،
اُهي وني ويندا سون.
پورهيو ڪنديس پِرَ جو پلو ميان، چَڏي بيو تَڪ تورُ،
اَسين جا ڪِي جِيندا سون.
ڪاڪِيُون وَجي ڪيچَ ۾، پلو ميان، لاهي هِنئين جو هورُ
ڏُکَ ڏورا پا ڏيندا سُون.
"سَچو" ڏني سَجَڻَن، پلو ميان، شوقَ مَچايو شورُ
تَن جي پکي پهندا سُون.

## ڪافي 5

آهي ويچاري ڪا وَس، ميان، توکي معلوم مِڙيوئي!

ويٺِي آهيان واٽ تي، گولِي ڪَجو گَس، ميان.
سارو وِندرُ ووڙيان، ڏاها تُنهِنجي ڏَس، ميان.
ماٺهو شهَر ڀنيور جا، رُوح نہ اَچَن رَس، ميان.
"سَچو" پوءِ پِرينَ کؤن، آهي ڀَنيوران بَسِ، ميان.

## ڪافي 6

ڳوٺ ساري جون ڳليون ڳِليوُن، وو نِتُ ڏِسَڻ مون کي آئيون.

رَت روئڻ کون اُهي اَکَڙيُون، ڪين سي جهَلجَن جهليون جهليون.

Gul Hayat Institute

ڪيچئَڙيون جوُن وَري قَطارُون، هيڏي ٻُڌيونسين هَلِيون هَلِيون.
سي نہ وسرَن ڳالهيون اُهي، يارَ سَجَڻ جي تو سَلِيون سَلِيون.
چاڙهيئي آسان تي دردَ فِراقَ جون، ڇُوهہ ڏاڍي مَوْن چَلِيون چَلِيون.
روز اَزل کَون ڪَيو ”سَچوءَ“ سان، يارَ ڀَلا، ڪيئِي ڀَلِيون ڀَلِيون.

## ڪافي 7

هوت اچج ھت ھاڻين، پنهنجا ڏک ڏسيندس، ميان.

دوست اوهانجِڙي آهيان، ميان، سائين لڳ سُڃاڻين،
پاڻ گولِيَن گڏيندس، ميان.
تون تان صاحب سُپرين، ميان، هيءَ نانءَ نماڻي،
توکي سائين سڏيندس، ميان.
ڀَکا ڀَکن سامهان، ميان، آرياڻي مون آڻي،
توکي اوڏا اڏيندس، ميان.
پُنيءَ لڳس تانهنجي، ميان، حُبَ مَنجهوُن هوتياڻي،
آءَ ڪا پندُ ڇڏيندس، ميان!
”سچو“ اُتي سپرين، ميان، پِنبڻ مان پاڻي،
ڏک ڏوراپا ڏيندس، ميان

Gul Hayat Institute

## ڪافي 8

هوتَ پِرين هڪواري، مُون کي اچي مِلج ميان!

ڏونگر ڏورڻَ مؤن نہ ٿئي، ميان الا، آءَ اوري تون آري
ڳچيءَ پائي ڪپڙو ميان الا، زور ڪريندس زاري

جا اوھانجڙي ڪونجي، ميان الا. سا تو ڪيئن وساري؟
ھيجؤن ڪنيم سر تي، ميان الا. بارُ برھہ جو باري
وينئي ڏسان واٽڙي، ميان الا. مونجھہ اَوھان جي ماري
”سچوءَ“ سندو سڄڻا، ميان الا. ٿيو فراقُ فراري

## ڪافي 9

آيس آءُ ڪي اُوڏِي، جھاڳيا مون تان جبل جالَ!

جي مون وِسَھو جيڏيون، آھيان ڪيچن جي آءُ ڪوڙي
حُبَ جنھن کي ھوت جي درد نہ بئي ڳنھِن ڏوڏي
ڪيئن ڪريان آءُ ڪاڪيون، ھوتُ منھنجو سو ھوڏي
دَردُ جنھين کي دوست جو، لَڳن سَا نا لوڙِي
سيڻن خاطر سُڻ ”سچو“ ڙي، ڳاھہ ڪنديس ٻڌي گوڙي

## ڪافي 10

وِيَڙا جي وٹڪار، اجا وري ايندا سي!

ڪي ڏينھن پھچڻ ڪيچ ۾، قصد ڪندا ڪوھيار،
اسين ڪاڏي نہ ويندا سي.
پوءِ منھن رکي جيڏيون، پاٹؤن ڄاٹِي ھِن پار،
اَسين ڪاڏي نہ ٿيندا سين.
آيا ڄاٹي سپرين جيءَ نِي پيڙو جار،
نيھن نيبَھُ نينداسي.
ھاٹي ”سچو“ مون ڪؤن وسري، ڳٽڻ واري ڪار،
اسين جا ڪِي جينداسي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 11

اُهي ڪهڙي طرف ويام ، آءُ ڳوٺ رَهيس سَڀ ڳولي!

عشق تہ عاشقن جا، مبان، اَڳهين تي ٻڏام،
هاڻي توليءَ مَون سو تولي.
ڪوڪان چڙهي ڪوهَہ تي، ميان، ڪيچئڙن ڪيام،
هاڻي چوليءَ مَون سو چولي.
ڏريندي مون ڏونگرين، ميان، سرتيون سال ٿيام،
هاڻي رمز لڏي مون رولي.
"سچلَ" آءُ تان ناهيان، ميان، ساري سُڌ پِيام،
اِتي پاڻ پاروچل ٻولي.

## ڪافي 12

واٽ وندر جي ڪو ڏَسي، وو ڏَسي، مون کي جيڏيون!

سپريان جي ساٿ جا، آهيون سو عاشق آسي وو آسي.
سُڌ تنهن کي سُور جي، چام پنهون جا پَسي وو پَسي.
وهان ڪيئن پنيور ۾، خانُ ويو دل ڪَسي وو ڪَسي.
پِريان سندي پار ڏهون، مانَ ڪو رهبر رَسي وو رَسي.
هيڪند ٿيان جي هَوت سان، هينئڙو منهنجو هَسي وو هَسي.
سِر "سچوءَ" جي سانوڻ وانگر، بِرهہ جو بادل وسي وو وَسي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 13

ناهہ ويچاريءَ جو وس نِي، توکي معلوم مِڙيوئي، ميان!

آهي هِن ڪميڻيءَ کي، ميان، ڏونگر سندو ڏَس نِي.

چڙي ڏونگر ڏاڪڙو ميان، ويڙهي اسان جي وَس، نِي
حالُ هِن جو هيڻو ميان، پاڻ ٻنهون اَچي پَس، ني
ٻاروچاڻي جاتِ ۾، ميان، تون سانول آهين سَرس، نِي

## ڪافي 14

مون وٽ هو مهمان ، پلو جيڏيون، اَچا ڪالهه قافلو!

اَٿم اونارن جو ميان، آيل ڙي آرمان
ڏئي ڏُکيءَ کي ويا، سورن جو سامان
جتن سندِي جات لاءِ، هَي هَي هيءَ حيران
ڪندي وچي ڪيچ ۾، هيءَ برهه جو بيان

## ڪافي15

صدقي صدقي هي سِر، ميان، آهي ڪوهيارل توُن صدقي!

ڪاف ڪشالا ڪيچ جا، ظاهر ٻُجهَن تا زرُ ميان
جبل گهايا جوش مؤن، گهائي ڪِيڙُوَ گهرُ، ميان
محبت جي ميدان ۾، کهيڙ ڏسي وچي گهڙُ، ميان
ويهڻ مون کي وِهه ٿيو تر سان هَڏِ نه ترُ، ميان
جيڏيون جانب جت لاءِ يَئي يَئي وتي هِيءَ ٻرُ،ميان
حبيباڻي هنج ۾، ڪيهه ڪري وڃي ڪرُ، ميان
"سچو" سچيءَ سڪ مون، فاقو ڏسِي نا قرُ، ميان

## ڪافي 16

يار توسان منهنجي زاري، آهي سَوَ لَک واري، ميان!

وندر جي وٽن ۾، واجهه وجهي ويچاري
سَا تان محبت ماري

Gul Hayat Institute

هي تا حال حقير جو اَچي ڏس آري،
ڪَنيُم برهہ باري
اَزل لاڪُون آهي ئي، يار توسان منهنجي ياري،
پاتم ٻچيءَ ٻاري
سور تُنهنجا سپرين، چُڪِيءَ کي چوڌاري،
وجهج گهوٽ نہ گهاري
آهي هَٿِ حبيب جي، ڳالهہ "سچوءَ" جي ساري،
ڪندا نِي پوئواري

## ڪافي 17

پورهيت پاٽيءَ پوئي، خان ٻاروچا تُنهنجي!

حاضر خدمت اَچي اوهان جي، حال چونديس روئي؛
ساٿي اسان جي سُڌ لهڻ لاءِ، ڪڏهن نہ مُڪو ڪوئي؛
قولُ ڪيو هوءِ هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي،
ڪيئَن وساري وهان اوهان کي، ڪَئِي تا ههڙي توئي؛
طوطي جي ٻچيءَ سَوَ سَلامن، "سچوءَ" مُڪا پُڻ پُوئي.

## ڪافي 18

هوت ڏهون هاٽي آيُون، مون ڏي خوشخبران هي!

Gul Hayat Institute

اَچي اڏيون اوڏڙيون، تا جار اوهانجڙي جايون.
چڏي شهر ڀنڀور کي، پير وري ايڏي پايون.
ٿيون ڄيارن جيڏيون، اِهي ويچاريءَ کي وايون.
"سچوءَ" سَنديون دانهڙِيون، دوست وري ورنايون.

## ڪافي 19

ڙي جيڏيون . هاڻي هوت ويا جي، وو سي موٽي مانَ اچن!

دعا ڪريجو جيڏيون، پَري نہ هوتَ وڃن؛
سِگھا موٽَن پوئتي، اچي ويڙهي هِن وسن؛
وڃي ڪيچ وٽن ۾، پورهيائِت پُڇَن؛
ڪيچي ڪميڻيءَ جي هُت، ڳچي شال نہ ڳن؛
”سچو“ اَصلؤن آهي، سرتيون سَڱ سندن.

## ڪافي 20

ڳالھ ڳريان آءٔ ڪهي، حالَ پنهنجي جي، ڙي جيڏيون!

ڪالھ ڪالهوڻي سُپرين، ويا وَتئون مُون وِيهي؛
چڏي شهر ڀنڀور کي، ويا ڀهاڙين ڀيهي؛
ڪري پريشان ويا، درد منديءَ جي ديهي؛
آءٔ اُنهن جِي آهيان، جيهِي جي تيهي؛
مارڻ پوءِ جيارڻ، رَسمَ اُنهن جِي ايهِي؛
”سچو“ سوز فراق جا، بارَ کَڻَن ڪي نيهِي.

## ڪافي 21

Gul Hayat Institute

هوتَ اوهان تي آءِ، ميان، سارو نَنگُ نِماڻِيءَ جوا!

سائينءَ ڪارڻ سُپرين، ڀيرَ اَڱڻ منهنجي پاءِ، ميان.
پِرين وَڙَئُون پانهنجي، لَئُن نماڻِيءَ سان لاءِ، ميان.
ماڻهو شهر ڀنڀور جا، ساهَہ نَہ اَچَن ساءِ، ميان.

ڏسنديس آءُ اکَڙين سان، جانبَ تنهجِڙي جاءِ، ميان.
ڪاري ڳُڻَن تانهنجي، ”سَچوءَ“ کي هاءِ هاءِ، ميان.

## ڪافي (22)

هِنيڙي ڳالهيون ياد، آريءَ ٻاروچي جيون!

ويا ويساهي نِڪري، عشق ڏيئي اِمداد.
ڀينر شهر ڀنڀور کَون، آءٌ ٿيندِيَس آزاد.
اُنهن ٻاجهون جيڏيُون، عُمر مِڙيئي بَرباد.
درد مندن جِي دلڙي، شالَ ڪندا سي شاد.
”سَچوءَ“ سَندي سَرتيون، پُنِي سَڀ مُراد.

## ڪافي 23

يارَ ساٿيو ڙي ميان، يارِ پانڌيو ڙي ميان.

پلو ڙي ميان، ڪيچن جي، وو ڳلَ مون کي ڪائي ڏيجو.
هيءَ نماڻي، وو وَر وڪاڻي ميان، نال نباهي نيجو.
ڪيم وساريو مُئي نہ ماريو ميان، ڇوري تان مَ ڇڏيجو.
ڏيو دلآسا ڪڏهن ايندا، ميان، لوڪڻ تان نہ لڏيجو.
آءُ اوهانجِڙي اصل آهيان، گولِي ساڻ گڏيجو.
جنهن ويلي، وو هلو اِتاهون، ”سچو“ نانءُ سَڏيجو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (24)

آءُ اَدا پانڌي، دوست دلاسو ڪو ڏنو؟

سُڻ تون ساٿي، آهيان، ادا، آءُ محب بنا هت ماندي.
اَڱڻ اسان جي ڪڏهن اِيندا، اِها خبر تو ڪا آندي.
دل اَسان حي دوستن ٻاجهون، ناهي ورهہ ڪُون واندي.

سِگهڙي ساٿِي ڙي مانَ ٿيان، ڪا هوتن سان هيڪاندي
ساران سنپاران "سچُو"وي لهندءِ، آهين جَنين جي تون باندي

ڪافي (25)

منهنجو ڪِي هُت پچيائون، سچ چئه ادا ڙي ساٿيو؟

گوشي ويهي گَڏ اَوهان سان، منهنجي ڳالهه ڪا ڪيائون؟
سَليو سنيها ساڻ سلامن، هِنَ ڏاهَه ڏي ڏنائون؟
پيغام پرت وارا، چئو جي مون ڏي چيائون.
دلاسي جِي درد منڊِ ڏي، ڪا اج خبر لکيائون.
"سچوءَ" ڪاڻ تا گهٽيرو هِن ڏيهِه تي ڏنائون.

ڪافي (26)

وبندي تا وٽڪار جيڏيون! هي لڱ هوت بلوچ جي.

آءُ ڪيئن وهان هتهين، آهي منهنجو ڪم ڪوهيار.
ساهه منهنجو سرتيون! آهي پرين جي پار.
هي دل ديواني ڪري، هو ٿيا پاڻ قرار.
جات جتن جي جيڏيون! جيءُ وڏو آهي جار.
"سچو" نه وسار ساهه ڪؤن، دوستن جي دربار.

Gul Hayat Institute

# داستان ٻيو

(1)

ڪوڙيين قرباني، ٿيان هوت پنهونءَ تان،
ساهه سِري صدقي ڪريان، سندن مهماني،
هي جوين جواني، تي اَجائي گذري.

(2)

جبل جالون جال، سو مون ڏورڻ نه ٿئي،
وڏا وڻ وٽڪار جا، ڪافن ڪوهَه ڪشال،
هي مون ڏسي حال، ٻاروچو ٻاجهه ڪري.

(3)

ٻاجهه ٻاروچا ڪر، مون تَرُ ٿيليو نه ٿي،
ويچاريءَ جي وڙ ڪر بلوچا بَيبان ۾.

(4)

اَچج آري جام، ڪو مُنهن موڙهيءَ جو ڪرين،
مون ڪَوڙن مير مُدامَ، هي تر ٿيليو نه ٿئي.

(5)

آءُ تون پنهون يار، ڏسي حال حقير جو
هن نماڻيءَ نِڪار، هي تر ٿيليو نه ٿئي.

Gul Hayat Institute

(6)

هِن دم آري آءُ، ناهيم حال هلڻ جو
مون نماڻِيءَ کانءُ، جي ٿر ٿيليو نہ ٿئي.

(7)

ڏيهہ سندو ٿيو ڏور، رهبر ٿيءُ رُڃُن ۾،
مون وبچاريءَ مُور، هي ٿر ٿيليو نہ ٿئي.

(8)

ڇپر تا مَ ڇڏين، آءُ هوتياڻي جَتَ ۾،
هن ڪميڻيءَ ڪَڏين، هي ٿر ٿيليو نہ ٿئي.

(9)

جي هئي ڪميڻيءَ ڳل، تا صبح ويندو ساٿڙو
تان مون تنهن مهل، پُرزا پُرزا پاڻُ ڪيو.

(10)

هَٿان ويل ويام، ڪاڪِيون هاڻي ڪيئن ڪريان؟
ٿيلَڻ ٿَر ٿِيام، هاڻي هوتياڻِن لاءِ.

(11)

هَي هَي ڪارڻ هوت، ڏونگر ڏورڻ آئيا،
ميان تائين موتَ، ووءِ ووءِ تان نہ وساريان.

Gul Hayat Institute

(12)

ووءِ ووءِ تان مَ وسار، متان ماٺ ڪري وهين،
ٿيو پَرُ تنهين پار، جاتي بيو ناهِي ڪي.

(13)

ڪيم وساري ويهُہ، ووءِ ووءِ ڪر وندر ۾،
پچڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاڙي پاڙي پيهُہ،
ڏيهہ ڏٺيءَ جو ڏيهہ، حاصل ٿئي جت سين.

(14)

متان وهين ماٺ ۾، منجهه جلديءَ جُل،
هتي ويهه نہ هل، تان ڪِي پڇين پنڌ کي.

(15)

ويهُہ نہ وساريج، متان ماٺ ڪري وهين،
قولُ اُهو پاڙيج، هو جو ڪِيڙئي هوت سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

ويجها شال رهن، ميان، ڏور لايا جن ڏينهڙا!

سگها منهنجي سپرين، پکي مان پهن،
وڏا طالع تن جا، جَن جي راج رهن،
هِن منهنجي حال جي، سِگهَڙي سُڌَ لهن،
طعنا ڏيو تن جا، ڏاهيون سڀ ڏهن،
"سچو" صدقي تن تئِن، جي ٿا ڪيچ ڪهن.

## ڪافي2

ڙي جيڏيون، آءُ تان پيو نہ ڪندي،
منهنجو پيچ پنهل سان آهي!

آءُ جنهين جي آهيان، سو تان مِهَر نہ لاهي!
ڪيو ڪميڻيءَ هوت سڄڻ سان، سگُ سِياپو ساهي.
هٿ وجي پَئِي هوت جي، وس نماڻيءَ ناهي.
سوال "سچوءَ" جو اهو آهي، نِينهُن سَندن نيباهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي3

هوندي سڀ پَرسائن ساڻ، جيڏيَون،

هِيءَ پورهيو بَندي وجي ڪيچ ڪندي
ڪالهہ ڪالهوٺي سپرين، اجا مون وٽ مهمان.
لگي ڪافَن ڪيچ جي، پُرزا ڪنديس پاڻ.
اُنن، اونارَن تئِن، آءَ ڪاڪيون ڙي قربان.

هٽي وېڙو نڪري، ٻاروچو مون ٻاڻ.
ويھڻ مون کي وِھُہ ٿيو ڇِيتڪ ڪيڙس ڇاڻ.
"سچو" سوز فراق جو ڏئي ويڙم ڏاڻ.

### ڪافي 4

پينر هيئن نہ پايون، تہ هوتَ ڪندا هِھڙيَ!

عشق تا آتش جھڙو لالڻ وجن لايون.
ڏينديس ٻاروچن ريءَ، پنيور کي ٻاهيُون.
سَرتِين سُڌ نہ سور جي، هي تَن وجن تا تايُون.
ڏِئون ڏين تيون ڏِيلَ کي، سنديون جتن جايُون.
"سچو" وجن ساٿَڙو ڇُپ ڇُپاتِيون ڇايُون.

### ڪافي 5

آءُ اگڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساربان ٿي!

وندر جي نِي وٽن ۾ميان آلا . هوتَ مِلِج هڪ واري،
توکي گهڻو نهاربان ٿي.
پرين وَڙوُن، وو پانهنجي، ميان الا، دوست ڏيو دلداري،
سارو ڏينهن سَنپاربان ٿي.
دوست اوهان جي، وو درد سان ميان الا، ڳچيءَ پائي ڳاري،
سارو روهہ رئاربان ٿي.
ڪڏهن ايندين، وو تون پرين، ميان آلا، "سچوءَ" ڪج ستاري،
هت هنجون ني هاربان ٿي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 6

مون کي هوتن هاٽي، ڪوني پنهنجو ڪيو!

جَت گهٽا بيا جڳ ۾ سائين، منهنجو هوت آرباٽي،
ڪنديس ڪونہ پيو.
لکين پُڇن پرينءَ کي آءَ تا ڪير نماٽي،
سندن نيهن ٿيو.
جيهِي تيهي در دوستن جي، عاشق هيءَ اگهاٽي،
سارو ڪم ٿيو.
ڪيائون ڪناري پانهنجي، هيءَ تا پاٹون جائي،
جڏو جيءَ جِيو.
پرين ڪيو پانهنجو سچو سَڱُ سجائي،
وچؤن ورهُہ ويو.

## ڪافي 7

هوتَ غريبِ نماٽِي، اِتي ڪيئن وساريئي، ميان!

اڱڻ آسَروَند جي، آءَ تون پاٹئون جاٽي،
هوت هَٽِي چو ماريُئي، ميان!
وندر جي وٽن ۾، حبَ منجهَون هوتياٽِي،
مون تا گهٽُو نهاريئي، ميان.
ٿورا گهٽا ڏينهڙا، هن عاجز سان آرياٽِي،
مانَ گڏُ گُذاريئي، ميان!
اتي هَلي هِڪلِي، پرت منجهؤن پاجياٽِي،
جڏهن سانول سارِيَئي، ميان!

Gul Hayat Institute

چڙي وئين چيرين، ڪيئي پنهون جام پڄاڻي،
هيءَ ڪيئن آزاريئي، ميان!
"سچو" سگ اوهان جو سائينءَ لڳ سڄاڻي،
پنهنجي ڳڏ قطاريئي، ميان!

## ڪافي 8

آءُ ڪا رهندي هوتن ريءَ، هوندي‌س سانول سان!

لئن لئن منجهه لڳي رهيو ياروچي جو بان.
وندر سنڌيءَ وات تي، پرزا ڪندي‌س پاڻ.
ڏير ڏيئي ويا ڏک جو هِن ڏکيءَ کي ڏاڻ.
دردمندي دانهون ڪري، چيتڪ ڳيڙس چاڻ.
مان اچي ٿئي ڪڏهن، هِن مُئيءَ جو مهماڻ.
"سچو" سگ اوهان جو سو تا پنهنجو چاڻ.

## ڪافي 9

پرين نہ چڏج پئي پار، ساريو تنهنجيون ڳالهيون رُئان آءُ!

اَگڻ آسروندَ جي، والي ايندين ڪهڙي وار؟
ماري هِن مشتاق کي، ڪانڌ نہ وڃ ڪوهيار.
آهين جنهين تون آسرو سا ويچاري نہ وسار.
نماڻيءَ جي نِجهري، آءُ گهڙي هڪ گهار.
ڪيئي "سچوءَ" سان وعدا، سي پرور لاءِ تون پار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 10

شال اوڏاھون ايندا، وٺي خاصيون خبران، خبران!

مون ھن نماڻيءَ کي اجا دلاسا ڏيندا،
پرين پاڻهين پاڻ سان، ھيءَ گولي گڏيندا.
محبت مون مسڪين سان، شال نباھي نيندا،
ڏک سک پائي سپرين، ھن ڏکيءَ سان ٿيندا.
ڪيچي ڪڏھن ڪينڪي، ھيءَ چِپَر چڙيندا،
جيڪي اڳيون پويون، بديون سڀ بخشيندا.
پَڪا پَکن سامھون، آڻي اوڏا اَڏيندا،
باجھہ پريا باجھہ مؤن، ڪري ”سچو“ سڏيندا.

## ڪافي 11

نٿي وٺي ڳالھہ ڪا بي، ڙي جيڏيون، مون کي نٿي وٺي!

آءُ نہ ڪنديس، وي، اھڙي، پلو ميان،
ڪيچن جا مون سان ڪي.
اَوھان مِڙن ۾، وي، مست جو ٿيڙس،
پيالو عشق جو پي.
اوھين مڙيئي، وي عقل واريون،
آءُ جو بيراڳڻ ٿي.
”سچوءَ“ پڇاڻا، وي، سپرين، پلو ميان،
ڪوھہ ڪنديس ھِت ڪي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 12

اصل اسانجڙو آهي، ننگ پاروچل توتي!
چڏڻ مناسب ناهي، ننگ پاروچل توتي!

هيءَ ڪنيزڪ ملهه خريدڻ، سڱ نتي ڪو ساهي.
ذرڙو جنهن کي ذوق تنهنجي جو، چپر تنهن کي چاهي.
جيئڻ هلائين تيئن هلان ٿي، ڏور وڏي تو ڏاهي.
هيءَ پاڇاٽي پرين سان پرتيوَ باب سنديو توڙي ناهي.
جيهي تيهي يار اوهان جي، چڏڻ لائق ناهي،
ٿرين برين يار ٽڪيءَ کي، رس ڪوهيارل ڪاهي.
ساهه ”سچوءَ“ جو در تنهنجي ڏانهن، هَڏ نہ آسرو لاهي.

## ڪافي 13

حال هلڻ جو مون ناهي، آءٌ تان ڪيچ پهچان ڪيئن؟

ناتو نماڻيءَ جو اَصل ترسان آهي،
هيءَ هوت نہ ڇڏج هيئن.
تون تان صاحب سپرين، سڱ نتي ڪو ساهي.
ڪر جاني وٺيئي جيئن.
پسي حال حقير جو آءٌ ڪوهيارل ڪاهي،
ڪر ”سچو“ پنهنجي سيئن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 14

متان ڏورايو ڪو ڏيو ڙي ساٿيو!

هيءَ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، ڪين هٿؤن مون ٿيو.
حرف اسان تي آهه اصل جو وقت وسرَ ۾ ويو.

پلُؤُ پائي مَديون، پيش پنهونءَ جي هي پيو.
”سچو“ ڪوني پانهنجو پاڻ قريبن ڪيو.

ڪافي 15

اديون ڙي آهيان، ٻانهي سا ٻاروچن جي!

ڏکيا سکيا ڏينهڙا، شال لالڻ ساڻ لنگهايان.
هنيڙي کي هن جيڏيون، ڪهڙا سور سلايان.
وندر سنديءَ وات تي، چاهَؤن سِر چِلايان.
ويهان آءٌ ڪيئن وبسلِي، ويندا چو نہ ورايان.
ڪيهي پئي تان ڪيچ ڏٺن ڏي، ”سچو“ ميڙ سنيايان!

ڪافي 16

ويهي آءٌ ڪوهَ ڪندي، جيڏيون ڙي پنيور مِڙا!

چونديس حال حبيب کي، ٻَچيءَ پائي گندي.
ڳُني سا ڪيڏي وجي، جا برهہ تنهنجي بندي.
جيهي تيهي حال آهيان، ”سچو“ صاحب سندي.

ڪافي 17

چِڏي هوتَ حُجتَ، ميان ڙي، تيس آءٌ نانءِ نماڻي!

اچي مون کي ڪينڪي، چِڏي لوڪ لذت، ميان.
وڏو آهي مامري، مون کي تان محبت، ميان.
ويا نِڏر کان نڪري، اونِي رات اُچت، ميان.
سُورَ تُنهنجا سپرين، رُڳائِي راحَت، ميان.

Gul Hayat Institute

مون کي ٿيلهه آئيا، پيرن سان پربت، ميان.
”سچو“ سِڪ اوهان جي، واڳيو ۾ وحدت، ميان.

## ڪافي 18

پانهي پاروچل جي آهيان، وي آهيان!

پريان سندي پار ڏنهن، آسرو هڏ نہ لاهيان، وي لاهيان.
صورت وارا سپرين، آءُ نِماڻي چاهيان، وي چاهيان.
هوُ تان سائين، آءُ تان گولِي، سَگهُ نہ ساڻن ساهيان، وي ساهيان.
ڏينهن لنگهيم هِت ڪيترا، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان، وي ڪاهيان.
هُئڻ ”سچوءَ“ جو آهي تنهين سان، اُنهن ٻاجهون ناهيان، وي ناهيان.

## ڪافي 19

ڙي جيڏيون هاڻي شال ٿئي، منهنجو پاڙو پرينءَ سان!

مان مُئي تان گهوري، جاني شال جِئي.
هِنَ تان پُورُ پِرائيو، هاربون هوتَ وِئي.
پاروچي ڪا ٻاجهہ پَئي، هِيءَ تا نال نِئي.
سارو مطلب مون ٿِئو پُنِيءَ هوت پِئي.
شال ”سچوءَ“ کي سُپرين، ڏوراپو نہ ڏئي.

## ڪافي 20

آءُ ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پِرينءَ سان، ڙي جيڏيون!

جيهِي تيهِي يارَ سجڻ جي، چڱِي توڙي مَندي
آءُ تَنِين جِي آهيان، بِرهَہ جَنِين جِي بَندي

Gul Hayat Institute

چونديَس حالُ حبيب کي، ڳچيءَ پاتي گندي
اَڻ مُلهه ٻانهي آهي، سَڀ پر سائِن سندي
"سچو" سارياڻي دلڙي، رَمز تنين جي رِندي

## ڪافي (21)

منهنجو هِنئڙو وڃي پيو پرينءَ جي پار، ووا!

سپيريان ڏي سرتيون، مون کي نيهڙي نيو.
ڳُٺين ڳالهين يارَ سَڄڻ جي، سوگها ساهه ڪِيو.
پاڻون پائي اڱڻ اَسان جي، لالڻ شال لِيو.
جڙ لڳي هُيَو جيڏيون، تہ ڪِيئن مون ڏوهه ڏيو؟
سُپريان جي سِڪَ ۾، مون سان ٻيلي ڪو نہ ٿيو
سگُ سجڻ سان سگ "سچوءَ" جو جيڏيون جيءَ ٿيو.

## ڪافي 22

ڙي جيڏيون، آءٌ تان حالُ پُنهل سان ڪندي!

اصل لاڪون آهيان سائين، بَلوچاڻي بَندي،
وَسُ ناهم وارَ جو سائين، آهيان سائِن سَندي
ڪندي وڃي ڪيچ ۾، دانهون سي دردمَندي
سُڌ لهندا سي وري، بِرهه جَنين جي نِي بَندي
"سچو" آڳئُن سجڻين، ڳچيءَ پائي گندي

## ڪافي (23)

وَس ڪا آهي ويچاري! هُئڻ هِن جو هوتَ، ناهي!

اُنَن اُونارن تُوَن، سائِين آلا، صَدقي آءٌ سو واري

Gul Hayat Institute

چايُم ڏاڍي چاهِ مَؤن، سئين الا، بِرهُه بلوچي باري،
هيڏي هوڏي جان ڏسان، سائين الا، اندر پاهر آري،
پانهان پانهِن جان پڌي، سائين الا، زار ٿي ڪريان زاري،
”سچو“ صحي جي ڪرين، سائين الا، حَق حقيَقَت ساري،

## ڪافي 24

سارو ڏينهن روان ري، هيس جيڪي هوت پنهونءَ سان.

ٻُڌڻ وارو ناهه ڪو جنهن کي حال چوان، ري
قاصد اچي ڪو اوڏاهون، پيرين تنهن پوان، ري
ڏکايو تان ڏيل کي، اَديون اڄ اوهان، ري
اُنهن پاڄهون سَرتيون، نِت نِت سورَ نوان، ري
ماريُن محبوبن جي، طلب ناهي توهان، ري
غرض نه رکان لوڪ جو هِڪُ سائين هُئڻ سُوان، ري
”سچو“ پاڄهون سورَ جي، پيون لاتيون ڪين لَوان، ري

## ڪافي 25

هوتَ ڪڏهن نه هلايُو پانڌي پنهنجي پارَ ڏنهُن اسان ڏيا

Gul Hayat Institute

طَرف توهان جي مُڪوسين قاصد، سو پيي وَهندو ڪين ورايُو.
نيايو منهنجي نينهن جو جيڪر ساٿِيءَ نه سٽايُو.
هو جو ڪيو هو وعدو سو تا ياد نه آيُو.
”هردم هونداسين اَسين توئي سان“، فائق هيئِن فرمايُو.
تنهن ڏينهن لاڪُون يارَ ”سچوءَ“ کي باري سو بِرهُه بَڇايُو.

## ڪافي 26

ڪالهه قاصدَ اوڏنهون آيا، اِها ڪَيَئُون آگاهي!

پار پنهور جي هئا اچڻ جا، ساڃَ ڏٺيءَ کي سعيا،
چڱي ڏنائون گواهِي.
مُنهن محبوبن جو ٿيو اسان ڏي، پيا سي پنڌ سَجايا،
ڪيها رَهبر ڪريان راهِي!
يارَ مُسافِر ڪِيُم اُداسِي، ڏور جنين ڏينهن لايا،
آٽي تون ميڙ الهي!
پانڌُ ڳِچيءَ پائي اڳيون پِرين جي، اسان ڏوهَه سيئِي بَخشايا،
ٿيا سي پاٽاَ صَلاحِي.
"سچُو" اُتاهُون اَچي رَهِي هِت، وبڙها سي يار وَسايا،
غَم لَٿِي گُمراهِي.

Gul Hayat Institute

# داستان ٽيون

(1)

ڏکن مَنجهان سُک، مُون تا لَڌا جيڏيون،
ڏوربندي کي ڏُک، سُونهان ٿيڙا سَڄڻان.

(2)

هَن سَهانگا سُک، جي ساري عالم آئيا،
ڏور مهانگا ڏک، جي ورتا وِرهہ وارئين.

(3)

سينڌيون جي سُکن، تنين گوندر گهوريا،
ڏنم ڪاڻ ڏکن، هي سِرُ سارو سَٽِ ۾.

(4)

سُکيون ڪوهہ پُڇن، سنديون ڏکن خبران؟
سي هِن وهاڻءِ وڃن، ڏِيل ڏکايل جن جا.

(5)

ڏکيون پُڇن ڏک، سکيون پڇن سکڙا،
هن کي حاصل جو ٿيو جيڪي منجهان جُکَ،
نيهن وارن جي نُکَ، لڳي لوريءَ وارئين.

(6)

گوندر ڪيئن گهوريان، جنهن ڪيَس سينڌي سڄڻين،
جان تِڪ پئي توريان، تان ڏک موچارا سُک کؤن.

(7)

جي گوندر گوشِ نہ ڪن، کُهہ پيون سي سرتيون،
جَن سنگت ساڻ سُکن، سي پاڻؤن هوتَ پري ڪيون.

Gul Hayat Institute

(8)

گوندر گھمي جي لهان، تان سُک سَوين ساڙيان؛
آءَ پُڙ ڪيئن پاڙيان، ڏک سکن سان سرتيون.

(9)

جنين گوندر گوشُ، آءَ گهٽو تَنِ نهاريان؛
جال اُنهن ۾ جوش، سدا آهي سرتيون.

(10)

جي سارو پُڇان لوڪ، تا گوندر وارو نہ لهان؛
هھڙو پَلو توڪُ، ڪهين پاڳ پرائيو.

(11)

گوندر ڏينهن گذار، جان تون جئين جِندڙا،
سوئي عهد پار، جوئي ڪُيُئي پرينءَ سان.

(12)

سُکن واريون سَوءَ، ڪا ڪا ورهہ وارئي؛
ترت انهيءَ کان تَوءَ، پڳيون آتڻ واريون.

(13)

آتڻ واريون آئيون، ٿيون آتَڻُ اُجارين؛
جي گوندر گذارين، آتَڻَ تن اُوَک ٿيو.

(14)

سارو لوڪ سُکن، پوءِ رهايو پرينءَ کؤن؛
ڏسو واهَہ ڏکن، هوتُ وهاريو هنج ۾!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

سرتيون منهنجو ساهہ، هاڙهي سي هوت وني ويا!

ڪونہ ڪميڻيءَ جو ٿئي، هاديءَ ري همراهہ.
پينر شهر پنڀور ۾، آڻيندن الله.
هَنڌُئون جنهين هوت ويا، روئي چمان سو راهہ.
پرڏيهي تي ناهہ ڪو ورپتيون ويساهہ.
آهي رفيق رُجن ۾، سندو سوزِ سپاهہ.
ناهيم ٻئي ڪنهن لوڪ جو پاڙيجون پرواهہ.
معاف "سچوءَ" ڪي سي ڪندا، جيڪو ڏوهہ گناهہ.

## ڪافي 2

اَچي ڪونہ ايڏاهون، ماڻهو شهر پنڀور ۾!

منهن ڪري اُنهيءَ پار ڏي، ميان، وينٺي ڪيم اَلاهُون.
ڏسي حال حقير جو ميان، اَچن مانَ اَڳاهُون.
ڪو پَلُ پاڇائيءَ ڪؤن ، پَري تي نہ پَراهُون.
ٿَر ٿَڪائي آهيان، ميان، پَڪا اَڏج اوراهُون.
سُڃِي موت "سچوءَ" جون، ميان، آرياڻي آهُون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

سُڻ منهنجڙو حال، دلَبَر ديس وَسَئِي،
گهوريو ڙي پر ڏيهہ تؤن!

مون ڪؤن پَري نہ ٿئين، سائيين مَج سُوال.
منهنجو توسان تا آهي ئِي، خاصو يارَ خيال.

روئان واتڙين تي، ڪُريو ھھڙو حال.
واڳان وطن پانھنجي، ڦيري آءَ فِي الحال.
تو ڪَڙن ڳُجھو ناھ ڪو عاشقَ جو آحوال.
ڪر ”سچوءَ“ ڪي سپرين، ڪٽِي نيڻ نهال.

ڪافي 4

ھاٽي مون ڪي پِريَن پوءِ، جيڏيون جِيئَڻ جنجال ٿيو!

وينِي واتڙين تي، ھِيءَ راتو ڏينھان روءِ.
ويھڻ ھن جو وھ ٿيو ھو لَڏي ويڙا لوءِ.
دردمندي دانھون ڪري، آھي ھوتن ريءَ ھوءِ.
ڪاڪيون مون ڏي ڪيچ ڪَڙن، شالَ قاصد اچي ڪوءِ.
”سَچوءَ“ ڪندي سالِ ٿيا، وَريتِيون ووءِ ووءِ.

ڪافي 5

وٽي پاروچي پولي، سدا تان سام منھنجي ڪي.

ھُئي بناھ ۾ يار سجڻ جي، پاروچي جي نولِي.
پاروچاڻي ذات جي، گولِي جي آھيان گولِي.
ڪاڪيون وبندس، ڪيچ ڏي، ڏونگر پايان ڏولِي.
”سچو“ سامَ اُنھيءَ جي، آھيان عيبن اولِي.

ڪافي 6

ڪي ايندا، هيڏي ايندا، آلو وھنيان پاروچا؟

ساٿي مون ڪي سچ چؤ، دوست دلاسو ڪو ڏيندا.
ھوندا ڪي مون وٽ ھميش، وري ڪي پوئتي ويندا.
ھيڪَندَ شھر پنيور ۾، ساڻ ٿَڪيءَ اچي ٿيندا.

Gul Hayat Institute

ٻاروچا سي ٻاجھ پئِي، آءَ ڇَڳي ڪي ڇِيندا،
سورَ "سچوءَ" جا سرتيون، نال پنھنجي ڪي نِيندا؟

ڪافي (7)

جيڏيون مون کي ڇو ٿيون جهليو وينديس پرينءَ جي پار!

هُنَ پَر پيرا ٿي ڪريان، جو هُتِ روح رَليو.
ڏانھُن گهٽا ڏينهَڙا، مون ٿي عِشق آليو.
روحِ پريان جي پارَ ڏي، وني سا حُبَ هَليو.
پِريان سندي پارَ ڏهون، پاڙيچيون نہ پَليو.
"سچوءَ" جوڙي سَرتيون، محبَتَ مَن مَليو.

ڪافي (8)

هيءَ پورهيت پاڻيءَ ٻوڙِي، خان ٻاروچا تنهنجي!

حاضر خدمت اَچي اوهان جي، حال چونديس روئِي.
ساڻِي اسان جي سُڌ لَهَڻ سان، سوال پورو ڪر سوئِي.
ڪيئن وساري ويهان اوهان کي، ڪئِي تا هِهڙي توئي.
طوطيءَ جي ڳچيءَ سو سَلامن، "سچوءَ" مُڪا پُڻ پوئي.

ڪافي (9)

وات مون کي آهہ وائي، خان ٻاروچا تنهنجي!

پرين نہ مُڪو طرف اسان جي، لِکي ڪتابَتَ ڪائِي.
پيرو ڪنديس وري پنپور ڏي، اِهہ آذَر مون آئي.
حال منهنجي جي خَبَر نہ ڪنهن کي، ڇڳي سَجَڻ تو لائِي.
اِهو آسرو مون کي آهي، جي، ڄاڻِي اِينديں شالَ ڄاڻِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (10)

سُهڻو سَگ ٿيو ڪاڪيون ڙيءِ

ڪيچ ڏٺين سان شالَ مولا ميڙيندوءِ!
اڳئين ڪؤن پِي اڳرو پائن تا ورهِ ويوءِ!
آريءَجي اولاد سان، ڏاڍو پيچُ پيو.
بيڪسِيءَ جي دائري، تنهن کي نِنهن نيوءِ!
صدقي تَن سيرن ٿؤن، ”سَچوءَ“ ساهہ ڪيو.

## ڪافي 11

پانڌي، دلاسو ڏي مون، ايندا آرياڻي کي اوڏا!

آڏيءَ رات جو وو ڪيائون سانپاهو حال ڪيا تَن هي مون،
ويا تا ترڪي توڏا.
ڪيو قبول، وو پنهونءَ ڪارڻ، ڏک سوين نِي سي مون،
لَڪ ڏئي لک لوڏا.
محبت ڪؤن تان مُنهن نہ موڙيان، پرزا ٿيان هِت جي مون،
گسي وجن توڙي گوڏا.
سر تان صدقي، وو آهہ ”سچوءَ“ جو ڪاڪيون چُون هِت ڪي مون،
درد ڏيندو سو ڏوڏا.

## ڪافي 12

آءَ وجان تو تؤن گهوري گهوري، ميان!

ڏونگر رهيس ڏاڪڙا، تنهنجي ڪارڻ ڏوري ڏوري،
تو ٿڪائِي، وي، آهيان، اَڇج آرياڻيءَ تون اوري اوري،

Gul Hayat Institute

پلا ھن پنيور ۾، نہ رھنديس تو ري تو ري.
مون کي وڏو مون پرين، جھٽڪ اوھانجڙيءَ جھوري جھوري.
”سچوءَ“ جو ني سُپرين، ھنيڙو نيو ھوري ھوري.

## ڪافي 13

ييو ڪير حامي منھنجو ٿيندو لکي پاروچَلَ پاجھون!

دردمنديءَ جي دل انھيءَ ڪي، پاٽوُن دلاسو ڏيندو.
ڪين چڏيندو چيرين، سوئي نال نِماڻي نيندو.
اَڪڙين سان سَيپئي ڏسنديون، اَڱڻ آرياڻيءَ سو ايندو.
پارڻ پنھنجو يار پيارل، ساڻ غريبِ گڏيندو.
ڏنگاين ڏي ڪين ڏسندو بديون تان بخشيندو.
مِھَر پنھنجيءَ ساڻ ڪنھن ڏھاڙي، ”سچو“ سو نانءُ سَڏيندو.

## ڪافي 14

جَن لائِي توڙ نِباھِي، آءُ صَدقي وڃان تَن تَوُن!

شابس آھي اَکڙين کي، جن وئِي دل ورائي.
پَلِي پاڃِي پرِيَن ڏُنھن، اَڄُ اَسان ڏي آئِي.
راتو ڏينھان آھي ئي، واتِ اُنھَن جي وائِي.
ڏيھاڙي ڏسڻ سان، مَحبت آڳ مَچائِي.
ووءِ ووءِ وائِي واتَ ۾، ”سچوءَ“ آھي سَدائِي.

## ڪافي 15

آءُ وبندي پُنھل جي پار، ميان، تَڪيِس ڪِين ٿَرن ۾!

مون مَن گڏي گوندرين، ڪيچي ٿِيمَ قرار.

Gul Hayat Institute

ذات جتن جي جيڏيون، جيءَ وڏو آهي جار.
ڪندي وڃي ڪيچ ڏي، ڪنيزاڻي ڪار.
آهي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مون وڪار.
پُرڻ اڌر پنڌ ۾، دوست پُنيءَ درڪار.
سارو ڪم "سچوءَ" جو آهي، اُنهن جي اِختيار.

ڪافي 16

اڄ اهو ساڳي، مون سڄاتو آهي، ٻڙبون، ٻاروچ!

اصل لاڳون آهي اُنهن، سان، هن نماڻيءَ جو ناتو.
اچي ڏنم اوچتو، پيچُ جَنهن مُون سان پاتو.
ڦِريس ڦيريدار جان، جاڻ نہ مون هيئن جاتو.
لٿو لحظي هڪ ۾، اڍيون ڙي اوراتو.
صدقو "سچو" تَنهِن اُتون، عشق جنَهِن سان تو لاتو.

ڪافي 17

وڃي ڏيهہ پرين، ڙي ساٿيو منهنجو ڏيجو سنيهو!

اوهان ٻاجهون سُپرين، ڏکيا ڏينهن لنگهن.
وينا ڏسون واٽڙيون، اڱڻ ماں اچن.
ڪونہ ورندي ٿو ڏئي، وندر جي پيي وڃن.
ڏکيا اُهي ڏينهڙا، جي پاسي ڪان پرين.
پينر شهر پنيور ۾، شال پيرو ڪن.
وبچاريءَ نہ وساريو جا لڳي ساڻ لَڪن.
جيهو تيهو آهي ٿي، "سچو" سگ سندن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 18

وِنِي خَبَر خاطو آيو خَير صَلاحَ جي مُون ڏيہ

پارِ پنهورَ جي اُڄ صُبحاڻي، تان هو ڏٺِن ڪي سَعيو.
طَرفِ تُنهنجِي آهِ اَصلَ ڪَئِن. روحَ سندن جو رايو.
نِينهَن جي نياپَن جَڙُ اسان ڪي، محبَن ساڻ ملايو.
ٿيان قربانِ آءُ تَنِين تَئِن جَن تان نِينهُن نِباهيو.
اِيندئِي اُهي جن جي ڪارڻ، وِيني تو ورهہ وسايو.
پيو پِرينءَ وٽِ هاڻي تُنهنجو "سَچو" ڙي پَنڌُ سَجايو.

## ڪافي 19

ڪيچن جي ڳِڏِ ڪاهِ متان ويهين ڪِين وساري!

ڏسندينءَ ڏونگر چوٽئين، بلوچاڻي باهہ.
ٿولج پاڻ فقير ٿي، وندر جي وٽراهہ.
ساري شهر ڀنڀور جا، لاڳاپا سڀ لاهِ.
متان ويهين ماٺ ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهِ.
عرض وجني ڪر روبرو پيا ساٿي ڪيم سَنباهِ.
پانهي ٿج بروچ جي، ڪو تون سَگ نہ ساهِ.
روح رهي هِت هوت رِيءَ، "سچو" ڪنهن نہ صلاح.

## ڪافي 20

پيو ڪير پڇي ٿو حال منهنجو خان پاروچل پاڄهون!

تو ريءَ آهيان يار سڄڻ، ميان اُداسي آهنجو.

Gul Hayat Institute

جَنهن ڱنهن سان پيچ پاتوسين، غرض رکي سو نہ ڪنهن جو.
خيال اسان ڏي آهي جنهن جو آءُ پِي سو آهيان تنهنجو.
اَسان چاتو صحيح سُڃاتو عاشق آهين تون اَسان جو.
دروُن پيهي پاڻ پُڇندو آهين "سچو" تون ڪِي سَهنجو.

## ڪافي 21

اَڪَڙيُن اِسرارُ مون کي ڪوجو ڪيو ميان!

اُنهن تان ڏيکاريو ڪاڪيون ڙي ڪوهيار.
تِنهين ڏهاڙي ڪيو بِرهَہ بي اختيار.
ڏونگر ٿو ڏورائي، چشمن جو چمڪار.
ناز نيڻن جو سَرتيون، ووڙائي وٽڪار.
سوز سچڻ جو سَرتيون، "سچوءَ" کي سينگار.

## ڪافي 22

يار پُنهلَ پيغامي، ڪڏهن مُڪو ڪونہ مون ڏي!

روز اَزل کَؤن يارَ اوهان کي، منهنجو ساهہ سلامِي.
اَوهين نہ ايندؤ آسين ايندا سين. اِها اَسان جي اَنجامي.
پِرين ڏسجو وَڙَ پنهنجي ڏي، آهن عيب اسان ۾ عامي.
جان جُٺِي، جان ڪِي، ٿيندي نہ طلب تمامي.
ڳالهيون اوهان جون ٻارڻُ ٻارن، ويندئيون سي ڪين وسامي.
ڏيئِي اسان کي قَت فراق جا، ٿئين تون يار آرامي.
دَرَ اوهان جِي يارَ "سچوءَ" تان، مَڄِي آهي غلامي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 23

پوءِ هت ڪيئن ڪندي، ٻاجهون يار جي آءُ!

پيرين پوندي پرينءَ جي، ڳچيءَ پائي ڳندي.
وُهي تي واڪا ڪيون، نيڻن منجهؤن ندي.
سيڻ پر سنديئن آهيان، چڱي توڙي مندي
دل ”سچوءَ“ جي سرتيون، برهه ٿهين جي بندي.

## ڪافي 24

گولن جي آءُ گولي، خان ٻاروچا تنهنجي!

آءُ نه ڪنديس ڪڏهين، ٻانهپ ريءَ ٻولي.
سُڌ اچي لهه سِگهڙي، آهيان سا عين اوني.
هِن ڏهارڻ جهڙي ڪا، لهندين ڳونن مون مس ڳولي.
نانءُ سائينءَ جي يار سجڻ ڙي، ڪر ”سچوءَ“ سان سولي.

## ڪافي 25

ساٿ سلامت آيو پکي ٻاروچل جو

ڏينهن فراق جا لنگهيا اسان تؤن، مولي سو محب ملايو.
ميلاپي جو مهر پئي تان، واليءَ ورق ورايو.
وَڙ پنهنجي ڏي پاڻ ڏناڻون، ويڙهو هي يار وسايو.
ميرا لاهي اچا ڪيا سي، هوتن تان نينهن نباهيو.
ڏيو مبارڪان سيئي ”سچوءَ“ کي، جو سوين اج سِڏايو.

Gul Hayat Institute

# داستان چوٿون

(1)

مَتان وساربن، ووءِ ووءِ ڪَرَ وندرَ ۾؛
جي گوندر گذاربن، سي تو چڱا ڏينهڙا.

(2)

چڱو گوندر غَمُ، جي مون پڇو جيڏيون؛
مَنجهه ڪشالي ڪَمُ، آهي وِرهَه وارئين.

(3)

گوندر آهي غَرضُ، جي مُون سُڻو سَرتيون؛
فنا سڀ فَرضُ، ڪري سو سُنَّتَ سين.

(4)

گوندر جن گُذاريو ڪاٿِوَن سي لَهان؟
هڪڙي رات رهان، وجي وِرهه وارئين

(5)

گوندر جَن گُذاريو ڪاٿِوَن لهان سي؟
حال پنهنجو هي، وجي ڏَسيان ڏکَن وارئين.

(6)

گوندر جن گذاريو آءُ تَنِين گولي؛
هِنيَڙي ۾ هولي، هوندي ڏکن وارئين.

(7)

گوندر جن گذاريو سُورَ پُڄَن سي ئي؛
پِرهه جِي پيئي، تَنين مَٿي ماتَڙي.

Gul Hayat Institute

(8)

گوندر جن گذاريو پيهي سي پُڇان،
اُنهن لَڳ لُڇان، گهٽو آءُ اُباڙڪِي.

(9)

گوندر جن گذاريو آءُ پکي تن پيهِي،
وتانئُن ويهي، وٺان واسُ وِرهہ جو.

(10)

گوندر جن گذاريو آءُ تِنين گهوري،
سدا مون جهوري، آهي ورهہ وارئين.

(11)

گوندر جن گذاريو مُنهن تَنِين مَشعلَ،
ڪا مون پوي ڪِلَ، اُنهن جي افسوس جي.

(12)

گوندر جن گذاريو، مُنهن تَنِين مَهتاب،
سنڌيون نيهَن نواب، آهن ورهہ واريون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آڏو ماڻ اَچن، وو ڏسي منهنجو حال - يَلوا!

هو جي ڪيڙم ڪاف ۾، ڪوڪا پونن ڪن.
ڪيچيئڙن جا، ڪاڪِيون، تان رهبر واٽ رسن.
خبران ڏکن سنديون، اڳيون پاڻ پچن.
ٻاروچان ٻاجهه پئي، چڱي آءُ چون.
پنڌَ ڪريندي پرينءَ ڏي، مَرُ پُرزا پيرَ ٿين.
"سچو" پنهنجي ساٿ سان، نماڻي ٻه نِينَ.

## ڪافي 2

آءُ ٻانهِين جي سا ٻانهي، آهيان عيبدار ميان!

عمر سڄيائي ڪوڙ ڪمايم، بخش اُهو مون کي جاني.
روز اَزل کؤن اَبد تائين، آهي ڳچيءَ منهنجي ڳاني.
ڏوهه ڏنگايون ڏس نه منهنجيون، محب ڪرين مهرباني.
ڪيئن "سچوءَ" جي دل سا دلبر، دوست ڪَيَو ديواني.

## ڪافي 3

Gul Hayat Institute

مون کي نال نئين، ني، اِهو ڪيچِيَئڙن جو قافلو ميان!

اَڳڻ شال اچي، نِي، اهو سپرينءَ جو ساٿڙو ميان!
پنيءَ هوت پنهونءَ جي، ميان، هلڻ سان هنئين، ني.
پُجاڻان پرين جي، ميان، جِند ڪيئن جيئين، نِي.
وڏي ٻاجهه ٻروچ کي، ميان، اُتي چوَن اِئين، نِي.
"سچو" چون سُڌير ٿي، پلو پوندي مَهِر مِئين، ني.

## ڪافي 4

مانَ اڄن اُهي ڪائُون، مُئي وبا جي ماريا

سپريان ريءَ سرتيون، آهيان اُباٽي آئُون،
ويهان سي ڪيئن وساري
پرين ڏِس، وو پاڻ ڏي، ميان، آهيان ڏهارڻ آئون،
نيندا سي نال قطاري
اڄي اسان وٽ سپرين، ميان، اديون ڙي شال اُوڏاهون،
مانَ ڪو ڏينهن گذاري
آيا قاصد ڪيچ جا، ميان، ائين سو مون کي اُتائون،
يارُ سڄڻ توکي ساري
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، ميان، ڄٽَ وبا هُئم جائون،
تائون سا نِتُ نهاري
هاري تو سان هوءِ جي، ميان، ڪي جي قول ڪيائون،
پرين اُهي سڀ پاري
ويهين وساري وو اِتهين، هيءَ نِڪار ڇيائون،
"سچو" دوست سنِپاري

Gul Hayat Institute

## ڪافي 5

ڏاڍو جدائيءَ جَلُ، ميان، ووءِ، ووءِ، ووءِ،
مون وٽئون هوتَ مَ هَلُ.

اَڄي ويھُ اَڪِن ۾، پاسي ٿيءُ نہ پَلُ.
ڪيچ وٽن ڪم ڪهڙو ڳالهہ سانول اِها سَلُ.
مئي ڪان منهنجا پرين، ڇوريءَ يار نہ ڇَلُ.

ڪري ڪشالا ڪاف ۾ لڌم ڪوهيارل.
"سچوءَ" جي ئي ساھ سان، هُيا سي رلمَل.

ڪافي 6

ڪندي سا ڪيئن قرار جيڏيون،

جنهن جو جيئڙو جَتن سان!

وِرھ وارن ڪي سرتيون، ويجهو آهي وٽڪار.
ٻڙيون، پاروچَل جو نيهُنن لڳم نروار.
محبت ڪِڏي نہ لَيي، خرچين لک هزارُ.
ڏسنديس اکڙين سان، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار.
چِڏي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪيم اِختيار.
سدا آهي "سچوءَ" ڪي، پينر برھ بهار.

ڪافي 7

هلان پنهل تو ساڻ، ساڻ هلي تنهنجي گولي گذاريندس.

ڇُلي پيَس ڇپرين، سَڳُ تہ توئي ساڻ.
ڪوجهي ڪاري هان تنهنجي، پنهل پاڻ سڃاڻ.
تو ري توريندؤ ڪيترو محبت وارو ماڻ.
توڙ نباهج تون ڏٺي، سهڻا "سچل" ساڻ.

ڪافي 8

ڳالهيون ڳُڻَ تنهنجا يار سَجڻ، مون ڪي روز رئارن ٿا!

سِرَ تي سوز فراق جا، باري چاڙهيئي بار سڄڻ،
ايذانهن نيڻ نهارن ٿا.

Gul Hayat Institute

منهنجو اندر آڏَ ڪيو جانب تنهنجي جارَ سڄڻ،
مون کي ماٽا تنهنجا مارن ٿا.
پرين پاڙج پانهنجا، جي ڳيڙءِ قول قرار سڄڻ،
منهنجو جيءَ جيارن ٿا.
ماٺو شهر ڀنڀور جا، مِٺا لَک هزار، سڄڻ،
مون کي ڏيهَه ڪَؤن ڏيارن ٿا.
قاصد چون، وو ڪيچ جا، تو هُت سار سنڀار، سڄڻ،
توکي ”سچو“ پاڻ سنڀارن ٿا.

ڪافي (9)

هوت اَچڻ جِي ڪا ڳر ميان: پانڌي روز پُڇايان ٿي!

راتو ڏينهان روحَ کي، سِڪَ اَوهانجِڙي سَر، ميان،
تو لئہ هِت ڪانگ اُڏايان ٿي.
سِر توئِي تَون صَدقي، گهوٽَ اَچين جي گهر، ميان،
گهوربو پاڻُ گهمايان ٿي.
ايندي اَهڙي حالَ سان، دوستَ اَوهانجڙي دَر ميان،
ڪِچيءَ پَلئہ پايان ٿي.
پِرين پارئون تانهنجي، ٿِي ويچاريءَ جِي وَر، ميان،
ويني ڏکَ وسايان ٿي.
سارو مطلب مون ٿئي، پِرين اَچي ڪنهَن پِرِ، ميان،
هِت پوٿيون پٽايان ٿي.
”سچوءَ“ اُتي سپرين، دست مُبارڪُ ڌَرِ، ميان،
سَنديَو يار سَڏايان ٿي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 10

ڪنهن ڪي حال چوان هي، آديون ڙي، واويلا، ووا!

ڏيرن ڏيئي ڇڏيا، موٽي سور نوان هي حال چوان.
مهڻا محبوبن جا، ڏنا پاڻ اوهان هي حال چوان.
سُڪن اُتي سرتيون، ڏيان نہ سور سنوان هي حال چوان.
”سچو“ سِروائڻ ڪي وجي، پيرين پوان هي حال چوان.

## ڪافي 11

مون ڪي دوست ڏنيون دلداريون،

جِيسَ آءُ تان، ني، وو جيڏيون!

ٻاجهہ ٻاروچا تو پوي، سُٽي ضعيفِ جون زاريون.
سئين سپيئي سڄڻ، عاجزِ جون آرِيون.
لٿا فلڪ فراق جا، آءُ تا گڏ گذاريون.
توکي تان تِرَ جيترو وار نہ وساريون.
سي ئي ”سچو“ آئيا، جن لاءِ جُهونگاريون.

## ڪافي 12

مون ڪي محب ويو ماري، ڪنهن در ڏيان هيءَ دانهڙي!

Gul Hayat Institute

سوزَ تُنهنجو سُپرين، ڪُوڪان تو ڪاري،
هوت نماڻيءَ هِنَ ڪي، ويهَہ نہ وساري،
نيو پورهيت پاڻ سان، پنهنجي ڪَڏَ قطاري،
ويو ٻاروچو نڪري، عاشق هيءَ آزاري،
راتو ڏينهان سُپرين، ”سچو“ سَگ سنپاري،

## ڪافي 13

مون ڪي آڌر ڏي، ميان، سُهڻا ساٿيڙا، ڙي!

وجي چَئج پرينءَ کي، حال منهنجو هي.
پريان سندي پار ڏهُون، قاصد اَچن ڪي.
وعدا پاڙج پنهنجا، جاني ڪِيَڙءِ جي.
هو جي ڪَيَو ڳالهڙيون، ساهہ نہ وسرن سي.
”سچو“ سنگت پانهنجي، نانوَ ڏٽيءَ جي ني.

## ڪافي 14

ڏونگر چو تو ڏڪائين، پير پيادين جا، ميان!

پنڌ ڪرن جي هوت پنهونءَ ڏي، تن چو روهہ رهائين.
اِهو ڏوراپو تيندءِ اوڏاهين، چو طالِبَ تو ترسائين.
هيئن تو گهرجي عاشقن سان، ميان ڪا مدد ڪرائين.
ڪر ڪو ٿورو سگ ”سچوءَ“ سان، مُحبَن سانڱ مِلائين.

Gul Hayat Institute

# داستان پنجون

(1)

ڪيچَؤن آيو قافلو مون ڳر پُڇيائون،
ڳرم ڪيائون، هن مون نِماڻِيءَ تي.

(2)

ڪيچَؤن اچي قافلو، مون وٽ ٿيو مِهمان،
"سچل" ساري ساٿ جو هو آرياڻي اڳوان،
موليٰ مهربان، نِظر نماڻيءَ تي ٿيو.

(3)

ڪيچَؤن آيو قافلو رات موچاريءَ روءِ،
مڙبوئي خوشبوءِ، ٿيو سارو شهر پنهور جو.

(4)

ڪيچَؤن آيو قافلو ڪٿي ڪٿوريءَ بار،
هر ڳنهِن هَنڌ هُبڪارَ ڪِيئين سارو شهر پنهور جو.

(5)

ڪيچَؤن آيو قافلو روءِ موچاريءَ رات،
سنديءَ جَتَن جاتِ، واسيو شهر پنهور کي.

(6)

ڪيچَؤن آيو قافلو ڪٿي عطر عنبيرُ،
تنهن سَرهائيءَ تاثير، ڪيو ساري شهر پنهور کي.

(7)

ڪيچؤن آيو قافلو ڪٿوري ڪٿي،
تنهن جي هُب هَٽي، واسيو شهر پنهور کي.

Gul Hayat Institute

(8)

ڪيچئن آيو قافلو خوب ٿيس خوشحال؛
چگو ٿِيَڙُم حالُ، پَسَڻ ساڻ پرينءَ جي.

(9)

ڪيچئن آيو قافلو پِينَرُ منجھ پنيور؛
هيءَ ڪميڻي ڪمزور پر پرينءَ پنهنجو وڙُ ڪيو.

(10)

ڪيچيڙن مون ڪالهه، دم دم دلاسا ڏنا؛
هَي هَي منهنجي حال، جي ويهي هِت وساريان.

(11)

شال نہ وسرين هوتَ، بيو سپو مون وسري؛
مون کي تائين موت، هئين اکڙين ۾.

(12)

ويُم نڪري قافلو آءَ مٿي راهہ رهي؛
باروچا ٻهي، هِت ٿي ورهُہ وسائيان.

(13)

ويم نڪري قافلو هاڻي ڪيئن ڪريان؟
وينئي ڏک ڏريان، پرين ريءَ پرڏيھ ۾.

(14)

ويم نڪري قافلو ڏاڍو ڏيئي ڏک؛
وينئي ساريان سُک، جو هيڪَند هيس هوت سان.

(15)

ويم نڪري قافلو ڪائي نہ پيئي ڪَلَ؛
سيني اَندر سَلَ، اَٿم آريءَ جام جا.

Gul Hayat Institute

(16)

ويم نڪري قافلو اَديون آڌيءَ رات،
ٻاروچاڻي ذات، ڏسان شال اَکين سان.

(17)

ويم نڪري قافلو ڳل نہ مون پيئي،
حال سندم هيئي، مانَ ٻُڌي ٻاروچو وري.

(18)

ويم نڪري قافلو آءُ مٿي راهہ رهياس،
جيڏيون آءُ جِياس، جي مُنهن ٻاروچي ڏسان.

(19)

ويم نڪري قافلو آيل، چُپ چُپات،
ٻاروچاڻي ذات، مانَ مون سين ڪو وڙ ڪري.

(20)

ويم نڪري قافلو آءُ پيرين پيادي،
ٿئي مُون شادي، جي منهن ٻاروچي ڏسان.

(21)

ويم نڪري قافلو آءُ پُٺ ڪٺان پيرَ،
ڏک ڏيئي ويا ڏيرَ، مانَ ٻاروچو ٻاجهہ ڪري.

(22)

وينني ورهہ وسائيان، ڪانڌَ اچي لهہ ڳلَ،
جانِي تنهنجي جَلَ، منهنجو اَندر اڏ ڪيو.

(23)

منهنجو اَندر اڏ ڪيو فَنا هِن فراق،
مري ٿي مُشتاق، ڪا ڪرِ ور ولهيءَ جي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

مون ڏي واڳ ورائيندا، سرتيون، سِگهَڙا ٻيلَڙا ڪوهيارا!

پَڪا پَڪن سامهون، اوري آٽي اَڏيندا.
پينر هن پنپور جا، وري پاڻ وسائيندا.
سپيئي ڏسنديون سرتيون، روندي هوت ڪلائيندا.
پاڇياٽيءَ جا پاٽهين، پڪا پاڻ پُڄائيندا.
سور "سچو"، ڙي، هوت سان، هِيءَ غريب گڏائيندا.

## ڪافي 2

آءُ هَلي ڏس حال، منهنجو ٻاروچل ڙي، ميان!

راتو ڏينهان روح ۾، تنهنجو خاص خيالُ.
آوهان ٻاجهُون سُپرين، ساعت پايان سالُ.
مون تا نماٽيءَ سان، ڪر پلائي پالُ.
سارڻُ سِڪڻُ آن جو مون کي مِلڪِ آئون مالُ.
مرشد سارو مَجيو "سچوءَ" جو ٻہ سوالُ.

## ڪافي 3

Gul Hayat Institute

پُڇون ڪِينَ پِرن، ميان، حال منهنجي جون خبران،
ساٿيو ڙي، پانڌيو ڙي!

آهي ٻاجهه ٻروچ کي، مٿي معذورن، ميان.
ساھ سِڪي ٿو جن لاءِ، سي مون کي سارن، ميان.
هِن دم دلاسا ڏنا، سرتيون مون ساٿِن، ميان.

تون هِت ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾، تو هُت ياد ڪرن، ميان.
تون جنين جي آسري، سي تو ڪٿي ڇڏن، ميان.
”سچو“ سَنگت پانهنجي، مانَ غريبَ گڏن، ميان.

ڪافي 4

ڪيچي ويڙهہ ڪالهہَ، آءُ ٿي ورهہ وسايان!

مانَ نماڻيءَ هِن جِي، سِگهِي لَهَن سنڀال.
پيرَ آهي پنهورَ ۾، جِيرَ منجهہ جنجال.
جَن لاءِ ڏونگر ڏوريان، سي ئي ڏسان شالَ.
آءُ پيادي نہ پُڄان، ڏاڍا ڪافَ ڪشالَ.
مون جِياريو جيڏيون، سَندن خوابَ خيالَ.
ساڻ ”سَچوءَ“ ڪَنِ سُپرين، پلائيءَ جا پالَ.

ڪافي 5

ٻاروچي لَڏن لائِي، وو مِيان، ڪوهياري لڏن لائِي!

ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، ڏاڍي سُورَ سَلائي.
سرتيون مون سان سورَ ۾، پيرن ڪا نا پائِي.
هِيرَ وٺي سا هانوَ کي، ڏانهُن عَجِيبن آئِي.
سِر ڏيوڻ سچڻ کي، ”سچو“ آهي سَچائِي.

ڪافي 6

هوتَ پارئون مون کي هاٺي، ڏنا نِينهن نياپا هي.

”هتئون پَئي پانهنجي ميان، عذر ٻيا ڪيها آڻي“.
”اوتين ڪهڙيءَ ڳالهہ ڪون، پِنبڻين مون پاڻِي“.

Gul Hayat Institute

”وينيءُ ڪيئن پنيورَ ۾، سُورَ هئڻي جي ساٽِي“.
”سچو تو ڪي ساھَہ ڪَون، آهي اوڏو آرياڻِي“.

## ڪافي (7)

ڪيچَون آيم ڪالھ، سي تا سُٽو سَنِيھا!

”ڳالھيون ڪندي گُذريئِي سوَ راتيون تو ڪي سالَ“
”اُڪندِ اسان ڏي ڪا نہ تو ڏينهن اِتي جاليئي جال.“
”ڪنهن جي ڪارڻ تو ڪيا لَڪَ روئِي سپ لالَ!“
”ڪَيئِي نہ قطري جيتري، ساعت هِڪ سنيالَ!“
ٻُڌي ڏوراپا مون ٿيو جِيَڙ منجھ جنجالَ
جن لَئِي ڏونگر ڏوريان، تن پِي هِھڙا حالَ
”سي سپ تنهنجا اگھيا، جي ڪيئَي ڪالَ ڪشالَ.“
”ٻڌندو ٻاروچو وري، ”سچوءَ“ جا پِي سوالَ“

## ڪافي 8

اُهي ڪاڪيون ڪوهيارا، اَڄُ اَڱڻ منهنجي آيا!

پيهي پاٽهي آئيا، جَن ڏور ٿي ڏَسايو،
هَٿَوَن جَنِين هنيڙو، اَڌيون مون ٿي کَسايو،
جَن جي ڪارڻ جيڏيون، مون ٿي پانڌي پُڇايا.

هُيس جَنِين ڪاڻِ آءُ، آيَل اُپائون؛
دل ۾ دردمنديءَ جي، وڏو ورھُہ وڌائون؛
پوٿيون پَتايم جَن لاءِ، اُهي مَوليٰ مِلايا.

Gul Hayat Institute

وعدا پانھنجا سرتيون، اُهي پاٽهي پاڙيائون؛
نِماڻيءَ جي نجھري، اَچي پَکا اَڏيائون؛
اُنهن ڪارڻ ڪاڪِيون، مون تي وِرھ وَسايا.

ڪرم ڪيائون پانھنجو هاڻي حال ڏسي هيئي؛
وائِي فلڪ فراق جي، هاڻي وڃُڻ ئي ويئي؛
"سچو" گڏيو سَڄَڻا، جنهن تي ڪانگ اُڏايا.

## ڪافي 9

مُڪا دلاسا ڏيئي، ري سڄڻ مُون ڏي!

دوستن دلداريون ڏنيون، حال ڏسي تان هيئي.
پَسي عيب اسان جا، مِهَر پنھونءَ کي پيئي.
وريو ورق وصال جو وائي هِجر جي ويئي.
ماريون ملاقات جا، وس ڪيا هم ڪيئي.
"سچو" سي ئي آئيا، جيءَ گُهريا هم جيئي.

## ڪافي 10

پانڌي اوڏاهون اَڄ آيو پريان سندي پار ڏنهن.

Gul Hayat Institute

"طرفان تنھنجي هونِ اَچڻ جو ساٿ ڏٺين کي سعيو."
"گهڻو پڇن پِرين توئي کي، گهمين تون هِت اجايو."
"آهہ توئي ڏي سڻ ري عاشق، روح سَندن جو رايو."
پاڄاڻيءَ جو هنن پيغامن، وري سو ورھ وڏايو.
بڏي نياپا بانهون ٻڏي پئي، آڻي "سچوءَ" سر نوايو.

## ڪافي (11)

آج اوڏاهون آيا، گڏيا سي قاصد مون کي!

”وريِ ورڻ جا هئا پنهور ڏي، سات ڏٺين جا سعيا“.
”آج صبح آچي ويجها سي وهَندءِ، ڏور جنين ڏينهن لايا.“
”گوشي گڏجي ڪندءِ سي ڳالهيون، جَن جا تو پنڌ پڇايا“.
”خيال سچوئي هيڏي هُئڙن، ڏکيا تو ڏينهن لَنگهايا“.
”طرف تنهنجي اڳي پيي رهَبَر ، ڪيئن تنهن هوتَ هلايا.“
نِينهَن جا نياپا ڏنا جَنين هي، ”سچو“ سي ساهَ سيبايا.

## ڪافي (12)

نوان نِياپا آيا، مون ڏي محبن جا، ميان!

قاصدن، وو ميان، هيڏي اَچڻ جا، روز سي رستا لايا.
”طرف پنهور جي سُڻ تون عاشق، پنهونءَ تي پنڌ پڇايا“.
”تو تا طالب يار سچڻ ريءَ، گوندر ڏينهن گنوايا.“
”اڳڻ تنهنجي آج سي ايندا، تو جن لئہ ورهہ وَسايا.“
”جي ئِي گذاريئي يار جانب ريءَ، اُهي سي ڏينهن اَجايا“.
”هئا پِرين کي پار تنهنجي، ميان ”سچُو “اچڻ جا سعيا“.

## ڪافي (13)

اِهو نياپو آندو پانڌيءَ پرينءَ جي پارَ ڏنهن.

”آهي تياري ايڏهن اَسان جي، متان ٿئين تون ماندو.“
”عاشق تو کي آڻي اَسان سان، حُب ڪندي هيڪاندو“.

Gul Hayat Institute

"اسين بہ اوڙڪ اِينداسي ايڏنهن، تِج نہ ورهہ ڪون واندو."
"ملڻ محبن جو آهي اِهوئي، پِرت جو پاچاندو".
طرفون اسان جي سڻ "سچو" وي لاهين تون سڀ سياندو.

## ڪافي 14

آهي منهنجو سَڱُ، تان پُنهل توئي ساڻ!

آءُ اوري تون وچ نہ پري، ساهہ وني وڃ ساڻ.
هوت جي ني هلڻ جو ڪونہ پيم اُهجاڻ.
ڇُلي پِيس ڇپرين، سَڱُ پنهل تنهنجي ساڻ.
لڳو آهي دل کي، ٻاروچل تنهنجو ٻاڻ.
سِر "سچوءَ" جو يار آوهان تَوَن، ڪوڙين ٿئي قُرباڻ.

## ڪافي 15

جنهن جي آهيان عشق اندوهي، تنهن ٻاروچي کي ٻاجهہ پوي!
آءُ حال چونديس روئي، تنهن ڪوهيارل کي ڳَهَل پوي!

سا نہ ڇڏيجو ڇپرين، جا لَعَلن تو سان لوئي.
پِريان سَندي پار ڏنهُن، قاصِد اچي ڪوئي.
سوئي ايندم سُپرين، جانب جيءَ جو جوئي.
پورهيو ڪنديس پرينءَ جو، ڳچيءَ پائي اوئي.
سَمَر تيڙيم سُج جا، حُبَ تو ئي سان هوئي.
اکيون عجيبن ڏي، بينيون جُهڙ جهوئي.
"سچو" سَگ اوهان جو پور وڏا جنهن پُوئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 16

آءُ اوهان تَون گهوري، آڙي ڪيچيو ساڻ نيجوا!

راتو ڏيهان روح ڪي، آهي اوهان جي جهوري – اڙي ڪيچيوا!
دائِم وڏيَو دل ڪي، هِن ڏکَن جي ڏوري – اڙي ڪيچيوا!
ويهان ويهَڻ نہ ٿئي، ڏاڍي سا لايَو لوري – اڙي ڪيچيوا!
ڪرڻ مناسب ناهي تان، ساڻ ضَعِيفن زوري – اڙي ڪيچيوا!

## ڪافي 17

مون ڪي هيئن نہ ڇِپَر ڇڏ، ميان، اڙي پلو پُنهَل يارا!

پرين پاڇياڻي پانهنجي، گولِي گولِن گڏ، ميان.
تون تا صاحب سُپرين، هيءَ ڏهارڻ ڏڏ، ميان.
آءُ اوهان جي آهيان، هُوَن هُوَن هڏ، ميان.
تُنهنجي صاحب سُپرين، شال نہ سِڪان سڏ، ميان.
جايون جانبَ پانهنجيون، اڪَڙين ۾ آڏ، ميان.

## ڪافي 18

ڪندي، آءُ ڪوهُ رهِي رهِي، جيڏيون هِتَ هوٿن ريءَ.

Gul Hayat Institute

اَندر ورهہ وٺاڻ ڪيَا، لَوَن لَوَن مَنجهہ لَهِي لَهِي.
ڇڏي شَهر ڀنڀور ڪي، ويندِيَس ڪيچ ڪَهِي ڪَهِي.
ڪونهي مُنهنجو ڪوهيارلَ ريءَ، سرتيون هِت سَهِي سَهِي.
ڦول پاڙيندو نِي پانهنجا، باروچَل ٻَهِي ٻَهِي.
"سَچو" گڏيم ساٿَ جا، پَنڌن مَنجهہ ٻَهِي ٻَهِي.

## ڪافي 19

آءُ ڪِي تان اوڏي آئِي، جهاڳيا مون سي جَبل جالَ.

سَل ڙي ساڻِي،"ڪيچُ ڪاتي ٿيو"، ڳَلَ الله لَڳِ ڏي تون ڪائِي.
اوني ادا ڙي ہُڏيئي ڪا، وري ورڻ جِي هيڏي وائي.
شهر ڀنڀور ڏي ڀيرو ڪندا ڪو ڏاڍي اسان سان هوتَ لائي.
اڳڻ تنهنجي، سڻ "سچو" ڙي، ميان، جانِي اَچي ٿو رات جائي.

## ڪافي 20

ٻانَهڻ ڙي ٻَرڏِيهي، ناهي ايذائِڻُ توکي:
ناهي واجب ٻَرڏيهي، ادا، اِيذائڻ توکي!

ڏيندءِ ڏوراپو يار اسان جو، وت توئي جي ويهي.
پيرِ ڦيهين ٿو نِتُ نماڻيءَ جا، ڳالهه ڪريان ہي ڪيهي!
هيءَ اميد، وو هِئي نہ تو ڏنهن، جبل ڪيئي مون سان جيهي.
جيهي ڪندين ڪوهَہ! اسان سان، ڳالهه ڪنديس هُت تيهي.
"سچو" سچاتو سنگ تو ئي ڪي، آهي عادت تو ايهي.

## ڪافي 21

حيلا ڪيم هزارين، مانَ تڳن مون وٽ رات.
ڳرهہ قطاري هليا، بودا پلاٽي پِريات.
آءُ سُتي هو هُليا، توڏن جي ڪيؤن تات.
سورَ ڏنائون سوڪڙيون، ڏک ڏنائون ڏات.
پرين ساري موڪلِي، ڏانهن "سچو" سوغات.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (22)

هوتَ اسانجڙو حال، تون پاڙَهين ٿو جاڻين!

اوهان پاجهون وو سپرين، ميان الا، ساعت پايان سال،
وري اَچج آرباڻِي.
راتو ڏينهان روح کي، ميان الا، سندُو خواب خيال،
تون سانول سُجاڻِي.
ڇڏي ويندين وو ڇپَرين، ميان، الا، تو لڳ ڪم ڪشال،
تون هِئين ڪيئَن هوتياڻِي!
سوز اوهان جي وو سُپرين، ميان اَلا، بِرهہ ڪئِي بيحال،
تہ پِيي عذر نہ اٽِي.
لاهہ فراق وو فقير ڪَؤن، ميان الا، "سچو" مچ سوال،
هِيءُ هاديءَ لئي هاڻِي.

Gul Hayat Institute

# داستان ڇهون

(1)

مون ڪان ٿئي نہ پنڌ، آري ڄام اَڇيج تون؛
هاٺي ڏي مون هنڌ، پاڻ ئي ڏاري سُپرين.

(2)

آريءَ ڄي اَچڻ جو روز نهاريان راهُہ؛
آڻيديس اللهُ، مون سِرُ صدقي ڪيو.

(3)

آري اَچين شالَ، نماڻيءَ ڄي نِجهُريءِ؛
هِي مون ڏسي حالَ، ڪرين غور غريب جو.

(4)

گهڻا ڏينهن ٿيا، مون ڏوريندي ڏونگرين؛
جي مون سڌ ڪيا، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين.

(5)

ٻڌي ٻاروچا ورين، هِنَ عاجز جون آهُون؛
درد ڀَري دانهُون، ڪري ٿِي ڪافن ۾.

(6)

جي مُنهن ٻاروچي ڏسان، تا سَيِئي ٿِينَم سُکَ؛
ڏور ٿين مون ڏکَ، پَسڻ ساڻ پرينءَ ڄي.

(7)

ڪر ٻاروچا ٻاجهہ، هِن مون نماڻيءَ تي؛
وڃي وجهان واجهہ، اوهان ڄي اَچڻ لاءِ.

Gul Hayat Institute

(8)

مون هَتان پيئي، ڏوهُہ نہ مٿن کو ڏيان؛
حال چوان هيئِي هَلي هوتياڻِن کي.

(9)

هن ڏکيءَ کان ڏيرَ، وجهي وِٿِ وڏي ويا؛
ڏورڻ هاٽي آئيا، سرتيون سڀ سُمير.
پُڇِي لهان پيرَ، آيَل اوٺارن جا.

(10)

اٿي ويا اوٺارَ، کٽي ساٿ سوبلَ جو،
هاٽي اَديون آئِياَ، ڏورڻ مون ڏونگار؛
ٻيا ٻيي هوت هزار، منهنجو پيچ پُنهونءَ سان.

(11)

منهنجو پيچ پنهونءَ سان، اَزل لاڪون آهہ؛
هاٽي وبهڻ چاهہ، پيئرُ هن پنيور ۾؟

(12)

ڪريان ڪوهہ پنيور ۾، پنهونءَ پُڄاڻاءُ.
سوز چَڪايو ساءُ، وبهَڻ مون وهُہ ٿيو.

(13)

ڪريان ڪوهہ پنيور ۾، ور بنا وبهي؛
جيهي جي تيهي، آءُ تان سندن آهيان.

(14)

ڪريان ڪوهہ پنينور ۾، پُڄاڻا پرين؛
وارُ نہ سي وبهَن، جَنِين مَٿي مامرو.

Gul Hayat Institute

(15)

ڪوهُ ڪريان پنهور ۾، هاريُون ٻِنا هوت؛
مون تان تائين موت، ووءِ ووءِ هَڏِ نہ وسري.

(16)

گولِن گَڏ گذرانُ، ڪاڪِيون، ڪنديس ڪيچ ۾؛
آريءَ ٿئي اَرمان، مانَ ڏسي حالُ حقِير جو.

(17)

چڱي پنهونءَ چِت، سدا آهي سَرتيون؛
هوت بنا مون هِت، ڪريان ڪوهُ پنهور ڪي؟

(18)

شالَ نہ وسرين تون، لوڪ سَيوئي وسري؛
مطلب اِهو مون، جو پاڙُن پَري نہ ڪرين.

(19)

ورَ مَ وساريج، هيءَ تان سنديو آهِ؛
وڃي ڪيچ وٽن ۾، هيءَ سڌر ساريج؛
تيتَر مَ ماريج، جيتر توکي نہ مڙان.

(20)

ساري شهر پنهور جي، ڇڏي لوڪ لذت؛
تو ريءَ ڏئي ڪونہ ڪو، ماڻهو عام عِزت؛
ٿئي ساهہ صِحَت، جي ٻيهَر ٻاروچا اَچين.

(21)

ڪيو ڪميٽيءَ ڪَڄُ، جو سُنِڀي سَوبلي رهي؛
اُنهيءَ جي افسوس سين، ڪيو محَبت مَڄ؛
پنهون جامَر پَرڄُ، ناميا نِماڻيءَ سان.

Gul Hayat Institute

(22)

ٿيون هِن هَٿاءُ، ڪيئي مُورائون مَنديُون؛
پنهون ڏسي پاڻ ڏي، آسَڻ منهنجي آءُ؛
سانول تو ريءَ ساءُ، اَچي ماڻهن ڪِين پنڀور جي

(23)

پُنهون پُنهون ٿي ڪريان، آءُ پڻ پنهون پاڻ؛
اَديون ٿِيس اَجاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.

(24)

جان پروڙيم پاڻ کي، تا آءُ پنهون آهيان؛
ڪنهن طَرف ڪاهيان، جو طَرف مِڙئي "ٿُمر" ٿيا.

(25)

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان؛
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هيءُ پَڙلاءُ پيوم؛
صحيح ڪن ڪيوم، تہ غير گمان اُٿي ويا.

(26)

"سچو" ڪج صَبرُ، مٿي خيال ڪڙو رهين،
ڪِينو ۽ ڪِبرُ، پري ڪرين پاڻ کؤن.

(27)

چَٽَ ڏني چُتڪي، سورن سَرسُ سُميرَ ۾؛
سا سَچلي "سَچيڏنو" چوي، چُوهڙ منجهون چِتڪي؛
جا لڳن منجهہ لُتڪي، تنهن سان حمايت هوت جي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون منهنجو جيئڙو جهجي ٿو!

پريان سندي پار ڏُنهن، الله اوني آڻ.
چڏي شهر ڀنڀور کي، هاڙهي ويندي هاڻ.
روئڻ ڪَوَن جهلن سي' ئي، رَئن آڪڙيون اُڪاڻ.
جيءُ وڏائون جار ۾، هاروچاٽي ٻاڻ.
سِگهو ايندو سُپرين، پينر منهنجي پاڻ.
"سچو" آءُ تان آهيان، پريان جي پَرياڻ.

## ڪافي 2

اوڏانهون جي اَچن، ڙي جيڏيون، اُنهن آءُ ڪيئن نه سڃاڻان!

پريان سندي پار جيون، ڪيهون ڳالهيون ڪن.
مون هن نماڻيءَ کي، دلاسا ٿا ڏين.
ساهہ منهنجو سرتيون، نيو نياپن.
هي ٻُت بيراڳي ڪيو ڪاڪيون ڪيچيئڙن.
"سچو" چو نہ سُڏيرُ تين، تو هُت پاڻ پچن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

ڀجي پاهڻ ٿي پاسي، متان ڏاڍو ڏک پوبئي!

پنهونءَ سندي پار ڏي، اسين تان پنڌ پياسي،
ترس اهو مانَ ٿئيئي
چو ٿو مهين پير مُئيءَ جا، اڳهين نيهن نياسي،
ڏک ويا ڏير ڏئي.

سڻ ڙي ڏونگر حال"سچوءَ"جو وندرجي اسين وياسي،
چَڱيان پاڻ ئي هوت چوي ئي.

## ڪافي 4

دوست دلاسو ڏجي، ڏاها ڏکوين.

اَول لائي پوءِ نہ ڇنجي، پرت نباهي نِجي.
پُرجهي ڏسج پرين پانهنجو هيئن نہ ڪا پُل ڪجي.
ڳالهيون تنهنجيون يار ٻاروچا. راتو ڏينهان هِن هِجي.
ورهَہ وارن سان يار ڏهاڙي، ڏک پائي آچي ٿجي.
قاصد ايڏنهن جا چون اِئين مون. هوت اِيندءِ اَج اِجهي.
ڏنگاين ڏي ڏس نہ منهنجي، سپ اوهان ڪئن تو سِجهي.
اچڻ ڪارڻ هوت اوهان جي، "سچو" فالان وينو وجهي.

## ڪافي 5

وندر آءَ ويندياس، وٺي اهو سوز سڄڻ جو - وٺي اهو پور پريںءَ جو!

پيرن اُتي پِرَ جي، ڳوڙها ڳاڙيندياس.
ڪاڻ ڪوهيارلَ ڪاڪيون، جهولا جهليندياس.
آهُن ءِ دانهن سان، ڪَرڳَل ڳاڙيندياس.
ٻاجهون ٻاروچل جي، سانٽيهُ ساريندياس.
پنهون وٺي تان پاڻ سان، اَديون آڻيندياس.
پاڻ پنهنجو پورَ مؤن ڇُنجن چاڙهيندياس.
سِر پنهنجو سرتيون، گهوريون گهوريندياس.
وٺي مَهار مَيَن جِي، لوءِ ڏي لاڙيندياس.
"سچو" ٻاجهون سوز جي، ٻيا ورق واريندياس.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 6

مون کي ميڙين الله، سِڪهو آٽي الله وو ميان پاروچا!

اُنهن ڪارڻ ڪاڪيون، وجهان وچاٽا،
سانول پنهنجو سرتيون سوَ ۾ سُڃاٽا.

ٻيهر شهر ڀنڀور ۾ آٽين الاهِي،
پيرين پئي تن کي ٿيون پاڻ ئي صلاحي.

اوڏنهن آڏيءَ رات جا ڪانگل اڏايان،
جي پري آهيان تن ڪَؤن تان پِي سندين سڏايان.

ڪڏهن مُڪو ڪونہ ڪو پرين پيغامي،
اَصل لاڪؤن اُن جو آهي، ساهُ رت سلامي.

ڪڏهن ايندم سُپرين، ٿي پوٿيون پٺايان،
"سَچو" سوالن سان اُهي ويندا ورايان.

## ڪافي 7

جي وٺي حُب وڃن، تِي اُنهن کي ڪيئن نہ سُڃاٽا!

چڏي لاپاپا لوڪ جا، پِريان پنڌ پوڻ،
ڏونگر سي ڏوريندين، حب جن کي مَن.
آيل عاشقن جون، ڪوڪان پيڙم ڪَن،
آديون هن ارواح کي، تاسِف ڏنو ٽن.
"سچو" صدقي اُن تان، جي وٺي درد وڃن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 8

متان ڏوراپو ڪو ڏيو ڙي ساٿيو مون ڪي!

هيءَ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، ڪيئن مَتؤن مون ٿيو.
حَرف اسان تي آهي اَصل ڪؤن، وبسر ۾ وبو.
"سچوءَ" ڪوني پانهنجو پاڻ قريبَن ڪيو.

## ڪافي 9

منهنجو سڱ نہ سِياپو ڪاڪيون ڪيچ ڏٽين سان!

هِتؤن هَلِي اُٿهين، آءٌ نہ ڪنديس، ڙي، ڪاپو.
پانهي خان پروچ جِي، تِيسَ لاهي لاڳاپو.
شال نہ ڏکيءَ ڪي ڏين، ڪنهن ڏوهوُن ڏوراپو.
جيڏيون هِنَ مُئيءَ جو آهي جانب جياپو.
"سچو" سڄڻ سان ڪندو منهنجو موليٰ ميلاپو.

## ڪافي 10

يار ٻيلي ڙي، متان مون ڪي هِت ڇڏين!

هِيءَ نماڻي عشق اوهان سان،
هِيءَ محب ٻيلي ڙي، پاڻُ غريب سان گڏين.

ڪنهن در ڏينديَس دانهڙي،
پيارا پرين ٻيلي ڙي، آٽي پَڪا اوري آڏين.

لَهہ "سچوءَ" جي، وڻ سُڌ سڄڻ سائين،
ساجهر سوبلي ڙي، يار ايندين تون ڪَڏين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 11

ڪنهن لَڳ ڏونگر ڏوريان، جيڏيون ڙي،
محبِ آهي منهنجي مَن، ميان.

”وفِي اَنفُسِڪُم اَفَلاَ تُبصِرونَ“، ڪاڪيون ڳجو هي ڪن.
اسين تو سان، پَري ٿُون ڦولين، اولانيا هي اچن.
پاڻ سنڀالج پانهنجو پرين اِئين چَون.
اِهڙيءَ اوڏائيءَ ۾، ورهِي مِينهن وَسن.
”سچو“ سي ٿي پَري پيا، جُدا جاتو جَن.

## ڪافي 12

مون ڪي ماريو مونجهاري، ووءِ ووءِ،
سانگِي مون سي ٿي ڪيا.

سوزُ تنهنجو سُپرين، هِت ڪوڪان تو ڪاري
اُنهيءَ ٻاجهُون سرتيون، هيءَ گوندرَ گُذاري
ڏاڍي ذات جتن جِي، جي عاشقن وِيا آزاري
وندر جي وٽن ۾، تي ڪيچي نهاري
”سچو“ سپرينءَ ڪي، تون ويهُ نہ وساري

Gul Hayat Institute

## ڪافي 13

گولي مانَ سڏين، اُنهن جي نِي آهيان، جيڏيون ڙيءَ

پڪا پکن سامهون، اوري مانَ آڏين.
آريجا عاجِز ڪي، ڇَپَر تان نہ ڇڏين.
ٻاروچان تا ٻاجهہ پئي، گولي ساڻ گڏين.

هُونِ هميشہ مون پِرين، لحظي تان نہ لڏين.
اَصل لاڪون آهيان، هِيئن آئؤن هَڏين.
اٽمُلهِ ٻانهي آهيان، ”سچو“ پاڻ سَندين.

## ڪافي 14

هِنئُون اُٿي تنهنجا هوتَ ويا، تون تان ٻيي نہ ڪِوشش ڳرين!

پيرَ پُنِن تون نہ ڪٽي، ٻُڏيون سي ڳالهيون ڪرين.
توکي تان ترسائِيو پاڇياڻي، پَنڌَ پَرئين.
اُٿي ڪر پنڌ پهاڙ جا، متان تون پوئتي ورين.
”سچو“ پُڇج سُپرين، ميان، متان تون تان ٽرين.

## ڪافي 15

پنهنجو ڪيو هي تان پنهنجو ڪيو مون کي يار پنهل ڳُوٺي!

دوستَ ڳڏيو دلجاءِ ٿي، وڃئِڻ سارو وڇوڙو ويو.
آڏر ٿَي ارواح ڪَي، جِڏيون ڙَي، منهنجو جيئڙو جيو.
رهجي اچي يار سان، ڏاهيون ڙَي، اهو ڏسڙو ڏيو.
اَڱڻ آسَروندَ جيَ اچي، ميان، لالڻ پاتو لِيو.
ساهہ ”سچوءَ“ جو سرتيون، نيڻن سندي نار نِيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 16

ٻانهن جي آءٌ ٻانهي آهيان، ٻاروچي جي ذات جي!

ڪِيم جهلو مون جيڏيون، دوسنَ جي ديوانِي آهيان.
آءٌ ڪنيزڪ مُلهہ خريدڻ، شاهَن جي ڪا شانِي آهيان؟
اُنن اونارن ٿئِن، ڪوڙين آءٌ قُربانِي آهيان.

جي مون پُڇيو جيڏيون، سورن ۾ سامانِي آهيان.
پُڇو "سچوءَ" ڪؤن سرتيون، محبن جي مستانِي آهيان.

## ڪافي 17

تو ريءَ ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪنديس، آءَ وَر واڳ ورائي!

واٽ نہ وندر جي لهان، وڌيس مونجهہ مُنجهائي.
سِڪَ تنهنجي سُپرين، ڏونگر تي ڏورائي.
هيڪاندي هيءَ حَبَ ۾، وينِي ورهہ وسائي.
طعنن شهر پنيور جي، وڌم تَنُ تپائي.
جيهو تيهو سُپرين، "سچو" سندُوَ سڏائي.

## ڪافي 18

باروچا پَئيوَ باجهہ، ڇپَر مون ڪيٰ هيئن نہ ڇڏيجو!

مهرَ نہ لاهيو مون پِرين، مَتان هِن محتاجَ.
آهي هن عاجِز جي، تو تي لالَڻ لاجَ.
هِيءَ پُنِيءَ پئي تنهنجي، مَنجهَؤن ساري راجَ.
ڳچيءَ پائي ڪپڙو، اُت ڪريان ايلاجَ.
پورهيو ڪنديَس پِرت جو هَٿين ڪنديس هاجَ
گهوريان گهوٽ اوهان تان، سڀ مَڏيون ۽ ماجَ.
اوهان جي نہ اَچڻ لاءِ، "سچو" وجهي ٿو واجهہ

## ڪافي 19

تو ڪي جاني نہ جڳائي ٿو رُسَڻ نماڻين سان!

جيهِي تيهِي تانهنجي آءَ اَصلَ کَون آهيان.
اوهان جي تا اَچڻ جو آسَرُ هَڏِ نہ لاهيان.
سِرَ تي نينهُن فراقَ جا، هي مينهڙا وسائي ٿو.

Gul Hayat Institute

پَري ڪر نہ پارَ ڪَون ڏي دلبَر دلاسو
توريءَ سُجهي ڪونڪو مون کي پِرين بيو پاسو
جيهي تيهي اَصل ڪَون، هيءَ سَندَو و سڏائي ٿو.

سکن مٿي ڏکڙا، ٿي محب مَٿايان.
غم خوشيءَ کان اَڳرو آءٌ پليرو پايان.
مُنهن مُقابل تانهنجي، اهو گوندر گڏائي ٿو.

اَگڻ نَماڻيءَ جي تون، اَڇج الله ڪاڻ.
هيڪر هوتَ ڳريج تون، پيرو منهنجي پاڻ.
سوز تنهنجو سُپرين، هِت سانولَ سِجائي ٿو.

وني وينِي آهي اهو وعدو ويچاري.
ڳچيءَ پائي ڪپڙو هيءَ ڪري ٿي زاري.
”سچو“ سگ اوهان جو هِتِ پانڌي پُڇائي ٿو.

Gul Hayat Institute

ڪافي (20)

خبر ڪا مون ڏيو ساٿيو سائين، عجيبن جي اَچڻ جِي!

ڪيچيئڙن جو قافلو وچينءَ رات ويو.
اِئين نہ ڇڏيو ڇَپَرين، هيءَ تا نال نِيو.
توڙي وِرهہ وهاريو ڪنديس ڪو نہ بيو.

وندر سنديءَ واٽ تي، مون صدقي سِرُ ڪيو.
چڏ ساها سنبر، ”سچُو“ ري، جي تو پور پيو.

## ڪافي 21

هيءَ نماڻِي نالِ، نِجِو ادا ڙي، اوٺيو!

هي ڪميٽي ڪُوڙي، بِرهَہ ڪئِي بيحال.
پُنيءَ اِيندي اُنهن جي، جيهي تيهي حال.
پرين نيندا پاڻ سانِ، پلا پنهنجي پال.
اوهان پاڇهون سپرين، جيئڻ آهي جنجال.
پاروچا تان پاڇهَ پئي، ”سچو“ سگ سنيال.

## ڪافي 22

پاروچا ميان، هيئن نہ ڇڏيو هيءَ نِيو نِماڻي ساڻ!

سُڌ تَهين کي سوز انهِيءَ جي، جنهن لڳو پاروچاڻو پاڻ.
پانهي گولي تانهن ڃِي، پنهون پاڻُ سڃاڻُ.
پرين ڏسج پاڻ ڏِي، آهيان آءَ اَجاڻ.
بخش ”سچوءَ“ کي سپرين، سندو نِينهَن نياڻ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 23

وهيان وساريان ڪيئين، جيڏيون جي لنءُ لائي ويا!

گهوري ڇڏيم هي گهر جايون، برهہ بهيران پنيءَ لايون.
پيير نہ پوءِ واريان، وري سنياريان ڪيئين؟

شهر پنهور ڪان ٿيم آزادي، ڪيچ وبندي ئي ڏنيم شادي،
تنهن سان نيهن نباهيان، پوءِ نهاريان ڪيئَن.

ٿي پئي منهنجي دلڙي ديواني، محبت ڪيڙس آءُ مستاني،
در در ڦيريون پايان، هت گذاريان ڪيئن.

پور پِرينءَ جي ڪئي پڌرائي، اوڙي پاڙي وڃُتي وائي،
ڇا ڪي عِشق ڇپايان، هُڻ گهر گهاريان ڪيئن.

ڪيچيڙن جي ڪم اَچان جي، رنگ پِريَن جي رنگ رچان جي،
"سچو" ري ڳُڻ ڳايان، هي سُر واريان ڪيئن.

Gul Hayat Institute

# داستان ستون

(1)

توڙي ماڙ نہ مون، سڻ منهنجا سُپرين،
مون کي گُهرجين تون، لوڪُ رُنو ئِي گهوريو.

(2)

عُمر اَجائِي گذري، وهِي آيَم هِيءَ،
آءُ سپاجها سُپرين، پرورَ ڪارڻ پِيءُ،
جِيئڻُ ڪونهي جِيَ، ڪا ورَ ويچاريءَ ور ڪيو.

(3)

عُمر اَجائِي گُذري، اَچا ٿيا اِظهار،
زاريون ڪِيو سُپرين، رُئان زار و زار،
مَٿِم آهي مِيارَ، هوتَنِ حَرَف نہ هيڪڙو.

(4)

عمر اَجائِي گُذري، ڪارن مَٿيو رنگُ،
مون نهارڻُ نہ ٿئي، سانوَلَ سارو سَنگُ،
هِن نِماڻِيءَ جو نَنگُ، آهِہ اَوهان تي سُپرين.

(5)

Gul Hayat Institute

عمر اَجائي گذري، ڪَٽِي جوڀَنَ جاڙَ،
بالا هِنِ بِلورَ جا، چِٽَنِي طرفين چاڙَ،
باروچَل جي ٻاڙَ، مون کي روهين روليو.

(6)

عمر اَجائِي گُذري، هوتَ نہ گَڏيَس آن،
اَهڙِي ئِي اَحوال جِي، ووءِ ووءِ آهي مان،
ٿئي نہ ميلو جان، تان ساهُ نہ وڃي سَرٿيون.

(7)

عمر اَجائِي گُذري، هِهڙو ٽِيَڙُم حالُ؛
ڪنَهِن سٽايان سرتيون، اندر جو اَحوالُ؛
آرياڻِي الحالُ، ڪندو غور غَريبِ جو.

(8)

مَٿي راهَ رَنجُورِ وبچاري واڪا ڪَري؛
سِگهِي ويندي نِڪري ، هوتِياڻين حضور؛
موٽي هَڏِ نہ مُورِ پَسَڻَ ريءَ پِريِنءَ جي.

(9)

جان مون مِلان هوتَ، تيسين تائين نہ مَران؛
مادر تائين موتَ، اِهو اَٿم آسرو.

(10)

وندر جي وٽَن ۾، ڪَري واڪا ويچاري؛
جا مَحبوبن مارِي، تُنهِنجو موتَڻ مَسَ ٿئي.

(11)

وندر جي ٿِي وٽَن ۾، زور ڪَري زاري؛
ڇڏي ويا ڇَپَرين، ڏوِيڙ هِيءَ ڏاري؛
هِڪ واچوڙا واڻَ تي، بِي وسي ٿِي واري؛
بِرهُه آهي باري، هَي هَي هوتياڻِن جو.

(12)

وندر جي ٿي وٽن ۾، زور ڪَري زاريُون؛
نِيلا نيرَ آڪين مان، هاڙهي وبس هاريُون؛
آديون آريءَ چامر جا، ويا روڏا رئاريو؛
هِنَ مُئيءَ ڪي ماريو، هوت وڃن ٿا نِڪريا.

Gul Hayat Institute

(13)

وڃِي ڪيچ وٽن ۾، ٿِئَن ڪوهيارَل قَرارِ؛
يا ڪٽِي مُئِيءَ کي مارِ، يا پِرين ني تون پاڻ سان.

(14)

وڃِي ڪيچ وٽَن ۾، ٿِئين سانول سُکِ؛
هيءَ ڏکوئي ڏکِ، وڃهي گوندر ۾ وَئين.

(15)

وڃِي ڪيچ وٽن ۾، تون خاصا ٿين خوشحالُ؛
هِتِ هِيءَ نِماڻِيءَ حالُ، مانَ وَري ڪو وَڙُ ڪرين.

(16)

وڃِي ڪيچَ وٽن ۾، ڪامل ٿِئين قَرارِ؛
ويچارِي مَرَ وسار، جا اَڃهي آهي آنهِنجي.

(17)

وڃي ڪيچ ..ٽن ۾، ٿئين جانب جاءِ؛
هُو جي اوري ڪيچَ ڪَوَن، سي مون لَڪَ لنگهاءِ؛
پنهنجو پاڻ پساءِ ، نا تہ ٿي دوست دمُ ڏيان.

(18)

ڪاڪيون ڪيچ وٽن مُوَن، هِيرَ اڃي جا هِيَ:
پاڙيجونءُ سان پِيَ، هِنَ مون کي اَڄ ملائيو.

(19)

ڪاڪيون ڪيچ وٽَن ڏنهُن، هي جو واءُ وريو؛
سندو ساهَہ سَريو مطلب سارو مَنَ جو.

(20)

ڪاڪيون ڪيچ وٽن ڏنهُن، وري واءُ وريوم؛
سارو ڪاڄُ سَريوم، جڻ هاٿي گڏيس هوت کي.

Gul Hayat Institute

(21)

هو جا ڪيچ وٽن کي، وڃي لڳي واءِ،
سا وري شهر ڀنڀور ۾، اچي سرد هواءِ،
جانب تنهين جاءِ، سا جيءَ اُنهيءَ سان هلي.

(22)

هو جو ڪيچَ وٽن مَؤن، اَچي واءُ ورِيِ،
سو مون کي محبوبن جِي، ڏئي خبر ڪَرِيِ،
وڃان تا مَر مَري، جان ٻاروچي مُنهُن ڏسان.

(23)

هو جو ڪيچ وٽن مُؤن، وَريو اَچِي واءُ،
ماريون تَنهن مَٿاءُ، هِيءُ سِرُ ڪريان صدقي.

(24)

هو جو ڪيچ وٽَن مَؤن، واءُ ته آٽي واسُ،
هِيءُ سِرُ سارو ساسُ، ڪوڙين قرباني ڪريان.

(25)

هُو جا ڪيچ وٽن مَؤن، هاريون آچي هِيرَ،
تئي صحت مَنجهه سَريرَ، ڏور وڃن مون ڏڪڙا.

(26)

هو جا ڪيچ وٽَن مَؤن، هاريون هِير اَچي،
تَنهن سان مَنُ مچي، محبت ۾ محبوب جي.

Gul Hayat Institute

(27)

هو جا ڪيچ وٽَن مَؤن، اَچي هِيرَ هَلِي،
سا ڀينر آهي ڀَلِي، جنهن سان ساهُ سُڌير ٿئي.

(28)

هو جا ڪيچ وٽن مَؤن، ٿي هِير اَچي هاٽي،
تَنهِنَ آرياٽي آئي جَڙُ مون سان اَڄ ملائيو.

(29)

هو جا ڪيچ وٽن مؤن، آچي هِيرَ هلي؛
تَنهِن ساري ڳالهہ سَلِي، پِريان سندي پارَ جي.

(30)

هو جا ڪيچ وٽن مؤن، لڳي تيز تَنوارَ؛
سندي پِريان پارَ تَنهِن ڏنا دلاسا دل کي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

نِينھَن نِھوڙي آھيان، ھاڻي جيڏيون ڪاڏي وڃان!

پنڌ پري ٿيو پِرينءَ جو عشق اُلارو اڃان.
ڪَنڌِ وٺڻ نہ ٿئي، چرخو ڦيرائي پَچان.
پِريَن نايُون پَٽ ۾، عشق سنديون سي ڄڃان.
موٽڻ واري ڪَڏهين، ”سچو“ نہ مَصلحت مَڃان.

## ڪافي 2

ھئان ٻاروچي نال، وو نال، پَلَڪَ نہ پري پِرينءَ کَؤن!

ورھيہ ويڙم گذري، ھَي ھَي ھھڙي حال، وو حال.
ساڄَن تنھنجي سوز جي، ڪريان ڪنھن سان ڳالھ، وو ڳالھ.
ٿي گذاريان ڏينھڙا تنھنجي خاص خيال، وو خيال.
پُنيءَ لڳل پانھنجي، پنھون سائي پال، وو پال.
ساھ ”سچوءَ“ جو صدقي، آھي اُتون آل، وو آل.

## ڪافي 3

گوليءَ جي گفتار، ٻُڌِيوَ ٻاروچَن ۾ ڪا!

ڪُتا ڪانَ قريب جا، ھِنِيڙَي منجھ ھَزار.
آءُ پيادي نا پُڄان، سارو ساٿ سُوار.
اُنھن ڪارڻ آئيو رئڻ زارو زار.
لڌم پير پنھونءَ جو منجھؤن گرد غبار.
اڇي شال ينيور ۾، ٻاروچو ٻيھار.

Gul Hayat Institute

پاڻئون پانهي پانهنجي، دوست نہ ڪجو ڏار.
ڳن ”سچوءَ“ ڏي سچ جِي، مَجهَؤن نِينهَن نهار.

ڪافي 4

يار لڳي آءُ هَلندي تو سان، وو

رهنديس ڪِيئن پنهور ڀِر.

پاءِ رڪاب پرينءَ جي، هَي هَي هاريون هوسان.
پائي مَنڊڙا پورَ مَؤن، راهن تي روسان.
آوهان پاجهون سپرين، چاهي مُنهنجو لوءِ سان.
سورن سهرا سِرَ تي، پارئون تنهنجي پوسان.
”سچو“ ساعَتَ نہ رهي، دم پاجهون دوسان.

ڪافي 5

گولَن جي آءُ گولي، پاروچاڻي ذات جي!

سمجهي سگهان ڪينڪي، پاروچي جي بولي.
عبث آءُ پيي ناهيان، ڳالهہ ڪَيَس ڪنهن ڳولي.
ڪري ڪوهيارل ويو هنيڙي اندر هولي.
روئي اُنهن واسطي، چِڪ ڪيم هيءُ چولي.
”سچو“ صدقي تَن تَؤن، جِندُ جَنهِين هِتَ گهولي.

ڪافي 6

اڙي آلو آلو منهنجي يار سَجَڻ جو ساٿ سلامت آئيو!

اَڄُ سي اَڱڻ آئيا، مون جِن لاءِ وِرهہ وسايو.
اُهي ڳَڏ مسافر هِنِ ڳَڏيا، مون جن لاءِ پَنڌِ پُڇايو.

Gul Hayat Institute

ڏيئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رچايو.
حال پائي اَچي سي ٿيا، جن تان چيٽڪ لايو.
وربتيون وصالَ جو هاڻ واليءَ ورق ورايو.
”سچوءَ“ کي ڙي سرتيون، اهو موليٰ مُحب مِلايو.

کافي 7

سنديو سار سنپال، يار مون کي آهي، مُنهنجا ميان!

مون هوُن نہ ڏورڻ ٿيا، الا، آهن ڪاف ڪشال.
آوهان پاجهون سُپرين، جيڻ منجھ جنجال.
ڪريو فنا فراق کي، وجهان واجھ وصال.
پاجھ پاروچا تو پوي، ڀُڙا ٿيڙم حال.
راتو ڏينهان روح ۾، جَکان لاءِ جمال.
سِڪ ”سچوءَ“ کي سُپرين آهي جِيَ ۾ تنهنجي جال.

کافي 8

تون آءُ ڙي قاصد آءُ، ميان، ڪا خبر ڏيهوُن ڪِيئَن جي!

پرين سندي پار جو ڪو لهي اَچ سماءُ، ميان.
منهنجو ٿئي هِت ڪينڪي، پاجهوُن هوت هلاءُ، ميان.
ملڻ پاجهون دوست جي، ڪندو ورهہ وڏاءُ، ميان.
”سچو“ سمجهين ڪينڪي، اهو اَٿئي ڪو لقاءُ، ميان.

کافي 9

آءُ تان صدقي اُن توُن، جي آيا پُنهل جي پار!

مُڪم نياپا نينهن جا، هوتن ڏنهن هزارَ.

Gul Hayat Institute

محبت محبوبن جي ڪئي، هنيڙي ۾ هُشڪار.
وڃي ڏسنديس اَکڙين سان، ونڻ سندا وٺڪار.
سِڪ "سچوءَ" کي سرتيون، ڪيا اندر ۾ الغار.

### ڪافي 10

عشق اَول آزمائي، ڪاڪيون ڪيچن جو ميان!

سِر تي سهج، وو سور سڻاٽا، پاروچو پولائي.
صحيح ملندم هوت حقاني، رانولُ مون رولائي.
عاشق صادق سڻ "سچيڏنا"، پول ڪنهن پولائي.

### ڪافي 11

سانول، سوبن گُرڻ تنهنجا تي ساريان!

هُرن منهنجي هنيڙي اندر، سي تا ڪيئن وساريان.
واتان اچڻ جون، وو تانهنجون وٺي سي نت نهاريان.
اوهان پاجهون سُپرين، گوندر ڏينهن گذاريان.
جُهري جهوريءَ ۾ پيؤ هنيڙو ني هيڪاريان.
"سچو" سگ در تنهنجي جو تنهن جي ڪڏ قطاريان.

Gul Hayat Institute

### ڪافي 12

هِيءَ غريب نماڻي، ڪيئن بيراڱِڻ ڪيَئي!

معاف مداين ڪر تنهين ٿون، الھ لگ آرياڻي.
پيش اچي جا پيَئي.

بِيٺِي آهيان يار انهيءَ تي، حُب منجهؤن هوتياڻِي،
ڳالھ ڇُڪِيءَ جا چيئي.

هڪ خيال نِي دل تي تنهنجو تنهن ڪَيَس جوڳياڻِي،
خيال ٻيا سڀ ڪَنَيئي.

وعدن واري ڳالھ آسان سان، هوتَ ڪَيَءِ جا هاڻي،
ڪِيئَن وسري سا ويَئي.

ڏکَ ڏوراپا کهڙا توسان، پرين سا ڳيئي پُجاڻي،
نالہ نماڻِي نہ نِيَئي.

ٻري نوڪَ نَيهن جِي سائين، ”سچوءَ“ کي نِي سُجاڻي،
هوت ٻري جا هَنيَئي.

ڪافي 13

عشق تنهنجي ماري آهيان، آءُ اَچي ڏي دوست دلاسو دل کي!

سگھ نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، ڪيچ وڻن ڏي ڪيئن ڪاهيان!
آءُ تان ٻانهي تون تان سائين، سَگ نہ ٻيو ڪو ساهيان!
ڪم اچي جي هي سر تنهنجي، ميان، تان ٻي نابر ناهيان!
آءُ اَڙ سونهين سونهين ناهيان، ڪاڏي ڪرهَل ڪاهيان!
هوت ڪرين ٿو هھڙيون، ميان، آسَر هَڏ نہ لاهيان!
اَڳڻ آءُ تون يار پيارا، سڀ پلايون ٿي پانيان!
ورهہ اوهان جي ڪيئي ولوڻيا، ”سچو“ چوي آءُ چاهيان!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 14

دل ناهي سا منهنجي وس، ڙي جيڏيون، ڪيئن ڪريان!

انهن اَکڙين کي، ناهي ڏسڻ کون بس،
ڙي جيڏيون، ڪيئن ڪريان!
اصل لاڪون آهيان، پاڙيچون پر وس،
ڙي جيڏيون، ڪيئن ڪريان!
ڪاڪيون آهي نہ عام سان، روح منهنجڙو رَس،
ڙي جيڏيون، ڪيئن ڪريان!
ٻاجهون ويڙهي دوست جي، ٻي ڳالهہ نہ لڳي ڪس،
ڙي جيڏيون، ڪيئن ڪريان!
ساهہ ”سچوءَ“ جو سرتيون، دوست وٺي ڪيو وس،
ڙي جيڏيون، ڪيئن ڪريان!

## ڪافي 15

هوت اَچي هَٿ ڏيندو پلو جيڏيون، مون هِن نماڻيءَ کي!

پِرين ورڻون پانهنجي، ڇپر تا نہ ڇڏيندو.
ڏسندو اکڙين سان، نال نِماڻي نيندو.
پاڻون پاسي نہ ڪري، گولِي سَاڻ گڏيندو.
پانڌن پچارون ڪيون، آرياڻي اَڄُ ايندو.
اڱڻ آسروند جي، پکَا پاڻ اَڏيندو.
ڪيچن سندو قافلو لوئَون تا نہ لڏيندو.
ساجن سَنگت پانهنجيءَ، ”سچو“ شالَ سڏيندو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 16

ڪيچ منهنجڙوَ ڪم ني آهي، پلو پيرنر ڙيا

ويا ڪيچيئڙا نڪري، گوليءَ ڏيئي غم، ني
دعا ڪريجو جيڏيون، جانِيءَ ڏيان جَم، ني
ڪنهِين ڇِنَ نہ ڇڏيان، دوستيءَ وارو دم، ني
قيامت تائين ڪينڪي، ڏيندي طلب تَم، ني
پيرِ نہ ڇڏيان پرينءَ جو، توڙي ڏئي ڇيهاڙيون ڇَم، ني
جُهڙ نہ پائنجو جيڏيون، اِهو اَکين جو آگمُ، ني
سِڪئون "سچو" پِرين ڏي، راتو ڏينهان رم، ني

## ڪافي 17

ڪنيو نيڻَ نِهار، ڙي ميان، پلو منهنجا يار، ڙي ميان!

مون مَنُ گڏيِ گوندرين، ڏئين ڪيچ قرار،
ڏکيا سُکيا ڏينهڙا، گڏ غريب گذار،
دلبر پنهنجي دل ڪَون، ويچاري نہ وسار،
مِنهن نہ مون بئي پارَ ڏي، پنهنجي ڪيڊ قطار،
"سچو آهين اسان جو، هنجون هَڏ نہ هار!"

Gul Hayat Institute

# داستان اٺون

(1)

مارئڻ مٿاهون ٿيو، مارئڻ چڙهي ڪيرَ؟
سا پُڇي ساڻ سوبرَ، جائِي مارئڻ تي مري.

(2)

جي تون مارئڻ تي مرين، وڏا طالع تو،
سانول ساڳي سو، مٿان تو هٿ ڏئي.

(3)

مَلهِي مارئڻ مرُ، تان تون تنين جي ٿئين؛
جبل هار نہ جرُ، ارتو اَڪَڙين مون.

(4)

مارئڻ، جي مُئينءَ، تان هُئينءَ هوتياڻين هنج ۾؛
وچي ڪيچ سُٺينءَ، تان وبچاريءَ وسُ ڪيو.

(5)

مارئڻ مرن جي، ور تنين کي وبجهڙو؛
هَي هَي هوتن کي، ٿئي ارمان انهن جو.

(6)

مارئڻ مرڻ آهہ، گهوريو جين، جيڏيون؛
پيير نہ پوئيون پاءِ، عاشقَ مرُ اڳي ٿئين.

(7)

مارئڻ آهہ مرڻ، جيڏيون هن جيڻ کون؛
وس وبچاريءَ ايترو ڪوڪان ڪانڌ ڪرڻ؛
پاروچا پُرڻ، ٿيو ڪم ڪوهيار جو.

Gul Hayat Institute

(8)

مارڳ مران شال، دعا ڪريجو جيڏيون،
هوت هٿڙي حال، مارَ مٿان مون هٿ ڏئي.

(9)

مٿي راهه رئان گهٽو ڪا مون لهن ڪل،
مارُيون سڀ محل، ويئي وِرهه وسائيان.

(10)

مٿي راهه رئان گهٽو آءُ اونارن ڪاڻ،
هاريون ايندم هاڻ، ڏک ڪيندم ڏيل مون.

(11)

مٿي راهه رئان گهٽو آءُ تنهن لَعلَن لَڳِ،
جَتَ پيا پيي جَڳِ ۾، منهنجو پيچ پنهونءَ سين.

(12)

مٿي راهه رئان گهٽو ڪارڻ ڪيچيئڙن،
سِڱها شال اچن، ڳرن غور غريب جو.

(13)

مٿي راهه رئان گهٽو ڪارڻ ڪوهياريءَ،
مُئيءَ ڪي ماري، وچ مَ منهنجا سُپرين.

Gul Hayat Institute

(14)

سچو ٻڌي سندرو لَڪين ڪندي لوچ،
ٻڙيون لڳ ٻروچ، مٿي راهه رئان گهٽو.

(15)

اديون آريچن جي، ڪافون پونديم ڪل،
ڪارڻ ڪوهيارل، مٿي راهه رئان گهٽو.

(16)

هُو سياڻا سُپرين، عاجز هيءَ اَجاڻ،
آءِ ڪوهياري ڪاڻ، مٿي راهه رئان گهڻو.

(17)

هوندي هوتياڻن جي، هيءَ ويچاري وڳِ،
آءِ تنهن لالڻ لَڳِ، مٿي راهه رئان گهڻو.

(18)

اندر آڳ عشق جي، وبو ٻاروچو ٻاري،
ڪارڻ ڪوهياري، مٿي راهه رئان گهڻو.

(19)

ڪاف ڪشالا ڪبترا، ٿَڪيءَ مون نه ٿين،
جيڏيون ڪاڻ جتن، مٿي راهه رئان گهڻو.

(20)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهن مون نه ڪيا،
وتؤن هوت ويا، ڪٿي ساٿ سوبل جو.

(21)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، پچن مون نه هَٽاءِ،
اَڄ آرياڻي آءِ، ٿي وسيلو وٽڪار ۾.

Gul Hayat Institute

(22)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، پري آهن پنڌ،
روبون چُمان رند، آيل اونارن جا.

(23)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارڳ آهه منزل،
آهه ڪوهيارل ڪل، نامِيا نماڻن جي.

(24)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ،
نهاري ڏي ننگ، ڪر ويچاريءَ جي.

(25)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪوڙين آهن ڪوھ،
مون ڪئن جهاڳڻ نہ ٿين، رُڪئن ڏاڍا روھ،
تنهنجي پُڇان توھ، نا تہ ناھم حال هلڻ جو.

(26)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، آهن جال جبل،
لهہ ڪميڻيءَ ڳلَ، هاروچا هاجھ ڪري

(27)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، دقت اوئن تصديع،
اَچي پهچج پِيَ، مون هن نماڻيءَ تي.

(28)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهن ڪين ڪيام،
سلهاڙي سارَ، سان، ڪٽي هوت ويام،
ووڙڻ وڻ پيام، قسمت سانگي ڪيچ جا.

(29)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارڳ متاهون،
چوريءَ ڪي چپرين، ڇڏي وئين چاهون؟
توڪي ڪري سپرين، دردمند دانهون،
تون اچج آڳاهون، نا تہ تي دوست دم ڏيان!

(30)

ڪاف ڪشالا ڪيترا، جِتَ جانارن جايون،
غفائن غارن ۾، اُت بيحد بلايون،

Gul Hayat Institute

مانديءَ کي مارڻ لاءِ، نڪتيون نِنايون؛
مون سِر تي سهايون، سڀ آريءَ سندي عشق ۾.
(31)

ڪاف ڪشالا ڪيترا. بَر وڏا بيبان؛
لانگها هِڪُ لَڱن جا، ٻيا ڪوهن ۾ ڪُهدان؛
اڳيان ڏينَم ڪينڪي، هلڻ هي حيوان؛
آءُ آرياڻي اَڳوان، ٿرُ نہ مون ٿيلهيو ٿئي.
(32)

ڪشالي مؤن ڪمُ، ٿوري ڏينهن مؤن ٿئي؛
سوز گداز ۽ غم، رهبر ٿيندو راھ ۾.
(33)

قدر منجھ ڪشال، مون تان لڏو جيڏيون؛
وڏي وِٿ وصال، يڪسان يڪايڪ ڪؤن.
(34)

موٽي آيس ماٺ ۾، تان ڪيو شوق شڪار؛
هَي هن نماڻيءَ کي، ووڙڻ ٿيو وڻڪار؛
طلب سين تڪرار، ڪشالي مؤن ڪم ٿيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

پارؤن تان پِريَن، جيڏيون، اچن اهي اولانيا.

تيلهان ترسين تار ۾، جيلهان محبت ناهي من.
ڪيئن چانگار چِڙن جي، ڪوڙي پيڙءِ ڪن؟
سڪ سچي جن ساهه ڪي، سي تارؤن نا ترسن.
ڪين اسان ڪؤن آنهنجون، ڳالهيون ٿيون وسرن.
آءُ اسان جي پار ڏي، پيون تا ڏيئي پن.
عشق ”سچو“ جَن آهيئي، سي تان رؤءِ رَسَن.

## ڪافي 2

پائي ڏوهه پنهنجي پاند ۾، آءُ دوست تو در آئيان!

راتو ڏينهان پنهنجي روح ۾، تنهنجا سوين ڳڻ ڳائيان.
ڏٺِ ڏوراپو ٻُڌي، آءُ پلؤ تنوکي پائيان.
زاريَون ضعيفيءَ مؤن ڪري، ٻر پرين تو کي پرچائيان.
جا تو پٽي پيزار جي، سا کهه لِڱن کي لائيان.
سڀ ڳالهه پنهنجي سِرَ جي، تو کي ”سچو“ سمجهائيان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

وجي شال ڏسان پنهون، تنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو!

آديون اونارن کي، آيل، رنيءَ منجهه رسان.
ڪاڪيون ڪوهيارل کي، آيل، پُڇي شال پسان.
وندر جي واٽن تي، آيل، گوڏن ڀر گسان.

هاريون هوتياڻن جي، آيل، ويڙهي منجهه وسان.
وڃي ڪيچ وٽن ۾، آيل، هوتن ساڻ هسان.
”سچو“ سپيرين سان، آيل، ڪنديس چاهه چسان.

ڪافي 4

ٿيون ورڻ جون وايون، يار سانگيڙي جون!

هٿ پانڌيءَ جي، پارؤن پريڻءَ جي، اهي سي خبران آيون.
ڪُونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏهون، اسان ڏي يار اُڏايون.
اَڱڻ اُهوئي اسان پرين جو شل جدا نہ هونديون جايون.
ڪيئي ڪتابتان پنهنجي اَچڻ جون، مون ڏي سي هوت هلايون.
ناهن ڳالهيون هي ڳرهڻ جهڙيون، ”سچو“ ري سوز سلايون.

ڪافي 5

هاٺي ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهہ، هاريون، پنهنجي حال جي!

پرين نيندا پاڻ سان، پيهر، پنهنجي پال.
ڪرڻ عرض عجيب ڪي، منهنجي چاهي مجال.
ڪندي پورهيو ڪيچ ۾ جي نين نماڻي نال.

Gul Hayat Institute

ڪافي 6

منهنجي ساهہ سڄڻ ڪي ساريو
مون ڪي ڳالهہ تنهين جي ڳاريو
هوءِ هڙءِ هوءِ!

آديون آرياڻن جي، وڃي توڏن تونگ تنواريو.

مون من گڏي گوندرين، ڪيچي ڪيچ قراريو.
ھھڙن ھوتاڻن کي، وريتيون نه وساريو.
جيءُ سَچوءَ جو سرتيون، سندن عشق اُجاريو.

ڪافي 7

ڇپرَ تا نه ڇڏيندين، پلوڙي، پنهل يارا!

پاڻ سجاڻي پانهنجو گولي ساڻ گڏيندين.
اگڻ آسروند جي، آرياڻي تو ايندين.
اھو اُتم آسرو نال نماڻي نڀيندين.
پڪا پڪن سامهون، اوري شال اڏيندين.
سڪ ۽ سور ”سچو“ کي، بلوچا، بخشيندين.

ڪافي 8

آءُ ريڙهي تا وسُ، وي پلو پُنهلَ يار ميان!

پرين مون کي پانهنجو ڏاھا ڏي ڪو ڏسُ، وي
نماڻيءَ جو حالڙو پِريَم اَچي پَسُ، وي
ڪاھي اِندي ڪيچَ ڏي، گولِي ونِي گَس، وي
پوي پاڇياڻيءَ جو تو کي مانَ تَرس، وي
وبهڻ آھي پنيور ۾، بنا عشق عبث، وي
سوز اوھان جو سُپرين، ”سچوءَ“ ۾ آھ سرس، وي

ڪافي 9

اِھو ڏونگرُ ڏھاٽين، مون ڏوراپو تو ڏئي!

Gul Hayat Institute

”هاري هِهڙا هوت تون، ٿي ويجها وسارين“.
”هيڏي هوڏي ٿي گهمين، تون نال نہ نهارين“.
”پنهورئون بيزار ٿي، چي سانول سنپارين!“
پاڻ ”سچو“ تون پاڻهين، وجي ساڻن سَلهاڙين.

## ڪافي 10

گهوريو هي تہ پنهور، مون سگ ہاروچن سان!

مَرَڪُ تان معذور ڪي، سندو هوتن هور.
راتيان رئان وڏ ٽڙا، ڏينهن ساروئي ڏور.
آهي آرباڻيءَ جو ديوانيءَ ڪي دور.
سچو ڳالهہ اُنهيءَ جي، شوق مچايو شور.

## ڪافي 11

طعنا سِرَ تِي سهندِي آن، سَرتيون ساري لوڪ جا!

ہاجهون ہاروچل جي، راتيون هِت ڪا رهندي آن.
ڪاف منجهارئَون ڪاڪيون، لَعلن لوري لهندي آن.
پينر هِن پنهورَ مِ، ريءَ ہاروچي نہ ٻهندي آن.
”سچو“ سَچيءَ سِڪ ڪَون، ڪيچين ڪَڏِ ڪهندي آن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 12

ديس اسان جڙي آيو ہڙيون، ہاروچو ـ مولا سو آڻ ملايو!

اَچڻ ہاروچي جي ڪل نہ آن کي، تيلهان ٿيون ورهہ وسايو.
ويڙهي اوهان جي وسي ہاروچو، پري چو پنڌ پچايو؟
اڳڻ اوهان جي آهي سدائين، گهوري تان پاڻ گهمايو.

آءُ نماڻي عَيبن هاڻِي، پاڻَ پرينءَ پرچايو.
پنڌُ وينِي يار "سچوءَ" جو ڪيو سو هوتَ سَجايو.

## ڪافي 13

اَچن ٿا پرين اَچن ٿا، سِل ڪي ساٿي، اَچن ٿا؟

طرف اسان جي هين تياري، پَهَه اجا ڪي پَچن ٿا؟
اديون آتش عشق جا، من ۾ مچ مچن ٿا.
پسڻَ ڪارڻ پرينءَ جي، نينهَن وارا هِت نَچَن ٿا.
"سچو" سُورهيہ ڪيترا، رنگ انهيءَ ۾ رچن ٿا.

## ڪافي 14

اها ڳالهہ سچڻ تنهنجي ڪنهن سان آءُ تان ڪريان؟

اوهان پاڇهون سپرين، وينِي هِت ڏکڙا ڏريان.
هي سِرُ سارو ساهہ سان، آڏو تنهنجي دوست ڌريان.
وِرهَہ اوهان جي هت وساريا، پاڇاڻن کي پنڌڙا پَريان.
دوست اوهان ريءَ ديس انهيءَ ۾، سورن جا ٿي سڏڪا پريان.
"سچو" چوي سپرين، تنهنجي صورت ريءَ وينِي سور تريان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 15

منهنجو هوت پنهونءَ سان نينهڙو لڳو!

پَرو پِيڙم پاڻ مون، پينر ڙَي منهنجو پول پڳو.
بيائِيءَ جو بند پيو ڪاڪِيون توڙيو عشقَ تڳو.
مون کي اوڏنهن آئيو سرتيون سندو وِرهہ وڳو.
پرين "سچو" آهي پاڻ سان، جيئن سُئيءَ منجهہ سڳو.

## ڪافي (16)

هينئن نہ مون کي ماريو اوڙڪ آوهانجڙي آهيان!

ٻانھِي آهيان وو تنهنجي ٻاروچا، پورهيت پنهنجي پاريو
سَڱ نہ ٽي ڪو ساهيان.
آسروندي وو آهيان، ميان، واڳَ مُئيءَ ڏي واريو
لالچ نہ ٽي لاهيان.
ڏاڍا ڏونگر لَڪِيون، ميان، توهہَ پنهنجي سان تاريو
ڇِپَر اڳيون نا تہ چاهيان.
آءٌ اوهانجڙي وو آهيان، ميان، وسئون ڪِيَم وساريو
جوڙَ اوهان جڙي آهيان.
سانول اِنهيءَ وو سڌ مِ، ميان، ڳالهين تنهنجِن ڳاريو
ڪيچَ وٽن ڏي ڪاهيان.
آءٌ اُڪنڊي وو هوتَ اوهان جي، "سچو" ڪِي سانول ساريو
ڳاهُ بِرهہَ جو ٽي ڳاهيان.

Gul Hayat Institute

# داستان نائون

(1)

باري بِرهہ بلوچ جو رڳوئِي راحت؛
ساريان سا ساعت، جا هيڪَندَ هُيَس هوت سان.

(2)

باري برهہ بلوچ جو آهِ مَتِم مَحڪُم؛
سندو دوستيءَ دمُ، ڇڏيان نہ ڇن ڪهين.

(3)

باري برهہ بلوچ جو آهِ نسورو نورُ؛
راتو ڏينهان روح ۾، مُحبَن جو مَذڪور،
وڃڻ آهہ ضرور، ڪاڪِيون ڪيچيڙن ڏي

(4)

باري برهہ بلوچ جو هِيٺِين جو همراهہ؛
روح مَنجهارون راهہ، ڪاڪِيون ڏسي ڪيچ جو.

Gul Hayat Institute

(5)

باري برهہ بلوچ جو سَدا مُون شامل؛
ڪيچ ڏٺي ڪامل، مون ڪي پورَ پَسائِيو.

(6)

باري برهہ بلوچ جو اونداهيءَ اوجَرُ؛
ساٿي آهہ سَپِرَ، سو نہ ڇڏيندو ڇپَرين.

(7)

باري برھ بلوچ جو اديون سِر آيوم،
چاھُون چُمي تنهن ڪي، چشمن تي چايوم،
وِرھ وسايوم، نِينهُن پنهنجي نِجهري

(8)

باري برھ بلوچ جو تَنَ کي تَقويت،
سنديءَ سورَ صَفَت، پُڇين نہ پَر ڪَھِين.

(9)

باري برھ بلوچ جو هارِيون هِدايَتَ،
ڏَنو ڪفايَتَ، پاٽُون چاڙِي پَنڌ ۾.

(10)

باري برھ بلوچ جو سارو سعادَتَ،
هيٺُن حمايتَ، ڪاڪِيون آهي ڪاف ۾.

(11)

پِريان سَندي پارَ ڏي، پَنڌُ عجائِبُ آھ،
گهوري سِرُ گُهماءِ، متي در دوسَن جي.

(12)

پَنڌُ عجائِبُ پِرينءَ جو سَندو پيرَن ناءِ،
هِنئين ساڻ هَلاءِ، پاڻ پَنهنجو پِرينءَ ڏي

(13)

پنڌ عجائب پرينءَ جو آھ هلڻ سان حال،
نڪا قيل مقال، بي نا جُڙي اُتهين.

(14)

پنڌ عجائب پرينءَ جو خاصو ساڻ خيال،
فِڪر سان في الحال، وڃي پسنديءَ پرينءَ کي.

Gul Hayat Institute

(15)

پنڌ عجائب پرينءَ جو سِسِي پيرَ ڪرڻ؛
اِنهينءَ ڏيان ڏرڻ، آهي قدم ڪيچ ڏي.

(16)

پنڌ عجائب پرينءَ جو ”مان“ سان ڪين هلي؛
سائِي چاهه چَلي، جنهن ”مان“ ڇڏي وچ ۾.

(17)

پنڌ عجائب پرينءَ جو هلڻ هڪ نظر؛
پاڙيچي ڪنهن پَرَ، اهو خيال ڪڙو رهي.

(18)

پُنيءَ هوت پنهونءَ جي، هيءَ وبچاري ويندي؛
سڄڻ نہ سينڌي، آءُ تان آهيان جيڏيون.

(19)

پُنيءَ هوت پنهونءَ جي، هيءَ ويندي وبچاري؛
ضعَيفہ زاري، ڪندي در ڏوستن جي.

(20)

پُنيءَ هوت پنهونءَ جي، هاڙهي ڪي هلنديون،
سور وجي سَلنديون، ڪشالا ڪافن جا.

Gul Hayat Institute

(21)

پُنيءَ هوت پنهونءَ جي، هاڙهي هلنديون سي،
جَتَن اُتون جي، سَرُ ڪريندين صدقي.

(22)

روئي هارج رَتُ، هَي هَي هوتياڻن لاءِ؛
تنهن پوءِ جيڪس جتُ، مٿان تو هٿ ڏئي.

(23)

راهين هارج رَتُ، ڪاڪي ڪيچيئڙن لاءِ،
هو جو ڏونگر ڏاڪڙو ماري پُڇج مَتُ؛
ڏاڍيون مهتان مِير جون، جهلي ڪج جَهَتُ؛
تہ پاٽون چاٽي جَتُ، ٿئي رفيق رُڄن ۾.

(24)

اُهي زورئون زور، جي تو محبت من ۾،
ڏونگر ڏوريون ڏور، هھڙن هوتياڻن لاءِ.

(25)

هَنجون رَتُ هاريج، تان روهن ڪي رهسو ٿئي؛
وار نہ وساريج، هھڙن هوتياڻِن ڪي.

(26)

هاريون نہ هارين، اَرتو آڪڙين مَؤن؛
تون ڪيئن وسارين، هھڙن هوتياڻن ڪي؟

(27)

آهي روح رتِي، مون سين مؤن پِرين جي؛
هٽان لَڪَ لَتِي، هھڙن هوتياڻن لاءِ.

(28)

Gul Hayat Institute

آهي ڪا نہ اَنَڪَ، آيل عِشق وارئين؛
هٽان لتي لَڪَ، هھڙن هوتياڻن لاءِ.

(29)

وڙبندي وٽڪار، ٻَڌي سَندرو سچ جو،
پيٺ آڙانگا پَبَ جا، قابو نہ ڪوهيار،
آهي رئڻ زارو زار، هھڙن هوتياڻن لاءِ.

(30)

گولِن گڏ گڏيان، پاڻ پنھنجو ڪيچ ۾،
پَلوءِ تان نہ ڇڏيان، هَھڙن هوتياڻن جو.

(31)

گولِئين گڏيندي، پاڻُ ڪميٽي ڪيچ ۾،
ڪنهن ڇَنِ نہ ڇڏيندي، هَھِڙن هوتياڻن کي.

(32)

گولئين گڏيندياس، پورهئي ڪارڻ پاڻ کي،
پنھنجي تان پِرينءَ کي، "سائين" سڏيندياس،
ڪنهن ڇَنِ نہ ڇڏيندياس، هِھڙن هوتياڻن کي.

(33)

هارِيون تيس نہ هيئن، جو ننڍ نماڻيءَ نہ ڳئي،
ٿيان پيرادِو تَن جِي، جَت ويڙم جيئن،
ڪاڪِيون ڙَي آءُ ڪيئن، هِھڙو هوتُ وساريان؟

(34)

سَوَبن ڳُڻَ سندانَ، مان ٿِي ساريان سَرتيون،
سِگھا ٿيندا سُپرين، مون تي مهربان،
ويهان ڪيئن ماٺ ڪري، جيءَ مٿي جَولانَ،
آءُ ڪيڻُن ۾ آرمانَ، هَھڙو هوتُ وساريان؟

(35)

موٽي اينڊم شال، ٻاروچو ٻاجهَ پئي،
اَٿم آريچن ري، جيئڻ منجھ جَنجالَ،
هَي هَي منهنجي حال، هھڙو هوت وساريان.

(36)

جان جان يَڪايَڪ نہ ٿيان، تان تان ماٺ نہ مُون،
"چِرا" ۽ "چون"، برابرَ بي چُون ٿئي.

Gul Hayat Institute

### ڪافي 1

پُڇيون ڪي پِريَن، حالَ منهنجي جِيُون خبران، ساٿيو ڙي!

ساهہ سِڪي ٿو جن کي، مون کي ڪِي سارِن؟
هِنِ دم دلاسا ڏنا، سَرتيون ساٿيڙنِ.
تون هِت کهڙيءَ ڳالهہ ۾، هو هُت ياد ڪَرِن.
آهين جَنين جي آسري، سي تو ڪاءِ ڇَڏِن.
”سچو“ سَنگتِ پانهنجي، مانَ غريبِ گَڏِنِ.

### ڪافي 2

پَسَڻَ ڪارڻ پِرينءَ جي، ڪيا اَگم اَکڙيَن!

مِلَڻ لاءِ محبوب جي، تيون راتو ڏينهن وسَن.
جهُورَ نہ لَهي جهُڙَ جِي، ٿي ڪڏهين ويڳاڻن.
سدا ساوڻ تَن کي، بوندان بس نہ ڪن.
”سچو“ سُپرين لاءِ تيون، جهوريءَ منجهہ جهِجَن.

### ڪافي 3

بِرهہ بيراڳي ڪيو ڙي جيڏيون، مون کي درد ديوانو ڪيو!

Gul Hayat Institute

پُڇو ڪيم طبيب بيا، مون کي نينهَن سو نيو.
هاريون آڇي اوچتو پُور پِريَن جو پيو.
اَندوهہ عشق عجيب جو آهي، ڏکيءَ کي ني ڏيو.
جو اَمُرَ اوراڻو ڏنو سو تان ساڳِي ٿيو.
سَرتيون پاجهوڻ سوز جي، آهي جُنِن ڳاڏون ڇِيو.

راتو ڏينهان روحَ کي، خيال ڪيو هِن ڪِيو.
”سچو“ باقِي سَچُ ٿيو غير وڃڻ تان ويو.

## ڪافي 4

گهٽا وجي ڏينهڙا لايا، يارَ پياري، ميان!

آءٌ ڙي پانڌي ڳلَ، ڪاڻِي ڏي، هُئن اَچڻ جا سعيا؟
اُنهن ڪارڻ راتو ڏيهان، مون ٿي وِرهه وسايا.
ڏينهن اِنهيءَ ڏي ڏسان ڏهاڙيون، هُن ٿي ڪانگ اُڏايا.
يار مسافر موليٰ مهر سان، ساڻ غريب گڏايا.
ٿورا ٿَن جا ”سچو“ سنياربن، جي اِجهي ڇون اَج آيا.

## ڪافي 5

حال منهنجو ڪونه هو جيڏيون ڙي، پنهنجو ڪرم ڪيائون!

معاف ڪيائون منديون، ڏوهَن ڏي نه ڏنائون.
جيڪو حال اَحوال هو سائين، پاٽڻ واڻ پُڇيائون.
پاڻ پنهنجو پاٽهين، ساڻ غريب گڏيائون.
”سچوءَ“ کي ڪيئي سرتيون، ٿي دلاسا ڏنائون.

Gul Hayat Institute

## ڪاف 6

گهوري گهوري گهوري، وو ميان، جند سَجڻ تو تان گهوري!

راتو ڏينهان، وو آهي اوهان جي، سائين، جهوري جهوري.
ڳچيءَ وِڌيَو عجب جيهي، سهٽا، ڏوري ڏوري.
ٽَندُ نه ڇاٽان، وو ڪنهين هيءَ، سُهٽا، چوري چوري.

دل کسيائي، وو لُٽ نيتيائِي، حاڪم، زوري زوري
اول آساني ڳالهہ تي پوءِ ڪيڙهِ، سائين، ڳوري ڳوري
"سچوءَ" لايو سَچَ منجهاروُن، لالڻ، لوري لوري

## ڪافي 7

ڙي جيڏيون، هاڻي گهوريو هوتن ري، سارو شهر پنڀور!

لاهيندا، وو لُطف مان، ميان، هن ذڪيءَ ڪوُن ڏور.
هي حالاٽي اَن جي، شعلو ٻوڏڙو شور.
منت نہ منهنجي موتيا، زاري آهي نہ زور.
درسن ساڻ دفعي ٿيندو، سندو هنيڙي هور.
"سچو" سندين راهہ تي، هڪ جفا ٻيو جور.

## ڪافي 8

اَج هوتن ريءَ هِت هاڻ، ٻيا ڪير لهن مون ساران!

قاصد ڪيچ وٽن ڏنهُن، آٿتَ سِگهڙو آڻ،
تي روز وجهايان ڦاران.
وِجهان وڃاڻا ڪيترا، قريبن جي ڪاڻ،
يار ملن شل ياران.
آيون اِنهيءَ پار ڏهون، اديون ڪُرڪاڻ،
ڪونجن جون ٻِي قطاران.
سَنجهي صبح سرتيون، ميان ٻاروچي جي ٻاڻ،
آهِن "سچو" ڪي سنياران.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 9

ڏک وڏو وئين ڏيئي ڏيئي، وو يار سڄڻ اَڄ مون کي!

اوهان ڀاڄهون يار پيارل، حال اسان ڄڙو هيئي هيئي.
پرين ڏسيجو وڙ پانهنجي ڏي، اسان هٿڙن جي پيئي پيئي.
ياد ڪريجو ڏينهن اُهي ئي، ڳالهيون ڪيوَ گڏ ڪيئي ڪيئي.
هو جي ڪيون ڳالهيون توئي سان، نينهن ”سچوءَ“ ري سيئي سيئي.

## ڪافي 10

ڪالهہ، آسان تون ڪيون ڪيون، يار سڄڻ، ڳجهيون ڳالهيون!

ٿين پراڻيون ڪينڪي، نِت سي آهن نَيون نَيون.
رهيون آهن روح ۾، چڱيون اوهان جي چَيون چَيون.
ڪين وسرن ساهہ کؤن، اُهي تان پاڙڻ پَيون پَيون.
مٺيون ڳالهيون تانهنجيون، هن ”سچوءَ“ ساهہ سَنيون سَنيون.

## ڪافي 11

تون تہ پاڇهي ٿو سائين جاٽي،

ڪيهو حال چوان تو کي هاٽي!

Gul Hayat Institute

دل ديواني ڪِئي اسان جي، مُحب اَوهان جي ماٽي.
ڏوهن ڏي ڏس ڪين اسان جي، سائين تون پاڻ سڄاٽي.
دردمنديءَ جي دل تو ئي سان، اکِن آڙائي آٽي.
ڪڏهن اسان وٽ ايندين دلبر، ويٺي وجهان ويڄاٽي.
سوال ”سچوءَ“ جو آهي اهو ئي، تنهنجو عشق نہ شال اُڪاٽي.

## ڪافي 12

آءُ آرياڻي اوري، آءُ دامن لڳڙي آهيان!

سِرُ پنهنجو سُپرين، گهَرون آيس گهوري
هِيءُ ڪميڻي ڪينڪِي، ڏونگر سگهي ڏوري
ڪا جا تَندُ طلب جِي، چِتِ وئين تون چوري
نيو پاجياڻي پاڻ سان، ترُ نہ رهي توري
”سچو“ سَگ اَوهان جو ڪيئن پُڄي تنهنجي ٿوري؟

## ڪافي 13

آهِ علاجُ نہ ڪوئِي، هِن اَڪن ماري آهيان!

ڪنهن کي سَليان سَرتيون، حال اِهو روئِي
ڦَڪِيون پُڪيون لکين هزارين، ڪيون طبيبان توئِي
ناحَق بڌين پَٽِيون، ڪل نہ حاذق هوئِي
وبج وِٺي وج واٽ اِهائي، سانولُ اِيندم سوئِي
دست سڄڻ جي دارون آهي، ”سچو“ يار سيَوئِي

## ڪافي 14

نينهُن ڏاڍي سان لايوسي، آءُ تان هاڻي ڪيئن ڪريان؟

عشق سَوَلو سَرتيون، هُت سَيَر پايوسي
جو ڏنائون جيڏيون، سو تان پَلءِ پايوسي
پُڇِي آسان جا پَڪڙا، اِديون اَجهو آيوسي
پينَر شهر پنيور جي، هِت طعنن تايوسي
سوئِي ”سچو“ سِر تي، هاڻي چُمي چايوسي

Gul Hayat Institute

## ڪافي (15)

آچي لايو ڪِيئن، سڄڻ، تو تا نِيهن نماڻيءَ سان!

ماريَس انهيءَ مامِري، هوتَ ڪندين ڪو هيئن.
سا تا ڪيئي پانهنجي، جاني وٺيئِي جيئن.
جهڙي پُنهل تو ڪَئي، آءُ پُڻ ڪريان تيئن!
ڪان وننَدي ڪڏهِين، نالو سَندو نيهَن.
وري وهاريو ويجهڙو "سچو" پنهنجي سِيئن.

## ڪافي 16

منهنجو هينئڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان ڳِي آءُ تان ڳالهڙي!

وندرُ سنديءَ واٽ تي، پُرزا ڪنديَس پاڻُ.
آچي لڳو مون اوچتو ٻاروچي جو ٻاڻُ.
دعا ڪريجو جيڏيون، شالَ موٽي مُٺيءَ جو ماڻُ.
ويڙو درد فراقَ جو ڏيئِي ڏکيءَ کي ڏاڻُ.
اڱڻ ايندو تانهنجي، "سچو" سو سَرواڻُ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 17

ڪالهه آسان وٽ وِيهي ويِهي، وو يار سڄڻ. ڪيَوَ ڳالهيون!

سي نہ وسرن ساهہ منهنجي کي،
ڳالهہ ڪريان ڳِي ڪيهِي ڪيهِي!
ڀِهَر ٻاروچا ٻاجهَہ پَئِي تون،
آءُ پکي هِن پيهِي پيهِي!

ڏينهن ٻه ٽي چار، دوست اسان جِي،
رَمزُن سان دل ريھِي ريھِي!
هُج هميشه يارَ اسان وٽ،
پِرين نه تِج پَرڏيھِي ڏيھِي!
ڪيو بيراڳي ڏينهن تنهن لاڪُون،
دوست ”سچوءَ“ جي ويھِي ويھِي.

## ڪافي 18

پِريَن سان پَتِ پَري، ڙَي جيڏيون، مُنهنجِي!

دعا ڪريجو جيڏيون، وري سو هوتُ وريِ،
ڏونگر مُون ڏورائيِو سَندي ذوق ذريِ،
صحي سُڃاتم پاڻ کؤن، پُنهون ناهي پَريِ،
تو ڪِئَن سَري سُپرين، توريءَ مون نا سريءَ.

## ڪافي 19

ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪَنْدي آءُ، هِتِ حيلا هزارين ويِ!

پرچ پرين ڏِس پاڻ ڏي، بِرهه اوهان جي بندي آءُ،
وري مان نهارين ويِ
پَرچِي اڱڻ آءُ تون، پايان ڳچيءَ منجهه گندي آءُ،
يار گڏ گذارين ويِ
جيهي تيهي هوت اَوهان جي، چڱي سا توڙي مندي آءُ،
سا تون چو ٿو وسارين ويِ
اَوهان ٻاجهون سُپرين، نيڻؤن وهايان ندي آءُ،
پيو ”سچو“ پنارين ويِ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 20

ناهي وبچاري سا وَس، هِيءَ تا بيوس آهي، ميان!

پِرين پنهنجي پارَ جو ڏاها ڪو پُڇُ ڏَس،
تنهنجي ڪَس، نِي، آهي، ميان.
اَول آخر آهي ئِي، رانول منهنجِي رَس،
تنهنجي وس، نِي، آهي، ميان!
اَوهان پاجهُون سُپرين، ڳالهيون نہ اَچن ڪَس،
روحَ رَس نہ آهي، ميان.
پُڄَاڻا پِرين جي، آهي پنيورَ ڪؤن بَس،
سو تان چَس نہ آهي، ميان.
ساڻ ”سچوءَ“ تون سُپرين، هوتَ ڳالهائِج هَس،
بيو ڪو جَس نہ آهي، ميان.

## ڪافي 21

هوتَ اسان وٽ اِيندا، ونِي نال پِي نِيندا!

سَوَ دلاسا سَرتيون، هِنَ ڏکِيءَ کي ڏيندا،
گولِي پاڻ گڏيندا.
پَکا پاڄياڻِن جي، اوڏا آڻِ اَڏيندا،
ڇوري تان نہ ڇڏيندا.
جانچي ڏسجو جيڏيون، هِڪُ تَڪِيءَ سان ٽيندا،
وري پوءِ نہ ويندا.
پَسِي حال حقير جو، بَديون تان بخشيندا،
”سچو“ نانوءِ سڏيندا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 22

جِي آئِين، پلي آئين، ڪيچي ڏِنُوَ ڪالهَ ڪاتي!

سِگهو سِگهو تون ڏيج سَنيها، ڏينهن گهٽا چو لائين.
تورا لائين ٿو هِن ٿَڪيءَ تي، پير اگڻ جو تون پائين.
پاڻُ توئِي تؤن ڪريان قرباني، جو ڳالهه سجڻ جي تو ڳائين.
طَرفؤن تنهنجي هِيءَ نماڻِي، سَڀ پلائِي ٿِي پائين.
ڏيهُه سجڻ جو ڏَسيون ڏهاڙيون، "سچو" تو ڪانگ اُڏائين.

## ڪافي 23

آءُ ڀآروچَل ٻيلِي، مونجهه تنهنجي آهيان ماري!

ناهي واجب رسڻ توئِي کي، تون گُرو آءُ چيلِي،
سَگَ نہ ٿِي ڪو ساهِيان.
عشق اوهان جي کَون هوت ڀاروچا، ڪيئن ٿَرن هيءَ ٺيلهِي،
نہ تہ چَپَر اڳيون چاهيان.
سَگَهہ نہ ساريان پَنڌَ ڪرڻ جي، تو بِن آهيان اَڪيلِي،
ڪيچ وٽن ڪِيئن ڪاهيان.
وِڳِڙي آهيان ورهَہ تُنهنجي کَون، توڙي ڪِي پُورن پئلِي،
"سَچو" نہ آسَرَ لاهيان.

Gul Hayat Institute

# داستان ڏهون

(1)

ڪيچيئڙا ڪالھ ويا، مان ٿي اَڱڻُ نهاريان؛
ساريو سُپرين کي، هنجون آءُ هاريان؛
گوندر گذاريان، هَي هَي سارا ڏينهڙا!

(2)

ڪيچيئڙا ڪالھ ويا، پوءِ ٿي اَڱڻُ نهاريام،
ڪين لهان سي ڪاٿئين، وڏيءَ ويلَ ويام؛
وڃي ٿاڪِ ٿيام، ڪاڪيون ڪيچ وٽن ۾.

(3)

ڪيچيئڙا ڪالھ ويا، تنگ اُٺن تاڻي؛
هوتن ريءَ هاڻي، اَڱڻُ نِهاري نہ سگهان.

(4)

ڪيچيئڙا ڪالھ ويا، اَڃا مون وٽاءُ؛
پرينءَ پُڄاڻاءُ، اَڱڻُ ڏسي نہ سگهان.

(5)

ڪيچيئڙا ڪالھ ويا، جاتِ اَولِي جتَ،
هَي هَي هٿان هٿ، اَڱڻُ ڏسي نہ سگهان.

(6)

ڪيچيئڙا ڪالھ ويا، تون ٿي اَڱڻُ نهاريين؛
ٻَڙي ٻاروچن لاءِ، رت هنجون هاريين؛
ساريون سنڀاريين، ٻاروچاڻِي جاتِ کي.

Gul Hayat Institute

(7)

وڃَي ڪيچيئڙا ڪالهہ، تون اَڄ ٿي پيرَ نهارئين؛
هو لنگهي لَڪَ سنوانِ ٿيا، تو هِتِ هھڙا حال؛
ڪنديِ سارَ سنڀالَ، وڃي ڪيچ وٽن ۾.

(8)

ڪري ڏمرُ ڏير، اُٿي آڏيءَ رات ويا؛
تون ڪٿين وقت صبوح جي، پيراڏِنِ جان پير؛
هوڏُڪيو ساٿُ سوير، وڃي ڪيچَ وٽن ۾.

(9)

جانَ جانَ ٿِيَڙسِ جاڳ، تان ساٿَ سَوبلو لَڏيو،
اَرتو اوتي اَکيون، موتيون ڏِسِي ماڳ؛
وَرُ وَرائي واڳَ، مانَ نماٽيءَ جي نِجهُري!

(10)

اَڳڻ ساڃِي اوءِ، پَرَ ڪيچن ڪي ڪاٿون لهان؟
ڏيئي ٿَٿ فَراق جا، پورهيتَ چڏيون پوءِ؛
هاٽي راهُن مَٿي روءِ، سڏُ ڪريندي ساٿ کي.

(11)

وڃي ڪيچَ وٽن ۾، مَنَ ڪَرن نماٽي ياد؛
اَندوهُون آزاد، ڪندا ڪميٽيءَ کي.

Gul Hayat Institute

(12)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، يادِ ڪَرن مُون مانَ؛
اِنهيءَ ۾ اَرمانَ، ساهہ وڃي تو سرتيون.

(13)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، مانَ پُڇن پورهيت؛
تہ هُئي نماٽي هِتِ، پاٽيءَ ڍوئِي پانهنجي.

(14)

وجي ڪيچ وٽن ۾، مانَ پورهيات پُڇَن،
اِئين پاڻ چون، تہ ويچاري ويجهي ڪريو.

(15)

وجي ڪيچ وٽن ۾، ڪنهن ساعت سنپارين،
مانَ وري نهارين، پيئنر شهر پنڀور ڏي.

(16)

وجي ڪيچ وٽن ۾، پُڇُ ٿيندي پورهيت،
جَتُ منهنجو جِتِ، آءُ اُت گولي ٿي گذاريان.

(17)

ڪري پورهيائتِ پانهنجي، مانَ وٺي نانءَ سڏين،
گولِنِ گڏُ گڏين، ڪَنَ پاٽيءَ ڍوئِي پانهنجي.

(18)

پورهيت جام پنهونءَ جي، اَصلَ ڪَوُن آئين،
تون گولِن سندي گولڙي، هو سندءِ ٿيا سائين،
ڪاپو ڪمائين ڪُلو ساري ڪيچ جو.

(19)

پورهيات پنهونءَ جي، هيءَ اَصل لاڪون آهِ،
ٿِي ڪاپائِتَ ڪيچ ۾، ويندي لالڻ لاءِ،
ساهہ نہ اچن ساءِ، هي ماڻهو شهر پنڀور جا.

(20)

هيءَ پورهيائِتِ پنهونءَ جي، اَصلَ ڪَوُن آهي،
سَگَ نہ ڪا ساهي، ٻڙبون، باروچَن سين!

Gul Hayat Institute

(21)

چوٽ چڙهي چانگارَ، ڪندي ڪيچيئڙن ڪي؛
پوندي ڪَن قريب جي، گوليءَ جِي گفتار؛
باروچا بيهارَ، ڪندا پيرو شهر پنيور ۾.

(22)

ڪوهِ چڙهي ڪوهيارلَ ڪي، ڪا جا ڪُوڪ ڪيام؛
ڳوڙها جي ڳَلَن تئِن، ڳَڙَن جيئن ڳاريام؛
اِهي سڏڙا ”سچيڏنو“ چوي، پاروچَلَ پُڌام؛
گوندرَ غَمَ وبام، جڏهن ٿيس هيڪاندي هوت سان!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آءُ ڪانگا ڪا ڪر، مون سان هَر هَر پيو ڪر، ڙي،
مِٺِي ڳالهه پِرينءَ جي!

ڏاها ڏنوءِ ڪِي وجِي، اُهي پرين ڪهڙيءَ پَر، ڙي؟
ڪِي حال پڇيائون هِن جو ڪا ڪندا ويچاريءَ وَر، ڙي؟
مُحبن جي ميلاپ جِي، ڪا ڪندين پيٽِي پَر، ڙي؟
آءُ توئِي تؤن صَدقي، هوئين دوساٽي دَر، ڙي.
پِريان سندي پار جِي، آهي سِڪ "سچوءَ" کي سَرِ، ڙي.

## ڪافي 2

ڪالهه قاصِدَ اوڏاهون آيا: چي، جاني اِيندءِ اَج جائِي!

آسين تان اوڏانهون اج آيا سي، هُئن آچڻ جا سَعيا،
ڪيچ هُئِي هيءَ وائِي.
سِڪين ساري جن کي، وو ميان، واليءَ پوءِ وَرايا،
اَچي ٿيندءِ ڏک پائي.
ڏينهن گهٽا تو هوت پنهونءَ ري، وِرهِي مينهن وسايا،
آئِي اُڏاهون واڏائِي.
اِجهي اِيندءِ سپرين، وو ميان، ڏينهن گهٽا جنَ لايَا،
ڪَلَ نہ پوندءِ ڪائِي.
"سچو" سِڪندي سال ٿيا، وو ميان، ڏکيا مون ڏينهن لَنگهايا،
وجي هِيءَ عُمر آجائِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

ڙي ساٿيو منهنجي يار جي، ڪا ڳالھ اَچي مون سان ڪريو!

آهي آرامِ ڪي يار اسان جو ٻُڌي سا ووءِ ووءِ وَرِيو؟
جي هيڪندَ ٿِيان هوت سان، تا ڪاج سَپو مون سَرِيو.
ٻيهَرَ مون سان ڪيچ ڏي، ڪي وکان بہ تي چو نہ ڀَرِيو!
ڏوٿ ڏوراپو يار سجڻ تي، مَتان ڪو پانڌِيَو ڏَريو.
سوز "سچوءَ" جو سَگ سُٽڻَ سان، ڳوڙها سو ڳاري ڳريو.

## ڪافي 4

وجي پَڪا پُڇائيج، تون ساٿي ڙي، سجڻ يار جا!

هِي تان حال حقِيرِ جو، وَڃِي شارو سڻائيج.
هِي نياپو نينهن جو ، وڃي پانڌي پَهُچائيج.
پاند ڳچيءَ ۾ يار ڪي، پارؤن مون پائيج.
ٻِهَر هاروچا وري، وو اَچي وِرِهنَ وسائيج.
"سچوءَ" ڏي ڪؤن، سُپرينءَ ڪِي چڱو چوائيج.

## ڪافي 5

Gul Hayat Institute

ڪڏهن آلاجي اِيندا، يار سانگيڙا، ميان!

سِگهي اَچڻ جون ڪانگ اسان کي، اَچي واڌايون ڏيندا.
ڏيئِي دلاسا دل منهنجيءَ کي، نال نماڻي نيندا.
اِهي اُميدان آهن اسان کي، هِڪُ تَڪِيءَ سان ٿيندا.
ڪين ڏسندا ڏوهن اسان جن ڏي، بَديون سڀ بخشيندا.
آهي اوسيڙو اکڙين کي، گولِي سان گڏيندا.

ڪيچ وٽن ڪَون پَٽي سي پَڪَڙا، آٽي هِتِ هوتَ آڏيندا.
جيهو تيهو "سچُو" سَندن آ، پانهِنجو ڪِينَ ڇڏيندا.

ڪافي 6

سر تيون ڏيَن صَلاحان، 'چت تَون چرخي لائين،:
آءُ ڳتيان ڪِي ڪانگ اُڏايان!

راتيون ڏينهان روئان اُنهن لڳ، پِرين جي ٿِيَم پَراهان.
دل جمعيت تڏهن ڪي ٿيندي، جڏهن ايندا ڪي هوت اڳاهان.
اَديون اُنهِيءَ جي ويٺي اَچَڻ جون، روز نهاريان ٿِي راهان.
والِي ورائي وري پَنهور ڏي، سُٺي اسان جون آهان.
ڪيون قبوليت سَيئي "سَچُوءَ" جون، سائين عَرضَ اِلاهان.

ڪافي 7

مون کي نيڻ ٿا نين، هَر هَر حبيب ڏي!

دلَ جوش ۾ خروش، اکيون روز رت رُئن.
شُڪر آهي، خداءِ جو دِيدان ديدار ڪَرَن.
پارؤن يار لکَ هزار، مون کي مِيهَڻا ڏيَن.
سِرَ تي "سچوءَ" سپ سَهايا، پينر پلي چون.

ڪافي 8

رهَبر اِئين چون، اَج اڳڻ تنهنجي اِيندا!

تُون ڪيئن وسارين تَن کي، جي تو گهڻو پُڇَن.
در تنهنجي دوست اُهي ئي، اج ٿا اِجهي اَچَن.

Gul Hayat Institute

پَکا پانورَ کَٽِي ڪري، اوڏا تنهنجي اَڏن.
”سچوءَ“ سندي حال جِي، ساري خبر لَهَن.

## ڪافي 9

ياد اُهي مون کي آيُون، ڪيَئي ڳجهيون جي ڳالهڙيون!

اَوهان جي بہ اَچڻ جون، ٿيون وري هِت وايون.
دردمنديءَ جي دل کي دلبر، ورهہ وچين ڪيئن لايون؟
نانءُ سائينءَ جي سهڻا سائين، چِٽُ نہ وچ مون تان چايون.
آءُ تہ ڏينهڙا گڏ گُذاريون، هِت وينا ورهہ رسايون.
ڏوهَن ”سچوءَ“ جي ڏي نہ ڏسو جو هِت ٿا سَندوَ سڏايون.

## ڪافي 10

ناهي ڏوراپو ڪو ڏيڻ اوهان کي، يار تو سان مُنهنجي زاري!

روز اَزل کَؤن چاڙهيئِي اسان تي، بارُ برهہ جو بارِي
جاڻي ڪاڻي صاحب ساريان، يار اوهان جي ياري
راتو ڏيهان ڳالهہ اَوهان جِي، ٻِي وائِي مون تہ وساري
درد منديءَ سان، ڪنهن ڏينهن دلبر، ڪر ڪا وروهَن واري
حال اَحوالَ جِي آهي اَوهان کي، سُڌ ”سچوءَ“ جي ساري

## ڪافي 11

آءٌ تنهنجي، سارو عالم ڄاڻي، يار چڱي تو تان لائِي، وو.

گهوربو پربن پرديس اوهان تؤن، ڱر اَچڻ جِي وائِي، وو.
آندر اَسان جي يار سجڻ وي، سَندِيوَ سِڪ سَمائِي، وو.

Gul Hayat Institute

طرف اسان جي شالَ اوهان جي، ٽِئي ورڻ جِي وائِي، وو.
مِهڻا ڏئي ٿو لوڪ مِڙيوئِي، دوست تو تؤن دل چائِي، وو.
شالَ ”سچوءَ“ جِي يار پيارا، لهين تان سُڌ سَيائِي، وو.

## ڪافي 12

اُهي اڳڻ منهنجي آيا وو جَن ڪاڻ سي پِيرَ پُڇايَم ٿي!

پَکي اَسان جي پيهِي آيا، ڏينهن گهڻا جن لايا، وو
جن ڪاڻ سي پوٿيون پَٿايم ٿي.
جن لاءِ روز نهاريم راهان، مولا سي محب ملايا، وو
جن ڪاڻ سي ساٿِي سَنيايم ٿي.
هِنَ غريب کي گڏ نِيَڻ جا، ڪيا سي سجڻ سَعيا، وو
جن ڪاڻ سي ڪانگ اُڏايم ٿي.
ڏينهن فِراقِي لَنگهيا اسان تؤن، روئندا دوست کِلايا، وو
جن ڪاڻ سي ڏکڙا لنگهايم ٿي.
رهيا آهن روح منهنجي تي، فائِق جا فرمايا، وو
جن عشق جا سبق پڙهايم ٿي.
دل ”سچيڏني“ جي تي اَصلؤن، هاديءَ حُڪم هَلايا، وو
جن ڪاڻ سي وِرهه وسايم ٿي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 13

آءُ بانهِي تُون سائين، وي، پاتم پاندُ ڳچيءَ ۾ ڪپڙو!

طرفؤن تنهنجي يار پيارل، ڪانگ اَچن مَن ڪَائِين، وو.
نانوُ مولا جي مهرَ پوَئي ڪا، ٿورا مون تي لائِين، وو.
روز ازل کؤن تنهنجڙي آهيان، غير نہ مون کي پائِين، وو.
هڪڙي ساعت اڱڻ ”سچوءَ“ جي، پير مُبارڪ پائين، وو.

## ڪافي 14

ڪڏهن آلاجي ايندين، پيهي پُڇڻ پنهون يارَ!

پاڻ پنهنجو پاڙِهي، ساڻ غريب گڏيندين.
پَڪا پَڪن سامُهان، اوري شالَ آڏيندين.
اِهو اَتم آسرو ڇپَر تان نہ ڇڏيندين.
سگ پانهنجي در جو ”سچو“ نانوُ سَڏيندين.

## ڪافي 15

اِهي ڏورايا ڏيئي، موٽِي مُڪا يار مون ڏي!

هوءَ جا ڳالهڙي ڪالهہ ڪئي سون، ڪيئن وسري تو ويئي.
اَسان ٻاجهون، سُڻ ڙي سائين، ڏينهن گذاريو ڪيئِي.
ڪهڙن ڳالهين ۾ تون تان آهين، پِرت منهنجي تو سان پيئِي.
ڇَئِي مُنجين ٿو هَٿِ پانڌن جي، تہ حال اسان هِتِ هيئِي.
ڏوهہ گُناهہ، وُو تنهنجا بَخَشا، ”سچو“ ڙي، يارَ سَپيئِي.

## ڪافي 16

Gul Hayat Institute

مون ڪي مُرڪڻ سان تون، ڪِيئن ماري وِئين!

ڳيئِي پُڇندي پانهنجي، موٽِي ڏوراپو ٿو مون کي ڏِئين.
آءُ اِيلازڻ دوست تونئِي کي، يارَ وِجي اِتي يا ڪِي ٿِئين.
آءُ مُئِي تان گهوري جانِي، سدائين سو تون تان جِئين!
ڪهڙيين ڳالهيين بار سجڻ وِي، هِيءَ نماڻِي نال نہ نِئين.
آهي ”سچو“ جئن يار تونئِي سان، هُج تنهن سان تون پي تِئين.

## ڪافي 17

وڃي ڪا مِنت ڪري، منهنجي يار ڪي، ووا!

هو سدائين سان مُون، پريين نہ وڃ پَري،
حال نماڻيءَ جو ڏسي، وري سو پوءِ وري،
وٺي ڪا دامن دوستَ جِي، اکيون تان آب پَري،
ساريو تو ڪي سپرين، هِت مَريضِ مَري
رُسَڻ نہ تن سان، جن ريءَ "سچو" نہ ساهہ سَري.

## ڪافي 18

اهي ٻڙيون، پاروچا، اَڄ اَڱڻ مُنهنجي ايندا!

هيءَ شريڪتَ ڪا ڪندي، اَڙي سرتيون، سائن ساڻ،
ناهيان ثانياڻِي تن جي، جا پُر جهي ڏنُم پاڻ،
ٻانهي ڪري پانهنجِي، اُهي صاحب سڏيندا.

اُٿي ويٺي تانهنجيون، هن واتيون ورونهان،
ڏين سَپيئي سرتيون، مون ڪي لَڪين تيون لوهان،
اِهو اَتم آسرو، گولِي گَڏ پِيي گڏيندا.

ڪِيَنُ جون مون کي خبران، آٽي پانڌيءَ پهچايون،
هيون هوتن سنديون، هيڏي وَرڻ جون وايون،
"سچو" جن جو آهين، سي ڇَن نہ ڇڏيندا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 19

لَٽِي هَلاڪِي هاٽِي، دوست وسي مُنهنجي ويڙهي!

ڪوني ڪَيو پانهنجي، پربن پاٽُؤن جاٽِي.
ناحق اوتيم هوت ريءَ، پِنبڙين مان پاٽِي.
سي ئِي آيا هُيَسِ جنين لاءِ، جيڏيون ڙي، جوڳياٽِي.
وني ويهاربَؤن ويجهڙو، ”سچو“ سو سَڱُ سُجاٽِي.

Gul Hayat Institute

# داستان يارهون

(1)

آڻ مُلهِي آهيان، ٻانهي ٻاروچن جي؛
سڀ چَپَرُ چايان، آهُن ۽ دانهُن سين.

(2)

هَي وجي هي قافلو چُپاتِي چَايُون؛
مُنهن ڏئي آيون، آهُون دانهون عِشق جون.

(3)

رات لهي وبا ريجُ، نماڻيءَ كان نكري؛
كاكيون هاٿي كيئن كريان، جو كاڏي تيڙم كيجَ؛
پَرَپيو پنهونءَ سان پيجُ، سو اتي رهڻ نہ ڏئي.

(4)

صحي جانَ نہ سُتينءَ، جو كُڙك ٻُڌي كُڙكِي وجين؛
چِتيان چانگن جون ٻُڌي، تون كُوڙي كين اُٿينءَ؛
غافل هَڏِ گُتينءَ، سڀِ پَرِ "سچيڏنو" چوي.

(5)

پانديں كؤن پُڇي، تي ٻَهَ پرينءَ جا پيچرا؛
سَهِلي "سچيڏنو" چوي، هيءَ لالَڻ لاءِ لُڇي؛
كنهن سان كين كُچي، آتس ووءِ ووءِ وائِي وات ۾.

(6)

چاڙهيون لاهِيون چُنج جِيون، كوڙين آهِن كوهَ؛
ڏئي مهتان محبت وارئين، چَپَرُ ڏاڍي چوهُ؛

Gul Hayat Institute

ناگهہ نِسَتِ نينهن کي، تا رئارن روهَہ؛
اَچي منجهہ اَندوهَہ، مَنان تون ماندي ٿِئين.

(7)

لاکون لاکين لَڪَ، نبيرڻ نہ ٿيا؛
کوڙين آهِن ڪيترا، راهُن اُتي رڪَ؛
هَي هَي ڪارڻ حقَ، هِي سارو ڏونگر ڏوربان.

(8)

روئِي هاريان رَتَ، ووءِ ووءِ واتَڙين تَي؛
جيڏيون ڪارڻ جَتَ، سارو وندر وروڙيان.

(9)

اَچج آرياڻِي، تون وري شهر پنيور ۾؛
اَن ڙي اَکَڙين مؤن، تو پَرتِ وهي پاڻِي؛
هوت اَچِي هاڻِي، هيءَ نالائقِ نوازيو.

(10)

هوت نہ چڏيو هِتِ، نيو پورهيت پاڻ سان؛
تو ريءَ بي ڪا چِتِ، ڪانهي ڪميڻيءَ کي.

(11)

عمر اَجائي گذري، ڪارڻ مِني رُوءِ؛
خام منهنجي خوءِ، گر وَر ويچاريءَ جِي.

Gul Hayat Institute

(12)

جَتَ موچاري جاتِ، چڱي جاتِ جَتنِ جِي؛
وائِي تن جِي وات، سدا آتم سرتيون.

(13)

پورهيائِت پنهونءَ جي، آهي اَصل کؤن هِيَ؛
جيڏيون جَتَن ريِّ، وينِي وِرهُہ وسائيان.

(14)

آهي ڪونہ غرض، محبوبن کي منهنجو،
ڏيڻ سِرُ فرضُ، ”سچو“ سندن سَٿِ ۾.

(15)

لُو هي لاغرضي، سُپرين جِي سارَ،
مارڻ لاءِ مُشتاق جي، آهي محبن کي مرضي،
سِر ڏيڻ تنهن سَٿِ ۾، آهي فقيرن فرضِي،
ڪڏهان ڪو قرضي، ”سچوءَ“ نازڪَ تنهنجي نانءَ جو.

(16)

پيس تنهنجي پيچ، پنهون ڪين ڇڏيج مون،
ٻانهي ڪري پانهنجي، وجي ٻانيڻ کي وڃ،
مَر ڪميڻي ڪيچ، پورهيو ٻانهِن جان ڪري.

(17)

روئِي ڏنو رنگ، ڪو جو ڪامِڻ ڪوهَ کي،
سو شَمع شَفق سان ٿيو، سُرخيان سارو سنگ،
منهنجو نينهن نِسنَگ، پيو سمورو سُڪوتَ ۾.

(18)

اُٿي ڪمر ٻِنڌ لوچ تہ لَهين سُپرين،
هوتاڻِن جو هنڌُ، ڏسين اَڪڙين سان.

(19)

مِلي مارڳَ جي مرين، ٿئي قدر ڪيچيئڙن،
ٿورو وڏو ٿَنِ، تنهنجي آچڻ جو ٿئي.

(20)

مَهَر مَ لاهِہ مٺام، آءُ اوهان جي آهيان،
جي ڪامِل سَڏَ ڪيام، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين.

Gul Hayat Institute

(21)

ٻانيڻ جِي ٻاڪار، ٻُڌي ٻاروچو آئيو؛
ورَ وسارج ڪينڪي، جا واقف نہ وٽڪارَ؛
سِگهڙي لهج سنڀار، سائينءَ لگ "سچو" چوي.

(22)

سَرواڻن مون ساڻ، ڀلؤن ڀلائِي ڪَئي؛
جن جاڳايو جوش کي، آءٌ اُتن قرباڻ؛
ٻاروچاڻو ٻاڻُ، تڏهن لؤن لؤن منجهہ لڳي وبو.

(23)

پيئَر هِن پنيور ۾، منهنجو ڪارِ نہ ڪمُ؛
اَٿم آريءَ چام سان، دوستيءَ وارو دمُ؛
ماڻهن ليکي غمُ، پر سُک "سچو" ٿو پائيان.

(24)

ڪيچيئڙن مون ڪُالهہ، اَچا وڏاڪيا؛
اُن ڪارڻ ڪاڪيون، ڪنديس ڪافَ ڳشال؛
هَي هَي هِن جي حال، جو هڙا هوت وساريان.

(25)

عمر اجائِي گذري، هَي هَي هڙي حالَ؛
تائين اَج نہ مون ٿِئي، سَندي هوت سنڀال؛
مون ڪان پُڇن ڪينڪي، ڪافَن جا ڳشالَ؛
پنهنجي قربَ ڪمالَ، ڪا وَ ر وبچاريءَ جِي ڪريو.

(26)

عمر اجائي گذري، هڙا حال ٿيام؛
چُپ چپاتيءَ سرتيون، وٺؤن هوت وبام؛
هو جي ڏونگر ڏاڪڙا، ڦولڻ سَپ پيام؛
اَج صبح ايندام، ڪندا ور وبچاريءَ جِي.

Gul Hayat Institute

(27)

وندر ۾ وِيهان، ڦولن پيون پرينءَ کي؛
نالِ جَنين نيهان، هوت تَنين جي هنجَ ۾.

(28)

پَرتُ هوت پنهونءَ کي، آڻي عشق ڪيو؛
”سچو“ سَڱ ٿيو ههڙن هوتياڻن سين.

(29)

مِهر مَ مٺان لاهه، مون تان نماڻيءَ تؤن؛
هِيءَ ڏکوئي ڏاهه، اَڻ مُلهه آهي آنهنجي.

(30)

مَهرَ مَ لاهه مٺام، آءُ اوهان جي آهيان؛
جي ڪامل سَڏ ڪيام، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين.

(31)

جيهي تيهي حال سين، پارُ وجهڻ مون پنڌ؛
روئي پَورڻ رند، پنيءَ ڄام پنهونءَ جي.

(32)

هَي هوتن تو سندي، آوڙڻ جهڙي ناهيان؛
حال پسي مون هي، مان نماڻي نال نئين.

(33)

ساٿُ سوبلو سرتيون، وڏيءَ وبل ويوم؛
وندر جي وڻن ۾، ڦولن هوتُ پيوم؛
ٽيلهڻ تر ٿيوم، هاڻي هوتياڻن لاءِ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

مون کي تنهنجي آهه، اَچڻ جو وڏو آسرو!

جوڙي چڏيم، وو، جائيون، ميان آلا، لؤن لؤن ۾ تو لاءِ!
اَڱڻ آسروند جي، ميان آلا، پيير مبارڪ پاءِ،
جڏهن ڪڏهن تو ڏسان، ميان آلا، تو کي جاءِ بجاءِ،
ڪين جُڙي ٻيو جِيءَ ۾، ميان آلا، تُنهنجي سِڪ سواءِ،
تو گذاري گوندرين، ميان آلا، "سچو" تُنهنجي ساءِ،

## ڪافي 2

آديون ڙي اَج آهِه، اَسان مُحبن جو ميلو!

دلبر سِڪندي، ڏينهن، ٿيا، سُپيريان جي ساءِ،
قدا ڪيائون فراق کي، ٻُڏو جاءِ جاءِ،
ڏک لنگهيا ..ک آئيا، لڳڙي تڏڙي واءِ،
جنهن ساعت گڏيا سُپرين، سا "سچو" ساعت سهاءِ،

## ڪافي 3

لڳيءَ دل جو دارون، ناهِه ڪو ڍولڻ پيارا!

Gul Hayat Institute

عشق جون واٽان، ٻرن لاٽان، تنهن مؤن نڪرن درد جون چاٽان،
پوءِ ٿيون پون هي ٻچارا.
عاشق ٿا ڪن درد جون دانهان، عشق منجهاروءَن اِسي آهان،
رُئن اُٺي زارو زار.
آءُ تان ٻانهي ، تون تان سا... پاند ٻڇيءَ وچ پنڌ پائين،
اچڻ جا ڪر قول قرارا.

ڳالهيون مون سان تو جي ڪيون، مور نہ مون کي وسري سي ويون،
دم دم تنهنجِي ياد آ يارا.
هيڪر مون کي جانِي جياريو ڳالهِن تنهنجن ڳُجهن ڳاريو،
وصل جا ڪر وري وارا.
”سچو“ تون تان ٿِيءُ نہ ماندو، پِرين تنهنجو الله آندو،
سَجَڻَ سان ڪر الغارا.

## ڪافي 4

ماريو هوتَ آلا، ڪنهن در ڏيان دانهڙي، پلو لوا!

ڪاڪيون، ڪڏهن ڪينڪي، منهنجي مِنت مَجن ، آلا.
پُنيءَ پيس جَن جي، سي پِي سورَ سَجَن، الا.
دعا ڪريجو جيڏيون، پيرو تان نہ پَجن، آلا.
اهو اَٿم آسرو ڏيندا آب اُجَن، آلا.
”سچو“ سهمي ڪينڪي، روحُ تہ ڪانءُ رُجَن، آلا.

## ڪافي 5

هُنئون هوتُ هَلي، ڙي، دوست دلاسو ڏيندو؛

وجهج ڪم ڪريم تي، ٻيا ڳولِج ڪامَ ڳَلِي.
پاڻهين پُنيءَ تو ايندو.
پَکا پَکن سامهان، تنهنجي ماڳ مِاي،
اوڏا آٽي اڏيندو.
اَچڻ سندي اُن جي، وينڊو روحُ رَلِي،
ٿورڙ توريانٽيءَ ٿبنائو.
جا ڳُجهي هوتن مَنَ م، سا ساڻِن ڳالهہ سَلِي،
پُنهل پاڻ سان نيندو.

Gul Hayat Institute

مِهرَ پنهنجيءَ سان تون پرين، اِنهي پَت پَلي،
ڙي "سچو" نانءُ سڏيندو.

## ڪافي 6

ذري ذري ڪَن چَشمان چُور، نِين اسان کي ٿيون وَهلورا!

تَن مَن سڀ تارج ڪَرن ٿيون، ديدن جو آهي هِي دستور،
خوني وتَن خيال پنهنجي سان، ڪَسِن شهزادن شعور،
ناز نياز سان هِڪي واري، چاڙهن سولِيءَ تي مَنصُور،
ساڻ ڏسڻ جي مشتاقن سان، ڪَيفِي ڏاڍو ڪَن ڪلوُر،
"سچو" ڪير ويچارو آهي، وجهن ڦيري دل، ڪَرن فَتُور.

## ڪافي 7

پاڻهي پئيوَ سُڏ سورن جي، وو عِشق لڳيو جي آديون!

ساري خبر وجي تَن کوُن پُڇجو، جي ورهِہ سڄڻ جي وِڌيون،
ڪين لِڪن سي لوڪَ اڳيون، جي آهِن ڏکَن جون ڏَڏيون،
مُحب مسافِر ٿيا جَنين جا، ڪُوڪان اُهي لَک ڪنديون،
وِرهَہ ولوڙيا جي، وهنديون تَن جي، نيڻُن نِير جون نديون،
پارؤن پِرين جي سڻو سيپِئِي، لوڪُ پَلِي ڏي بَديون،
اڳيون پوبون سڀ معافي ڪيون، تنهن محب "سچوءَ" جون مَديون.

## ڪافي 8

اوري آڻ سي اوري، ڙي الله، جنين ڪاڻِ سِڪيَس سال!

ڏَسُ نہ مون کي ڪو ڏئي، ڏيهَہ رهيس آءٌ تان ڏوري،

واڳ جنهين کؤن لنگهيا، گهوري هِيءَ جندڙي گهوري.
هيڪند تون ڪر هوت جي، ساڻ ٿَڪيءَ ڪنهن توري.
ساهه "سچو" جو تنهن ڏهاڙي، ويا چاڪَ وجهي چِٽُ چوري.

## ڪافي 9

ڏينهن پُڄاڻؤن آئين، پلي آئين ڙي يارَ مُنهنجا!

اَڳُڻ اسان جي هوتَ ٻاروچا، پيرَ جي اَڄ پائين - پلِي پائين.
پَري آسان کؤن يار پرين ڙي، ڏينهن چو لائين - ڪيئن لائين.
ڏوهَ ڏنگايون يار سڄڻ ڙي، ڪيئن پُليءَ ڏنهن پائئين - چو پائئين.
هيئن نه گُهرجي يار توکي، چِٽُ چُڪيءَ تؤن تو چائين، ڪيئن چائين.
عَرش ڪرسيءَ تون اُتاهين، مَن "سچوءَ" جي تون مائين - پلي مائين.

## ڪافي 10

تُنهنجي پانڌي پيغامَن، آلا، منهنجو جيءَ جياريو!

هِي تان تَنُ توان ڪيو، آڙي ساٿِي سَلامَن.
تو تؤن آءٌ قربان ٿيان، ڏنهن آئين عجيبن.
مَنهنجو چِت چَريو ڪيو هِن نينهَن جي نياپن.
دردمنديءَ جي دل کي، ڪيو قابو ڪلامَن.
ڪيائون ياد حقير کي، اُسرئي ايامن.
ڳيئؤن مِهرؤن پانهنجي، گوشُ ڏي غلامن.
مُنهنجو وِرهُه وڌايو ان جي آنجامن.
جيهو تيهو آهي ئي "سچو" سگ سندن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 11

ڪري سانگ پِرين وري آيم اُهي، ديس آساڏڙي، آلو آلو!

وري وطن آئيا، پيئنر ٿيڙم پَلو پَلو.
پيرَن اڳيؤن پيشوا، هاريون مون سان هَلو هَلو.
اَصلَ لاڪؤن آهي اُنهن سان، روح منهنجي جو رَلو رَلو.
اُنهن ڀاجهُون ناهِه ڪو ڳولڻ مون کي ڳَلو ڳَلو.
سِر سچڻ جو لوڪ کي، ساهيڙيون نہ سَلو سَلو.
"سچو" سچيءَ سِڪ ۾، شال نہ پوندو ولو وَلو.

## ڪافي 12

ڏِني ڏيکاري، ڙي ميان، صورتَ سُپرينءَ جِي.

حَسن حُسين جي ڪارڻ، زاري، ڙي زاري
ورتَم ساري لوڪَ کؤن، پيئنر ڙي بيزاري
چوان حقيقت حال جي، هي سچڻ کي ساري
مَحبت محبوبن جي، مون اصل اختياري
چوان حقيقت حال جي، هي سچڻ کي ساري
هِت هُت ڪندا ڪاڪيون، اُهي مون سان موچاري
"سچوءَ" سدائين گهُرجي، يارن جي ياري

Gul Hayat Institute

## ڪافي 13

ڏيئي مون ڏيکاري، لَڙي وريو ويو در تؤن دلبر!

ڏنُم آڪِڙين سان، هوءِ هوءِ حسن هزاري
وسُ نہ هِن جو ڪو هُيو هوشُ نئين هَسواري
دينَ ڪفر اسلام کؤن، بِرهَ ڪئِي بيزاري

ڪنهن در ڏيان آءُ دانهڙي، مونجهہ اِنهيءَ مون ماري
سوز سَفيران لايون، هِن چُڪيءَ ڪي چوڏاري
حاجت هن جِي نہ هُئي، جا قاتِل فوجِ قراري
گهٽيءَ مدت ڪان پوءِ اَچي، دوست ڏني دلداري
باسيائون تان بِرهہ جي، ميان ”سچوءَ“ ڪي سَرداري

## ڪافي 14

پرين اوهان ڪوُن پوءِ، هِت راتيون رهنديس ڪا؟

پُنيءَ اِيندي تانهنجي، لالَ وري هِن لوءِ،
پوءِ سورَ سهنديس ڪا؟
واعدا وبڙا وسري، هوتَ ڳيَو جي هوءِ،
پئي پول پهنديس ڪا؟
پِرين تنهنجي پار ڏنهن، قاصِد اچي ڪوءِ،
وري هِت ويهنديس ڪا؟
سچو سِڪَ اوهان جي، هنيڙي ۾ هوءِ هوءِ،
پئي ناهہ نهنديس ڪا؟

## ڪافي 15

مون ۾ عيب اَپارَ سَڄڻ تُنهنجي پانهڙي آهيان!

پانِهن جي آءُ پانهي آهيان، ساري سپ چمارَ.
هُئان هميشہ هوتَ سان، شالَ نہ ٿيان ڌارَ.
هِي سِر صَدقي تو توُن، سِسي ساڻ ڪپارَ
اوچِتو ڪنديس آڪيون، پٽر ڪنديس وارَ
پاڻُ تو ئي توُن صَدقي، سسي ساڻ ڪپارَ.
ساهہ ”سچوءَ“ جو سوگهو ڪِيڙو رکي ياراڻو يارَ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 16

سو ڏاڍن جو آهي ڏيهُ، جاتي نينهڙو وو نيڻن لايو!

جاتي پُڇ نہ پَکيءَ جيٰ ميان، سو سيڻن جو ساٽيهُ.
جي ٽِي وِيان در دوستن جي، بيان، ڇُمان پيرن ڪيهُ.
جي ڪوٺيو ڪُهن سُپرين، ميان، وڃي پَڪڙي ٽَن جي پيهُ.
”سچو“ عاشقُ جي آهين، ميان، واڍوڙين وڃي ويهُ.

## ڪافي 17

يلو آءُ تان يارَ سڄڻ جِي، بانهِي گولِي آهيان!

آءُ نماڻِي عيبَن هاڻي، ڏوهَن ۾ آءُ تان اولِي آهيان.
جيهِي تيهِي آهيان، ڙي جيڏيون، جانب جِي آءُ تا جهولِي آهيان.
پَلپَل پُڇَن حال مُنهجڙو، ڳالھ انهيءَ تان ڳولِي آهيان.
هيڏي هوڏي نہ وڃان، مُحبن جي آءُ تان تولِي آهيان.
ڏِسُ ”سچوءَ“ ڏي سُپرين، نا تہ ڇَپَر هِت چولِي آهيان.

## ڪافي 18

اَديون اُهي اَڄ آيا، ڏيهُ جَنين لاءِ ٿي ڏوريان!

ڏيو مبارڪ سرتيون مون کي، مولا سي مُحب مِلايا،
چرخو ڪيهو آءُ چوريان؟
در پيهي سي، وو آئيا، سائين آلا، جَن لاءِ مون وِرهہَ وسايا،
پارڻُ مَٿانئَن گهوريان!
پَرڏيهہ وِيا ها، وو مون پرين، واليءَ سي پوءِ ...
تَنڪَ ڪيها پيا توريان؟

”سچو“ اتي، وو دوستُ گڏيو سي، ڏينهن گهڻا جنهين لايا،
وندر ڪنهن لاءِ ووڙيان.

## ڪافي 19

پينر ڙي بيوس، وجي آءُ پئيان!

وس نہ آهيان پانهنجي، واڪو ڪيمُ بيوسَ،
مين ديوانڙي ٿيئان.
لوڪُ ساروئِي سرتيون، روحَ نہ اَچي رَس،
حالَوُن هُڻ مين ڀِڳئيان.
مَڄُ ڏاڍو مون سِر آئيو ڪوئِي نہ اَچي ڪَس،
قابو عِشق ڪئيان.
بِرهہ واري باتِ ڪوُن، ”سچو“ نہ ڪري بَس،
مِهڻا ڏيِن سنئيان.

Gul Hayat Institute

# جهولڻو

## [سسئيءَ پنهونءَ بابت]

(1)

سرتيون سڀ ٿِيَس صلاحِي،
هو تان راهَ وني ٿيا راهِي،
چوٿينءَ ڳڏَ تَنِين جي ڪاهِي،
ڏونگر ڪِيم ڏَسائِج ڏاهِي،
حَبَ ۾ ڪونہ ڪَنڌُئِي همراهِي،
•هت ٿو سانگ منجهائي ساهي،
تڏهن چِپ ڪرڻ تو چاهِي،
پَر هو اِهڙو امر اِلاهِي:
بيا سڀ وبھُ تون وهَم وساري.

(2)

چي ڙي، مون سان مُور مَ ٿيو مَصلحاتِي.
ثابت سِڪَ رهي ڪا ساتِي،
هاريون هي جا آهي حياتِي،
تن ڪي روهہ رسان ٿِي راتِي،
پائِيِنديس ڏر تَتِي جَهنگ جهاتِي،
چا جي چِڄِي پوي مون چاتِي،
ڪنديس وڙ سَنديَن وِلاتِي،
اِينديس ساڻ وني پَرُ پاتِي:
ڏسندُنءَ هوت مِڙئِي هِڪواري.

Gul Hayat Institute

(3)

چي ڙي، ويھُہ وسار وِڃڻ جي وائِي،
تو سان لَعلَن جنھن لَؤن لائِي،
تُنھنجِي دل ڪئڻ تَنھُن تائي،
سو اڄ جاڙَ ڪري ويوءِ جائِي،
ڏيئي ڳَن ٻُڌج تون ٻائِي،
ٻوھن پاس نہ ٻوڙج ڀاھِي،
سُرت صلاحَ تون سَمجھج سائِي،
اِھا ڳالھہ اَمرَ ۾ آئِي:
ڏونگرُ ڏوُرؤن ئِي ڏھڪاري،

(4)

آيَل، اَنَ مُلھِي جا آھي،
سا ڪيئن سَگ سڄڻ سان ساھي،
پيو تا ناھہ نہ ھرگز ٺاھي،
ڏاڍِن ساڻُ شَريڪتَ ناھي،
جا پَئي سيِ لاڳاپا لاھي،
ڇَپَر ڇوھہ اَڳيانئُس چاھي،
ڪيچن ڪَڏَ اُھا مَرُ ڳاھي،
ڪڻندِي ڳام تہ پُڄندي ڪاھي:
محض اُنھيءَ ڪي مَيرُ نہ ماري

(5)

چي ڙي، رَھَہ رَوين ٿِي روڙي،
آڏو پِيِنگ ٻُجھي ٿي پوڙي،
ھيبَت ھول حراست ھَوڙي،
ڪامِڻ ناھِين اسان ڪي ڪوڙي،

Gul Hayat Institute

ٺون ٺنهن ديس ۾ وڃج ڏوڙي،
پرڏيهيءَ جي پُٺ ۾ پوڙي،
ٿر ۾ ترس آئي ٿڪ ٿوري:
هِتِ تا ڪا نہ گهڙي هڪ گهاري

(6)

آن دل آرباٽيءَ سان اٽڪي،
مان جا ريجهہ آديون ٺنهن وٽ ڪي،
هي هي گهوري تا هن گهٽڪي،
رهنديس ڪين هجر ۾ هٽڪي،
جانبَ ڪاڻ نہ جاڳيس جهٽڪي،
پنيءَ وبلَ وڃان مُرُ لٽڪي،
ڪنهن جي فهم نہ هٽڪا ڦٽڪي،
هاٽي سِر توڙين مون سٽڪي:
هِنَ ڪي ڪا ۾ هلڻ ڪوُن ڪاري

(7)

چي ڙي، سپ پر سُجَ جُلي تِي جاٽِي،
پُرجهج پبَ نہ آئيئي پاٽي،
وسهج تو دل جنهن سان واٽي،
سسئي سو تان ٺيئي نہ سائي،
ناحق تانگهہ تنهين ڏي تاٽي،
چو ڪيئي خواب ڪٽي تو ڪاٽي،
ڪيئن ٺي آبُ اکين ۾ آٽي،
حِيلا ڪر ۾ هلڻ جا هاٽي:
پُجنديڻءَ بام پسِي برُ باري

Gul Hayat Institute

(8)

جيڏيون جبَل چئو ٽيون جيئِي،
ساجُهر سَنگ لتاڙيان سيئِي،
گهوريان گهوٽ بِنا گهرُ هيئِ ي،
سائِي وَس وَٿانئُم ويئِي.
رهندَمُ رُوح نہ هِت تَن ريئي،
ويڙم دوست دلاسا ڏيئِي،
هِيءَ تان پَلَوُ پُنهونءَ جي پيئِي،
هُن تان ڪامِڻ ڪيڙس ڪيئِي:
نِيائُونس وَرُ وَني ويساري

(9)

چي ڙي، گهورين ڪاڻ جنين جي گهَرڙا،
اَٿئي تَن اَڙانگا اَرڙا،
آڏو ٿاڪُ نہ ڏيندءِ ٿَرڙا،
ٽيندءِ زور مَٿي تو ڏرڙا،
بيڏل بَس ڪَرائيندءِ بَرڙا،
اوجهڙ ڪوهہ اَٿئي سي ڪَرڙا:
•گهائي پير ڪائيندئي ڪرڙا،
•گسندءِ پيرن جا بئِي ترڙا،
سَگهندئينءَ نارِ نہ وَرُ نِهاري

Gul Hayat Institute

(10)

ثابت ڳالهہ سٺو هِيءَ ساري،
جبل وات نہ جيڏيون جاري،
پَرَ پِيي بِرهہ جهين سان باري،
سا هَڏِ ماڏي مور نہ مَاري،

چا جي وَرَ وِنگا وَدَ واري،
تا پِيي دردمنديءَ دَهڏاري،
توڙي ڪوهہ ڪري تو ڪاري،
ڪندو پاڻ پنهون پوئوازي:
تا پڻ سَرسُ سِڪائِي ساري،

(11)

جيڏيُن ڪَيَس وراڻِين جوڙي،
هُت تو روهہ رڙندا روڙي،
تَنهن جو تابُ نہ سگهندي توڙي،
اَڏو مِير مَيائِي موڙي،
رائو ريگ ٿَرَن ڪوُن ٿوڙي،
سگهنديئنءَ پيرُ نہ ڪَرڳَل ڪوڙي،
تون تان لعلُ لَهين ڪِيئن ووڙي،
ڳَنهن جِي ڳَامَ ڳَمر چِڏ چوڙي:
پيا ٿِي ماڳ مِروُن چوڏاري،

(12)

جيڏيون جَتُ مُنهنجو آهي جائِين،
آءَ تان وبنديَس اَج تَنهن تائِين،
آهيان بانهي اُن جي آءَ ئِين،
پاڻُون گهڻ پيٺرَ ٿِي پائِين،
اُن کي پَلَؤ ڳچيءَ ۾ پائِين،
دَمُ دَمُ دُرس ڪريج دُعائين،
مون کي سَجَڻَ ميڙِين سائِين،
ڪيچين کي پهچان ڪائِين:
بِرهہ جِي باهہ ٻَهون وبا باري،

Gul Hayat Institute

(13)

چي ڙي، آڏو لَس بَگهيڙ ڪَن لوڙا،
ٿَن ڪؤن ڪَنَ ٻَئي ٿين ٻوڙا،
چوهوَن چَپُر چِني ٿو چوڙا،
تاتي تاڪَ تَڪَر جا توڙا،
سَهمناڪَ سُندا سي سوڙها،
ڏيوَن مارَ مَٿي ڏين موڙا،
سي ئِي ڏُرت ڏورَڻ جا ڏوڙا،
ڏينيو ڏنگَ هَٽِن تا ڏوڙا،
آهِن هاڙي مَنجھ هَزاري

(14)

چي ڙي، چا جي مَستُ مِرون هنئن مارا،
چُرڙبن نانگَ چُرَن چوڏارا،
سي ئي ورهه اڳيون وبچارا،
هٽندا شينهَن ڏسي شوڪارا،
هو جي هاڙي مَنجھ هاڪارا،
سَرتيون سَنگ نهاريان سارا،
ڪيا جُڪ جانب جي جيءَ جارا:
وَرَ سان ڪا نه ايندي ڪا واري

Gul Hayat Institute

(15)

چي ڙي، هُيَڙَئِي جِيّ جَتَن جِي ڪا،
توکي سَمجھ پيئِي چؤ سا ڪا،
وِيَڙَئِي نارِ نهوڙي ناقا،
ڏونگَر ڪين اَٿئي ڪي ڏاڪا،
لُوهي لَس وجهندئِي لاڪا،

چِپُون ڇُوهہ لنگھنديءَ جهاڪا،
آڏو فَلَڪ فِڪِر آهِن فاقا،
ونگَن وِچ واسِينگَن واڪا:
هُت تو پيُ وِجهِي پلتاري

(16)

ڪاڪيون ڪا مَ تِڪي هُت ڪاني،
جاڏي جَت وِڻي ويس جانِي،
سورج آسِي نہ تن جو ثانِي،
تاڏي ٿُرتُ وِجان آءٌ تانِي،
چا جي پَبَ نہ هوندس پاني،
ڇَپَر چوهہ اڪِيانئُس چانِي،
توڙي بِرهہ وِجايس بانِي،
لوچون ڪِين ڪنديَس سالانِي:
اِهو عَرض اٿو اِظهاري

(17)

جَلَدؤن جَت وِڻي ويہ جوري،
پوري چو نہ پريرءَ ٿَنهن پوري،
گاڏر هاڻ مَحَل گهر گهوري،
ڏونگَر ڏرڙ سَگهِين ڪِيئَن ڏوري،
عاجِز عام ٿيندئِي هِت اوري،
ٿَرَ جي پنڌ نہ ٿڪِيئَن ٿوري،
تن کي توڙ سَري تِي توري،
وِجهہ مَ جِيءَ پِلا ڪَنهن جهوري:
مَرنديءَ گامَ ڪنيو ڪوڪاري

Gul Hayat Institute

(18)

چي ڙي، بيحد ڪِيرِ ڪِهو ٻيون ٻاتِيون،
چو تيرن لَس لوايو لاتِيون،
ڏِنهن ڪي ڳنڍ نہ اِينديون ڪاتِيون،
رهنديس روز نہ اِتي راتِيون،
وينديس سِڪ سَڄڻ جِي ساتِيون،
ڏاتَرَ ڏِس جو ڏيندُمِ ڏاتِيون،
پائيندس جالَ جَبَل ۾ جهاتِيون،
مُحبن هَس اِهي مَصلحاتون:
هَلِي آ مَردِ سارڻ اُماري

(19)

ڪامِڻ مِنَت ڳريو ڳنهن ڪيھِي،
سي جَتَ جاڙ ڪري ويئي حيھِي،
ڪِيَڙِي پُرجهہ نہ تو پَب پيھي،
ڪا ڳر ڪاهہ ٿَنِين پُٺ تيھي،
تون تان نِينهَن سوري نيھي،
ووڙج وَرُ مَ وِرچج ويھِي،
ڪيائين دُرس ديوانِي ويھِي،
اَول عِشق نِشانِي اِيھِي:
ٽَڙَڦُڙ راتِ ڏينهان تڪراري

(20)

ڪيچن ڳَڏ لڳِي هوءَ ڳهڪي،
ڦِهرين پُور تَڪر سان ٿَهڪي،
ڪامِڻ ڪوهہ ڏِسِي نا ڏهڪي،
اُتي روحَ نہ تنهن جي رَهڪي،

Gul Hayat Institute

توڙي پير ڦِٽَس پَٻ ڦٽڪي،
تان پِڻي نار نہ بلڪل نَهڪي،
توڙون ڪِين تنهن هَڏَ ٿَهڪي،
اَوجان عاشق اهڙي آهڪي:
ڏونگر سڀ وڏائين ڏاري،

(21)

توڙي جَهڪَ جَهڪي ڪَئي جهولي،
پِڻي تان هولي هَڏَ نہ هواي،
ٽيربون ڏئي، پِرين ڪي ڦولي،
ڇوهُون پاڻ ڇِپَر ڪي ڇولي،
گورَن رَند ڏسِي سِرُ گهولي،
ڳَتَرَ ڳَتَرَ ڳوڙها ڳاريو ڳولي،
ڏونگر ڏرڙ ڏکوئِي ڏولي،
قادر شال قريبَن ڪولي:
ڪندو ڳاڍ تَڪر ڪَوُن تاري،

(22)

ڀِريون ڪانءُ پهاڙَ پُڇيائين،
هِت ڪي وينا هوت هَنڌائين؟
هَر هَر توکي سُرت سڏائين،
ڪي هئا رات توئِي وٽ سائين؟
ڪَرِ ڳَل الله لَڳ اَلائين،
پيو هَڏَ سور نہ سَنگ سليائين،
ڙن ڪي مُحبن ساڻ مِلائين:
•هوتن سندي لڳ هلائين،
عاشِقِ هَي خَي ويا آزاري،

Gul Hayat Institute

(23)

پوءِ تا ٽيڙس جبل جوابِي،
پِنيءَ ليلَ لنگهيا بشتابِي،
ساڳين سارو ساٿ ثوابِي،
سي سپ هُئڙا گُل گُلابي،
وڃندا ويڙا رات، ربابِي،
اَصلؤن اَڙبنگ هئا اَعرابِي،
تو سان ڪِيائون خام خرابِي،
اوني عين هئا عاذابِي:
هتؤن ڪاهه آڙاهه آنڌاري،

(24)

ڏونگر ڏَس چُڪيءَ چِڏ ڏيئي،
تو وٽ رات تنين ڪا پيئي؟
آهه هي وَس تنين ڪؤن ويئي،
ڪِي تان لنگهيو ساٿ سنجهيئي؟
هاڻي حال سِٽِج مون هيئي،
ويَڙس، ڏک وڏو هي ڏيئي،
هُو هُئا ڏاڍا سُپرين سيئي،
جانب آهن منهنجا جيئي:
ماري آهه وبا آ تاري،

(25)

حَجر چَيَس آهي هنيڙي هاري،
جي تون محبوبن جي ماري،
آهي عشق سَندُءِ آزاري،
وجهج ڳَلِ ڳچيءَ ڪا ڳاري،

Gul Hayat Institute

مون کي تِر نہ کج تڪراري،
پُنہِن ڪاھہ نہ ٿيءُ قراري،
آٿئي بِرہہ بلوچي باري،
يڪدِل ڪانئن مَنگجِ ياري:
ويندئِي عشق نہ ھڏا اوتاري

(26)

ڏونگر ڏيرن ڏي ڏَس ڪوئِي،
آوڙي روحَ نہ پيو رسُ ڪوئي،
ناھي ونجاريءَ جو وَسُ ڪوئِي،
لاھي ڪو نہ پيو ڪَسُ ڪَوئِي،
ناھي جانبَ جو جَسُ ڪوئِي،
ڪُنِي غمَ ڏِسي ڪَس ڪوتِي،
خاطِر منجھہ نہ پيس خس ڪوئِي،
وني درد ڦِري ڏس ڪوئي:
بيٺِي عِشق منجهُوَن اوساري

(27)

چُڪي چوٽ وٽِي ورچاتي،
وِيڙا وِرھہ توئي سان واتي،
آندي عِشق تڏھن اورھاتي،
ڪُتل ڪيچ وجھ ڪنڌ ڪاتي،
پيٽُئي زھر مَنجھوَن گُھٽ گھاتي،
توکي آندو عشق آڳاتي،
ڳولج جامُ پنھنءَ گھِر گھاتي،
ڏي ھَي لَعلَن وبو لوھاتي:
ھُئڙي جن جي ھِيءَ آجھاري

Gul Hayat Institute

(28)

هَي هَي ماري عشق آميران،
ونِي وِرهہ وَڪيلِ وَزيران،
توڙئون هِيئَن لِکيون تقديران،
بانهِن هٿ ٿيون تقصيران،
ڏاڍيون عشق سنديون تڙپيڙان،
پُنهِيءَ منهنجي بِرهہ ٻهيران،
هَلَن هُت نَڪي تدبيران،
مون سان سندين سوز سفيران:
ورتُئي ورهُہ ڪنهين وَٽجاري

(29)

آول بابين برهہ پڙهيائين،
تنهن پوءِ سورين منڍ سَڙيائين،
سَسئي سرُ فَراق ڦَڙيائين،
اَصلئون ڪيچن ساڻ ڳَڙيائين،
جَڙان ڀيءَ ۾ جال جَڙيائين،
تيلهان مٿي روهَ رَڙيائين،
مَحبت منجهہ مريض مَڙهيائين،
توڙئون غير خيالَ تَڙيائين:
پيئي هَٿ بِرهہ هاڪاري

Gul Hayat Institute

(30)

هِيءَ دل لالَڻُ وِيڙسُ لُٽي،
وِڌسُ باڻَ بروچَ جِي ٻُٽي،
وَرَ ڪڏهن شالَ فقير نہ ڦُٽي،
ڏُنگر ڏُک چَريءَ کي چُٽي،

ڪَيائين ڪيچن منزل ڪُتي،
آنديُس عِشق گهٽيري گُهتي،
متو پيرَ ڪرايون ڪُتي:
•تہ يي ڪين چيئن ڪون چتي،
هَي هَي ڪيو تِي سَا هونگاري.

(31)

وَرَ بَا وِرهہ پياريَس وَتي،
توڙي سسئي سورنَ سَتِي،
تَنهن دل ڏانهن نہ مُحبن مَتِي،
چوکو عشق نہ آهي چَتِي،
سُورن سوز ڪِلڻ ڪَؤن ڪَتِي،
مُحبت کانءُ نہ گهايل گهَتِي،
سسئي سوزَ فِراق جي ڦَتِي،
پائين پَبُ پَتولا پَتِي:
روئي ڦوڙائي جان ڦوهاري.

(32)

لوني لَڪ متي تي لَتِي،
ڊوڙي تيزَ منجهارؤن تَتِي،
محبت مَنِ تنهين جي مَتِي،
وڃي ڪيچ ورهہ سون وَتي،
گهوري گاه گهٽيري گهتِي،
ڏکَ جي چِتِ هنيائونس چَتِي،
روئي ريتِ تنهين سپ رَتِي،
جاٽي پَب سَيو هڪَ پتِي:
عاشِق عِشق منجهؤن چُنگاري.

Gul Hayat Institute

(33)

هَرٽيوُن ڪِيرُ پيارڻ آيس،
ڪِرهَڙَ دانهن ڪري سڀَ ڪانيسَ،
ڪوڪن ساڻ ڇپَر سپ چانئيَس،
ڏُونگر ڏکَ منجهارؤن گهايَس،
چُلنگيون عشقَ ڏکن پُٺ لايَس،
ڳالهيون ڪيچ ڪيچيڙن ڳايَس،
بَر ڪي بِرهون بازرر پايَس:
سَرڙا سپ بلائن نايس:
حِجَر ڳاريَس ساڻ هو ڪاري

(34)

هَي هي هوتُ ڪري وِيس هولي،
تنهن محبت ٻاروچي جِي ٻولي،
ڏونگر حُبَّن پائين ڏولي،
ڪوهيارَل جِي ٻانهي گولي،
ساٿي پَٻ پرينءَ جِي ڦولي،
تَنهن تا جانبَ تان جِند گهولي،
روئي ڪيائين ڇپَر ڇولي،
سَنگ جِي راهه ڪيائونس سولي:
نيندس ڪيچي نالِ قطاري،

(35)

منجهؤن نيهن هنيائين نعرو
سُٽندي سير سڙي ويو سارو
مَن ۾ محبت وِڌس مارو
ڪيائين واري اُتي وارو

Gul Hayat Institute

آندرؤن عشق ڏِنس اوپارو
ڏيئِي مَٿي سَنگ سَرارو
ڪائين مانَ ڏسان ڪوهيارو
محبت زيءَ آهي مُنهن ڪارو:
”سچيڊنا“ ڪو نہ سنياري

(36)

مٿي روهہ چيائين روئي،
هيءَ ڪَلَ ڪوهيارلَ ڏئي ڪرئي،
عاشِق تنهنجي عشق اندوهي،
لڳِي لالَڻ تا لَڙهہ توئي،
توڙؤن سُورَ وِڌائين پوئي،
ساٿِي ٿِيُس ”سچيڊنا“ سوئي،
جانبُ آهيس جِيءَ جو جوئي،
قاِرُ ڳڻُ تنهين سان ڪاري

(37)

هيءَ جا هنيڙي تي حيرانِي،
محبت مادُ ڪئي مَستانِي،
دلبر ڪارڻ هُئي ديواني،
باقِي نِيهُن رهيُس نِيشانِي،
ڪيَڙي فوج فِراق جي فانِي،
ڪِيائين ساهہ سَريُر قرباني،
ڳڏبُس شالَ جَبَل ۾ جانِي،
ٿيندُس رَحم اُتُس رحمانِي:
آئِي هيئؤن نِينهن نغاري

Gul Hayat Institute

(38)

محبت محبوبن جي ماري،
ڪا جا باھ پاروچَلَ ٻاري،
ڏاڍهين ڪيچيئڙن جي ڳاري،
ڪيائين جانِبَ تئَون جِندُ واري،
منجھؤن ذوقَ چيائين زاري،
هيءَ دل آهي سچڙ تئَون واري،
ڪُوڪان ڪوھ ڪري ڪرهياري،
توڙي وِرھ ڪئي وبچاري:
راتيان ڏينهان گھنگھر گھاري

(39)

متي وھ ڏسو سا رَمڪِي،
ڪا جا عِشقَ چَڪايَس چَمڪِي،
ڏسِي سُجَ نہ دم پر ڏمڪي،
محبت مُور نہ ڪامِڻ ڪَمِ ڪِي،
گوندر وِچ گُذاري غَمڪِي،
هاديءَ جانبَ سان نئين جَهمڪِي،
تنهن تان تانگھ نہ تِر هڪُ تَمڪِي،
متس وَچُ وِرھ جي چَمڪِي:
تنهن جي شور وِڏي شوڪاري

(40)

چڙهندي چُنج نہ عاشق اَڙڪِي،
ڪا جا فوجَ مٿائنس ڪڙڪِي،
لڳِي لعلَ پُنيءَ سا لڙڪِي،
لَڳِيس باھ بِرھ جِي ڀڙڪِي،

Gul Hayat Institute

جوهَر جوشَ سَچَڻ جي جَهِڙڪِي،
رنجيءَ روهہ اُتَؤن جا رَڙڪِي،
سارو سَنگُ پيو سَپ سڙڪِي،
ٺَڪرُ سپ پيو تان ٺَڙڪِي:
اهڙو سوز هلِي سينگاري

(41)

جانَبَ ڪاڻِ چڏبائين جايُون،
فوجان عِشقَ اَڳيانئُس آيُون،
ڪلاّن ڪوهَ سَنديَسِ ڳهڪايُون،
سيئي وِرهہ وِساريَس وايَون،
وجي خاڪَ لِڱن کي لايُون،
تنهن جي سوزَ چِپَر سپ چابُون،
روئِي روهِہ ڏنائين رايُون،
پيان پب چڙهي جَن پايون:
اهڙو عشق هَلي اختياري

(42)

چِپَرُ ڪانہ چڏي سا چوري،
جنهن تان گهوٽَ اَتَؤن جِندُ گهوري،
جا ڪِي پورَ پرين جي پوري،
هيڪلَ هوتُ نهاري هوري،
ٻولي تَنِين جنين ٿَر ٿوري،
لُؤن لُؤن قابو لڳيس لوري،
هُئڙس جهورَ برابر جهوري،
تنهِن جي هٿ سچڻ جي ڏوري:
اِنهيءَ ٻَاڻهہ وڏي سا ٻاري

Gul Hayat Institute

(43)

آهي ريءَ عجيب اُپائُون،
اَچي شنلَ ڪوهيارل ڪائُون،
جنهن سان لوحِ لڏيون هُم لائُون،
هَي هَي جَت وني ويا جائُون،
تنهن تان ڏَس پُڇي تِي تائُون،
ننڍڙ هيءَ جا ناڙ نہ نِيائُون،
تنهن جِڙن زِيلان هُت سُيائُون،
هِهڙُس ڏونگَر حال ڏنائُون:
ويچاري تِي تونگِ تنواري

(44)

موتي چاهہ پرينءَ جي چائِي،
تنهن ڪا ڳالهہ محبت جي ڳائِي،
ڇِپر سَپ ڪيائين ڇائِي،
ڏيڍيءَ تِڪ تَنهين جي تائِي،
"ويجهي آيس" هُئڙس وائِي،
روئِي روهہ ڏنائين رائِي،
گهِتِن منجهہ قلم گُهمائِي،
تان تان اوڏي وَسئون آئِي:

Gul Hayat Institute

آيُس مُحبُ اڱيون منهن پاري

(45)

ڪُونجن هَٿ مُڪائين روئِي،
انهن ڏوگهہ منجهارُون ڏيئِي،
سا تان ڪَنِ سَجَڻ جي پيئِي،
اُٿي هليا هوت هَنڌيئِي،

جانبَ جِيءَ گهريا هَسِ جيئِي،
آيس سَجَڻ پارَ سنجهيئِي،
جن جي ڪاڻ ويچاري ويئِي،
وجي ڪيچ اُها ٻَگل پيئِي:
پنهون پِريَن گڏيو غم تاري

(46)

سسئي جامُ پنهون هڪُ هو تان،
ڪامِڻ جانب ٻُوليو جو تان،
ساڳي پاڻ پُنهون هِئي سو تان،
پيچي هيءَ ٻُجهارت ڪو تان،
ڇاجي ڪاڻ ڪرين تِي ووءِ تان،
ڇپَر ٻُولي تَي سا چو تان،
"سچو" دَست دوئِيءَ ڪان ڏه تان،
ساجَنُ ڪيئن صَحِي ڪَيو تو تان:
پَر جي عشق اَچي اوجاري

(47)

آهي "ڪُل شيءٍ" سو هادِي،
"خلَقَ الأشياءَ" ڪَؤن آبادي،
"وَهُوَ عَينُها" تِي آزادي،
واندِي غير ڪَنُون هيءَ وادي،
لَتا شڪَ شُبهُ تِي شادي،
"سِرّي سِرّه" تِي اِمدادي،
جنهن کي سَمجهه تنهين نَي تَعدي
سو ئِي مَرد نه آهي مادي،
سَڀ وچ صورتَ يارَ پياري

Gul Hayat Institute

(48)

پنهنجِي پارَ ڪري تو وائِي،
تنهن تان ڳالهه اها ڳالهائِي،
ڪافر مؤمن صورَتَ سائِي،
انهيءَ رمَز ڏنائين رائِي،
جانب ڏسُ ڏنو هي جائِي،
"فَاَينَمَا تُوَلوّا" آيتَ آئِي،
ٽِيڙو اَجُ بَهانِي پائِي،
اَحمد وحيِ هِڪو هِڪ هئائِي:
"احمد" "اَحد" هُئا اِسراري

(49)

"عَرفتُ رَبِّي بِرَبِّي" آيت آئِي،
نوبت "اَنَاالحَقّ" وڄائِي،
"اَعظَمُ شَانِي" رَمز رلائِي،
ڪَيڙي "لَوُ ڪَشفَ" اُجرائِي،
"يَسمَعُ يُبصِرُ" آهي هِڪڙائِي،
"بِلامِيم اَحمدُ" اِها وائِي،
"اِنّي اَنَااللهُ" آڳاهِي،
هُئڙي صُورت هِڪ سيائِي،
سوئِي بندو سو مولائِي،
سو ئِي هيت سو بالائِي:
عالَمِ اَلله مون اِظهاري،

(50)

ظاهِر سِڄُ تہ سڀ ڪنهن جائِين،
هيءَ يي رَمز تون دل سان لائِين،

Gul Hayat Institute

تون تان آئينو تي آئِين،
پنهنجو پاڻ ئِي ۾ مُنهن پائِين،
”مَين“ کي ڇوڙ تہ ٿِيوين ”سائِين“،
ڀولو مور نہ هن ۾ پائِين،
توکي صَحِي سَچ سُڻائِين،
ڪا شَي ناهي بِنا حق ڪائِين،
”ڪُلُ شَيءِ ناطقءَ بالحق“ڳالهہ اِهائي ڳالهائين:
هَر جا پاڻ غَنِي گُفتاري

Gul Hayat Institute

# نوري

## داستان پهريون

(1)

تون سَمو سردارُ آءٌ ميئي مهاڻي آهيان،
تنهنجيءَ شفقت مِهر جو آهي ڪونہ شُمارُ؛
گنديءَ گاندَر گهر ڪان، ڪيو ساري عالم عارُ،
مٿي ٿنهن مَدارُ تو ساريءَ ڪينجهر رکيو.

(2)

تون سَمو سائين، آءٌ ميئي مُهاڻي آهيان؛
مون لَڄ رهائين، جو پَليءِ لڳيس تانهنجي.

(3)

آءٌ ميئي مُهاڻِي، تون سَمو ساري سَر جو،
قرب منهنجو ڪهڙو چاڻيو تو چاڻِي؛
ڪاري سر ڪنيم تي، ڇڇيءَ ڪِڪيءَ هاڻِي؛
راجا تنهنجي راڻ سان، ٿيس راڻِن جي راڻِي؛
تو سَما سِيباڻِي، نہ تہ هيس بيهودي بڇڙي

(4)

ڪلسا ڪلوري، ڪِنَ ڪالورا ڪينجهرين؛
پيهي وجي پَن ۾، ڳَنِ ٻڪين ٻوريءَ
روز تِني کي راوَ ڏنهن، ٿيا چانور آئون چُوريءَ
جي هيون اڌو ٻَنڌ ۾، سي ڪن ڪپڙا قصوريءَ
هيٺ مَٿي ٿَن تي، ڍڪيون سالان سموريءَ
واسِيا وٿَن ويَس ۾، هُيَن کُهنبيءِ ڪَٿُوريءَ

Gul Hayat Institute

چڇيءَ ڪِڪيءَ تارِ جي، سي آپر عَطوريءَ
ٿِي مُلڪين مشهوري، سَمي جي سُهاڳ جِي.

(5)

پيرَ آئون مُنهن نِيرا، پاٽيءَ پوندا جَنِ هئا؛
سي اڄ ٻڌيو وتن سِرَ تي، چاهه منجهؤن چِيرا؛
ماڻِڪَ موتي مُنهَن تي، هٿ تَنهين هِيرا؛
ڪاتَ سيبيئي ڪِيرا، سُگهَڙَ سَمي جامَ جا.

(6)

وَهين وَهل لَپيُون، تي پيٽ پاريا تن پانهنجا؛
ڏنيون ڏُٿ ڏُپ جون، تي جهپَيرن جَهپيُون؛
ڪِڪيءَ خاطِر ڏُپيريون، ڏُبن منجهه ڏُپيوُن؛
جي ڪائِن ٻَبرِ پَپيون، سي چُوريءَ تي چَريون ٿيون.

(7)

جي جهاڳيون وتَن جَهاڳَ، ميئون ڪارڻِ قوتَ جي؛
سي اعليٰ درجي آنديون، سَمي جي سُهاڳَ؛
مَنچر مَها وچ ۾، ڪَن رنگيليون راڳَ؛
هُئا حال جنين جا هِهڙا، تن تي پلي ڪيا پاڳَ؛
ڪينجهُر بن ڪنڌين جِي، تي هٿ اُنهن جي واڳَ؛
هِيرا ۽ ياقوت پيا، اَڄ اُنهن وٽ اَجهاڳَ؛
پيا پِي لَکين لاڳَ، تنهن ڏُلين کي ڏيئي ڇڏيا.

(8)

بيحد پکوڙيون، هُين ڏوِلِ نه ڪنهن ڏوندبون؛
ناپي ڏُٿ آئون ڏُپَ جون، ڪن خرارين کوڙيون؛
ٻُوريءَ ڦرها ڦَريون، اڄن ملاحيون موڙيون؛
جوڙون سپ جوڙيون، جامَ تماچيءَ تن جون.

Gul Hayat Institute

(9)

ڏولِ نہ ڪنهن ڏونديون، پَر هُيون سَمي جي سهاڳَ تي؛
ڪينجهر سنديَ ڪنڌئين، ڳَنَ توريون آئون تونديون؛
چِڪَ جيهون چونديون، تو چام وهاري وَٽِ ۾.

(10)

هُيون لڳين ليڙيون، مُنهن نہ موچاريون؛
سي تو جام وهاري وَٽِ ۾، ڪري ملاحن ميڙيون؛
تو پڳيون جوڙائي ڏئي، ٻهڳڻ تَن ٻيڙيون؛
ونن ماڻڪ موتئين، تنهن ڪؤن جهپيون ۽ جهيڙيون؛
توڙي اِهڙيون اَويڙيون، تہ پي سَمي جام سُهاڻِيون.

(11)

جَن تي پاليا پيٽَ، ڳمنَ ڪالورَن سان؛
سي تا تيل ڦليلَ سان، تيون مَلائِن ميٽَ؛
چام جواهِر جي ڪري، تو اُنهن پارِ اُميٽ؛
ڪَئي لاڪيٽي ليٽَ، سَمي مير مُهاڻَن ڏي

(12)

هٿا وڏا جَن تي وِيلَ، تي ٿوت مِلِين ڪين ڪِي؛
خاصين سي خوراڪن تي، تان ڳَن مُهاڻيون ميلَ؛
مِڙي جُهڙي پاڻ ۾، ڪن سيلابين سيلَ؛
پوءِ لاٿا جام لُطف سان، زبونن تَوَن ذيلَ؛
تن سي تيلَ ڦُليلَ، اَج عطر گاڏڙَ اوتيا.

(13)

جَنهين آڏوبنڌِ، هُئي عُمر سَپائِي اِهڙي؛
سي سَمي جي سهاڳ تي، آيون ڏاڍي آنڌِ؛
تنين جي طولان جيون، پيون هاڪان هنڌوهنڌِ؛

Gul Hayat Institute

ڏُليون ڏوليين چڙهيون، پيرين پَوَن نہ پنڌِ؛
سَڀ آنداميِن سَنڌِ، جَڙيون جواهِر ۾.

(14)

چوليون جَن چِڪِ هُيون، اَج تيون لالين لائُون
جُتيون جَڙائُون پايون وتَن پيرَ ۾.

(15)

نوريءَ نادر جامَ کي، ڪي چَکايون چاتيون؛
تنهن کي ڏسڻ سان ڏياريون، ڪنهن قِڪَل قيراتيون؛
وتان سو واتيون، تو ڏئي ڏهاڙي اُن کي.

(16)

هون مَڪَ هِڪَ ترارُ، چار تُرارا موتِئين؛
تنهن برابر نہ ڏيان، توڙي ڏين جال جَوهارُ؛
جو پَلءِ پيڙو ههڙو مهاڻيءَ مٿيارُ؛
تنهين مَرُ ڪينجهرَ يِرِ قرارُ، جنهن چارو چام ڳُلهي کنيو.

(17)

تارازيءَ جِي توري، مَڪ موتِن تي نہ ڏيان؛
بيٺا تيٺا نہ وٺان، توري نہ توري؛
گهوري آءُ گهوري، جو چارو چام ڳُلهي کنيو.

(18)

مَڪ برابر نہ ڪريان، ماڻِڪَ موتِن سارُ؛
سَمو چام سُجاڻُ، جنهن چارو چام ڳُلهي کيو.

Gul Hayat Institute

# داستان ٻيو

(1)

مَٽي جَن مُوڙا، هئا چاربن گندئين گودڙئين،
بئنسر بئينان زر جا، تن جهاپا آئون جُهوڙا؛
جَن ٻانهين ڪُلهين ڪِين هو تَن چُوڙ تائين چوڙا؛
سمي جي سهاڳ سان، تن ننگن نپوڙا؛
ڪوڙيون ۽ ڪوڙا، سچا سمي سيپ ڪيا.

(2)

رنگ ڪاري رُوبون، هيون مڙني مَلاحَن جِون؛
سي ڪنيون ڪارَن ۾ آچن، دَرا ۽ دُوبون؛
جِت بيحد بدبُوبون، اُت الله عطر اوتيا.

(3)

هڪ دَرا ٻي دُوءِ، پيون گوجان مارنِ گانگَٽيون؛
تَن سون ڪِڪيءَ جِي آچي، برابر بدبوءِ؛
اچي مُشڪ عطر جي، آج منجهانئن خوشبوءِ؛
رنگ سوني جِيءَ رُوءِ، صورت انهين سُوهڻي.

(4)

منهن مِٽيءَ ميريون هيون، بيهوديون بڇڙيون؛
گِهڻ گِهڻ نوريءَ گِهنگِرو، ڇمِ ڇمِ ٿيون ڇيريُون؛
سمي پاڻ سهاڳ ڏئي، هِي جي هُنَ هيريون؛
لوهاٽيون لوريون، پارسَ لڳي سون ٿيون.

Gul Hayat Institute

(5)

پارس لڳي سون ٿيون، لُوهاٽيون لوريون؛
جَهلَ جُهڳن کي کانءَ کا، وَريون ۽ ويريون؛
مَحلين رَهن مَير جي، مهاٽيون ميريون؛
سمي ڏنا سُهاڳ کي، سَهجَ ۽ سيريون؛
کوجهِن مان سهٽيون ٿيون، جهٽ پَٽ جَهپيريون؛
تماچيءَ تيريون، ڪينجهر جون ڪِنيون ڪٽِي.

(6)

مُنهن مِٺيءَ ميرا، هئا بيهودا بڇڙا،
سمي جي سهاڳ تي، ٿيا گاندَر گُنيرا؛
ڏسو ڏهاڙي ڏئي، تو در تنين ديرا؛
ساجُهر سويرا، تا کائِن طعام خوشيءَ سان.

(7)

ٽَرڪو جَن ٽريون، پيا ڪونئر ڪُڙهيون ڪِچ ۾؛
ٽَن اَج لَڙهان لَٽِڪن موتئين، پيون سنديون سون سريون؛
زيور آئون پازيب، پئا، زريبان زريون؛
ڪينجهر هئي پِريون اُنهن کي انعام ٿيون.

(8)

جَنين ڏُوءِ دَرا، ڪَچين ڪُمَ ۾ ڪُوٽيون؛
سي مٺي پيرين بَرهنه، هئا گاندرَ سَپُ گرا؛
اُهي پاهان پاڻ پَرا، ٿيا سَمي جي سُهاڳ سان.

(9)

جي ڪونئر پَرن ڪُمَ، تن ناتو ناپي سان هئو؛
تَرِن جا تن تار ۾، ٿي رَوان ڪِيا رُمَ؛
پوءِ اچي تماچِيءَ جام جي، پئي در تنين جي ڏُمَ؛
جي هئا گوشائت گُمَ، سي پَلءِ لڳي پَڌرا ٿيا.

Gul Hayat Institute

(10)

بِهہَ ڏوڏا جَن ڏاڄُ، ڌوت جنين ڪُمَر ڪوٽيون،
انهن جو اَحتياج، ٿو تماچي ڪيڏو ڪڍي.

(11)

نہ ڪنهن رُوء نہ رنگ، هئا بيهودا بُڇڙا،
اڄ پڻ انهن جي ٿيا پيرن هيٺ پَلنگ
مِياٽيون معافي ٿيون، نہ اَبوابَ نہ اَنگہَ
پَٽُ اوڍين اَڙبنگ، سي سَمي جي سُهاڳ تي.

(12)

پوءِ ڪِيُون لَس پَلا، ٿي مُهاڻن ماريا،
لَکَ هزارين حاڪمين، ٿي ڪاڏا تن ڪَلا،
ڪُڙهِيون جن ڪَنڌن تي، سي ٿيا لڳي ياڳ پَلا،
دمڙي ٿَن نہ دَستَ ۾، هَئا نهريَل ڪين ٽَلا،
اَڄ مَيئن جي گهر مالَ جا، ٿيا ٿَمَ ٿَلا،
پَر هُيڙي اکڙين ۾، ڪا جا مِيي ڪَلا،
ڪينجُهر گُهمن لاڏڪِيون، ڪَيون رَس رَلا،
اَڳلا جي سَگلا، سَمي نانوَ سُجاڻيا.

(13)

حَريران ۽ حُلا ڏنا جامہ تہ جارِن وارئين،
جي هيون اَڏوبنڌن ۾، تَن چوٽِيون چُوڪُلا،
ڪينجُهر سَنديءَ جاءِ تي، تن بنايا بَنگلا،
اَڳلا جي سگلا، تا سَمي نانو سُجاڻيا.

(14)

ڪينجُهر سنديءَ ڪَنڌئين، رهن پريون جي پيُور،
تن ميئن مٿي آئيا، سالو ۽ سالُور،

Gul Hayat Institute

چڙهيو سا چَوڏول ۾، تي حُڪم هلائي حُور،
راتو ڏينهان راءَ جا، ٿيا مَلاحين مَذڪور،
سي حاضر منجهه حضور، وهن تماچِيءَ جامَ جي.

(15)

تون سَمو سرتاجُ، آءٌ ميئي مُهاٽي آهيان،
لاٿُئي پنهنجي لُطفَ سان، اسان ڪؤن اَحتياجُ،
ڪينجهر سارو تو ڪيو مون ميَي سندو محتاجُ،
تنهنجو مون ڏنهن راج، مون ڪيهي ڪانڍ ڪُڙم جِي.

(16)

لانگوتيون لاشون هيون وَهَم وَهَلَ جي وچ ۾،
سي پَلءِ لڳي پوءِ جامَ جي، ٿيون خوراڪين خاشيون،
لَعلَن ياقوتن جون، وَتن ڪِينهن ڪماشيون،
جن پاسا هِريل پَنِ تي، تَن فرشين فَراشون،
تا پِي تماچيءَ کي، ڪن طرحين تلاشون،
روءِ هيون راشون، پر سمي جام سُهاٽيون.

(17)

هنا خامَ خسِيس، ڪينجهُر سنديءَ ڪنڌئين،
سي مورائو مَڇيءَ جا، هَمه ڪُلّ حَريصَ،
تڏيون تنوُريون تن کي، پاٽاريون سپ پِيسَ،
جڏهن ٿِي تماچيءَ جِي، ميئَن سان مجليسَ،
سي سون رُبي سرسا ٿيا، لٿن هڪيئي جي هيسَ،
واتين ڪري تو اُن جِي، هر هر جامُ حديثَ،
مهر آئون شفقت جي، ڏئي اُنهن کي آسِيسَ،
تَن سان ڪير ڪريندو ريسَ، جي سَمي جام سُهاٽيون.

Gul Hayat Institute

(18)

جن واتين وَهُہ وهَلَ، بانس آئِي ٿي ٻُڇڙي؛
تَن ويهاري وَٽِ ۾، ڪيا شاهہ شُغل؛
اُهي چڙهيا پالڪئين، آهي سَپ سَهَل؛
جتي جَهيرن جهوپڙيون، ٿيا ماڙيون تِتِ مَحَل؛
سمو ڄامُ اَنگَل، آچيو اُنهن سان ڳري.

(19)

ڇڇيءَ ڄِي هُئي ڇَٽَ، ٿي آئِي عام خلق کي؛
وَهِہ وڃائي وَهَہ ۾، ميئي مڃائي نہ مَٽَ؛
نورِي ڄام تماچيءَ سان، کِلي چڙهِي هُئي کَٽَ؛
سرلاچو سَرپَٽَ، مَلاحِڻ مَشرو ڏِڪيا.

(20)

جنِين ڦاتوڙيون هيون، گنديون گودڙيُون؛
تَن پيريون بافتن جيُون، جُنگ ڏٿِي جوڙيُون؛
اُڇيلو اُنهن ڏي وڃهي، سون رُپو روڙيُون؛
پانوَ پاسي ميي جي، ڦَناتان کوڙيُون؛
گهوڙا ۽ گهوڙيون، ٿو وينو ڏيهاڙيُون ڏٿي.

Gul Hayat Institute

# داستان ٿيون

(1)

نوريءَ ڪيو نازُ ٿِي ربجهائي راوَ ڪي؛
نِت نِت جام نيازُ تو اَچيو اُنهن جو ڪري.

(2)

تون تماچي جامُ آءُ مِيئي مُهاڻِي آهيان؛
ڏنو تو آرامُ ڪينجهر ۾ ڪنڌيُن ڪي.

(3)

تنبؤَ جي طنَاب، اڄ ڪُتي ڪينجهر ڪنڌئين؛
ناد وڄن ٿا نادِري، ٻيا پِي رودَ رَبابَ؛
جِتي ڪِڪيءَ ڪوڙَ هئا، قيمات تِت ڪبابَ؛
وَتن مُهاڻا مستَ ٿيا، ماڇي ٻي مهابَ؛
تَن ٿَوَن سڀ حسابَ، موراڻِين معاف ٿيا.

(4)

پَلَءِ مون پاتوءِ، تون راجا لَڄَ رَهائيين؛
سَما سُڃاتوءِ، ڪاملَ پنهنجي قُرب ڪي.

(5)

ڏُٺُ جَنين ڏوڏا، ڀهرڻ پاٻوڙا ٿَنين؛
پيڻا وَڄن تن جا، گَپَ اندر گوڏا؛
سو پَٽَن جي پِينگهُن ۾، تن لالَ ڏئي لوڏا؛
اُهي آٽيون اوڏا، تو وير وهاري وَٽ ۾.

Gul Hayat Institute

(6)

ڪوجهيون رنگ ڪاريون، منهن نہ موچاريون اُهي؛
سي ڪڍيو ڪالورن ڄيون. سر ڪَٽَن ڪاريون؛
ڪيئي ڪٽي اُن جيون، ٿو تماچي آريون؛
سي اَڄ شالون ڍڪِن سِرَ تي، ڳُلهين ڳِيناريون؛
زور چڙي زاريون، ٿو تماچي ٿَنِ کي ڪري

(7)

لاڏ ڪيون لاڏ لُڏَن، ڪينجهر سنديءَ ڳنڍئين؛
ڪاريون ٿِيون ڪُڏَن، سَمي جي سهاڳ تي.

(8)

ڏُلين کي ڏولئين، جام تماچيءَ چاڙهيو؛
لَعلان زمردَ ٿن ڏئي، ٿو جواهِر جهولئين؛
زريءَ ڳلاباتَ جا، ٿَن ڇڪم تي چولئين؛
چِٽڪائي چولئين، هيرا لَکان لَکنئين.

(9)

هٿا لانگوٽِيا لُول، ڪوجها ڪنهين نہ ڪم جا؛
تَڏي مَڏي ڪانَ ٿن، سي ڳن جَهروڪين جُهولَ،
فَرشَ فُروشَ اَئون غاليچا، ٿو ڏئي ٿَنين کي ڦُولَ؛
مَڏيون مال ڏسي اُهي، غمزا هٿن غُولَ؛
قَدرُ ٿَن کي کهڙو، جي آهن اولَ جَلولَ؛
پيا اِهڙي منجهہ اَلولَ، تِنِ چاريون چار وسايا.

(10)

ڪؤنئر جَن ڪُڙهيون، هُيون هميشہ هٿ ۾؛
سي لوڙهن جي لَڙهہ لاءِ، ٿي لُڙئي منجهہ لُڙهيون؛
جُهگِن جَهل نہ اُن جي، ڪونتلَن ڪُڙهيون؛
کي وَٿَن ڇيڪ ڇُڙهيون، کي تازي طَويلن ۾.

Gul Hayat Institute

(11)

هُيون لَسَ لانگوٽيون، پاٽيءَ پوندي جن جيُون؛
تَن مِياٽيون معافِي ٿيون، ٻِي ڄَر سَيا ڄوٽيُون،
اُن جون ڪٽي ڪيتريون، ڄام سَمو توٽيُون؛
جوِ ميئون ربجهائي راوَ ڪي، ماڻن سان موٽيون؛
ڪَريون جي ڪوٽيون، تہ پِي پيون پلئہ ڄامَ جي.

(12)

تي پُڻ هُوءِ هُپيون، پورهيو ڪَندي پَن ۾؛
لَيڙَ نہ جن لِڳن تي ٻاهين ڪنَين ٻُٽيون؛
پَلئہ نَڳِي پوءِ ڄامَ جي، ڇِيهن ڪانءُ ڇُٽيون؛
اُنهن لانگوٽِنِ لُٽيون، تي مُهران لَعلان لاڏَ سين.

(13)

بيهودا بي آب هئا، اڳي ڪينجُهرَ ڪنڌئين؛
پَلئہ لڳي پوءِ ڄام جي، ٿيا تنهن جا جوڙَ جوابَ؛
بِيا سَڀِ حرفَ حسابَ، مَلاحَن معافِي ٿيا.

(14)

پيرين اُگهاڙي جي گُهميون، تن لڳيون سَوَ سُتيون؛
ساڻ جڙاوَ جُتيون، تي ڏنيون تماچيءَ تن کي.

(15)

Gul Hayat Institute

مُهاڻيءَ مَرڪُ، ڄان تماچي طُريلُ ٿيو؛
مَٿي ميَي گلابَ جو، ٿو اوٿي پاڻ عرقُ؛
ڪيائين ڪونہ فَرَقُ، پاڻُ گڏيائين گاندرين.

(16)

ڄَنِ مَون بُڇِڙي باسَ، آئِي تي عامَ کي؛
تن سان سَمي ڄامَ جا، ٿيا ايڏائي اِخلاصَ؛

ٿي عامَ نہ ڏنو جن ڏي، سي ٿيا خاصاً خاصُ؛
عطر عَنبير ڪچور جا، اُهي وَڳين ڏين واسَ؛
لَڪين ڪن لباسَ، زريءَ اَئون زَربافَ جا.

(17)

تون سمو سُلطان، آءٔ ميئي مهاڻي آهيان؛
تون مون ڏنُهن مِهربانُ، مون ڪيهي ڪاڻ ڪُڙم جِي.

(18)

ڪَڏيو ڪالوڙا، ٿي آندئون اَڏوبَنڌَ ۾؛
جن پيرين لِتَر ڪونہ هو سي ڪن جڙائو جوڙا؛
تن مُهران سون سَمو ڏئي، ٻيا رُپي جا روڙا؛
ڏينهن ۾ ڏوڙا، ٿئا سَمي جي سُهاڳَ سان.

(19)

ٿِي لانگوٽِين لوڙ پِيو ڏوبو ساريءَ ڏِنڌَ ۾؛
ناپي ۾ ڏُٿ ڏَپَ جا، آٽيو ڪَنِ اَروڙَ؛
تنتي مُشڪ عطر ٿيا، هٿا جِتِ ڪِڪيءَ جا ڪوڙَ؛
سي ڪن ڪِينارئين ڪپڙا، ٻيا جواهِرَ جوڙَ؛
مَٿي ٻَنڌي موڙ گِهڙيو تماچي تَن ۾.

Gul Hayat Institute

# داستان چوٿون

(1)

مَڪَ برابر نہ ڏيان، توڙي پَرين موتئين مارِ؛
جو مون ڪميٽيءَ ڪاڻ، چارو جامَ ڪُلهي ڪنيو.

(2)

جامَ ڪنيو چارو مُرڪي مَلاحن جو،
تيلهان مَڪَ مٿي موتِن جي، ڏيان تِيٽو ٽُرارو،
سڀ ڪينجهُر ڪنارو مُهاڻن معافي ٿيو.

(3)

موتي مٿي مَڪَ جي، وٺان نہ بِيٺا،
پِي برابر نہ ڪريان، جي بيٺا ڪِي تِيٺا،
اَسين تا هِيٺا، پَر چارو جام ڪُلهي ڪنيو.

(4)

مَڪَ موتين تي نہ ڏيان، توڙي هُئن پاتون پاتِ،
ڪوجهِي مان ڪَمِ ذات، پَر چارو جامَ ڪُلهي ڪنيو.

(5)

هئا تولاڪين توٽَ، پر نادر جام نوازيا،
جَن ناپا لوڙهہ ڪَلور پيا، تي ٿَڪيائون ٿوٽَ،
سي اڄ ڪِيا وَٽَن خمارَ ۾، اَنئِي پَهَر آلوٽَ،
ڏِينجهُر پِن ڪنڌُين ۾، ٿيا لانگوٽيا لَڪ لوٽَ،
پِينگهين آئون سُک آسَٽين، ڳَن جَهپِيرا جُهوٽَ،
هِڪُ ڪُلهين ڪونئر سئيل ڳَن، پيا منهن لائِن منهن سُوٽ،
ڇِڇيءَ هاٽن چوٽَ، ڪيون مَرد مِياٽيون.

Gul Hayat Institute

(6)

جن تي ڦَڪيا ڦُٽ، ٽيا ڪُلين ڦيمَن هيروان؛
اَج تَن دُشالا سِرَ تي، پيون شالون ٻنڌَن ٻُٽَ؛
زمرد آئون ياقوت جِي، ٽي لَعلين هيرين لُٽَ؛
سَمي سپ معافِي ڪيِّي، تَن ساٽِن تان سَٽ ڪُٽ؛
لَٽا ڏِيل اُنهن ٽون، ٻي ڪُلَي ٽِين ڇَر ڇُٽَ؛
عيبَ ڏسِي عامَن جا، ڪيائين ڪان اُپَٽ؛
اُنهن جامُ اکُٽَ، موتي ماٽِڪ ٽو ڏئي.

(7)

هيٺ مٿي پوتِي، هئي ماڳين مهاٽِن کي؛
پاٽيءَ پوندي تَن هُئي، ڇِڪَ جيهِي چوتِي؛
اَج گاندر سِر گلابَ جي، ٻي عطر عنبر اوتِي؛
مُنهن لَڳُس موتِي، تان جهولي ٽِي جواهِرَ م.

(8)

جارو جام ڪٽي، ٽو مُرڪيو مَلاحن جو؛
زريءَ آئون زرباد لَئي، ٽِي ڇُڳير ڇِٽَي؛
سَهجَون سون رُپا ڏِئي، ماٽِڪَ مِيي مَٽَي؛
خِيما خوب قناتان، هيجَون ٽِت هَٽَي؛
ٻاٽاني نہ ٻَٽي، ڏي جالَ جواهرَ ٽَنِ کي.

(9)

تماچِي ڦُرا، ٽو سڏيون ٻڌائي اُن کي؛
سي شوق وَٽَن شِڪار تي، ڪنيون زور زُرا؛
ڪُڏائِين ڪُرا سي ٻنهي ڪِينجهر ڪَنڌئين.

Gul Hayat Institute

(10)

راتو ڏينهان ڏِٻِ، هو مَرَڪُ مَلاحن جو
ٿي ٻوڙٻون وَهَہ وَهل ۾، ڪئِي جَهيرن جهِبَ؛
هو روز جَنين جي رپَ. سي اَڄ ڪُلين حلون هيروان.

(11)

مُهاڻِيءَ جي من ۾، نہ هو گِيرَبُ گاءُ؛
نيڻن سان نازَ ڪري، ريجهايائين راءُ؛
سَمو سَينِي ڪانءُ، وني وَٺي پاڻ سان.

(12)

پَلئي لڳي آهيان، آهيان اَياڻي،
سمي سُڄاڻِي، ڄارو ڄارو ڪُلهي ڪنيو.

(13)

هُئِي وٺي بازر وچ ۾، هُئا هٿ ڪِڪِيءَ هاڻَس؛
دَرَن ڪاڻ دُٻَن ۾، ٿي ٻَنَ وِڏا پاڻَسِ؛
هُئي مُهاڻِي ماڻَسِ، پر هِن سان ڳَرم ڳَريم ڪيو.

(14)

ٻيون ٻِي چار چُري هَليون، ٻُڌي دعوا داناٻُون:
”هلي تہ ڪِڪِيءِ ڪوڙ سان، ڳِچ ڪِي ڳالهايُون؛
مضمون چا هي مَلاح جو جنهن سان راءَ ڪٽي رايُون!“
نوريءَ اَڳِيون نازَ مون، جڏهن چِٽِ اکيون چايُون؛
تڏهِن سُهمجي سايون، ٻوليندبون ٻاتِيون ٿيُون.

(15)

لَتو لانگوتين جي، پَکي ڄامُ ڄْلِي؛
مَنهن مَنَهِن پيون مَسندان جُهڳي پاس جُهلِي؛
ماڻِڪَ ءِ موتئين، چولي چولِ چُلِي؛
ڪِينجهُر سپ ڪُلِي، جَڻ اَصليءَ ڪَوُن اَهڙو هئو.

Gul Hayat Institute

# مارئي

## داستان پهريون

(1)

ساريَم اَج سَنگهارَ، جن ڏني مون ڏينهن ٿيا؛
سي لَڪَ لَنگهي پيهِي ويا، پانورَ منجهه پَنهوار؛
هَٽِي وينا پَڪڙا، هُتِ سُکِ ٿي اُجَڙوارَ؛
جنَ جي ساهه سنڀارَ، سي اَج پَنهوارَ پَري ٿِيا.

(2)

پَنهوارن پيغامَ جيڪَر مُڪا تَڏهين،
پَر مون ڪان اَج پَري ٿيا، وِيڙهيچا ورِيامَ؛
تيلهان مون ڏي نه آيا، ڏنهن سنگهارَن سلامَ؛
هئا ملير مُدامَ، پر ڪو سانگِن اَچي سانگُ پيو.

(3)

تڏهن مُڪئون جيڪَر، مون ڏي خاصا خابَرو،
لَهَڻ سُڌِ سَنگهارِ جِي، نَڪو پانڌي پَنيائون؛
پَرَ پَري شايد پنهوارَ ويا، جو سُڌ نه لَڌائون؛
پَڪا پانوَر ڳنڌئين، نئين هيجؤن هَنيائُون؛
ڇڏي مُلڪ ملير ويا، هُن ٿَرِ تيلهائُون؛
ائين اُنائُون، ته هِت ڏَرُ ڏريجو ناهه ڪو.

(4)

ڪڏهين ڏيهه ڏنامِ، ٿي ساعَتَ ساعَتَ سومرا!
مارو ڪالهه ملير ۾، پَر پَري اَج پيامِ؛

Gul Hayat Institute

آهِن ڪِينَ اُنهن ريءَ، اَڪڙين ۾ آرامَ؛
سَدا وتن سِڪنديون، پَر سانيڻ سُوَر ٿيامِ؛
سي پُڻ ڪيڻ وِيامِ، جَن سان ڳَرهيمِ ڳالهڙيون.

(5)

جي هوند اُتيئي، هئا ماروئڙا ملير ۾،
سُڌ لَڌائون سِگهڙي، حال ٻُڌي هيِئي؛
پَر ٿَر چڙهي ويئي، جيڪُسِ وَسئن ويڙهيچن جي.

(6)

آجا ڪالهُون ڪالهَ، هُيس مارن گڏ ملير ۾؛
سي ڏينهن وِيڙا گذري، جَڻ منجهه خوابَ خيالَ،
اڄ پرئين ڪنڌئين پکڙا، جوڙي وينا جالَ؛
جن جي ساهَ سنڀال، سي اڄ پنهوارَ پري ٿِيا.

(7)

هِيءَ وَس چِڏيائون، هُن وَسِ ويا واهَڻِين؛
پَکا پانورَ ڪَنڌئين، نَئين عُمَر اَڏيائُون؛
پَٽي اوريان پَکڙا، وڃي هُنَ ٿَر هَنيائُون؛
پانوَرَ سَنديون ڪَنڌيون، وڃي اُتي واسيائُون؛
ڇڏي مُلڪ ملير جو، ويا ٿَريچا تائُون،
اُڪنڊ جن آئون، سي اَڄ پنهوارَ پَري ٿيا.

(8)

ٿيا پنهوارَ پري، آءُ ڪِنِ ڪي ڏوراپا ڏيان؟
اُنهن پاجهوُن مارُئي، تِي مِيان هِت مَريو
نئين قَبرَ ڪَري، ڪو اوڏي اباڻَن ڪي.

Gul Hayat Institute

(9)

جي پيڪَن پوءِ پيامِ، سي تا ڏکيا ڏينهڙا؛
هِيئن نہ پائڻُ ڪا هُيَمِ، تا ڪي هيئن ڪندامِ؛
پَرَ وڃِي ٿرِ ٿيام، سي سُڌ لَهندڙ سومرا!

(10)

پري ڏينهن پيانِ، جيڪُس سانگِن ڪو سانگُ پيو؛
پکا پانورَ ڪَنڏئين، ٿرؤن ڏور ٿيان؛
هوند ڏورايا ڏيان، پَرَ پَنهوار پري ٿيا!

(11)

پَري ٿيم پنهوارَ جَن وري وَرَڻُ نہ ٿيو؛
ڏيان ڏورايا ڪَن ڪي، ٿيا سِهج ڪاڻِ سنگهارَ؛
عُمَر اُبائون اَهِ مون، جو دم ٿَنهنئون ڏارَ؛
اُهي اُجَڙوارَ، مانَ مَلائي مُون ڏٽِي!

(12)

پَرئين ٿَر پنهوارَ جيڪُس وڏو وِڇڻُ ڪري ويا؛
ڪڏهن ايندم اوڏڙا، سومرا سنگهارَ؛
رڻُ چِڏي ريدار، مَن ڪَرن مهڙ ملير ڏي!

(13)

Gul Hayat Institute

پانورَ پاس پيا، وڏا ڏوٿِن ڏينهَڙا؛
ٿانهر وڃي ٿَرَ ۾، ٿَريچا ٿيا؛
لنگهي ملڪ مَلير جو ويڙهيچا ويا؛
عُمَر ايڏي پَنڌ تي، ڪنهِين سانگ نيا؛
قادر شال ڪِيا، مون کي ويجها واهَڻِين!

(14)

آتم سارَ سَندين، پَرَ اَڄ پنهوار پَري ٿِيا؛
مشڪل موٽڻ تَن جو جي هي لَڪَ لنگهين؛
وري هيج ورين، جي سانگين ڪو سانگ پيو.

(15)

جي لوبُون ڍَڪي لوءِ، ڪڏهن اِيندا ها آجڙي؛
اَڄ هٽي پَڪا پانورين، عُمَر وينا اوءِ؛
تَن پنهوارن پوءِ، موتي اَچڻ نہ ٿيو.

(16)

جي هُوند اُنهين جاءِ، هئا اَباڻا اوڏڙا،
تہ هِنئُون اَڳي وَس ڪِيا، تَن منهنجي اَچڻ لاءِ؛
پَرَ اَتَن عِتاب نہ آءِ، جي توري ٿَر چَڙهِي ويا.

(17)

جي اوڏا هوند هيام، ماروئڙا ملير ۾؛
تہ پڻ پيغام فراق جا، مارُن ڏنهُن مُڪامِ؛
پَرَ پَرئين ٿَرِ ٿيامِ، ناهِ عِتاب اُنهن تي.

(18)

لنگهي مُلڪ مَلِير جو ويا پَرئين ڏيهہ پنهوار،
تَن موتي اَچڻ جي نہ ڪَئي، اَي سومرا سردار؛
هاٽي سارِيو هِتِ سَنگهار، بَڄَ هِنيانءَ بَريو پون.

(19)

چاهُون چَڏيائون، نہ چاٽان مُلڪ ملير جو،
پَڪا پانوَرَ ڪَنڌئين، نَئِين عُمَر آڏيائون؛
اَنَئِي پَهَر اُباڙِڪِي، اُنهِن ري آئون؛
ڪو موتي ڪائُون، مَنَ ماٽهو مُلڪَ ملير جو!

Gul Hayat Institute

(20)

اَج نہ حوضين هُوءِ، مارو نانهِ ملير ۾؛
ايندا هئا اَجڙي، ڪَليُون ڪَنيو ڪُوهہ؛
جيڪُس مِيان پرَ جُوءِ، اُهي وِيا وِيچارا واهَڻين.

(21)

عُمَر اَباڻي پارَ جي، فانِي ڪَيَس فِراق؛
جي هُئا ريجاڻين رَهاڪَ، تَنِ ٿَرِ وِجي ٿاٽا ڪيا.

(22)

ٿي گَڏ ڪَيُم گُذرانُ، جَنِين جهانگِيئَڙن سان؛
ڪاٿي اَج اُهي ٿِيا، سومرا سُڄاڻُ؛
ڪاٿي پيس آءُ اَچي، آهِہ اِهوئِي اَرمانُ؛
حَيرتَ ۾ حيرانُ، آءُ اِنهينءَ تان آهيان!

(23)

مُون جاليو سان جَنِ، موٽِي تَن نہ پُڇيو؛
حالَ هِنَ جون خَبران، پيون هُوندن ڪَنِ؛
پَکا پانوَرَ ڪنڌئين، توڙ هنيان اَج تَنَ؛
ڏيان ڏوراپا ڪَنِ، جو سَنگهار ئِي ساٿيهہ ٿيا.

(24)

جيڪُس سَنگهارَنِ، اُهو ڏيهہ وِڻي وِيو؛
وري هيج وَرَن، جي سانگِنِ ڪو سانگُ پيو.

(25)

جيڪُس سَنگهارَن، وري وَرَڻ نہ ٿيو؛
عُمَر اَباڻَن، هُو اَج ڏيهہ وِڻي وَيو.

Gul Hayat Institute

(26)

وبجهائِيءَ لَئہ وِجهُلان، سَنديءَ اَباڻَن؛
اُهي هميشہ هُئن، جي سُڌ لَهن سڀ حالَ جِي.

(27)

ڏينهن اُتي جا ڪي، اَڄ اَچي مون ياد پيا؛
ڀَهُون پنهوران جون، صبح ويلي سي؛
اُٺيا اَچن آبَ لاءِ، مٿي اَنهہ اُهي؛
هئا اُڏلَ جهانگِي جي، تَن سانگن ڪو سانگِ پيو.

(28)

آريُون اَباڻَن ري، ٻِئا تان ڪٽندم ڪير؟
هي جي ڳَهَہ ڳِچيءَ جا، ظالمَ پانيان زيرِ؛
سَنگهارنِ ساويرِ، مِلان شال ملير ۾!

(29)

ايندم اَباڻا، ڏُورِ لايا جَن ڏينهڙا؛
ڪير سَهندم سومرا، ري مارئڙن ماڻا؟
هاڻي نہ جاڻان، تہ ڪا موٽِي ملنديس مارئين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

سومرا سائين توکي، وو ڳالهيون چونديس آءٌ حالَ جون، هوءِ هوءِ!

عمر اباڻي پارَ ڏي، ڪِرڙ ڪکوريا ڪي، وو
کوڳڙ چونديان کانڌَ سان، پٽ چڙهي پيڪي، وو.
سِڱَرَ ڪِيَن سڦڙا، سَئين جا سيڪي، وو

## ڪافي 2

جاليم جن سان ٿي وو تا مارو ڪيڻ وِيا،
هوءِ هوءِ حالڙو ڪنهن سان ڳرهيان!

پَکا پٽي اُتهون ويا، ٻرئين پندِ ڪٽي.
راتو ڏِينهان روح کي اوڏنهن گُهرَ گهٽي.
گهڙي جا هِت گهاريان، سا وبڙهيچن نہ وَٽي.
جهليان شالَ وڃِي اُن پَنهنجن جِي ٻہ پَٽي.
مون من ماندو مارئين، چاڻي هڪ ڏٽِي.
پکا پانوَر ڪنڌئين، هو وينا حالَ هٽِي.
جدائيءَ ڪَون جهانگيڙن جي منهنجِي باب ٻٽِي.
"سچو" سنگهارن جا هِت وينِي ڳرڻ ڳٽِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

ڪانگل ڏج سنيهڙا، مان ويراڳڻ آهيان!

اوهان ٻاجهُون آءٌ گهٽيري، مَحلَن ۾ مُسجان.
قسمت قيد الماء جي ايرادي آهيان.
چانور چا چورمان، اَچن نِتِ نوان.

ڏونرا پُسيون ڏيهَ جا، ساربون هِت رئان.
زهر پيالا سوز جا، اوتيون آءُ پيان.
اوهان ٻاجهون سپرين، مَران آءُ ڪِي جيان!
ڏکَن ڪارڻ ڏيهَ ۾، نِپايَس اَوهان.
"سچو" اَڪڙين مَؤن، ميان، هاري رتُ رئان!

## ڪافي 4

متان منڊ مارُن ٿون، وهين آسرو لاهي!

بَندُ تُنهنجي بابَ ۾، اَصلَ ڪؤن آهي.
سَگُ اسان جو سومَرا، چِنڙَ جيهو ناهي.
پِرين نِيندا پاڻ سان، سگر ڏي ساهي.
نَيَرَ هِي جي نِينهَن جا ڪير سگهي لاهي.
رکج منهن ملير ڏي، ناهه نه ٻيو ناهي.

## ڪافي 5

وري آءُ وطن، منهنجا ساربون نيڻَ سِڪَن.
موٽ سلامت سپرين!

اکڙيون اوهيرا ڪري، واٽ ڏسيو وجهلَن.
پِريَن پرديس لاءِ، جهوريءَ نيڻ جهِجَنِ.
عمر اَباڻي پارَ ڏي، وجون ٿيون چمڪن.
ميڙائي جا مَينهَڙا، ويجهو شال وَسَن.
الله آندا مون پرين، دارون درد مندن.
"سچل" سِڪَ سبيل ٿِي، پارئون جا پِريَن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 6

مون تا ڇيو تو اکيين، نہ تون دل قاساءِ!

آهون دانهون ڇو ڪرين، سَبر سيڻ سَنداءِ.
ڪُڇ ڪنهين سان ڪينڪي، ٻولي ٻي نہ ٻڌاءِ.
وِڇڙيا ڳَڏُ ڳَڏي پرين، ڪو والي ورق وراءِ.
ٿوري گهٽي ڏينهڙين، ڪندءِ ماڙ خداءِ.
سانگِي ويڙا سانگ تي، پنهنجي سانگِ سُئاءِ.
پاڻئون جاڻِي پِريت مؤن، ڪوهہ ڪَرين هاءِ هاءِ.
”سچو“ سُپرينءَ لاءِ، ڪوڙين ڪانگَ اُڏاءِ.
تو پئي ساريو جن کي، تن پِيي سِڪَ سنڌياءِ

Gul Hayat Institute

# داستان پيو

(1)

عمر آباڻن ۾ لَڏُم لائون لالڙئين:
کُهه موتِي مالَهڙئين هارَ گهوريا هِن حالَ ٿون.

(2)

جو ڏاڏاڻو ڏيهُه، مُونهِؤن مور نـه وسري:
سو ڏاٿرَ لَئـه ڏيکار مُون، سومرا ساڻيهُه:
ريءَ پنهوارن پَرڏيهه، هِيءُ مِڙبوئِي پائيان.

(3)

ڏيهه ڏاڏاڻي، شل سِگهي ويندِيس سومرا:
مون کي ماروئڙن ۾ چِڏ عمر اُماڻي:
ڏينهن گُذري ڏکَ ۾، تو جاڻيندڙ جاڻي:
سُکَ ڏکَ سنديون ڳالهڙيون، وڃي اوريان آباڻي:
نـه تـه لهندڙ سِگهڙا، الله اهي آڻي!
جو هُن بِنا هاڻي، گهڙي هِت نـه گهاريان.

(4)

وَس نـه وساريام، سُرها وَڻَ ساڻيهـَ جا:
اُهي هيڪَند ڏينهڙا، ٿي گَڏجِي گذاريام:
ياد ڪيون سي ڪيترو سانگِي سنياريام:
اوڏنهن اُڏاريام، ڪَلَ لَهڻ لَئـه ڪانگڙا.

Gul Hayat Institute

(5)

جهڙي هُيس مَلير ۾، جي هِت تيان تِهڙي،
پَرَ ڳالهه ڳريان ڪهڙي، جو قابو رهيسِ ڪوٽَ ۾.

(6)

هُيس ڪير ملير ۾، هِت تي آيَسِ ڪيرَ؟
جيڪُس پيڙمَ پيرَ، فقط لَڳ فِراقَ جي.

(7)

ڪاٿي آءُ هُياس، ڪاٿي آيَس سومرا؟
هُتان هلِي هِتِ اَچِي، پورَن مِنجهه پياس،
هنجن هابُ ڪِياسِ، وڇوڙي جي ڏينهڙي

(8)

شال نہ رهن ڏور، هُئن اَباڻا اوڏڙا!
ميان ٿَن ريءَ مور مون هِت جالَڻُ نہ ٿئي.

(9)

ڏوٿِي ڏورئون ڏور، عمر اَڄ مون کي ٿيا،
سُمهڻ جاڳَڻ سورِ، مون گذارَڻ آئيو.

(10)

جڏهن آءٌ جاياسِ، ڪنهن وَٿِي وِهَ جي نہ ڏني!
جڏهن ساماياسِ، تڏهن آيَس اوراٿَن ۾.

(11)

هي سا،ائِجڻ گهوريو جنهن بت ڪيو بيرُون،
وڃي شَلَ ويڙهيون، ڏِسان ڏوٿيڙَن جون.

(12)

ڏني ڏوٿيڙَن کي، گهڻا ڏينهن ٿيا،
جالڻُ جُدائِيءَ ۾، جيڪي پَلَڪ پئا،
سي وٺواند ويا، سارا سنگهارن ري

Gul Hayat Institute

(13)

هُت ٿا لوءِ لُڇَن، سُٽِي ڳالهيون سومرا،
پيهي ڪِئَن نہ پُڇن، جي هُئَن آباڻا اوڏڙا!

(14)

پاڙو پاڙي ساڻُ، شَلَ هُئان آباڻن جي؛
پکي ٿَن جي پاڻُ، آءُ تا سُکيو پائِيان.

(15)

مون کي رَبُ رکي، شل پَردي ساڻ پناهہ ۾!
تہ هئان منجھہ پکي، عُمَر آباڻَن جِي.

(16)

پَردي منجھہ پناهَہ، مون کي رَبَ رکيج!
اُڪنڊ هِن اَرواحَ، آهي آباڻَن جِي.

(17)

ڏِسي کيٿَ کَٽِي، وبا ماروئَڙا ملير مَون:
پَکا پانوَر ڪنڏئين، وبنا جالَ هٽِي؛
اڳِي پنهوارن پاڻ ۾، ٿي اِها ڳالِهہ ڳٽِي؛
هِت رَتِي رهَڻ ناهِ ڪا، جاٽي هِڪُ ڏٽِي؛
جا عادت زور ظلم جِي، هيءَ حَمير وَٽِي؛
رَعيت جي رَنجڻ جِي، ٿيس گُهر گَهٽِي؛
هاڻ بَرسَر هِيءَ بٽِي، سنگهارن تي سومرا.

(18)

پَلَڪ نہ ٿيان پاسي، شَل عمر آباڻَن کَئِن!
گڏُ گَڏين ها سِي، سِين سان سي سمورا.

(19)

ڪاڏي اَج رهي، آءُ ڪاڏي آباٽان؟
هاٽي نہ چاٽان، تہ ڪا موتي مِلندس مارئين.

(20)

اَچا نہ آيا، سنگهارا ساٽيهہ جا؛
ڏينهن جَهجها لايا، پانورَ پنهوارن پاڙ ۾.

(21)

جيڪس نہ آيا، سنگهارا ساٽيهہ تي!
نہ تہ ڪيتن خابرو ٿڏڙهئين هَلايا؛
تن ڏينهن وڏا لايا، وجِي پانورَ ڪنڌئين.

(22)

وجن تا مَ پري، شل اَباڻَن اوڏي هُئان!
جو سُڌِ لَهَن مون سِگهڙي، ذري منجهہ ذريءَ
اڪيون آب پَريءَ تي وبجهائيءَ لئہ وڄُهلان.

(23)

بيوسِي آهيان، هِن ماڙن ۾، مارو!
وِساري ويهي رهيؤ جڻ منجهانئِوَ ناهِيان؛
لالچ نہ لاهيان، پَسڻ پَنهوارَن جِي.

(24)

موڙِي شال اَچن، ماروئڙا تہ مَليرَ ۾!
اَچڻ سندي تا ان جي، ڪَر پوي مون ڪن؛
تا سيبئي سُک ٿين، گوندر وڃن گُذري.

(25)

ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هَٿ مُنجان مارُئين؟
تہ وساري ويهي رهيو حال ٻڌي هيئي؛

Gul Hayat Institute

مِڙي اَچو مون گهرين، آهيو جهانگيڙا جيئي؛
جي آهيو اتي ئِي، تا لهو سُڌِ سنگهار جِي.

(26)

موٽي ماروئڙن، سُڌ نہ لڌي ساهہ جي؛
لاهي ڇڏيو دل ڪؤن، اَديون اَباڻن؛
ڪنهن ڳُڻؤن سنگهارن، جيڪُسِ ويڙسِ وِسري.

(27)

ڪي ڏينهن هُيس قرار، مارُن گڏ ملير ۾؛
درد نہ هو ڪو دِل کي، هُيسِ مِٽَن ۾ مختيار؛
رِيءَ اَباڻن آرِ، هاٽي ڪنديَس ڪَن سان.

(28)

اَڄ ساريم سنگهاري، جَنَم لنگهايَم جَن سان؛
هيءَ وڇوڙي ٽَن جي، ميان هِت ماري؛
عمر سيا مون سانگئين، ٿِي گَڏجي گذاري؛
منهنجي پار پنهوارَ جي، آهي تاڪون تياري؛
هاڻ لکي منجان مارئين، هيءَ حقيقت ساري؛
ڏِينهن هيترا ڏوٿيو ڪِيئن اوهان وِساري؟
جيڪُس ڏُرئون هُئِي ڏاري، تيلهان وبَڙَوَ وِسري!

(29)

منهنجي مَن ميان، هِن ڳالهيون ماروئڙن جون؛
ڏُت ڏاڏاڻي ڏِيهہ جو وِجي خوشِئون هُت کِيان؛
ڪائِي ساعت سومرا، جهانگِن ري نہ جِيان؛
وجي ٿر ٿِيان، ٿَلَ سَنگت سنگهارن جي.

Gul Hayat Institute

(30)

ويجها جڏهن هُئام، ماروئڙا تہ ملير ۾،
تڏهن ڳالهہ احوال جي، ٿَن ڳنين ڪين وڏام،
هاڻ وڃِي ترِ ٿيام، اُهي سڌ لهندڙ سومرا.

(31)

ٿيا پنهوار پَري، آءُ ڏيان ڏوراپا ڪن کي؟
وَهندو شالَ وصالَ جو، ڪو پڻ واءُ وري،
نَئي گڏ ڪري، سو مون کي ماروئڙن سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

مارن ڏي آءُ وڃان وڃان! هادِي الله، الو پيارا!

لاوان لهنديس ڪيت پنهنجي سان، سرتيون ٽينديون مون ڄڄان ڄڄان،
ڳڍ بندياٽي بند مؤن، ڪُرف ڪڙا ٽِي ڀڃان ڀڃان،
واٽَ جنهين ڪؤن سانگِي ايندا، سائِي واٽ مان وڃان وڃان،
”سچو“ سائِل آهي اوهان جو سِرُ سائينءَ اڳيون سڃان سڃان،

## ڪافي 2

لَڄايان نہ لوئِي، وو عمر آنديم جا اوڏانهون!

جا تا ملڪ ملير ڏنهن، قاصِد آچي ڪوئِي، وو،
سارو سنگهارنَ ڏي، حال منجان روئِي، وو،
وڃهان ٻَرنديءَ باهہ ۾، شالون پَٽ سيوئِي، وو،
ڪتِي ڪَنيَم ڪِيئن جي، آڏوٻَنڌ جا هوئِي، وو،
آنديم ڪٽِي ڪوهَہ تؤن، آب پَري اوئِي، وو،
پِيَرڻ ڪاڻ پنهوار جي، ڪَلي مُون تان ڍوئِي، وو،
اهڙي اڳي ڪنهن نہ ڪئي، جهڙي ڪِيڙي توئِي، وو،
مون سان مدد نِي ڪندو ”سَچو“ صاحب سوئِي، وو،

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

غم ۾ ڪِيئن نہ گذاريان، آديون، تن وڃؤن مون کي ڏينهن پيا!

ميان مُلڪَ ملير ڏي، ڪنيو نيڻ نهاريان،
پَکا پنهوارن جا، ساعِت سنياريان،

راتيان ڏينهان روح ۾، ساهيڙين کي ساريان.
وَسُ جي هو ڪو منهنجو گڏ هُنِ پاڙ قطاريان.
پَٽ پنهنجِي پاڻهين، پنهوارن سان پاڙيان.
ياد ڪيو سي ڳالهيون، پنهنجو پاڙ تي ڳاريان.
موڪل ڏينم متين مِڙان، گهڙيءِ هِت نہ گهاريان.
ٻڪر ٻاٻاڻن جا، ڇهرائِيءَ سان چاريان.
جي مون روحَ رڳن ۾، ويڙهيچا نہ وساريان.
جا لوئِي آنديَم لوءِ ڏنهن، عمر شال اُجاريان.
حال پَسي هيءُ پانهنجو ماروئڙن لڳ ماريان.
پَٽَ پٽيهرَ گُهوريا، طولَ پايان تلواريان.
ڪَر لَهَڻ لَئہ ڪانگڙا، اوڏنهن روز اڏاريان.
"سچو" سنگهارن ڪَؤن، هِي سِر هڏ نہ واريان.

## ڪافي 4

وينا منهنجيون ڳالهيون ڪن، هُت ماروئڙا ٻہ ملير ۾!

عمر آنديئي مارئِي، تاسف ڏيئي تَن.
سَدا آهِن سومرا، مارو منهنجي مَنِ.
مون جيڏيون ملير ۾، چانگن پاسِ چَڙن.
چِڏي پانور ڪنڌيون، مَنهيون اوري اَڏن.
"سچوءَ" جي سَريرَ ۾، ويڙهيچا تا وسن.

## ڪافي 5

شالَ نہ وِسارين، مارو مون کي، شالَ نہ وِسارين،
درد جنين جو آهي دل کي!

Gul Hayat Institute

آئِي پَهر اوڏهون، نيڻَ تا نهارين.
پَهون پنوهَرَ پانهنجا ويجها وهارين.
جوڙُ اسان جا جهوپڙا، ماڙيون ٿيون مارين.
هر دم طلب جون تن ۾ تارون تنوارين.
سنگهارن طلب جون ساهہ کي ڳالهيون ٿيون ڳارين.
"سچو" سارين جن کي، سي پِي تو سارين.

Gul Hayat Institute

# داستان ٽيون

(1)

جھانگيڙن لَءِ جِيءُ، هِت عمر آهہ اُباڻڪو،
نَئِي گَذائج اُن سان، حال پنهنجو تا هيءُ؛
سانگيڙن ۾ سيءُ، آهہ اَجا توڙِي تانهنجو.

(2)

ڪونہ وري آيو ماڙهو مُلڪ ملير جو،
جو ڪِيئن جون ڏئي خبران، ساڻِي سَوايو،
ڏورائيءَ ڏوڙِن جي، هيءَ مون کي مُنجهايو،
ميان ماروئڙن جي، هِت طعنن تپايو،
ڪر سومرا سايو تہ وڃان ويڙهيچن ڏي.

(3)

قاصد آيو ڪونڪو ۽ ڪونہ لکيائون خط،
جيڪس هُيس ڪينڪي، ريگستانِن رَتُ؛
پنهوارن پاهَتُ، تيلهان مون سان نہ رکيو.

(4)

قاصِد آيو ڪونہ، ريگستاني راجَ ڏهُون،
جو تو مون کي تارِ ڪيو سومرا ۾ سونَ؛
ليهہ پنو روحَ کي، هُت هَي هَي جيڪس هو نہ!
چيهون هِتي چو نہ، ٿيان آهڙن عتابن سان.

Gul Hayat Institute

(5)

پنهوارن پيغامَ، اَج ڏئِي مُڪا مُون مَٽين:
"ڪڏهن آيا ڪينڪِي، تو ڏنهن هِت سلامَ"؛
"ڪائِي اتي محفوظُ ٿئين، طرحين طرحين طعامَ"؛
"پيرُون چونديئي پَٽَ جا، ٿي ڪڏهِن لاڙيو لامَ"؛
"ڏسي عيش انعامَ، اج اُهي وِلان ويڙهي وسريا!"

(6)

پَري ٿين نہ شالَ، هُئن اوڏائِي اَجَرِيا!
اُتي وينئي اُن جا، اَتم خَواب خيالَ:
سدا سانگيڙن جِي، مون ڪي ساهہ سنڀالَ؛
هِت مون ههڙا حالَ، هُت عَتاب اُنهن جا.

(7)

عمر مون ڏي آئيا، اَباڻئون عتابَ:
"ٿيئن اتي تون مارُئي، ڪائِي خوش ڪبابَ"؛
هِت مون اکيون پنهنجيون، جهيلون روئِي آبَ؛
جهوريَس هِن جوابَ، ويڙهيچن وساريو.

(8)

مُنجن هِيئَن چَيون، مون ڏي مارو سومرا:
"وجي عمر ساڻ تو، ڳالهيون ڪالهہ ڪيون"؛
"سي پُڻ پنهوارن ۾، پَدر هِت پيون"؛
"اِهي پَچارون تانهنجون، ويڙهيچُئن نہ وڻيون"؛
"ڪيتن هاڻ ڪنيون، پکيُون ملڪ ملير مَون."

(9)

ڪو نئين نِياپو منهنجو ماروئڙن ڏي:
"مون ڏي آوهان موڪليو ڏيئي ڏوراپو"؛

Gul Hayat Institute

”تہ لوئي لاهِي سِر ڪَپُئي سونَ رُپي چاپو“؛
”مون ڪؤن وسري ڪين وبوآهي جهڻ اُهو جهاپو“؛
”اِينديَس سِگهي ايڏهين، لاهي لاڳاپو“؛
”مولئ ميلاپو ڪندو سِگهڙو سنگهارن سان.“

(10)

آءٌ پُڻ چا تہ چوان، موتِي ماروئڙن ڪي!
”هَي هُئي هِن جي جِي حال جِي، ناهي ڳَلِ اَوهان“:
هِت اُنهن ري سومرا، نِتُ نِتُ سورَ نوان؛
پَکي شالَ پهان، مان وجي پنهوارن جي.

(11)

ڪٽي ساڻ ڪتِي، جا آنديم مُلڪ ملير ڏنهن؛
سا اَج توٽي تا سِر تؤن، لَحظو ڪين لتِي؛
لوئِيءَ سنديءَ لجَ ڪَؤن، مون ڍڪيا پٽ نہ تي؛
هِت سُورن آهہ سَتي، آئين تيون ڏوراپا ڏيو!

(12)

ايڏانهين اِينديس، ڪنهن مهل موچاريءَ ماروئا!
جا لوئِي آنديم لوءِ ڏنهن، سا چن نہ چڏينديس؛
توڙي تهباران ٿِئي، تہ بہ مور نہ متينديس؛
اَچي ڏوتيڙن کي، اَجا ڏوراپا ڏينديس؛
نہ ڪيئن وساري ويهي رهيو تورا هين ٿينديس؛
مَنهيون مَنهن سان اِتي، آٽي آڏينديس؛
ڳالهيون ڳرهِينديس، سرتن سان ساٽيهہ ۾.

(13)

الله آباٽن سان، مون کي گڏُ ڪرئين!
جي ويا ٿر پرئين، سي موتي آڻ ملير ۾.

Gul Hayat Institute

(14)

عمر اَباڻن ري، آءُ تان ڪوجهي آهيان؛
هيءَ لوئِي نہ لاهيان، جا آهہ نِشاني اُن جِي.

(15)

جا اَباڻن ڏني، سا لوئِي هَڏ نہ لاهيان،
ڪنديِس ڪين ڪِني، وني ويِنديس ويڙهہ ڏي

(16)

عمر ڏيهہ اَباڻي، مون چڱا ڏينهن گُذاريا؛
هِت اَچي هاڻي، پيو هِنيڙو هَلاڪت ۾.

(17)

عمر اَباڻن وِچڙي، ڪنهن اعراضي آندياس؛
وجي خوشيؤن ڪائيندياس، پڪا پيرون پانهنجا.

(18)

ڪائِي پَلَڪ پَري، شال عمر اَباڻن نہ تيان!
ذري منجهہ ذري، هُئَن پچِندڙ حال جا.

(19)

جڏهن هُيس اَباڻين، محل نہ ماڙيُون مون ڏنا؛
لَئي ۽ لاڻين، هيون پيهيون پنهوارن جون.

Gul Hayat Institute

(20)

ڦَتِي ڦوڙائي، آءُ مِيان مارو‍ئڙن جي؛
ڏنيون مون کي تو هتي، آهن ماڙيون جوڙائي؛
ويهان وچ نہ اُنهين، ٻُڙو ٻوڙائي؛
هِن هنڌن ۾ سومرا، تو لکيو لوڙائي،
جنهن آندم توڙائي، پکن مَؤن تہ پنهوار جي.

(21)

ريگستاني راجَ جِي، آءُ ڳالهہ ڪريان ڪيهِي!
ڳَن پَچارون پاڻ ۾، سي واريءَ تي ويهي
تہ ”ايندي ماروئين مارئِي، شل پَکن ۾ پيهي“؛
اُڪنڊَ مون ميلاپ جِي، آهہ جهانگن کي جيهي؛
منهنجي تن تيهِي، آهي سِڪ سنگهارن جِي.

(22)

مان اُنهن کي ساريان، هو بِي سارن مون؛
جي راضي تئين ٿُون، ڏي موڪل ماروئڙن ڏي!

(23)

مان آباڻن ساريان، هُت آباڻا سارين،
واٽان نِهارين، منهنجي اَچڻ سنديون

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

پَلپَل پونمَ پُور، عمر تن مارُوئڙن جا.

دمدم منهنجي دل ۾، مارُن جا مذڪُور؛
سرتيون سورن جا.
سانگيڙن کي سدا مان سارايان، هنِيڙي هرنم هُور،
پل پل پنهوارن جا.
مِن مَچائي "سچو" ويو سانگِي، دونهن جا دستور،
خاصَن ڪورن جا.

## ڪافي 2

مارو مون کي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي! ميان.

درد جنين جو دل کي، ڳرم سين اُڪارين.
آَٺ ئي پَهر اوڏهين، تا نيڻ نهارين.
هردم طَلب جون تَن اندر تارون تنوارين.
"سچو" سارين جن کي، سي پِي تو سارين.

## ڪافي 3

هلي هھڙي حال، ميان، وڃي ڏوٿن کي ڏسان!

پيڳن مون پهچائين، پلا پنهنجي پالِ.
منهنجو ماروئڙن رِيءَ، جِيڻ آهي جنجال.
هھڙي وچوڙي جي ڪنهن سان ڳرهيان ڳال.
هُئن سدا خوش سومرا، مارو پنهنجي مالِ.
"سچوءَ" جي نہ سَرير ۾، مارن جِي آهي قالِ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

ڏوڻن ڪؤن نہ ڏور، آهيان جيڏيون آءُ اوڏي ان ڪي! سائين الا.

ناهيان ٻاهر تن ڪؤن، ميان، هڪڙو ئِي دم دور.
"اَلانسانُ سِري وَاَنَا سِرُہ"، دوسن جو دستور.
هِي مڙيوئِي آهي تا، ميان، مارن جو مذڪور.
"سچو" سا پُڇ ڳالهڙي، ميان مارن جِي مَستور.

Gul Hayat Institute

# داستان چوٿون

(1)

تون حمير هنِي، آءٌ ٿورياٽِين آهيان،
جا لوئي آندم لوءِ ڏنهن، ويندي س سانڻ وني؛
ڪڏهن ٿيندي ڪانڪا، ماٺهؤن شال مَنِي؛
ڪتاب قولن جي، مون ڏي پنهوارن پَنِي؛
هيءُ بندُ بندياڻِيءَ کي، هو لکيو رات ڇِنِي؛
اُن سانگِن ڪاڻ سَنِي، مو مِڙبائِي سومرا.

(2)

ڪو بِي خيال نہ هومِ، هُيس مارن سانڻ ملير ۾؛
جان وڇوڙو سومرا، ڪؤن ٿريڇن ٿيوم؛
قسمت قيدالماء جي، ڏَسي ڏور وڏوم؛
تڏهن وڏو قدر پيوم، هَي ”سچو“ هيڪاندِ جو.

(3)

وينا ڳالهيون ڪن، ماروئڙا ملير ۾
تہ ”اِجها اِيندي مارئِي، وري هن وطن!“
ايڏي اُڪنڊ آهي، مُنهنجِي جا پُڻ جَن؛
آءٌ سگهي سان تَن، وڃي گڏ گذاريان!

(4)

قَرابتي ڪاتي ٿيا، آءٌ ڪاتي آئِي!
قسمت قيد ڪتي ڪيو، آءٌ ڪٿي جائِي!
آهي منهنجي روح کي، ريءَ مارُن موڳائِي؛

Gul Hayat Institute

اَنئي پهرَ اُنهن جِي، وات اَٿم وائِي؛
گهٽي مدتَ مونجهه ۾، مون پڻ لنگهائِي؛
مَنَ سِگهڙي سنگهارن جي، ڪل پوي ڪائِي!
تہ ڪي آهِن آرامي اُتهين، جهانگيڙا جائِي؛
ڪِي ويا مُلڪ ملير مَون، ڪري اَجائِي؛
وجي پانوَر ڪنڌئين، وينا وهڻائِي؛
اُتي تازا توانا ٿيا، ڏُٿ ڏنؤرا ڪائي؛
ڪر سومرا سائِي، جئن ٿِيَن آسودا آجڙي

(5)

جن گڏ گذاريوم، سڀ ڄماندر سومرا؛
اَڄي پَري پَيَس اُن ڪؤن، مُونجهه اِنهيءَ ماريوم؛
ساريو سنگهار جي، ڳالِهن هِت ڳاريوم؛
جو مارو محرم حال جو، سو پڻ سنياريوم؛
ڏيهه ڏاڏاڻو ڪڏهين، وار نہ وساريوم؛
نِتُ نِتُ نِهاريوم، پَنهوارن جي پارَ ڏي

(6)

اَڄ پڻ ٿِيمُ اُداسُ، هِي مَن ماروئَڙن ڏي؛
ڪر بندياڻي بند مَو خاوَند لگ خلاصُ؛
جو مَني ڪيتَ ڏنارَ ڪي، ڪا پلنگين ڏينديس پاسُ؟
ڪو وجهہ صاحبَ سومرا، اُنهن سان اِخلاصُ؛
جو هو ويچارا واهَڻِين، تون ڪري ڏس قياسُ؛
زور تنين تا ناهِ ڪو لوئِي جن لباسُ؛
اَنئِي پهر اُنهن ڪي، آهي خَمِيرن هِراسُ؛
تاڪُون تُنهنجي تابَ ڪَؤن، سُهمِيون آٿن ساسُ؛
چاڙهيو لِڳين ڪِين تنين، ماسي قَدر ماسُ؛

Gul Hayat Institute

تعديون تنين تي ڪرين، جن تو هَؤن ٿئي مَواسُ،
ويڙهيچا وٽراهَہ ۾، هُتِ وڻِ وڻِ وڻن واسُ؛
پاءِ پنهوارَ پياسُ، آهي راجا منهنجي روح کي.

(7)

چَئي مُڪائون، هِيئَن ڏاڏاٽي ڏيهَہ ڏنهن،
تہ "جيڪس" اِهي تو هُيون، مَنَ جون مُدعائون،
"تان وجي پلنگين پٿرٽيئن، شَلَ چڙهان آءُ،
تو پُڻ تيلهائون، هاڻ ويا ويڙهيچا وِسري!"

(8)

چِگِيءَ طرح چَئي، تي مُنجان ماروئڙن ڏي
تہ "سُکين سانگيڙن کؤن، پري آءُ پئي"؛
"قسمت قيدالماء جي، مون سان هِيئن ڪئي؛
وسري ڪينَ وئي، سَنگت سَنگهارن جِي."

(9)

ماروئڙا ماندي، آءُ اوهان ريءَ آهيان!
سُکيا ائين ساٽيهہ ۾، هِت بند رهي باندِي؛
هِت قسمت قيدالماء جي، هِيءَ اَچانَڪ آندي؛
آهيان اوهان جي ڳالهہ کؤن، ويل نہ ڪنهن واندي؛
چِگِي تِي چاندي، اِينديَس لوئي وِني لوءِ ڏي.

Gul Hayat Institute

(10)

قاصِدُ اَڄُ ڪوئي، مَنَ اَچي ماروئڙَن ڏنهن!
تنهن تا چَوان حالَڙو، سارو سيوئِي،
ايڏنهُن آندي آهِہ مون، لاکيٽي لوئِي؛
سا وني وينديَس پاڻ سان، اَتم عهد اِهوئي؛
سَرتِن سان روئي، سِڪون لاهينديَس لوءِ ۾.

(11)

هِيءَ اُميد نہ هُئي، مون کي ماروئڙن ڏنهُن،
جو ڪونہ مُجندا مُون مٿيين، پُڇَڻ ڪاڻ پِهي!
ڏنم هڏنهن ڏيهہ ۾، نَڪو ڳوٺَ ڳِهي؛
هاٽي وائِي وائندي، اها سُيَم اَڄُ صَحِي
تہ "اُنا مِينهن ملير ۾، وِيڙا راڄ رهِي"؛
"ڇڏي پانوَر ڪنڌيون، آيا هيٺ لهِي"؛
"جهجهو جهانگين کي تيو ڏهِيان ڏٿ ڏهي"؛
"ڪڍَيو پيَن پاڻ ۾، وڏيءَ مَهَلَ مَهِي"؛
ويديس ڪوڙ ڪَهِي آءُ پکي پنهوارن جي.

(12)

سَنگهارن جي سِڪ، آهي منهنجي مَن؛
شال سِگهوئي سومرا، ڏسان ڏوٿيڙن؛
راتو ڏينهان ڪاڻ ٿِي، جهجان جَهانگِيڙن؛
پاٽهي پَنهوارن، اَڄ تا مون کي ياد ڪيو.

(13)

جهانگي جهڻ پِياڪ، ناهِن شربت هيروان؛
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون، پهرڻُ تَن پوشاڪَ؛
لاهيچ لوئيڙن تان، الله لڳِ اولاڪَ؛
جو رکن هَڏنهن ڪانڪا، عُمر بِي اِملاڪ؛
ڪارڻ پرورَ پاڪَ، مون کي ميڙيين مارئين!

(14)

ڪيا ڪِوٽن کيڄَ، اَڄ ڏاڏاٽي ڏيهہ ۾؛
پر ماڻهو ماروئڙن ڏنهن، هَڏِ نہ آيو هيڄَ؛
ڪالهہ ڏنا هُئم اُپ ۾، آٽِڪ ءِ آنيڄَ؛

اُتا مينهن ملير ۾، ٿيا رڻَ سارائِي ريجَ؛
چانگن سان چِڙي ڪري، ڳن چَنن ۾ چيجَ؛
آءُ پُرڻ پِنيءَ پيجَ، ملنديَس ماروئڙن کي!

(15)

هي وٺي حالُ وجان، ميان ماروئڙن ڏي؛
آهي اُميد آجان، جو خوشِي ڪنديَس ڪيٿَ سان.

(16)

مينهن وسندي مان، ويڙهيچن ويندياسِ؛
لوئِي ساڳين لوءِ جِي، نال وٺِي نينداس؛
وجِي ٿر ٿينداسِ، ڏکَ سُکَ پائي سومرا.

(17)

ڏنارن ڪؤن ڏار، جي مون ڏينهن گذاريا؛
سي هئا قيامت جيهڙا، ميان سومرا سردارَ؛
الله ڪري اوڏڙا، "سچو" مَنَ سنگهارَ؛
تہ ڪريون ويهي ڳالهڙيون، هنيڙي جون هِڪوارَ؛
پَر پري ٿيم پنهوار، ڏيان ڏوراپا ڳن کي!

(18)

جيڪي هُتِ هونديون، ساهيڙيون ساٿيهہ ۾؛
سي پيرون چونڊن پاڻ ۾، ڳڏ ڪيون ڳُونديون؛
ساريو مون کي سومرا، رات ڏينهان رونديون؛
پيون پِي چا چونديون، اَچا عُمر الاجي آجڙيون!

(19)

ريگستانِن رنگُ، جي تون پسين سومرا؛
تہ ميان ماروئڙن تؤن، ظالِم لاهين زنگہ؛
جو تاڪون تنهنجي تابَ ڪؤن، جهانگِي واسِن جَهنگُ؛
نامِيا هي تون ننگُ، نيئي رساٽين راج ۾.

Gul Hayat Institute

(20)

جي ريگستان رهيا، تَن سخت نہ ونج سومرا،
جو تاڪون تنهنجي تابَ ڪؤن، چَنن مَنجهه چِپيا،
سي ڪي پَرئين وسِ وهيا، وَس سچائيتا واهَٽين!

(21)

ڪري ياد قلبُ، تو منهنجو ماروئڙن ڪي،
جو ٿيان هيڪاندي تَن سان، ٿئي سائينءَ ڏنهُن سَبب!
ڪِڍ بنديانٽي بند مَؤن، تہ راضي هُئي ربُّ،
غازي لاهہ غَضَبُ، ڪَر مِهر ماروئڙن تي.

(22)

رجُون ريگستانُ، جِت وطن ويڙهيچَن جو،
راحِم ٿي رکيج تون، ٿَن ماروئڙن جو مانُ،
جهونن جهانگيڙن تي، ڪَر عمر تون اِحسانُ،
تہ سارو جڳ جَهانُ، مَرُ تعريفان تنهنجيون ڪري.

(23)

هيءَ خبر هاٽي، آئي ريگستاني راج ڏنهُن،
تہ "اُنا مينهن ملير ۾، ٿيو پَٽنَ ۾ پاٽِي"،
"گُلَ ڦُلَ گلزاريون ٿيا، رِڻَ سڀ ريجاٽِي"،
تون پِي صاحب سُجاٽي، موڪل ڏينم مِڙي مَران.

Gul Hayat Institute

(24)

مِينهن وسندي مون ڏٺا، هي پڪا پنهوارن،
ڳاڙهيون اَڇيون لوئيون، ڪيا سَهَج سَنگهارن،
اُهي عام خلق ڪؤن، ٿا گوشي گذارن،
منهنجي اَڇڙ سنديون، ٿا واتان نهارن،
سانگيڙا ساٽيهه ۾، پيا نِت نِت سَنيارن،
هي ڳالهِيون ٿيون ڳارِن، مون کي ماروئَڙن جون.

(25)

مِينهن وسندي سومرا، اَج پُڻ پورَ پيا،
پَکا پَنهوارن جا، سي مون ياد ڪيا،
ڏني گهٽا ڏينهڙا، مون ٿَريچن ٿيا،
وسِري تا نہ ويا، ڪا ساعت منهنجي ساهَہ ڪؤن.

(26)

هِت ويهي ڏسان ڪونہَ ڪو جو ڏئي ڪيتَ خَبَر :
هِيءَ قابُو رهي ڪوٽَ ۾، اُنهن ريءَ عُمَر،
مَليران مَحضَرَ، ايندم آجائِيءَ جا.

(27)

مِينهن وسندي ياد مون، اَج ماروئڙا آيا،
قيدالماءَ جا ڏينهڙا، سي مون لنگهايا،
موتي اَچڻ جا تِيَم، ڏي سنگهارن سايا،
اُهي مولَيٰ ملايا، جي پنهوار پَري ٿيا.

(28)

ڪو جو وريو واءُ، اَج پڻ مُلڪ مَلير ڏنهن،
جَڻُ آيم اَباڻاءُ، ماڻهو موتائڻ جو.

(29)

مون ڪي رات رسيون، ڏيهہ ڏاڏاڻُن خَبران
تہ "ساٿيهہ سَيِ سَرهو ٿيو وچون واهَہ وَسيون"؛
"اچي ياد اَللهَ تو ڦوڳُ ڦُلار پَسيون،"
"برابر بادل ڳيون، مُئِي لوءِ لَسيون،"
"ساول ڪائِي سبزيون، ٿيون سَجِيہ سَسِيون"؛
"ڳاڙهيون اَچيون ڪاريون، لاهن غم ڳسِيون"؛
"وُڙهيون ڪَس ڪَسِيُون، پُڻ آهِن تارِ تَرائِيون."

Gul Hayat Institute

(30)

رات وري آيا، ماروئڙا تہ ملير ۾،
جو لذّم خوابُ خوشيءَ مُون، جَڻ مولئ مِلايا،
وري وسايا، پلي پاڙَ پِنُن جا.

(31)

وَس چَري آيام، ماروئَڙا مَلير ۾،
ڇڏي پانورَ ڪَنڌيون، ويڙهيچا ورياِم،
عُمر اُميدَ ٿيامِ، پَسَڻَ پنهوارن جِي.

(32)

جي ڏوٿي هُيَم ڏورِ، سي والِيءَ ڪَيَم ويجهڙا،
هُئي جا پورن پُورِ، سا تا اَڄ مُون ٿَون لَنگهِي.

(33)

موٽِيا پارِ مَلير، سانگيڙا سانگُ ڪَريِ،
جَن جِي سِڪَ سَرير، سي ئي عُمرَ آئيا.

(34)

لَٿو ڦوڙائو وريو ورق وصالَ جو،
وري وَطن آئيا، ريگَ لنگهي رائو،
”سَچُو“ چَوي سائو ٿيو موٽِي مُلڪ مَلير جو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

مارو ٿر ٿيامَ، پلو ميان، وڃ ڏيان ڏوراپا آءٌ ڪَن ڪي!

سي پاربنديَس پانهنجا، ميان، جي هُتِ قولَ ڪيامَ،
ڇڏي مُلڪ مَلير جو پَرينءَ وس وبامِ،
گهوريا پَري ڏينهڙا، جي پنوهارئن پيامِ،
سنگهارن جي اَچڻ جا، ميان "سَچو" سِنيها سُيامَ.

## ڪافي 2

روئان زارو زار، يار، مانَ مارُن ڪي ملان آءٌ!

ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي، پَري ٿِيَم پنوهارَ، يارَ،
وِٿي ويڙا پاڻ سان، منهنجو ساهُ سَنگهار، يارَ،
اهو اٿم آسرو ايندم، اَجڙوار، يار،
ڳَندا مُهڙ ملَير ڏي، رڻ ڇڏي ربدار، يار،
سو دم گوندر گذري، جو دم اُن ريءَ ڏارَ، يار،
روئي رات اڪين جا، جهونا ٿيا جهالار، يار،
وجي پُڏنديس اُتهين، سندي پنهوارن پُڪار، يار،
رکي ويڙهيچا وبا، مونهين سر ميارَ، يار،
پيڪن مُون پهُچائيين، سومرا سردار، يار،
راتو ڏينهان اوڏهين، "سچوءَ" ساهَ سنپيار، يار.

## ڪافي 3

ساربان آءٌ تا لوءِ پنهنجي جون لوبون،
عُمر گهوريا هِي پَٽ پٽيهرَ، ميان!

Gul Hayat Institute

هُت ويڙهيچا، وو وينا ورهائن ڏيهاڙيون.
سي ڏونرن سنديون ڏوبون.
سنگهارن ڏي سوز سنيها،
آءٌ تي روزُ مُنجان روبون.
ڪنڊيون ڪوڪڙ سنديون، ميان،
ڳچيءَ پائن تا هِت پيڪا پوبون.
صبحَ سانجهيءَ ڪَڻَن خوشيءَ سان،
اُهي سي تا آب پَريون اويون.
پاندين پائِن پُسيون ساڳن سِگُر سَنگهارَ
"سچو" سي سويون.

ڪافي 4

گهوري هِيءَ جدائِي، اڙي ميان، پنوهارن پاجهُون پُو رَيِيا!

صبح ويلي ميان سومرا، الا سائين، خبر اها مون آئِي.
لنگهي مُلڪ مَلير جو ويَڙئي ويڙهه سَپائِي.
پانور ڪنڏئين ڪِينڪي، وهندا ساعَت سائِي.
ڪَنين پُڏان ڪِينڪِي، وري اِها شَلَ وائِي.
ڏوتِي پنهنجي ڏيهه مون، ڪندا ڪيئن نِوائِي.
عمر اَباڻا ڏيهه ۾ سَرها هُونِ سَدائين.
موتِي نه وچَن اُوڏِهين، جن جِي سِڪ سَمائِي.
هوءِ هوءِ هِن جي حالَ تي، ياڳيا ڪرن پَلائِي.
"سَچو" سندن ساٿَ ۾، ڪَري مَرُ نه گدائِي.

Gul Hayat Institute

# داستان پنجون

(1)

جوڙي پکا جُوءِ، آچي وينا عُمرَ آجڙيءِ،
سَدا سَنگهارن جِي، ٿي مَٿي خوضَن هوءِ،
ٿيون گلزاريون گاهَن جيون، ٻِي خوب کُلِي خوشبوءِ،
نَئِين رونق روءِ، ٿيو موٽِي مُلڪ مَلير جو.

(2)

سدا هئن سُکيا، ماروئَڙا تہ ملير ۾،
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اَچن آجَڙين تي!

(3)

سدا سَرها هونِ، ماروئَڙا تہ ملير ۾،
مٿي پنهوارن پون، مِهَر جا شَل مِينهڙا!

(4)

مِيان ماروئَڙن تي، مَهران وَسن مِينهَن،
شَل نہ ڏکِيا ڏينهن، اَچن آجڙين تي!

(5)

سدا سي ساٽيهہ ۾، سُکيا هُئن سَنگهارَ،
پکي مَنجهہ پنهوارَ، شَل هُئن هميشہ سَرها!

Gul Hayat Institute

(6)

سائين سَنگهارن جو رکج پَن پکي،
ڪوئي تا نہ لکي، هُئَن سَدائين سَرها!

(7)

سنگهاري ساٽيهہ، شَل هُئَن سَدائين سَرها،
وچن نہ پرڏيهہ، خوش گذارن اُتهين!

(8)

ساٽيهہ سنگهاري، سَرها آهِن سومَرا؛
ويڙهيون ۾ واريَ، مَحلا ماروئَڙن جا.

(9)

جاتِي واريءَ ڍنو تاتي آڏن پکَڙا؛
پاڳين لَٽَا پَوَ سدا رهن او سَرها.

(10)

نِوڙن ۾ نُونديُن، مارو چارنِ مالَڙا؛
گوڙين ۾ ڪِونديَن، سَرها ٿِيَن ساهَہ ۾.

(11)

جڏهن ڪِنونِ ڪِنوڻيون، وَسَن مينهن مَلير ۾؛
نونديون ۾ نوڙيون، تاتا سوئِن تاريُون.

(12)

پاڳين پَوَ لَٽَا، جي وينا پانورَ ڪَنڌئين؛
اُنن مِينهن مَٿا، آجڙين عِيدان ڪيون.

(13)

وري وَسايو مالِڪَ مُلڪ ملير جو؛
سو اڳي ڪَون اُجرو ٿِيو سائو سَوايو؛
آڳي اَگهايو "سچوءَ" جو سوالُ ڪيو.

(14)

آهي سارَ سنڀالَ، ميان ماروئَڙن جي؛
هِتِ هِهڙا حالَ، هُت عِتابَ اُنهن جا!

(15)

الله اوري آڻ، ماروئَڙا مَلير جا؛
پا مُون ڪي ڪيڏي ڪهڻ مَون، نئين مُلڪ رَساڻ؛
پَڄَندي، وجي ساڻ، پِهان پنهوارن جي!

Gul Hayat Institute

(16)

آڻ الله اوري، ماروئڙا مَلير جا؛
مون کي آندو اوچتو، هِت ظُلمَ جي زوريءَ
آءَ تَنهن گهڙيءَ تؤن گهوري، جنهن هيڪاندي هِڪُ ٿِيان.

(17)

جي ريگِستان رهن، تن کي سخَت نہ ونج سومرا؛
جو تنهنجو زور ظلمَ جو سانگِي ڪِيَن سَهَن؛
مَتان پَرينءَ وَسِ وِهَن، هو ويچارا واهڻي.

(18)

جڏهن ويجها هُئامِ، ماروئڙا مَلير ۾؛
تڏهن ڳالهہ اَحوال جي، ٿي تنهين ڪَن وِڏامِ؛
هاڻي وَڃِي ٿَر ٿِيامِ، اُهي سُڌِ لَهَندڙ سُومرا.

(19)

ٿيا پنهوارَ پري، آءَ ڪَنهن کي ڏوراپا ڏيان؛
وهَندو شالَ وِصالَ جو، وارو ڪو وري؛
سو نيئِي گَڏُ ڪري، مُئِيءَ کي ماروئڙن سان.

(20)

هُيَم جَن سان حالَ، سي اَج سنگهاري سِجڪاڻ ٿيا؛
عُمَر اُنهي پارَ جي، آتم سارَ سَنيالَ؛
جو صبح اُٿِي ساجُهرين، مارو چيڙن مالَ؛
پِيَسَ پَري پنوهارن کَون، هَي جي ٿِيَم حالَ؛
آهي اُنهي ڪوٽَ ۾، جِيَڙ مَنجهہ جَنجالَ؛
سِگهڙي وڃِي شالَ، پهان پکي پنهوارن جي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

هو جي مارُوئَڙا پيهر مانَ مِلن،

شالَ الله اوراهون ڪَندن، سانگي سانگ سَندن.

ويني آهِيان واٽ تي مَنَ اَچو حال پُڇَن.
پَکَا پَکَنِ سامهون، اوري آٽي اَڏنِ
انهن ڪارڻ جيڏيون، منهنجيون اکيون رٽ رُئَن
اَصل لاڪون آهي، ”سَچو“ سَگ سَندن.

## ڪافي 2

مارو اُهي مِليام، عُمَر جامَ، وو،

طَلبَ جَنِين جِي آهي تَن کي.

ڪَرمَ ڪَيائون ڪيترا، ڏوٿِي هِت ڏنامِ،
هِت جَنهين کي، هُت پي تن کي پيو آرام،
پاڙيائون سي پانهنجا، ميان، ڪَيئون جي انجام،
طالع وارا تن جي گولن جا بہ غلام،
ڪاڏهن ”سَچو“ سالڪان، ميان، ٿئي طَلَب تمام.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

ڏوراپا ڏيئِي، ڪنهن هَٿ مُنجهان، وو، ماروئين!

وساري ويهي رهيؤ، حال بُڌي هِيئِي.
مِڙي اَچو مون ڳَري، آهِيو جهانگِيڙا جيئِي،
لَهو سُڌِ سنگهار جِي، جي آهيو اُتيئِي.
”سچو“ سارِيَؤن ڪَين سا، جا ويڙهيچُؤن وِيئِي.

## ڪافي 4

راتِ مُڪم روئِي، ساري سلامَ سنگھارن ڏي.

اڪيون اباڻي پار ڏي، ٻيئيون جُھڙ جھوئِي.
اَباڻَن جي آسري، ليڙون ٽِيَم لوئِي.
ونڍِن وِرچن پاڻ سين، ڏؤنرن جي ڏوئِي.
لِکِي ڪاغذ مُون وڏو پَکيءَ کي پوئِي.
ڪي ڏينهن ڍويَم ڪيٿ سان، آبَ ٻَري اوئِي.
اَوهان ٻاجهؤن ڪونَڪو ڳل لَهي ڪوئِي.
مارو ملندو مارئِي، "سَچَل" کي سوئِي.

Gul Hayat Institute

# داستان ڇهون

(1)

ڄڱَرَ چارڙيون، پيا ڪِرڙيُون ڦوڳَ ڦُلاريا؛
سڀ سنگهاريون ساٽيهہ ۾، وِهَن وارڙيون؛
ٺامان ٺارڙيون، لاڙيون چِنن لاڪڙان.

(2)

وَروٺا ويڙهِيچن جا، اِهي موٽئين مالهڙيون؛
رَس نہ اَچن روح کي، ٿالهہ ۾ ٿالَهڙيون؛
سَنگهارنِ جون سومرا، ڄَڱيون چالَڙيون؛
جو فَجُر ڦوڪي سَنديون ڪن دانَهہ دالَڙيون؛
وَرُ سي لوبون لاڪَ جون، ٻَن شالان شالڙيون،
آنئي پَهر آهن اڪيون، منهنجيون عُمر آلڙيون؛
ڪامل تنهنجي ڪوٽ ۾، وڃهان فَلَڪين فالَڙيون؛
شال سٽندو سو ڏٽي، مون نِڏر نالڙيون؛
وڃي ڳجهيون ڳالهڙيون، ڪنديس سَرتن سان ساٽيهہ ۾!

Gul Hayat Institute

(3)

هِت ڏسان ڏوٿيڙن جون، ويٺي واتَڙيون؛
هُتِ ٻون پنوهارن تي، مِٺيون ماتَڙيون؛
ياد اٿي جون مون پيون، ڇوهُون ڇاتَڙيون؛
توڙي چار ڪنڊان لوئِيءَ جون، هِت ٿاڪين ٿاتَڙيون؛
نان ٻِيِ وڃان اوڍهين، جٽي ڪَنوٽِيون ڪاتَڙيون؛
مون کي لُوهِن لاتَڙيون، تَن لالڻ سَنديون سومرا.

(4)

بُور پُچاڙُون ٻير ڳن، ٻهون ٻيرڙيون؛
چاڙهن چوندڻ سي چڙهيو ڏئي قيرڙيون؛
پانوَ پيرڙيون، ڪن تماشا تِڪُن جا.

(5)

هُت گهمَن ڏوتي ڏٿَ لئہ، ڳيون تولا تولڙئين
چاڙهن لنب اَئُون مڪڙِي، جَهلي جهولَڙئين؛
پيهَن پَچائن مانيُون، ڦوڪي ڦولَڙئين؛
تون عمر اولَڙئين، ڪري هُت چَڏيج مون.

(6)

هُت ريت تہ اَڏوبندِ، ڪن لوبون لاڪڙيون؛
مَشَر مارُئڙن ڄون، سَچيون ساڪَڙيون؛
وَٽين تورِن ڪينڪِي، مَڪڙ ماڪڙيون؛
اَجان ڦُٽَن باڪَڙيون، تہ ڪڙا آهن ڪوهہ تي.

(7)

اَجان ڪَنون ڪِنوڙيُون، تہ سانگين ساهہ پوي؛
وَسِي ٿَر تارِ ڳن، نَيون ءِ نُوڙيون؛
جاتي هُئن جوڙيون، تا تِي آجڙي آرام ٿيا.

(8)

اَڄ جوڙي وينا جَهنگَ ۾، جهانگي جهوپڙيُون،
ڏي نہ ڏوٽيڙن کي، لائِق لوپَڙيُون،
راجا روپڙيُون، گهرين رکِن ڪينڪِي.

(9)

هُت ڏِينَ مارو ڏاجَ ۾، جاڙي جارَڙيُون؛
ٻيون آهِن سپ کي، اُهي وبڙهيون وارَڙيُون؛

Gul Hayat Institute

سي ڇُوندنِ پيون پِرھ جو نائي ڏارَڙيُون؛
وِجھن گوندنِ سَنديون، ڳَچيءَ ڳارَڙيُون؛
وِجھن کَنيو كارَڙيُون، وَڃَن لوڙَيارِيون لوءِ ڏي

(10)

مون کَون وِسَرن ڪِينڪِي، اُهي عُمر ويلڙيُون؛
چاريَم وڏي چاھ مَون، ٿي چيلا ۽ چيلڙيُون؛
ٿي کيڏيَم کيلَڙيُون، سَرتِن سان ساٿيھ ۾.

(11)

آوس آڏن سومرا، چوڏاري چؤنرا؛
تَن ۾ سانيي رکَن سامهان، ڏُٿ ٻهون ڏؤنرا؛
ڏَڳَ رکي ڏؤنرا، صبح کائِن خوش ٿِي.

(12)

ڳَرين چو کِلان، سانگِيڙن تي سومرا!
سارَهِه سو تِن تي، لاھ توکان آئُون ٿَھلان؛
ھي جي مَوتَن جون مَھلان، ٿِي مَحلن مَنجھ گُذاريان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

اوڏاهُون آيا، مون ڏَي عتابَ اَباڻن جا.

هي ڏيهُ وِيَڙُءِ وِسري، اِتي ڏينهن وِجي تو لايا.
ياد اسان کي ڪِين ڪيڙئي، مُنجهائينءَ مايا.
ڏينهن اسان ريءَ گذري، وِيَڙئي سب اَجايا.
گهٽا مِينهن مَليرَ ڏي، والِيءَ وري وَسايا.
تُنهنجي ڏسڻ لئہ، هِت سانگِي سِڪايا.
سائينءَ "سَچو" سِگهڙا، مون کي مارو مِلايا.

Gul Hayat Institute

# داستان ستون

(1)

مون جاليو سان جَن، موتِي تَن نہ پُڇيو،
حال هن جون خَبران، پَيون هو ندين ڳِن،
تان پِي مارو مَن، وارُ نہ ڳڏنهن وِسريا!

(2)

توڙي هو نہ پُڇن، آءُ گهڻو پُڇان تَن کي،
عُمَر آءُ مَڇُڻِ، تَن کَوَن وچان وِسريِ!

(3)

ٿي پُڻ وَساياءِ، ڳڏهن مارُئين مِينهڙا،
سي ڏينهن ڏاڏاڻي ڏيهَ جا، اَڄ ياد عُمر آياءِ،
هِت پنهوارن ريءَ پاڻ کي، ڪيها لَقبَ لاياءِ،
هِن لحظي لَنگهاياءِ، شال اِهي اَوسر ڏينهڙا.

(4)

اِهي اَوسر ڏينهڙا، هِت جالڻ آيم جال،
ڳَتيرا خوش حالَ، هُت ميان هون ملير ۾!

(5)

اَڄ سنگهاري ساريا، مون مِينهَن وَسندي سومرا،
ڳوڙها ڳاٽاڻي بنا، هِن هَنجُنِ مَون هاريا،
ياد ڳريندي تن کي، بارڙَ جڙُ ٻاريا،
هِتِ "سَچوءَ" سنپاريا، هُت سنپارَ "سَچوءَ" جي!

Gul Hayat Institute

(6)

ساريم اَڄُ سَنگهارَ، مِينهن وسندي سومَرا،
جيڪي ڏينهن هُئاسي گَڏُ مِ، دَم نہ ٿياسي ڏارَ،
ڪاٿي اَڄُ اَسين ٿيا، ڪاٿي آجَڙوارَ،
وِڏو قِسمت قيدالماءَ جي، پَري ڪان پَنوهارَ،
تيلهان مون اَڄُ آئِيو روئَڻ زارو زارَ،
پَلپَل هِت پَچارَ، هُتِ بہ سانگيڙن جِي!

(7)

ڪَڏهن سانگِن سانُ، ٿي گَڏُ وسايَم مِينهڙا،
اَڄُ قِسمت قيدالماءِ جي، پيو هِيءُ پَريانُ،
هِت ڪَريان پُرزا پانُ، پَر ٿي لوئِيءَ جي لَڄَ مران.

(8)

وِسري ڪِينَ وجان، ميان مارُوئڙن ڪَون،
وسِرڻ سَنديون ڳالَهڙيون، مُورئون تا نہ مَجان،
آهي اميد اَجان، پَڪي مَنجهہ پَنهوار جي.

(9)

شالَ نہ وِساريِن، هُئان يادِ انهن کي،
عُمر اَباڻن جِون، ڳالهيون تِيون ڳاريِن،
ساهہ رِڳون سارين، مَن پهچان پنهوارن کي.

(10)

لوبون رنگارنگِ، ڪَن ساهيڙيُون ساٿيهہ مِ،
سي آساوريُون اَڳريون، عُمَر پَهرِن اَنگِ،
تاڪون تنهنجي تابَ ڪَون، جهانگِي پيئنا جهنگِ،
هِن وبچارا واهَڻِي، تن کي وِٽُ نہ تنگِ،
سي ڪِيئَن ڏيَن پيرُ پلنگَ، حال جني جا هِهڙا!

Gul Hayat Institute

(11)

پَئي جيءُ جَنجالِ ۾، ساٽيھ سنيارِيُون؛
وسِرن اُهي ڪين ڪي جي مَهلان موچارِيُون؛
پَر قسمت قيدالماءِ جي، ڳَيون هي ڪارِيُون؛
ڪاتي اَجُ آءُ تيبس، ڪاتي سَنگھارِيُون؛
اوڏنهن نهارِيُون، وڃان سا وهلُور تِي!

(12)

عُمَر شالَ نہ لائِيان، لَقَب لوئَڙئين؛
پاٽِي پِيَن پَٽَ ۾، آيُون اوئَڙئين؛
ڏوئنرا ڏوئنرئين، ونڊن ورهائِن پاڻ ۾.

(13)

شالَ نہ لَقَب سومرا، لوئَڙئين لايان؛
پَٽ مٿي هِيءَ لوئِي، مُور نہ مَٽايان؛
جا ڪَٽِي ڪيٽَ ڏنارَ جِي، پلِي سا پايان؛
مَري مَلهايان، سارو مُلڪُ مَليرَ جو.

(14)

عُمَر اَڇا ڪپڙا ڪاٽيارِيُون ڳَن ڪِيئَن؟
جِهڙي آيسِ جِيئَن، شل تِهڙي مارُن ڏِي وڃان!

(15)

ڪيئن ڪاٽياريون ڳَن، ڪپڙا اَڇا عُمر چام؟
تِين پنهواريون پَٽ ۾، مِهٽي هابُ مُدامَ؛
آهيان سومرا تو سامَ، تہ لوئِيءَ جِي لَڄَ رهي.

Gul Hayat Institute

(16)

هِن لوئيءَ جِي لاجَ، شالَ رهجِي اَچي سومرا،
تہ مَرُ ٻُڌي خوش ٿِين، رَيگستانِي راجَ؛
سا نہ کائي کاج، جا قيد ڪَئِي تو ڪوٽَ ۾.

(17)

توڙي لوئِي هِت ڇِڄي، وڃِي ٿهاران ٿئي،
تہ پِي پِهنديَس پَنهوارنِ جي، عُمَر ياڻ پِڄي؛
جَهانگِنِ لاءِ جهِڄي، مان اَڌ مُئِي ٿِي آهِيان.

(18)

توڙي هوءِ ڇِنِي، تا پِي لوءِ لوئِيءَ سان وڃان؛
اَچِي عُمَرڪوٽ ۾، ڪَنديَس ڪِين ڪِنِي؛
سائِي سانديِمِ ساهہ سان، جا ڏاڏاڻَن ڏني؛
اُها نينديَس ياڻ پِنِي، مِينهن وَسندي سومرا.

(19)

اَبَر ٿِيا ۾ اُڀَ، ۽ واءُ لڳو اوپارَ جو؛
"سَچو" چوي ٿيا سومرا، چَڱا سانگِنِ سُڀَ؛
پَر چِت اَندرَ ۾ چُڀَ، اَتِنِ تنهنجي زورَ ظُلم جا!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

اِهي نياپا ڪو نيئِي، مِنهنجا مارُن ڏئي!

آچڻ اَوهان جي جا وَس وڏائي، ڪوڙين سي ڪِيَڙم ڪيئي.
ڏکَ ڏوراپا تا مِنجو اسان ڏي، حالَ اَسان هِت هيئِي.
قِسمت ڪو جو قَلَمَ وَهايو، پَري اوهانَ کؤن پيئِي.
لوءِ اوهان جي ڏُنهُن لوئِي جا آنديم، لِيڙانَ هِت تِي ويئِي.
ڳالهيون سنگهارن جون سُڻ ”سچو“ ري، ساهَ سِيباٽيُم سيئِي.

## ڪافي 2

ڪانگڙا قَريبَن جا، توکي ڪالهَ اُڏايو ڳَن،
وَنٺُون ويڙهيچن!

آسَروندي آهيان، مَن کو پيرو ڳَن،
وَنٺُون ويڙهيچن!
پکا پَکَن سامُهون، اوڏا مانَ اَڏنِ،
وَنٺُون ويڙهيچن!
”سَچوءَ“ جي بہ سَريَر ۾، دونهان روز دکَن،
وَنٺُون ويڙهيچن!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

اِهي اولانبا آيا، مون ڏي مارُن جا، ميان!

ڏيهَ ڏاڏاڻو ڪِيئَن وِساريُئِي، ڏينهَن، مُنهن اتي تولايا.
ڪهڙين ڳالهين ويڙهِيچن ڏُنهن، مُنهن ڦيريئِي مايا.

ٻَهَر پنهوارن ريءَ ڪيئَن ٿِي گهارين، عُمَر سانُ آجايا.
ٿُنهنجي ڪارڻ راتو ڏينهان، سانگِي سي هِت سِڪايا.
وَسُ نـ مُنهنجو سُڻِ ”سَچو“ ري، ڏکيا مون ڏينهن لَنگهايا.

## ڪافي 4

آيَم راتِ، عتابَ ڏاڍا سَخت سَنگهارن ڏنهَن!

مون کي عُمَر ماريو جهانگِيڙن جي جوابَ.
”وينِينءَ اِتي مارُئي، کائِي خوب ڪَباب“.
هِت سارو ڏيهُ ڏَڪائِيو عُمَر جي تِکَ تابَ.
مولِيٰ تا معافِي ڪيا، ”سَچو“ سَيِ حِسابَ.

Gul Hayat Institute

# مومل راڻو

## داستان پهريون

(1)

آءُ راڻا ڏي رَنگُ، موتِي ڪاڪ ڪَنڌن کي؛
لاهِج لَڳِ خداءِ جي، ذرو پُرزو زنگُ؛
ناميان پاڙج ننگُ، مهٽي هاب مَتان ڪَرين!

(2)

مومَل مِهٽي هابُ، راڻا ڪر نہ راءَ تون!
جوئِن کي جوابُ، مرد نہ ڏين مينڌَرا.

(3)

مون کي مِهٽي هابُ، ڳُئي ميان مينڌرا،
ڪَر نہ خان خرابُ، ڪامِل ڪاڪ ڪنڌين کي.

(4)

هِڪَ جُوءِ ٻي جوءِ، مرد نہ ڇڏن مينڌرا؛
تو پُٽ پرين پوءِ، ڪوهُ لڄايو ڪاڪ کي!

(5)

Gul Hayat Institute

هِڪَ جُوءِ ٻي جوءِ، ڇَڏن ڪِين جوانَ؛
اُهي ٻِي انسانَ، جي ننگن تي نِثارُ ٿيا.

(6)

آءُ راڻا رَنگُ لاءِ، موتي ڪاڪ ڪنڌن کي؛
نامِيان نانءِ خداءِ جي، پير وري هِت پاءِ؛
سوڍا سَنديئي ساءِ، آءٌ وبني ڪانگَ اُڏايان.

(7)

آءُ راڻا رکُ رازُ، مون هِن نماڻيءَ سان،
توکي ڪريان ڪيترو ناميان نَر نِيازُ،
جو تي ڪَيَڙم نازُ، تَنهن مِهڻي هابُ ڪري چڏيو.

(8)

مون تؤن مِهڻو لاهه، مولي ڪارڻ ميندِرا،
تون تا صاحبُ آهين، هيءَ ڏوهارڻ ڏاهِه،
توڙي ٿيِس بيراهِه، تہ بہ ڳَل تنهنجي آهيان!

(9)

ڏي ڪو رنگُ وري، ڪامل ڪاڪ ڪَنڌِن کي،
مُنهن ڏيکارج ميندِرا، وچان تا نہ مَري،
بَخِشج ذوقَ ذري، مِهڻي هاب مَتان ڪرين.

(10)

چَڙهنديسانءِ چِکي، نہ تہ مُنهن ڏيکارج ميندِرا،
آندو مون کي هِتهين، ڪَنهِين لارَ لِکي،
چاڙهيو مون کي ڏاگَهہ تي، تُنهنجي عِشق تکي،
مَرُ بيو ڪو سِرُ سِکي، اُنهيءَ جي اولاڪ جو.

(11)

هِي جو تِيِڻو هو، سو اَڪَرُ ميٺِيندو ڪونڪو،
هِيرو زهُر زبانَ سان، هِن ڳالهيين ڪِيڻو هو،
نا تہ پاڙَئوُن پِهڻو هو، مون کي زير زمين جي.

(12)

ڏکُ نہ ڏيڻُو هو، تو مون کي ميان ميندِرا،
ناميان پنهنجي ننگَ کي، تو نيہ نِيڻو هو،
زهر پيالو پُر ڪري، مون کي تڏهن پِيڻو هو،
جِيءَ نہ جِيڻو هو، مان ڪون هِنَ مِهڻي وري.

Gul Hayat Institute

(13)

سوڍل سِڪائي، آءُ پُرڻ گهڻو آهيان؛
راڻو ڏينهان تانهنجِي، واتِ مون کي وائِي؛
ڪَر اُها ڪائِي، جو ڪارَڻهِ لَهي ڪاڪَ ڏِيُن.

(14)

ميان آءُ ماري، ڏاڍي ڏنو ڏهاڳَ جي؛
مِهڻي هاب مَتان ڪرين، تہ ڪاڪِ نہ ٿئي ڪاري؛
ڪر سوڍَلَ ستَاري، ڏوهَن ڏي نہ ڏسِيج ڏون!

(15)

آءُ سوڍا ڪر سَچُ، لاهي مُون ڏوُن هِي مِيهڻو؛
جهيڙو جهڳڙو نِڪري، مون مَنَ اَندران مَچُ؛
الله ڪارڻِ اَچُ، ماڳ وسائِج ميندرا!

(16)

اچين جي اوطاق، مُنهنجي ميان ميندرا؛
تہ عيبن کَوُن آجِي ٿيان، ڪوجهي ٿئي نہ ڪاڪَ؛
هيرَ اِها هيراڪَ، متان مَٽئين ميندرا.

(17)

مونَٽُ مَرڪ نہ تنهنجو هو سوڍَلَ سياٽا؛
وسائِج وِلهيءَ جا، پِينگَ پِيَلَ پاٽا؛
پَري ڪري پاٽا، مون کي ماريٖئِي ميندرا.

(18)

آتَڻ اُجهائي هَلِي، پِريَن پُڇاڻو؛
ڪِين گهٽايو گهوٽ سان، پِرت هِن پاڻو؛
ظاهر زالاڻو پر باطن بِرهہ بلي هُيو.

Gul Hayat Institute

(19)

ڪاتيءَ ريءَ ڪُهي چڙيو راڻا تنهنجي رَنجَ؛
سُڪوُن ۾ سَهنج، سوڍا ساڻ ڪَٽين وئين.

(20)

سوڍا هِنَ سَڙيءَ جو لَهي وجُ سَماءُ:
ويرن وڏو وَج ۾، آهي وڀرُ وڏاءُ،
مون تي لڳندو ڪونڪو پيارا پاڻيءَ پاءُ؛
هيڪَر هيڏي آءُ، تہ پيِرولي پَڌر ٿئي.

(21)

ڍوليا تو لئہ ڍَٽَ ۾، آءُ وتان وٻگاڻي؛
راتيو ڏينهان اوتيان، پنبڻين مان پاڻي؛
لَتا مون لِيڙون ٿيا، هيءَ پوتي پُراڻي؛
تہ بہ راڻي جي . راڻي، سرتيون سَڏن ساٽيهَ ۾!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آءُ تا روز روئان ساريون،

سوڍا تُنهنجِيون، وڻ ڳالهڙيون ڪيتَريون!

ٻُڌي وِرجِ وَلها، زور منهنجِيون زاريون،
سِڪَ سَنديوَ ڪَيون، جِيءَ اَندر جاريون،
راڻا رُسَڻ تانهنجي، ڪوڪان هِت ڪاريون،
وينِي ڳَرهيان ڳالهڙيون، هَنجون هِت هاريون،
جيڪي جايون جِيءُ ۾، وِرهَہ تنهنجي واريون،
"سَچو" سَهندا سُپرين، عاجِز جِون آريون.

## ڪافي 2

حالَ منهنجي هاءِ هاءِ،

توريءَ لَهَن هِي ڏينهڙا!

آهي هن اَحوال تي، وَلَها تان واءِ واءِ،
دوستَ تنهنجي ديس جي، اُڪَندَ اَسان کي آءِ،
ڏِسيو ڏهاڙي روئان، جاني تُنهنجي جاءِ،
ڪاڪ نہ لڳي ڪَس مون، سوڍل تنهنجي ساءِ،
سوڍا سَتاري ڪري، پيرَ اَڱَڻ مون پاءِ،
درد مَندن جون دانهڙيون، والِيءَ لَڳِ ورناءِ،
سوالَ "سچوءَ" جا سُپرين، تون لالَڻ دل سان لاءِ.

## ڪافي 3

ميندرا، آءُ ميان، هِت ويني ڪانگَ اُڏايان!

تو ساريندي سُپرين، هِت سوڍا ساهُ ڏِيان.

Gul Hayat Institute

راڻا رتي راز جي، ڪا جا آهي هِيان.
ڪامِلَ ڳنڍيءَ ڪاڪ جي، آءُ جاڻي ڪيئن جِيان.
شال اوهان جو اَڱتي، "سچو" نيهُن نِيان.

ڪافي 4

راڻي سندو رازُ، مون سان ڪيڏو ئِي آهي!

ڪاڪيون آڏو ڪانڌ جي، نتو وٺي نازُ.
ٻانهان ٻانهِن جان ٻَڌي، ڳَرڻ نِت نيازُ.
هي هي آهي حُسن جو ماريُون، غَمُ غمازُ.
"سچو" پِريائِڻُ پِرين جو آهي سازُ ايلازُ.

ڪافي 5

مون کي تنهنجي سارَ سنيار، وو،
ڇڏِ رساما تون، آءُ منهنجا يارَ، وي!

ڏوهُ نہ ڪوئي تو ڏيان، آهي مون ئي سِر ميارَ.
سِڪَ سوراخان مون ڪيا، هِينئڙي مَنجهہ هزارَ.
موٽُ مَران تي مينڌرا، برهي چاڙهيئي بار.
وِڃي ڪري ڪاڪِ ۾ هيءَ وِچاري وِچار.
"سچو" سي ئِي آئِيا، جي دل گُهريا دلدارَ.

ڪافي 6

منهنجو سوڏَل سارئي ساهہ،
وو راڻا رُسامَن سان مارِيئي!

وِڃي ڳڙهان ڪاڪِ تي، آڻيندوءِ الله.

Gul Hayat Institute

هِن مُئِيءَ جو ميندرا، توکي ڪيهو پَرواهُه.
سندو اچڻ تانهنجي، روز نهاريان راهُه.
گهڙي اوهان جِي ٿِي گُهران، چت اَوهان جو چاهُه.
مِهر مَٿو تو ناهِه ڪو، جيڪُس منهنجو بَخت سياهُه.
ڪوڏئُون قُربانِي ڪري، "سچو" ساهُه پَساهُه.

## ڪافي 7

پئِي پيش پرينءَ کي پاڻَ،
آءٌ چونديَس هَلِي حالُ هي!

تو تَوَن آهي ميندرا، ڪاڪ ساري قُربان.
دل کي ديوانو ڪيو پهڳڻ تنهنجي پاڻَ.
نامِيان ڏِسِج ننگَ ڏي، آءٌ تا ٿِيَس اَجاڻَ.
آندم هيٺِ عتاب جي، مون کي پنهنجيءَ چاڻ.
"سچوءَ" سَندي ساهَه کي، تانگهه ايذاهِين تاڻَ.

## ڪافي 8

مون کي ڪانڌَ بنا هيءَ ڪاڪ،
ڪوڙي آهي، ني وو ڪاڪيون!

سودِلَ پاجهون سرتيون، هيءَ مَري ٿي مُشتاق.
منهنجو ساهه سُڌير ٿئي، اَچي جي اوطاق.
سَقري آهي سونَ ڪَئِن، خاصِي ڍَٿَ جِي خاڪ.
سُڌ اَچِي لَهُه تَنهن جِي، جا چُور ڪَئِي چوطاق.
وِجهي ويچاريءَ ويو اَديون ڙي اولاڪ.
تَنُ "سچو"ءَ جو عِشقَ اوهان جي، چِيري ڪَيَڙو چاڪ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 9

آءُ تا ڏيهاڙيون زارو زارُ، ساريو روئان ٿي هت ڳالهڙيون،
گهٽيون گهٽيون!

ڪڏهن هُئڙوَ سُپرين، پاڇياڻيءَ سان پيارُ.
ڪامِلَ آهِيان ڪاڪِ ڪوُن، توبنا بيزارُ.
اِيندو هئين اَڌ رات جو ڪاهي ڪَرهُ سوارُ.
ماري مون کي ميندڙا، وَلَها هِيءَ وبڏارُ.
وَسي تنهنجِي ورهَ جو بادل هِت بِسيارُ.
ڏِسي وڏڙائِي تانهنجِي، هو ڏکِيءَ کي ڏهڪارُ.
”سچوءَ“ سگ اوهان جو تهن ڏي نيڻَ ڪڻو نِروارُ.

## ڪافي 10

وَلها وري آءُ، مون کوُن موٽُ نہ ميندڙا!

ميان مون سان نہ مٺين، سوڊل سائين ساءُ.
رکي شريڪت شانِن سان، هيءَ ڪميٺِي ڪاءُ.
هو جو اَچي يِٺَ ڏنهُن، وَٺي اُهو مون واءُ.
هَي هَي هِن جي حالَ جو لَهُہ سائِينءَ لڳِ سَماءُ.
”سچو“ ڪندا سي سگهرو پاٽُوَن چاڙِي پَرچاءُ.

## ڪافي 11

اَڙي جيڏيوون منهنجِو جيئڙو وٺيو سَجَڻ وجي!

چَرخي مُنا تاڙيون، پيئَرَ سَپ ڪائِي يَجي.
درد مَنديءَ جِي دل اها ٿِي، مَت نہ ڪَنهنجَڙي مَجي.
طَرف تنهنجي يارَ ”سَچُو“ ري، سوز نہ پنهنجڙو سَجِيَ.

Gul Hayat Institute

# داستان پيو

(1)

ڪاڪِ پُڇندا ڪاپڙي، ويا آڌو ٻنڌ؛
وجي رسيا اُنَ هَنڌ، جت ”مون تون“ آهي ڪانڪا.

(2)

ڪاڪ پُڇندا ڪاپڙي، وڏيءَ ويلَ وِيا،
لُڏاڻون لَنگھي ڪري، ڪنهن پرئين پَنڌ پيا؛
اُتي ٿاڪِ ٿِيا، جِتي ”مُون تُون“ هَڏنهن ناهِ ڪا.

(3)

لَنگِھيا لُڏاڻو، آئون ڪاڪِ چِڙيائون پوئتي؛
تاتي وڃي رَسيا، جاتي مومَل نہ راڻو؛
نَڪا مَسجد تَڪيو، اُت نَڪو تِڪاڻو؛
تاتي ٿِيُن ٿاڻو، جِتي ”مُون تُون“ ناهِ ڪا.

(4)

ڪاڪِ لُڏاڻو لَنگھيا، اَڄ لاهوتِي لال؛
اوري هَڏ نہ اَتِڪيا، ٿيا پرئين خيالَ؛
حدون پڃي هليا، جن ڪي حَد پڃائِي حالَ؛
تن سُرت منہ ڪا سَنڀال، وڃي ويجھا ٿيا وصالَ ڪي.

(5)

ڪاڪِ نہ وِيا ڪاپڙي، نَڪي لُڏاڻي؛
نَڪي ڍريا ڍَٽَ تي، جِتي رنگ رڪيو راڻي؛
اُهي مِڙئِي نابود ٿيا، تَن سامِن ساماڻي؛
ٿاڪِ ٿيا ٿاڻي، جاتي ”مون تون“ ناهہ ڪا.

Gul Hayat Institute

(6)

هيءَ ڏوهارڻ ڏاهه، تون ڍولِو ساري ڍِٿَ جو،
ڪامِلَ نِڪو ڪاڪِ تي، چَڙهِي ڪرهَلُ ڪاهه؛
ڪاٽيون ڪَنڍيُون ڪاڪِ جون، بِي لَڳي باغَن باهه؛
اِهو مُون تَوَن مِهڻو لاهِه، ڪا مِهر پَوِيئِي ميندرا.

(7)

چِڱي ڳالهه چَوانءِ، سا سُڻ ميان ميندرا:
”آءٌ تنهنجڙي آهيان، تون منهجَڙو آنءِ“؛
”هيءَ نِڌر تنهنجي ناءِ، آهي وڪاڻِي وَلها.“

(8)

ولها وڪاڻِي، آءٌ در تنهنجي آهِيان؛
تنهنجي ڏسَ ڏهاڳَ ڪئي، هيءَ ناميا نماڻي؛
هيءَ مَرئِي ٿي هاڻِي، تنهن مُنهن ڏيکارج ميندرا.

(9)

مومَلَ ماڻَرڻ هليا، ڪاپڙي ڪَلدارَ؛
وچ ۾ آتش دودَ جا، آيَن بُهت بُخارَ؛
ڪي سَڙيا تنهن سوزان ۾، ڪي نَر چَليا نِروارَ؛
ماڙي ڏسي پَنيلِيا، خود ڪَوُنَ خَبردارَ؛
ڪي ويا ماريءَ ڪَوُنَ نڪري، پِرت نہ جِت پَچارَ؛
نَڪا صورتَ اُتهين، نڪا تارَ تنوارَ؛
نَڪو ڏسڻ وار هو، نڪا سُرتِ سَنپارَ؛
ڪِين ڏنائون ڪاٿَهين، روءِ نَڪا رُخسارَ؛
”آلان ڪَمَا ڪَانَ“ تَحقِيقًا تَڪرارَ؛
لَتا شورَ شُمار، هَهَه تا حق ٿيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

روبو حالُ چوان، اَلا! جي اُونِي اوچاهون!

پايو پاندُ ڳچيءَ ۾، آءٌ پيرين تَن پوان.
سَرتيون اِنهيءَ سوز جِي، ناهي سُڌ اَوهان.
سُکن مَٿي ڪينڪِي، آءٌ مَتيان سورَ سَنوان.
سَجَڻ سَجَڻ تِي ڪريان، پيون لاتيون ڪِين لَوان.
جوشَ تَنهن جا جان ۾، مون کي آهِن نِتُ نَوان
"سچو" اَکڙين مان تِيا، ريلا رتُ روان.

## ڪافي 2

پِرين مُنهنجي اڱڻ، الله توکي آڻيندو!

اَچڻ سَندي اُن جي تيندِيون واڌايون، مبارڪ جَڳُ ڏيندو.
وري وسائج پنهنجِيون جايون، ٿورو مون تي لکَ ٿيندو.
پَلو پنهنجا هنڙا ڪري پلايون، لِڳين مون لائيندو.
خَبران ڪِيئَن جون اَسان ڏي آيون، توکي پِرين ساڻ نيندو.
ويو فِراق فَنا تي وصلَ ٿيون وايون، "سچو" نانوَ سَڏيندو.

## ڪافي 3

آئين سو ڳالهه سُڻائين،
وَلهيا ڪانگل، تون پَلِي آئين!

خط جو آندوئِي يارَ سَجَڻ ڏهون، هلِي سو نال پَڙهائين.
آءٌ تہ جوڙئين جاءِ اکين ۾، اَج اوڏاهون آئين.
سِگهڙو سِگهڙو آءٌ اَسان ڏنهُن، ڏينهن گهٽا چو لائين.
اَچو اَچو تون چو نہ اَچين ٿو محرم راز رلائين.
نانوَ اَلله جي يارَ "سچوءَ" کي، محبن ساڻُ مِلائين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

وعدو ڪِيئن وساريُو،

ڀَلا سائين، ڪيئي ڳالهيون ڳالهيون!

آسان نماڻن سان يارَ پيارا، ڪو ڏينهن مانَ گُذاريُوَ.
ڏکَ ڏيئي وَئين اڳي ڪَوُن آڳرا، وري نـ پوءِ نهاريُو.
هيڏانهن هوڏنهن ڇِني آسان کي، پنهنجيءَ ڪَڏِ قَطاريُو.
آتَڻ چَرخو ويٺي چورئُ ر، ڏيئي سو عِشق اُڏاريُوَ.
سڀ ڪنهن ساعت سانول سائِين، "سچوءَ" هِت سَنڀاريُوَ.

## ڪافي 5

جو تون پير پَري آئين،

تنهنجي توري هڪ نِتِي پُڇان... آلا، ميان!

عاشقَ هِتي لَکين هزارين، لَئون اسان تو لائين.
عَيب آسان ۾ آهن اَپارين، اِهي ڀَلا ڪيو تو پائين.
ڏوهـ ڏنگايُون ڏسي اَسان جون، چِتُ نـ اَسان تَئِن چائين.
راتو ڏينهان يارَ اَوهان جا، ڳُڻَ "سچُو" تو ڳائين.

## ڪافي 6

آڙي آلو آلو رانولَ آيو راڄَ ۾!

Gul Hayat Institute

ويَڙا سور سنڌو ڪري، اَڄُ پيمَر تِيَڙم پَلو.
جنهن ساعت گڏيا سُپرين، سا ساعت ڪنهن نـ سَلو.
ڳالهـ نـ ڪريو ڪا ٻِي، هاريون اَوهين هَلو.
ڏهاڙي ڏسڻ ڪَوُن، وارُ نـ ٻوندو وَلو.
اَصل آهي اُنهن سان، روحَ منهنجي جو رَلو.
"سچو" گڏيو سَجڻِن، کَرن لَڳو کَلو.

# سنڌي پورب

(1)

گَنگا ڪانءِ گُذرُ، آهي ڪَنِين ڪاپَڙين جو،
ڪڏهن لوڪ نہ لَڌيا، سدا تَن سفرُ؛
آهي نامُ مَشرُ، اُنهن آڌوتِين جو

(2)

جوڳي آهن جي، گوش گنگا ڏي تَن جو،
آهِن ڪوڏيا ڪات جا، پُڻ ڪاپڙي ڪي؛
سِرُ سَنباهِن سي، جنين ناتو ناٿَ سان.

(3)

جوڳِي جال ڏنامِ، پر ڪو ڪو لَيي ڪاپڙي؛
هي ويهي وسِتِن ويا، هو نہ لوڪِ لَڌيام؛
تنين ڪاڻ ٿيام، هَي هَي هِهڙا حالَڙا.

(4)

جوڳِي جالَ ٻُجهَن، پر ڪو نہ لهان ڪو ڪاپڙي؛
تن ڳُٽن پَريَن جَون ڳالهڙيون، ٿيون "سچل" ساهَہ سُجَهين؛
لوڪِ نہ ٻئي لُجهن، ٻِگَر نالي ناٿَ جي.

(5)

جوڳِي اوري جُوءِ، جي لوڪان لعل لِڪي ويا؛
لاهوتِي لنگهي وجِي، حُرَ پيا ۾ هُوءِ؛
راسِخَ روبروءِ، وجي نامِيا ٿيڙا ناٿَ جي.

(6)

جوڳِي آهن جال، پر لاهوتِي لنگهي ويا؛
هي مِڻ مِڻ ڪَنِ مَٽِيَن سين، هو ڪَڙا مَٿي خيالَ؛
سي لانگوتيا لالَ، پيئَر ياڳِ ملن مُون.

Gul Hayat Institute

(7)

لوڪين لاهوتِي، ڪنهن پَر نہ پِرپِيا؛
سي پنهنجو رڪِي پور ويا سالِڪَ ثابوتِي؛
اوهي آڏيءَ آڏوُتِي، نانگا وِبڙم نِڪري.

(8)

ڪري لنگهيا لوڪَ مؤن؛ لاهوتِي لوڙا؛
گهوڙا ڙي گهوڙا، جو من مستانو ٿيو.

(9)

پُورب ڇَڏي پوءِ، اڏوتِي اڳي ٿيا؛
ويا اوڪنديا اَڳنان، نہ ڪنهن لُڙيا لوءِ؛
رِجائي رَتُ روءِ، وينٿي وانَڙين تي.

(10)

جوڳي جالَوُن جالَ، پر لاهوتِي لنگهي ويا؛
هو هَليِ ويڙا حالَ ۾، هي قابو مٿيِ قالَ؛
هَيِ هَي منهنجي حالَ، جو حالُ نہ پيو هَٿِ مون.

(11)

جوڳن هِت جايون، جي هُنَ لوءِ لِڪي ويا؛
تپش تيش تَن ڪي، وڃَن لاهوتِي لايُون؛
ووءِ ووءِ واتِ وجهي ويا، وبرَاڳي وايُون؛
اڏوتِن آيُون خَبران ڪات ڪُسَڻ جِون.

(12)

جوڳِن آهہ نہ جنگِ، هِن سُلوڪِي سپ سان؛
جيجان هن جهانَ ۾، هِن طُريلا تنَگِ؛
ڪنهن جي رتا رنگِ، ماڻِڪ مُنهن مَشعلان.

(13)

لاهوتِي هِنَ لوءِ، آيِل آهن اَڄُ پِيِ؛
ووءِ ووءِ اڃا پَوندي، پوربيَن جِي پوءِ؛
اِنِ ڪاپَڙين ڪي ڪوءِ، سَگَر مَنجهہ صَحيِ ڪرِي.

Gul Hayat Institute

(14)

لاهوتِي مُون لوڪ، ٿورا ڪري لنگهيا؛
سدا سامِيڙن تي، محبتَ وسي موڪ؛
سي زائِر منجهوُن ذوقُ، ڪنڌَ ڏيَن تا ڪات تي.

(15)

ڪاپِڙي مون ڪالهَه، اجا ڏنا ڏيهَه ۾؛
هَي هَي منهنجي حال، جو ساڻُن ٿِيَس نہ سنگتِي.

(16)

هُو جي ڏنا ڏيهہ، ڪالهہ اَجان مون ڪاپِڙي؛
سي اَڄُ لنگهيا لوءِ مَون، دانهہ ڇڏي ديهِہ؛
هاريُون هُوءِ هَڏيهِم موتَن ڪِن مَڪانَ تي.

(17)

پُورب پَندُ نہ آهہ، ڪڏهن ڪاپڙيَن ڪي؛
جِت ماٿهن ميڙاڪو ٿئي، سا جُوني جوڳِن جاءِ؛
سامِي سِرَ سَواءِ، سودو ڪن نہ ڪو ٻيو.

(18)

پُورب آهہ نہ پَندُ، ڪڏنهن ڪاپڙين ڪي؛
سي ڏيندا ويراڳي وڃِي، ڪاتِن متي ڪنڌُ؛
هوءِ سَندنِ هَندُ، جو لُڙ گڏجي لَعل ٿِيا.

(19)

پُورب رکِي پيرُ، ڳَن پُڄَ پَراهن پَنڌَجِي؛
ٻيو ڪو وجي انهِين، ڪاپڙين ريءَ ڪيرُ؛
جنهن کي ڦِڪَلُ نہ ڦيرُ، ڪنڌُ ڏيندو سو ڪات تي.

(20)

پُورب پنڌ نہ ڪن، ڪنهين ويلي ڪاپَڙي؛
ڪوڙ ڳپائڻ ڪنڌَ جو توڙِوُن آهي تَن؛
"سچل" سدا سامهون، آڏي آڏوتَن؛
سي وڃِي ڪاتِ ڏين، ڳردنون ڪنيو غار ۾.

Gul Hayat Institute

(21)

جاڏي پُورپ پنڌُ، تاڏي آءُ نہ وڃڻو،
هي هِنن جو هنڌُ، منهنجو هنڌُ هِنگلاج ۾.

(22)

پُورپ پُڇيائون، پر پيرُ رکيائون پَرنان،
اوريان پَريان پنڌڙا، سي لَس لنگهيائون،
اِئين اُتيائون تہ گُرَ اَسين نہ گڏيا.

(23)

پُورپ کانءُ پري، نانگَنِ نظر آهِ تا،
نِگهہ وجهن ناٿَ تي، پِريَون پير پَري،
مَنجهون ذوقَ ذري، گُرَ گڏيا وڃِي گودڙيا.

(24)

پُورپ پَير ڊرن، ڳَن وِڃَٽ پارهين پنڌ تي،
قدم رکي ڪاٽَ تي، ڪنڌُ قربان ڪَرن،
ڪوڏِن ڪاپڙِن، "سچل" سِر صدقي ڪيو.

(25)

مٿي ڪاٽَ قَدمُ ڪاڪيون ڪاپڙِيَن جہ
سنسو ميٽي سروپ ۾، "سچل" ٿيا سي سَہ
سدا ساميڙن جو دَمامين سان دَهُ
آديسِي عَدمُ، ٿيا نالي اَندر ناٿَ جي.

(26)

ويا هَتِيُن ويهِي، اَجا ڪالهہ ڪالهوٽي ڪاپڙي،
آيل اَڏوتِن جِي، ڳالهہ ڪريان ڪيهِي،
"سچل" ساري سڪ مان، گاروڙي گيهِي،
پُورپ ۾ پيهِي، وڃِي واصِل ٿيا وِصالَ کي.

Gul Hayat Institute

(27)

هَي هَي ڪالَهه هِتناءِ، اَچا لاهوتِي لنگهيا؛
ڪونَ وچَڻ جو مون ڏنو ساميَڙن سَماءِ؛
تا ڪو پَوي پِرياءِ مَن لاهوتِن جو لوءِ مَون.

(28)

ويا لاهوتِي لالَ، لورا ڪري لوءِ مؤن؛
ڳالهه نه ڳَرهَڻ جَهڙِي، مگر مُنهن مَشعال؛
هَي هَي هِهڙِي حالَ، ساريون سي سَڏَ مَران.

(29)

جو پَنڌُ جوڳيڙن جو جو سو آڏوتِن اَچاءِ؛
گنگا ۽ گرنار ڏي، جوڳِن پَنڌُ جُڳاءِ؛
پنڌُ اُنهِين ڪؤن پَرنان، اَڏوتِن ڪي آءِ؛
تان تان ٿِين نه جاءِ، جان جان ريجهَنِ، نه رامَ سان.

(30)

ڪوڙين قربانِي، آءٌ تا ڪاپڙين ٿؤن؛
ڏيئي ويا جي ڏيل ڪي، هَي هَي حيرانِي؛
ماريون مِهمانِي، آءٌ تا سِرُ ڪَريندِيس صَدقو.

(31)

ڪري لورا لنگهيا، هَي اڏوتِي اَڄُ؛
مون هَئون اَمان يَچ، جو آءٌ به ويندِيَس اُن سين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آءُ ڪوڙين ٿيان قُربان، جوڳيڙن جي جات تؤن!

ڪاڪيون ڪاپڙين جو ڏاڍو آهي مون اَرمان.
آيل آڌوتِن جو آهي گنگا ۾ گذران.
نانگن سَندي ڳالهڙي، هِت پُورب ۾ پَروان.
"سچو" ناٿ نِهارين چو تو ٿئي هنڌِ ٿِي تُون مِهمان.

## ڪافي 2

ساڃي مون تا سڃاتو اُهو جيڏيون يار منهنجو!

اَصل لاڳؤن آهي انهيءَ سان، هن نماڻيءَ جو ناتو.
تہ ڪو ٿِي ڪري جوڳي اِيندم، چاڻُ نہ هِيئَن مُون چاتو.
ڏِسي صورتَ ساري سُهڻِي، عشق اُنهيءَ سان مُون چاتو.
هيءَ نماڻِي عيبَن هاڻِي، پيچ پاڻهي تَن پاتو.
سَهَو "سچو" ري ڏسان اَسان جي، چِٽُ نہ دلبر چاتو.

## ڪافي 3

جِيجان زلفن واري، اُنهيءَ ساميءَ مَن موهيو!

باهہ بِرهہ جِي اَندر اَسان جي، ويو سو ڀهڳُڻ باري.
هِجر فراق پِي ور يار اسان کي، ڪُوڪان ٿو هِت ڪاري.
جوڳي ڪيَڙوُ جيءَ اسان جو مونجهہ اهو ماري.
اچڻ سنديون يار اوهان جون، "سچو" واٽان نِت نِهاري.

## ڪافي 4

ماري ويو ڪالهہ رات، سونهن پِريو سو تا سامِيڙو!

راتو ڏينهان روحَ کي، طَلبَ تُنهن جي تات.

Gul Hayat Institute

ڪينَ سُجاتم سرتيون، تا ڪهڙي آهي ذات.
سور نہ جهلڻ جهڙو هاريون ڙي هيهات.
اَنئي پهر تنهن جِي وائِي، ”سَچوءَ“ ڪي آهي وات.

## ڪافي 5

جو هوم ورونهن وارو جيجان گڏيم سونا جوڳِيَڙو!

اَڳِينءَ پوئِينءَ ڳالهہ جو خيالُ سلَيائين سارو.
سُورن جي سوغات سان، آيو اوڏنهُن وڻجارو.
پَسڻ سان پيدا ٿيو سيني مَنجهہ ستارو.
صورتَ تنهن جِي سقري، مَشعل مُنهن موچارو.
جُڙي وينو جان ۾، بِرهہ اُنهيءَ جو بارو.
آهي ”سچوءَ“ جو سرتيون، اِهو اڪين جو اُجارو.

## ڪافي 6

ڪهڙي ڳالِهيئن يار، ڪِيتئِي بيراڳِي اسان کي!

دردمنديءَ جي دل تي، باري چاڙهيئي بار.
اَصل ڪَون آرام وڃايا، جانِي تنهنجي جار.
مون کي يار جدائيءَ ماريو آءٌ روئان زارو زار.
ڪيئِي داناءَ ديوانا ڪِيَڙا، تنهنجي حُسن هزار.
غمزي ساڻُ غلام ڪياسي، ”سَچو“ ري سردار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 7

هَي هَي هِن حالَ وي، سَڳَر ٿيس نہ سامِيڙن جي!

منهنجو آهي ڪم ڪاپڙين ۾، نا تہ جوڳِي آهن جال.
ويم وبساهي نڪري، اُهي رات لانگوٽيا لالَ.

ڳوليان ڦوليان واٽڙين تي، جي ڪُهي ويَڙم ڪالهه.
ڪاتَ اُتي ڪَنڌُ آڻ ڪَپاوڻ، لاهي جيءَ جنجالَ.
منجهه گوداوريءَ من گڏجن، جن جا خواب خيالَ.
راتو ڏينهان آهي هوتن جِي، ”سچو“ ساهَه سنڀالَ.

## ڪافي 8

اُڏر پکيڙا پار پرينءَ جي، خبر مون آڻي ڏئين. لا!

ڪِين ڏِئي سي سُپرين، واٽ تا ڪنهن بيءَ وئين.
پاڙي ويهي پِرين جي، وڃِي تون واقف ٿِئين.
سُڌ سيائِي مون ڏئين، جڏهن پاڻِي اَکين جو پئين.
سوز ”سچوءَ“ جو پاڻ سان، ادا ڙِي نازڪ نِئين.

## ڪافي 9

عاشِقُ ڪِيتُئِي اُداسِي، وهواهه ڳالهه خاصِي!

روز ازل ڪؤن لؤن منهنجي، اوءَ ورهَه جي واسِي.
دِلڙي اسان جي سُهڻا سائين، پهريون ڪِيئِي پياسِي.
هيڏي هوڏي ڪين وياسي، باسَ اِها اَسان باسِي.
بيخوديءَ مون باغ بهاران، خوديءَ ڪانءُ خلاصِي.
بِرهه اَنجي ڪيو بيراڳِي، ”سچو“ رنگ سنياسِي.

Gul Hayat Institute

# بيت سنڌي روجهن بابت

(1)

روجهُون رڻُ يادِ ڪيون، اُيين رتُ رئَن؛
هر ڪنهن ويلَ هُئَن، اِهڙن اوراتَن ۾.

(2)

روجهُون رڻُ ڦِٽو ڪري، لاهِہ لهِي آيون؛
ٿِين تار نہ ٿرايون، جو مُند نہ اُتن مِينهڙا.

(3)

مُندين مينهُن اُنانِ، وري روجهُنِ رڻُ ڦِٽو ڪيو،
ڏولائي جا ڏينهِڙا، گهٽا گهر ڏٺانِ؛
اُنهيءَ ڪَڙن آرمان، لحظي مَنجهہ لهي وبون.

(4)

مُندين مينهُن پيونِ، ٿَرايون تار ٿيون؛
وچڙ مٿين ماٿرين، ٿاڪن تي ٿيونِ؛
وسِري ڪينَ وبونِ، سو رڻُ ريجاڻِن جو.

(5)

هَنيڙو چڏي هُت، ٿيون روانيون روجهون؛
ڏکيا اوسَر ڏينهڙا، ٿيون گُذارنِ هت؛
اَنئي پهر چِت، وطن ٿَن نہ وسري.

(6)

رڻُ چڏي روجهُون، ڪا ڏس چِتائي هَليون؛
جيلهان مُند نہ اُٿا مِينهڙا، تيلهان ٿيون ڪوجهون؛
لُڪَنِ جون لوجهُون، جَرين جالِڻَ هَليون.

Gul Hayat Institute

(7)

ماڻر مينهن پيان، روجهان موتِي آئيون؛
وسَر سَندا ڏينهڙا، وسري سڀ ويانِ؛
ٺاٺا ٺر ٺيان، ڦٽيون ڦوڙيون گڏيون.

(8)

جڏهن ٿيا اَبر، تڏهن روجُهن ڳاٽَ مٿي ڪيا؛
موليٰ وچڙيون نيڙيون، جن ٿي گذاريا اوسَر؛
پهاڙيءَ جي پاندَ ۾، گڏجي ڪَن گُذر؛
ٿيون سيپئي سَر، لَنگهَين ڏکيا ڏينهڙا.

(9)

جي ڦَٽيون جي ڦوڙيون، اُني اَچي گڏ ٿيون؛
اوسَر ڳيون هُيون، اورَنيون اوريون؛
لَکين ڪِروڙيون، رُڃ سيوئي روجهيون.

(10)

روجهڙيُن اُتاءِ، لنگهيا اَوسَر ڏينهڙا؛
موليٰ آندا مِينهڙا، پنهنجي مهر مٿاءِ؛
جي هيون ويچاريون وِڇڙيون، هڪڙيون ٻين ڪاءِ؛
ويُن ڏولُ وِڇاءِ، اُني اَچي گڏيُون.

(11)

آسروند آهين، روجهون راٺيون رڃَ ۾؛
اُپيون پيون اُپ ڏي، واٺڙيون واجَهائين؛
رڙيون ڪيو رڃَ ۾، ٿيون بُوندون بَرسائين؛
تنهن ڪُندِ ٿيون ڪاهِين، جنهن ڪُندا! وسَن مِينهڙا.

(12)

"سچو" رک سَماءِ، تو روجهن سان گڏين؛
هاٽي صبر مَنجِهه ٿي آءُ، ڪمائي پوري ڪري

Gul Hayat Institute

(13)

آيون وَس چڙڪي، جو مُندن اُتَن مينهڙا،
موليٰ سندي مِهر آهه، جي وچڙيون گڏ گڏي،
لتيون لاهه لڏي، روجهون ريجاٽِن تي.

(14)

رٽئُون روجهُون آيون، وين اوسَر ڏينهن،
مُندين اُتَن مينهڙا، ڪيئون رخُ ريجاٽِن تي.

(15)

رٽئُون آيون روجهون، جو سنپاليائُون ديسُ،
مُندين اُتَن مينهڙا، وسري وين پرديسُ،
جي هيون اُتي ريءَ اُديسُ، سي پُرڻ سرهيون ساهه ۾.

(16)

جي اوسَر ڏِسي روجهيون، رڻَ چڙهي ويئيون،
تن ڪي وچِي اُٺهين، پلڪان ڪي پيئون،
پوءِ مُندين اُتَن مينهڙا، سَبزيون سڀ ريئيون،
ڏوءِ واري ڏيئيون، ڏِليون گاهه گُلن تي.

(17)

رڻِ چڙهي روجهان، ويون وري ڪَٽُ ڪري،
سَبز سِيٽيون آئون ساوڙيون، سَپ ڪا چاڪُ چَري،
پُري آئيون پِيئي تي، پهاڙئن پَري،
وين ڏولائي ڏينهڙا، سَپ ڪا پَلُ پَري،
"سچو" مون نه سَري، ريءَ ميلائي سَجَڻين.

(18)

جي رڻ چَڙيهون روجهَڙيون، ڪيون ڏولاون ڏڪيون،
جبلن سَندي جهولِئين، بِرُ هيون بُڪيون،
ٿيون هاٽي سپ سُکيون، جو مُندين اُتَن مينهڙا.

Gul Hayat Institute

(19)

هِنيون لاهي هَليون، روجهان رڻُ چتاءِ؛
موتي مِهر موليٰ جِي تين، جو اُنن مينهن مَتاءِ؛
ڏولائي جا ڏينهڙا، لاٿا پارَ خداءِ
وري پنهنجي ديس ڏي، وريون جاءِ بجاءِ؛
واري وسَ وساءِ، ڪا رازقَ روجهڙيَن تي.

(20)

روجهون وٺي واٽَ، هليون ٿرايَن تل تي؛
گولاڙن جي گس تان، چَٽن مِٺي ماٺ؛
لاهي اُڃ اساٽَ، راهِي ٿيون رڻَ راهَہ ڏي

(21)

روجهون ريجاٽن تي، لنگهي لَس وبون؛
بوندون جت بارَان جون، پهاڙين پيون؛
رڻَ ۾ سي رهيون، جن پندُ نہ ڪيو پهاڙ جو

(22)

راهي ٿيون رڻ راهہ ڏي، لاهي اوسَٽ اُڃ؛
پهاڙيءَ مان پُڄَ، روجهن ڪيا رڄَ تي.

(23)

راهِي ٿيون رڻَ راهَہ ڏي، لاهي اُڃ اُساٽَ؛
آچي وُٺن اوچتو وڏ ڦڙي ۾ واٽَ؛
رعد جي رڙين تي ٿهي ڏٺائون ٿاٽَ؛
پڳيون منجهہ پهاٽَ، لٿن سِڪَ "سچو" چوي.

(24)

وٺي وٽَ پهاڙَ جِي، هليون منجهان هيجَ؛
رسِي مٿي ريجَ، پانڌوڙيَن پيا گيا.

Gul Hayat Institute

(25)

رڃَ چڙهي روجهون ويون، ڏسي اوسَر ۾ اولا،
اُنا مينهن مِهر جا، مِهر ڪئي مَوليٰ،
روجهون ريجهيون ڏسي ڪري ريجهڪ رسيلا،
واحد وسيلا، پٽن تي پڌرا ڪيا.

(26)

روجهُن زارو زار، اُڀي رنو رڃَ ۾،
رڙيون سُٽين رُليُن جون، سعيو ڪيو ستارَ،
ساري ساز سُرودَ سان، سارنگ لَڌين سارَ،
روجهن ساڻ رهاڻ لئہ، ڪِنوٽين ڪَئي ڪيڪارَ،
ٿهي هليون ٿيلن تي، سُٽي گوڙ گجڪارَ،
وسِي وسَ وڏي ڪَئي، وَسڻ جِي وسڪارَ،
تانگهيون تارَئون تا ٿيون، ترايون تلهارَ،
سَچي لَذڙي سارَ، سِگهي تن سڪَ وارئين.

(27)

ڦوڙائي جون ڦَٽيون، ڦوڳيون ٿيون ڦولهين،
آبر سندي آسَريٰءَ، تَڪَرَ ٿيون ٽولهين،
ڳوليو ٿيون ڳولين، ترايون ٿَر پَريون.

(28)

”مُندائتا موٽيا“، روجُهون چَوَن روئِي،
”قسمتَ قيدالماءِ“ ڪي، ڪونَ جَهلي ڪوئِي،
”سائين سِگهوئي، ڪندو وسَ ولِهن تي!“

(29)

”مندائتا موٽيا،“ روئِي چَون روجُهون،
ڪمينيون ڪوجهيون، قادَر تنهنجيون آهيون!“

Gul Hayat Institute

(30)

پانڏوڙيون پهاڙَ جون، رٽين ڪوهہ رهن؛
لوچي سي لَهَن، جن ”سچو“ ٻَڏو سندرو.

(31)

ماڻر مڻاهان پنڌڙا، پانڌوريون پُرن؛
سانگن مٿي سَرڙا، چَريو سي چَرن؛
وري ٿيوُن ورن، ”سچل“ سي ساٽيهہ تي.

(32)

چڙهي رڻ راهِي ٿِي، روهَن مٿي روجهہ؛
بيلي پَئي بوجهہ، چَرڻ جِي تنهن چِت ۾.

(33)

روهَن اَندر روجهڙيوُن، ڪيون ڏکيون ڏولاون،
”سچل“ سي ساون، سکيون ڪيون سکديس ۾.

(34)

پلر پَهاڙين پَلتيا، واحد ڪَين وَس؛
لنگهي ويون لَسَ، روجهون ريجاڻَن تي.

Gul Hayat Institute

# سر سارنگ

(1)

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان؛
بجلي بادل سان آهي جيئن سُپرم.

(2)

سارنگ سندا ساٿَ، سرتيون سانڍِ آئيون؛
ڦيريو راڳن ٺاٿَ، وڄن وبس وَس ڪيا.

(3)

پورب سندي پار جي، ڪڪر ڪارونيار،
وِڄن ۾ وَڄڻ سان، چڙهن ٽا چوڌار،
اُپِي ڪي آبِيندي، لڏئون سِنڌڙيءَ سار،
ساوا ٿيا سَنگهار، موليٰ سَنديءَ مِهَر سان.

(4)

موليٰ سَنديءَ مِهَر سان، ساوا ٿيا سَنگهار،
ڏَلهي چِڙيو ڏُٿ سان، ڏوٿيين ڏِيار،
ترايون تجل جون، ٿيون تارون تار،
سَو راهين سنوارَ صاحب سَئائِي ڪَئِي.

(5)

ٻهه ٻهه ڪندا آيا، ٻيهر ٻَڳَر والَ؛
ڪڪرن جي ڪڙڪاٽَ ڪان، ويا ٿِهي مالَ؛
آهُن ۾ اچي پَئِي، چونگن سندي چالَ؛
مندائتي منڊل ڪيا، جر اُنا جالَ؛

Gul Hayat Institute

پَلَر سان پُسِي پيا، پنهوارن پَلال؛
جُهري پيون جهوپيون، جهانگيڙن آ جهَال؛
نَنگو ڪَج نہ نِڏر ڪي، نَماڻن نَنگ پالَ!
جَنِ جا هِهڙا حالَ، تن پَرور پَت رکيج تون!

(6)

مِهَر سَندا مِينهَن، شاهہ وسائِين شَل!
جُهريَلَ منهنجي جُهوپِڙي، بنا جهَلي جهلَ؛
ڪاهِل تي ڪَهَل، ڪندين شالَ ڪريمَ تون!

(7)

وِڄُن وِڪَ وَڏائِي، وَسَڻَ وسُ ڪِيو؛
وَڄڻ واڄا واهہ ڪيا، پَلُر پوءِ پَلِٽِيو؛
"سَچا" سائو ٿِيو، سڀ ڪو سارنگ آئي.

(8)

نازڪ سندو نِينهُن، آهي اِئين جيڏيون؛
پنهنجي رائي ريج ڪري، جيئن ساوڻ مِينهُن؛
راز رکي تو ريهُن، مَن ۾ محبوبيءَ جو.

(9)

راتاڪو ريهُن سان، رِڻَ ڪيائين ريجَ؛
پَٽَن مٿان پَلِٽيون، هيرون مَنجهان هيجَ؛
بَرن ۾ بهار ڪَئِي، گلزاريءَ جي گيجَ؛
"سَچل" سارنگ سيجَ، سونهين ساوڪ وڃَ ۾.

(10)

سارنگَ رنگَ ڪيا، پوباڙيءَ پَٽَن تي؛
بَڪَر باباڻن جا، پَلَر پِي ڊِيا؛
ڏيهان ڏرت ويا، مولي سنديءَ مِهَر سان.

Gul Hayat Institute

(11)

عالم کي آگاھ، سارنگ ڪندو آيو؛
گُرڙَ جيئن گوڙيون ڪري، ڪاهيو اَچي ڪاھ؛
وايوَ سان وارا ڪري، ناهيو اَچي ناھ؛
وَسايائِين وَڏَڙو واڻن تي واھ؛
گلزاريون ۾ گاھ، پَٽَن تي پڌرا ٿيا.

(12)

اَڄ پڻ پُورَبَ پارَ ڏي، ڪَڪَر ڪڪوريا؛
سارنگَ سُرَ سُرائتا، ساجهري سوريا؛
سُر منڊل ۾ سارنگيون، چَنگ چڱا چوريا؛
اُپَ اُتي اوريا، طَبلَ تارون تيج سان.

(13)

وسِي پيو وڏَ ڦڙو، پِنيون پِٽَ پَريون؛
پِناريون پِٽُن تان، وتاٽين وريون؛
کِيرن جون کَريون، چاڙيين ڏنئون چاھ مان.

(14)

چاڙيين ڏنئون چاھَ مان، کيرن جون کَريون؛
وهائيندون سي آئيون، ٿَڻن مان ٽريون؛
پَناريون پريون، آيون وسائي وڏَ ڦڙا.

(15)

والي وسائج، دردمنديءَ جو ديس،
پِرين مون پرديس، اُني اِيندم اُوڏڙا!

(16)

مُندون موٽِي آئيون، جُهر جهجها جوٽيون؛
پلَر ساڻ پُر ٿيا، پونا ۾ پوٽيون؛

Gul Hayat Institute

پَسِي مِينهن مهر جا، ميهُيون اَج موتيون؛
چَريو اَچن چوتيون، وٿاڻين ولَر ڪيو.

(17)

والي وري تون، وطن تي وَس ڪرين؛
مِينهن وسندي مون، سڄڻ ساريم سُپرين!

(18)

ديسا ديس وسِي پيا، رحمتَ جا درياهہ؛
گلزاريون ۽ گاهہ، پوٽن تي پڌرا ٿيا.

(19)

سارنگ سعي ۾ اُتِي، ”سچل“ سستِي ڇڏ؛
مٿان ايندءِ اوچتو هاڻ نہ مُڙندءِ هَڏِ؛
اَجهاپِي ڪا اَڏ، وسَڻَ ڪان اڳي وجِي.

(20)

سارنگ ساري رات، رٽن مٿي ريج ڪيا؛
پَکن پرڙا سوئيا، پِرهہ ڦٽِيءَ پِريات؛
پَٽَن تي پڌرا ٿيا، گُلَ ڦُلَ پاتون پاتِ؛
وائِي سڀ ڪنهن وات، ”سچل“ سارنگ ساٿ جِي.

Gul Hayat Institute

(21)

سارنگ صبح آئيو گوڙيون ڪري گاجَ؛
هاري هَليا هاج، ڪُڙمين هَر ڪُلهي ڪيا.

(22)

پينر نا پائنيو تہ بوندن گئي آ بَس؛
اِجهوڙي آئيو وري وبتر وترو.

(23)

اکين آب وهائيو سرتيون ساري راتِ،
وهائِن وڏ ڦڙو پرچن نا پرياتِ،
پيئنر کان بَرساتِ، اَکين اوتن سکيو.

(24)

هڪ وسَڻ پيو وَڄڻ، ٿيون لَهي پيو سِيءُ،
جهوري وڏئين جهوپيون، ڇَن وڏائين ڇِيءُ،
رتن جي رئن ۾ واهـ وسيلو ٿيءُ،
حال جنين جو هيءُ، تَن پَرور رک پناهَ ۾!

(25)

اَول آنڌي آئِي، پوبان جُهڙ جهجَهو،
نڪو اولو آسرو نڪو اوٿَ اَجهو،
ڏهيلين ڏجهو تَن پروَر رک پناهَ ۾!

(26)

اَول آنڌي آئِي، پوبان ٿي برساتِ،
رعد جي رڙين ۾، پيٽي نہ هُئِي باتِ،
وبچارين ورن جي، وائِي، هُيَڙي واتِ،
مٿان وسَڻ هينان ڇَڪڻ، سيءَ مُيون سب راتِ،
پِرهہ ڦٽي پِريات، ڪٽڪان ڪانڌين گڏيون.

(27)

اَڄ پوربَ ۽ پار ڏي، ڪَگرن ڪيِيا ڪوڙَ،
صبح ويل سوبلَ جو سارنگ لاتِي سوڙَ،
وجن واجا واهہ ڪيا، مينگهہ ٻَڌا اَجُ موڙَ،
لوڪان لاتِي لوڙَ مولٰي پنهنجي مهر سان.

Gul Hayat Institute

(28)

اُتَران اوري، بادل بَرسِي آئِيا:
سُرَ سُريلا سوز جا، سارنگ تو سوري:
گهوري مان گهوري، اجهو اَگُڻ آئِيا.

(29)

اُتران اوري، ڪئِي چِمڪٽي چَمڪات:
اُتان ڪيائين اوچتِي، لس ٻيلي تي لاٿَ:
منڌلَ ٿيا مڪرانَ تي، گوڙن جا گڙگاٽَ:
ڪَڪَرن مٿان ڪيچ جي، ڦڙڪِي ڪاڏا ڦاٽ:
وري ورتَئُون واٽَ، "سچل" سائي سنڌ جي.

(30)

سچلَ سائِي سنڌ جِي، وري ورتائون واٽَ:
جُهڙ ڦڙ جُهلي آئي، جهٽِڪو ڏيئِي جهاٽَ:
وسِي پيا وڏَ ڦڙا، گهيڙ پُسائي گهاٽَ:
لاٿِي اُج اُساٽَ، سارنگ سنگهارنَ جِي.

(31)

سارنگ آيو صبر ۾، بوندن ڪئِي بَس:
رنگا رنگِي رسِ، قَزح ڪَڍي نيل تي.

Gul Hayat Institute

# هير رانجهو

## داستان پهريون

(1)

چڏي ملڪيت مال، رانجهو رڻُ چڙهي هليو،
قسمت ڪَيُس ڪنگال، نہ تہ حاڪم هو هزار جو.

(2)

حاڪم تخت هزار جو قسمت ڪيو ڪنگال،
مسڪينيءَ جو مردَ ڪي، خطرو نڪو خيال،
محبت مستانو ڪري، ههڙو ڪِيَڙس حال،
پُڇي جهنگ سيال، حُب نہ تخت هزار جِي.

(3)

مالڪ اُنهيءَ مُلڪ جو رانجهن مان راجو،
الفت ڪان عطا ٿيو ڏکن جو ڏاجو،
عشق ڪَيم اَجو دنيا جي ڪُل دردَ ڪان.

(4)

مالڪ تخت هزار جو رانجهو آءٌ راجا،
ڪاني مون کي قلب ۾، قربَ هئين ڪا جا،
ڏکن جا ڏاجا، لکيا هُيَم لوح ۾،

(5)

شاهِي هُيم شان، دلبر پنهنجي ديسَ ۾،
اُتان آيس اوچتو ڪِٽي سورن جو سامان،
ڇا منجهارؤن ڇا ٿِي آيس، اهو اٿم اَرمان،
حيرت ۾ حيران، مون کي هِير هتي ڪيو.

Gul Hayat Institute

(6)

رانجهو هُيس راءِ، مالڪ پنهنجي ملڪ جو،
اديون عشق انڌو ڪيو پيِرّم ڪِين سَماءِ،
گهورن ڪيم گهاءِ، هِتي اَچي هِيَر جي.

(7)

اَچڻ اوڪو مون هُيو هاريون آندم هِيَر،
پنهنجي لِکِئي پارَ ڪي، پاڻ پَٽي تقديَر،
ڪا نہ هلي تدبير، قسمت قيدالماءَ سان.

(8)

جوڳيا ويس ڍڪي، لاٿم سڀ لباسُ،
پَٽ پٽيهرَ بافتا، نپت ڪيم ناسُ،
ڪيو نينهن نِراسُ، دنيا جي درد ڪان.

(9)

مون کي ماءُ ڪيو چوچڪ ڏيءَ چريو،
عقل هوش نيو منهنجو محبت وارئين.

(10)

چوچڪ ڏيءَ چَريو مون کي ڪيو ماءُ،
پيِرّم ڪو نہ سماءُ، آيل عشق انڌو ڪيو.

(11)

شاهہ هزاري هوت کي، محبت ڪيو ميهارُ،
عاشق کي عارُ، ڪهڙو آهہ قَريبَ ڪان.

(12)

مور نہ محبت ڪان مُڙان، هتي اَچي هاڻ،
ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ، ڳئون چاريندس ڳوٺ جون.

Gul Hayat Institute

(13)

ڳئون چاريندس ڳوٺ جون، ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ؛
اِها روهه رهاڻ، مَنَ پِيي ميلي محب سان.

(14)

ڪاڪ ڪنين جي ڪاڻ، ڳلين ٿِيس ڳنوارُ؛
من مون ملي يارُ، لَهَن ڏولس ڏيل جا.

(15)

نورنگ ندورو، ڪيڙو وجهان ڪوهه؛
رانجهو منهنجي روحَ، سدا وسي ٿو سرتيون.

(16)

ڪيڙي نا مڙي، مولي مون ڪي جيڏيون؛
جَهنگ سچو جهيڙي، تہ بہ رانجهن منهنجي روح ۾.

(17)

ڪيڙو وجهان ڪوهِہ نورنگ ندورو،
دل اَٽم ديرو، هزاريءَ جي هوت جو.

(18)

واحدَ شالَ وجهين، چڱي چوچڪ چٽ؛
ٻرور رکين پٽِ، سدا سِڪَ وارئين!

(19)

ريجهي روح رانجهي سان، ڪَيڙو ڪَپڙتالُ
وِڏون وجهي وچ ۾، چوچڪ ڏسُ چنڊال؛
مادر مِهڻا جهجها، جهيڙي جهنگ سيالُ؛
منو مون مِهوالُ، مون ڪان مور نہ وسري.

(20)

هَر هَر وينو هِير جي، رانجهو ڏسي راهَہ؛
وينو وجائي وَنجهُلِي، چاهون تي چناهَہ
سانڍيو وتي ساهَہ، "سچل" سور سڄڻ جا

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

جو جڳي زلفن وارو، سو سامِي مون تا ڪين سُڃاتو!

ڳَل ڪئي ڪفِني دست پَهوڙا، مشعَل مُنهن مُوچارو.
انگ ڀڀوت بنائي آيو بيک پئِي وڻجارو.
ٻئي لباسَ ڪو رانجهو اِيندو چڙي تخت هزارو.
سببَ اِنهيءَ ڪَون ڪين سُڃاتم، ماريو مُئيءَ لئہ وارو.
"سچو" سُڃاتو تہ رانجهو آهي، جڏهن جمال سَليائين سارو.

## ڪافي 2

جو اڱڻ پيهي اَڄ آيو
سو سامِي مون تا صحيح سُڃاتو!

بيراڳيءَ جو بيک ڪري، تنهن ڪيڏو هنر هلايو!
سَر جَهتائون جوڳِن واريون، تنهن لِڱين بسمو لايو.
مُرليءَ مست آواز اُنهيءَ جي، منهنجو روح ريجهايو.
رانجهو تخت هزاري وارو، مولِيٰ آڻي مِلايو.
عطر عنبير اِنهيءَ جي ڪارڻ، مون تا مُشڪ مَلايو.
پياري هِي سِر پاٽون جاڻي، "سچوءَ" کي سمجهايو.

Gul Hayat Institute

# داستان پيو

(1)

لوڏي ڳڏيائون لوءِ مان، رانجھَنُ رمزدار؛
جاڻي هليو جان تي، جوڳِن جو جنسار؛
مُرلِي مٺيادار، ڇوريون وتي چاھَ مان.

(2)

اَلستِي آواز کو منهنجي ڳن پيو؛
هِردي اندر هِيرَ جي، آهي ڪو نہ ٻيو؛
مُرليءَ مست ڪيو جوڳيڙن جي جيڏيون.

(3)

ڪاريھَر ڦتِيلَ، گودين وڏا گودڙئي؛
مُنڍيو وتي مَنڍن سان، نانگ نسوار نِيلَ؛
رانجھن جي رسِيل، مُرلِيءَ مستانا ڪيا.

(4)

مُرلِيءَ تي تنهن مَردَ جي، ڪنيا ڪاريھرن ڳَرَ؛
ٻِرَ ڇڏي ٻاهر ٿيا، نِيلا نِڪري نَر؛
زهري منجھہ زهَر، جوڳِيئڙي جھَٽي ورتا.

(5)

جن کي آديون اوچتي، ڪاٽيو ڪاريھَر؛
تَن جي خاص خَبَر، جاڇيو جوڳِيڙن ڪان.

(6)

جاڇيو جوڳِيڙن ڪان، تن جي خبر خاصُ؛
نانگن ڪيا ناسُ، سِنگھَڻ سان سَوَن مٿي.

Gul Hayat Institute

(7)

ٻَرَ مان ٻاهر نڪري، ڪاري ڪنيا ڪَرَ؛
ڏَرُ اِنهيءَ جي ڏَرَ، جِهين ڏَرُ نہ ڏيهَہ ۾.

(8)

سَپ سُڃاتئون ڪِين ڪِي، جوڳن ماري جڪ؛
جَنِين سِنگهو ڪَڪَ، سَياڳا سي ٿِي ٿِيا.

(9)

ڪُنڊَلَ ڪَنَن ۾ وجهِي، خان ڇڏي خانِي؛
جوڳِيَسرُ جانِي، راويءَ طرف رَوِي هليو.

(10)

راويءَ طرف رَوبو، جوڳيسَرُ جوان؛
هيڪَرَ هِيرَ اُڪِيرَ ۾، مَرد ٿيو مستان؛
سورن جو سامان، "سچل" ساڻ ڪٺِي هليو.

(11)

ڇڏي چاهہ چنابَ جو، راويءَ ڏانهن روبو؛
مُرليون سُرليون، ونجهَليون وڄائيندو ويو؛
ٿانيڪو ٿيو سو نانگو نورنگ پُر ۾.

(12)

جوڳي آيو جوءِ ۾، مَرڪٽو مَٹدار؛
مُرلِيءَ مستانا ڪيا، جنهن جي لَکَ هزار؛
ڪاريهر ڪَردار، نِيلا ناڳَ نوائِيا.

(13)

مُندَڙا مَڙهي، جوڳِي آيو جوءِ ۾؛
پڙهيو سو پڙهي، مَندَڙا محبوبن تي.

Gul Hayat Institute

(14)

تُنبيون تَن تَتي، جوڳي آيو جوءِ ۾،
ڪنهِين جي ڏَربَ ڪَٽي، رانجهو روليو رُجَ ۾.

(15)

نيٺِيءَ نورنگپور ۾، ويهڻ وهُه ٿيو،
ڏِوراپا نہ ڏيو جنهن جو چاهُہ چناهَہ سان.

(16)

نيٺِيءَ نورنگپور ۾، ويهڻ ٿيو وهُه،
قِسمَت ڪاريا ڪَمَڙا، مانديءَ لڳو مِنهُه،
ورهَوُن ڪَڍي وهُه، ورهَہ سندي واسِينگ جو.

(17)

هاريءَ ٻڌي هِيرَ، مُرلِيءَ ڪَئي مَگَنُ،
"سچو" وسري ڪِين ڪِي، ويچاريءَ وَچَنُ،
لانگوٽيءَ لَگَنُ، لِکيو جنهن جو لوحَ ۾.

(18)

هُتي ڪير هُيس، هِتي آهيان ڪيرُ!
سالم اهو سيرُ، "سچل" سِڪَ ڪَرائِيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آءُ اسانجڙي ديري، توکي گهڻو ساريان ٿي،
نا ٿـ مُحب مَران ٿي.
تون تا ميڏا، مين تا تيڏي ڪُهِہ گهتان سڀ ڪيڙي،
هِت گُهنگهَر گهاريان ٿي.
اَڱڻ ساڏي آءُ پيارلَ لَهِہ پوَن سڀ جهيڙي،
تو لئہ هَنجُون هاريان ٿي.

Gul Hayat Institute

# جوڳ

(1)

ڏوٽِيءَ منجهه ڏيانُ، آهي آڏوتِن جو؛
گَم ٿِي گُرگم گوڏڙيا، ڪن گَروڙي گيانَ؛
اَصل ڪان آشنانُ، گنگا جمنا تَن جو.

(2)

پورب پَنڌ نہ وِڄٽا، گِرناري گمنام؛
ويچاري ٿي واٽ تي، ڳرن ڪين وسرام؛
سيني ۾ سَنگرامَ، سَچا سَنياسن جي.

(3)

پوربَ سندا پيرَ، لاهوتي لَنئي ويا؛
گِرناري گُنير، سَچا گُم گُرگيات ۾.

(4)

ورلو ويراڳي، گِياني ڏٺم گوڏڙيو؛
پُليا ڏٺم پيرَ ۾، پيوڳِي ۽ ياڳِي؛
ظالبُ تِياڳِي، لَکن ۾ ڪو هيڪڙو.

(5)

جوڳين جنائُون، جوڙي جوڙيون جان تي؛
چَمٽا ٻڌي چيلهه سان، ٽُنيون ٽَٽيائون؛
جَنجيرن سان جهان تي، ڪِشتا ڪَڙيائون؛
گروڙي گائون، پورب پنڌ پُڄي ويا.

Gul Hayat Institute

(6)

جوڳي پاتون پات، پَر منهنجو آڏوتِن سان،
سَفر ويا ساجهري رهيا رُڳي رات،
طلبَ تنين جي تات، راتيان ڏينهان روح کي.

(7)

آهِن اَڪيچار، اَنتر مک اَڏوتَ،
پورب سي نہ پُريا، نہ ڪِي ڳَن پرچارَ،
اَٿ ئي پهر اَڄَ ۾، رهن سي گُم گار،
سَچَل سَنسڪار، سَنسا تِن وڃائيا.

(8)

اَجا اَڏوتِي، آهن اُڪيچارَ،
اَوديا اَهنڪار، پَڇِي جن پورا ڪيا.

(9)

ڪاپڙي ڳَن قاڙَ آيل اَڄ لنگهي ويا،
مَست ڪري ويا مَن کي، مُرلين سان مٽيارَ،
تَن جوڳيڙن جي جاڙَ مون مُئي نہ وسري

(10)

ڪاپڙي قَنديلَ، ڪنيو گُهمن گودڙيا،
ڇَپَٽ ڪري ڇَپَن ۾، وتن ڪاربهَر قَتِيلَ،
مُندن مُرلين سان اُهي، آڏوتي اَصيلَ،
"سچل" سِڪَ سَبيل جيءَ ۾ جوڳيئڙن جِي.

(11)

لاتِي لاهوتِين، ڌرم جي ڌوٽِي،
پَنبِ جِي پوٽِي، ساڙِي سنياسِي هليا.

(12)

جهوناڳڙهہ جي جوءِ ۾، جوڳين جوڳُ اَجوڳُ،
يوڳين يوڳُ اَيوڳُ، پارُ وڃائي پانهنجو.

Gul Hayat Institute

# مالڪوس

## داستان پهريون

(1)

لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهيو چوي،
آندم اَٿم پاڻ سان، نينهن پَريو نامو
توڏي ساريو سڄڻان، ڳيم راتيان روانو
پڙهِي پروانو مون کي جلد جواب ڏي!

(2)

ڪانگل آيم اَڄُ، پريان سندي پارَ ڏهُن،
ڳالهيون ڪيائِين سڄڻان، سي روح ٻُڌي ڪيو رُڄ،
پَڪيءَ ڪيو نا پَڄُ، ظاهر ڪيائين زبان سان.

(3)

ڏاهو اَڄ ڏسو جي ويڙهي ويڳاٽو وتي،
پورن مَنجهئون پانهنجي، تو ڏئي حالَ حِصو،
سَرتيون سُورَ سُٽِي ڪري، هِنَ خيالئن ڪِين ڪِسو،
ڪو قريبَن قِصو تنهن سيڪاري موڪيلو.

(4)

ڪيون وڪاٽيون واتِ، اَڄُ ڏاهي ڏارَ چڙهِي ڪري،
سُٺَڻَ سان ڪي سَرتين، لڳِي چُپ چُپاتِ،
آنَڻَ واريون اُتهين، لونياٽيون سان لاتِ،
روئن ساري راتِ، هَي هَي سو ڪانگو ڪيون.

Gul Hayat Institute

(5)

گهٽا ڏينهن لڳاءِ، ڇاهون ڪانگ قريب جا؟
ڪي دم آڏو دوست جي، ڀلي ڪري ڀڳاءِ،
هاڻي ڪِي تا تَنُ تڳاءِ، متان جهوريءَ منجهه جهجي مران.

(6)

واتِ ڪري وائي، اَڄُ پُڻ ڪانگ قريبَ جو،
ڪِي جو ڇيائِين ڇُهنب سان، تنهن لُڇ ڏاڍي لائِي،
آندرَ ڪي آئِي، جَڻ جَرَ جيري سندڙي.

(7)

لَئي لام لَتو، ڪِي جو ڪانگ قريب جو،
تنهن لاڪيڻي جي لاتِ جو، ٻوي ڪو نہ پتو،
ڪاڪِيون ڪِيئَن ڪتو پَر اَڻَ سُوربون آهيو!

(8)

ڪيهي ڪَمَئون ڪانگڙو، اَڄ تو ويڙهي مَنجهہ وتي،
ٻَسِي تنهن جو حالڙو ڪاڪيون ڪامَ ڪتي،
تنهن جي لات لتي، تو جيءَ کي جيابو ٿئي.

(9)

اَڄ لاتيون ڪانگ لَتِيون سي ڪِي سڻو سرتيون،
جو ڪَهڻ سان ڪُهيو وجهي، ويڙهي منجهہ وِتيون،
سنديون راز رتيون، تو پُڻ ڪري پڌريون.

(10)

روبو روبو رتُ، تِي پکيءَ پارانيا ڏئي،
تہ پيرين وجهانءِ گِهنگهرو سي ڇمڪائيندو وٽُ،
ڪيئَن وني خطُ، سِگهڙو ساٽيڙا وربن!

Gul Hayat Institute

(11)

جو تو ڪانگ چوي، سو سُٽيجو سَرتيون؛
وڏيءَ ويلَ صبحَ جو تو چڙهيو لامَ لَوي؛
اُلڪي مِ نہ آهي، آتڻ ڪَٽون اِتهون.

(12)

ڏاهو چڙهِي ڏار تي، تو ڏئي ڏوراپا؛
پڌرا ڪري نہ پريںءَ جا، اهو نازڪ نياپا؛
آٽيو اوراپا، ڳالهيون ڳوريءَ ڪي چوي

(13)

ترِ نہ هِڪ توڙي، اَڄُ لامين لاڪِيٽو لَئي؛
وينو آهہ وڳوڙِجي، ڪنين ڪي ڪوڙي؛
ڳالهہ ڪرڻ ڪان ڪاڪيون، مُنهن گهٽو موڙي؛
پَر پنهنجا توڙي، چڪيون ڏئي تو چهنب سان.

(14)

سٽيجو سوئِي، جيڪي چوي ڪانگڙو؛
هئين سان هنڌائجو سرتيون سپوئِي؛
ڪنديون ڪُندن سان وجهان، پکيءَ کي پوئِي؛
جانب ڏنهُن جوئي، آڻي نياپا نيهن جا.

(15)

Gul Hayat Institute

آءَ ڪانگل ڪائِين، تا توتي عطر اوتيان؛
اَچڻ باجهون تانهنجي، آهيان اباڻڪ آئِين؛
ڏاها گهٽا ڏينهڙا، متان تون لائِين؛
پير اگهڻ پائِين، تہ منهنجو ساهہ سڌير ٿئي.

(16)

ڪانگل آيم ڪالهه، وٺي سنيها سَجَڻان؛
محبت ريءَ مقالَ، ڪا نہ ڪيائين ڪڏهين.

(17)

ڪي جو ڪانگ ڏسِي، ڪالهه اوڏاهون آئيو؛
پُيس هنياءُ ڦِسِي، ڳالهيون ڪندي سَڄڻين.

(18)

مالهان موتين جون وجهان، پَکيءَ کي پوئِي؛
پِيربن سونا گِهنگهُرو تا ٺئي سوايو سوئِي؛
سينڌو سپ ڪوئِي، مَرُ تَنهين جون ٺئي!

(19)

پَکيءَ سندا پَر، ڪريان مُرصع موتين؛
جو آڻي عجيبن ڏنهُن، ڏئي خوب خبَر؛
پيئر ڙي مون پَر، شال وٺو ڪري وائِيون!

(20)

سنيها جي سڄڻان، سي ساري ڏنائِين،
اِئين اُتائين تہ پاڻ نہ آڻِجَ وچ ۾؛

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

ڪالهہ جو ڪانگ اُڏاٽي،

پلو ڪيئَن وئين پِريَن وٽ؟

گهٽي تو سان ڪا ڪَئي، اڳيون يارَ سِياڻي.
پِرينءَ ڪِي تا پُڇيو، ڏيج دلاسو هاڻي.
ساري مون کي ڏيج سَنيها، الله ڪارڻ آڻي.
پِرين سندي پارَ ڏي، عاشِق چو نہ اُماڻي.
ائين اُڏامي اوڏهُون، "سچو" ساهہ سيباڻي.

## ڪافي 2

لؤن وڃِي ڪيئَن لايَم، پِرين نہ چاتُم پَرديسي!

پُرڇُهيم ڪين سَهيليون، تيلهان آڏو ڏک آيم.
ڏينهَن گذريا غم تنهن جي ۾، ڳالهہ جينهن جِي تي ڳايَم.
دانهون فريادون ڪريان، چو سِڪ "سچو" سيبايَم!

## ڪافي 3

لَؤن مُون سان جا لايَوَ
يَار ويڙهي هِن وبهِي!

دردمنديءَ جِي دِلڙي، دلبر گُهوٽ اَڪين سان گهايَوَ
ڳالهہ ڪريان ڪيهِي.
مُشتاقن کي محب مارين ٿو تَڪَ اِهائِي آيَوَ
جيهِي وٺيَوَ ڪَيَوَ تيهِي.
ڳالهہ اِنهيءَ جِي سُڌ نہ مون کي، پاڻ پِرين پُرجهايو
رمز ڳُجهِيءَ دل ريهِي.

Gul Hayat Institute

پارؤن پنهنجي ڪيئي قاصِدَ. هِن ڏي هوتَ هلايَوَ
ڏيهہ گڏيا جَڻُ ڏيهِي،
دِل ”سچوءَ“ جِي دلبر سائين، ديدن ساڻ دتاريَوَ
نينهَن اوهانجڙي نيهِي.

## ڪافي 4

ڪيئِي ڏک جا ڏينهڙا لنگهايم،

سُڻ تون مُنهنجا سائين!

ڳالهيون ڪندي مون ڪيئِي سِرَ تي، ڏک جا مينهڙا وسايَم.
پرين اَوهان جي پار جا، تي ڏهاڙي پنڌڙا پُڇايم.
سِڪ اَوهان جي سُپرين، ميان، سارائِي سورَ سَلايَم
”سچل“ سي ئِي آئيا، جَن لَئي ڦالان روز وجهايَم.

## ڪافي 5

تون تا پنهنجو پاڻُ پَساءِ،

شوقُ تنهنجو مون کي يار شتابي.

Gul Hayat Institute

اَڇي اَڪڙين ۾، جوڙي ويهِج جاءِ
ناميا نانوَ ڌڻِيءَ جي، پيرَ اَسان وٽ پاءِ.
اَڳي پوءِ پِي آسرو هوت اَسان کي آهِہ.
اَڄُ پِي واٽَ نِهاريان، لالن تنهنجي لاءِ.
آءُ اڱڻَ آسروند جي، ”سچوءَ“ ڪيم سِڪاءِ.

## ڪافي 6

هوتَ ڏٺَي هَيڏي اِيندا،
ڪيئن ساٿِي، مون کي سَڄ چَئو!

هُتئُون پَٽي پَڪَڙا، هِت کي آٽي آڏيندا!
پنهنجي وڙؤن پارَ سان، هيءَ غريب گَڏيندا.
ڏکَ ڀائِي سي سُپرين تورياٽيءَ سان ٽِيندا.
دردمند جي دل تي، دانهَ دستَ ڏريندا.
ڏوڙا طالِعَ مون ٽِين، جڏهن "سچو" نانوُ سڏيندا.

## ڪافي 7

يارَ پانڌي، ڙي ميان، مِير ساٿِي، ڙي ميان،
ڪيچڙا، پيليڙا، ڪڏهن اسان وٽِ ايندا!

هوندا اسان وٽ يارَ هميش، ڪِي ڏکَ ڏيئي پوءِ ويندا؟
اِهو اَتم آسرو چوري تا نہ ڇڏيندا.
صاحب پنهنجي ساٿَ سان، هيءَ غَريب گڏيندا.
پَکا پنهنجا، چئو ڙي ساٿِي، ڪي هِت عَجيب آڏيندا؟
"سچو" تو کي سُپرين، پاڻ اچي هَٿُ ڏيندا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 8

تون آهين صاحب صورتَ جو هِي آهہ غلام تنهنجو،
آهي ذوقُ شوقُ سُهڻا، مون کي مُدامُ تنهنجو.

جي آهن اصل اوهان جا، سبي نا وسارجو ميان،
مون تي آهي مُقرر سائِين سلامُ تنهنجو.

راتو ڏينهان روئڻ ۾، هَنيڙو اُداسُ هُيڙو
رهبر آڻي رساڻيو پرِيم پيامُ تنهنجو:

دلگير تون متان ٿئين، ڪر دور درد کي، ميان،
اول آخر اسان وٽ، هوندو مَقام تنهنجو.

رد ڪر فنا فِڪر کي، اُميدوار ٿِي رهُ،
هِت هُت يقين ڄاڻج، آهيان اِمام تنهنجو.

تون آهين اَصل اَسان جو آهيون اسين سي تنهنجا،
آهي قبول ڪُلِي ”سچو“ ڪلامُ تنهنجو.

ڪافي 9

ڏي دلاسو دوست هن کي، اَصل تنهنجو آهه، ميان!

هِت ٿِي گُذاريان ڏينهڙا، سانوَل اوهان جي ساءِ، ميان،
غصو نَہ ڪر غمناڪ سان، نا تہ حالَ هِنَ هاءِ هاءِ، ميان.
دلبر اوهان جي در بنا، جانِي نہ مُون ٻِي جاءِ، ميان،
جنهن کي نہ تنهنجي دوستي، آهي اُنهيءَ واءِ واءِ، ميان.
ڏسِي اسان جو حالڙو تون پيير اسان وٽ پاءِ، ميان،
پاڃِي وڃي هيءَ پانهنجو لالَڻ پنهنجي ڳل لاءِ، ميان.
مطلب اهو محبوب ڪر، طالبِ نہ هيئَن تَرساءِ، ميان،
آهي دم اسان ديدارَ جو ڪنهن وار تون ورساءِ، ميان.
راتو ڏينهان هُو تا تنهنجِيون، ڳالهيون وِيئو هِت ڳاءِ، ميان،
نيڻ ڪَڻُ نالي ڏٽيءَ جي، هِي سگ ”سچو“ سَرچاءِ، ميان.

Gul Hayat Institute

# داستان ٻيو

(1)

پيئَر ڪِيئَن پِنو هِي جو نامو نيِهَن جو؟
جيڪس خُمار ڏنوهُو جو آيس عَجِيبَن ڏنهُن.

(2)

پڙهندي پرزو پرينءَ جو پَلو ڪيِئن پِنوس؟
جيڪس خُمارڏنوس، هُو جو آيس عجيبن ڏنهُن.

(3)

روئِي زارو زارُ پنو لِکِيُس پريَنءَ ڏيِہ
ڏِنس خَطَ خمارُ اَولِيءَ عبارَت ۾.

(4)

آڻي عبارتَ، اَجا لِکڻُ لڳي پِريَنءَ ڏيِہ
روئندي پَريون رَتَ، اوترڻ ٻَئِي اَکِيون.

(5)

عبارت آڻي، اجا لکڻ لڳِي پِرينءَ ڏي،
ڊِيدن درداڻي، اَڄي اوتيا اُتَهِين.

(6)

نِيهُن مَنجهؤن نامي، معلوم ٿيو محبوب کي،
تہ بہ پانڏي پيغامي، وِرِهُہ وڌائڻ آئيو.

(7)

آيو اوڏاهُون، اَج ساٿِي، سلامن سان؛
ماريون ڙي مان هون، اها وبل نہ وسري.

Gul Hayat Institute

(8)

نامو راتِ نيو قاصد پار قَريب جي؛
پورن مَنجهه پيو هُت واچِيندڙ ورق جو.

(9)

جارؤن لکيم جو ڪاغذ قريبن ڏي،
حقيقت جا حال جِي، واچڻ وينو ڪو،
پڙهندي پنو سو تنهن کي آنڌيون آئيون.

(10)

عريضو آٽي، ڏنو قاصد قَريبَن جو،
هن ويلي هاٽِي، هيءُ سِر ڪريان صدقو.

(11)

نامو نيندي ئي، قاصد واٿ ڪِري پيو،
تَنهن ويلي ويندي ئي، ورهَہ وڪوڙيو نڪٽيان.

(12)

پڙهندي پرزو ئِي، واچِيندڙ وهلور ويو،
لِڱين لَرزو ئِي، اَچِي پيس اوچتو.

(13)

قاصِدُ ايندي ئي، پيو شوڪارن ۾،
نياپا ڏيندي ئي، ساٿِيءَ ساهُہ مَٿي ويو.

(14)

نامو سارو نِيهَن، جو پُڻ لِکيو سَجُڻين؛
رات برابر ڏِينهَن، مون کي گوندر گذري.

(15)

ڪا جا ڪَتابَت، لِکِجِي آئِي پِرينءَ ڏنهُن،
"سَچو" سا ثابت، مون هون واچَڻ نَہ ٿِئي.

Gul Hayat Institute

(16)

پَني ۾ پيغامَ، ڪي لِکي مُڪا سَڄڻين،
سي نـ سَمجهن عامَ، جي آهن مَنجهه اشارتان.

(17)

ڪِي جو لِکيائُون، پني مَنجهه پِريت جو
اُهو پَسِي آئُون، بيخود ٿِيَڙس سَرتيون.

(18)

ساٿِي ٿِي سونهون، واچِيندو وَرَق کي،
سو مَنجهه مطالع مون هون، خونِي خط پِرينءَ جو.

(19)

لِکيوُن لَس لَڙهان، سڄڻ سَلامَن جون،
اهو پُرزو پاڻ پَڙهان، ٻُڌائي ٻين کي.

(20)

مُنجان ڪِيئن لِکِي، ڪِتابت قريبَ ڏي،
متان ساٿِي واٿ سِکِي، ٻڌائي ٻين کي.

(21)

مون ڏُنهن اَج لِکِي، جانيءَ جدائيءَ مَؤُن،
ڪَئون ترار تِکي، هُئِي ڪتابَتَ قَريبَ جِي.

(22)

لَڙهان لَس لِکيون، پِرينءَ پيغامن جون،
سي رقيب سِکيون، تـ ٻڌائي ٻين کي!

Gul Hayat Institute

(23)

رَت اکين روبو ٿِي ساٿِيءَ سَنيهڙا ڏئي،
نَهريون نچوبو جارؤن جَرُ هاري گهٽو.

(24)

نَچوئِيندي نُنهَن، ٿِي پاٽِي ڪَڏي پڏرو،
وجهي ساٿِيءَ سُنهَن تـ تون ڏيج سِجدو سَڄڻين.

## ڪافي 1

ڪوڙي ڳيئي ڳالھ پنھنجِي،
ڪالھ ڪانگا جا چيئي مون کي!

جيڪُس ڪِين ڪِي ڏُر وئين تون،
واتَ ڏِسِي مُوتِيين آهن جِي.

عجيبن جي آڌوَ وري ٿو
ڳچي ڳئي سا ڪنھن جي!

وري برابر وئُون اوڏانھين،
سائِين ڪندو شال سَھِنجِي.

تنھن کي سوئِي توڙ رساڻِي،
ونِي جو دامَن ڪنھن جِي

اَصل لاڳُون "سچوءَ" سَيائِي،
طاعت مَجِي آهي ٿُنھنجي.

## ڪافي 2

Gul Hayat Institute

پِريِنءَ هِي پيغامَ، ساري ساٿيا ڏيجو!

بانھون ٻڌي يارَ سَجَڻ کي، ڏيجو سي سَوَ سَلام!
ڪڏھن ڪندؤ پار آسان جي اَچڻ جا اَنجام!
دِرِ اوھان جي يارَ رَسڻ ريءَ، ٿِئي نہ مطلب تمام.
شوقَ اَوھان جي شورُ مَچايو ڪياسين هُل ھنگام.
جيھو تيھو آهي اَصل ڪؤن، "سچو" سو گولو غلام.

## ڪافي 3

آءُ اصلَ ڪوُن جو آهيان، گولو غلام تنهنجو!

مون سان وعدو ڳيڙئي ويهي، ڪالهه پَڪي هنَ پيهي،
ناهيان ڏور اوهان ڪَوُن ڏيهي، ڪن لايان ڪلام تُنهنجو.

تنهن ڏينهن لاڪون اَڄُ تائين، منهنجو ساهُ سِڪي تو سائِين،
پيو اوچتو هَنڌائِين، هن دل کي دام تنهنجو.

چڙهِ سي لاڳاپا لاهي، اِهو وِچڙ تہ واجب ناهي،
اِهو فرض اسان تي آهي، سجدو سلامُ تنهنجو.

ڏاڍا خوني نيڻ خماريئي، سي ڏاڙي ڪارڻ ڏاريئي،
نيڻَن سان مُلڪ ماريئي، هر جا حُڪام تنهنجو.

آئِي سائينءَ ڏهون وراڻِي، پيا خيال ويا اُڪاڻِي،
تون تہ سرور نبي سُجاڻِي، "سچو"، آهي امامُ تُنهنجو.

## ڪافي 4

Gul Hayat Institute

اَڄ تا خبران آيون آيون، دوست اَوهان جي ديسئون!

وري وسائيندو سِگهڙو جاني سو پنهنجيون جايون جايون.
تہ ڪَرَ ويندين نِڪري، هيئن پُلي ڪينَ پانيون پانيون.
ڏکُ وڏوئي ڏيلَ منهنجي کي، وئين تون لالڻ لايُون لايُون.
راتو ڏينهان روحَ پنهنجي سان، ڳالهيون سنديوَ تا ڳايون ڳايُون.
اَچڻ اوهان جي جُون، طَرفِ "سچوءَ" جي شالَ وري ٿِين وايون وايون.

## ڪافي 5

منهنجي اکِهين لڳِي، نہ تہ هاڻي لڳِي،

دل، آلو آلو تنهن يار سان!

روز اَزل ڪؤن اَکيون لايون سي دوستَ متي دلدار سان.
ڪيئِي داناءَ ديوانا ڪيائِين، چشمن جي چمڪارَ سان.
دوستَن جي در اَچي پِيس، اَصل سَچي اِعتبار سان.
جيڪِي ٿئي ٿو جوش وارن سان، سو نہ ٿئي هُشيارَ سان.
ناز نياز جي نيهَن وارن کي، ٽڪ ڪيو ٽلوار سان.
سِرُ "سچوءَ" ڪيو صدقي سائِين، عقل ڇڏي اقرار سان.

## ڪافي 6

آهي اِنهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو!
وينو وِتِي آهيان هِت، ڪاملَ قرار تُنهنجو!

هِن کي اوهان جي ڀاڄهون آهي نہ ماڻ ڪائِي،
هي تا غريب آهي، اميدوار تنهنجو.

"تِيءُ پاڻَ ڪان پَري تون" فرمائيو اوهان جو،
آهي جميل اصل ڪؤن هي اعتبار تنهنجو.

هِنَ تي ڪرم وڏو ڪيو، جو درد دل بچايُوَ
ساريان لطف سنڀاريان، نِي بيشمار تنهنجو.

چاهَون ٿِيو اَوهان جو دامَن لڳِي جو آهي،
"سچو" غلام جاٽي، جو داغدار تنهنجو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 7

لنگهي ويون ڪالهہ قطارون،
ڪونجڙين جون ڪيچ وٽن ڏنهُن، ميان!

ڪنديون ويون ڪيچَ ڏي، ميان الا!
طرحين طرحين تنوارون.
ويچاريون، ميان الا، ولَرَ ڪيو وڙڪن،
ڦُٽي ٿيون سي ڦارون.
ولَرين ڪونجَڙين، ميان الا،
ڪنهن اَندوهَہ اُڏاريون.
اُنهن جي اَفسوسَ جون، ميان الا،
پونديون ويون پچارون.
اُتَنِ ٻانا پٽِ جا، ميان الا،
موتين مَڙهيون مَهارون.
"سچو" هليو سوز ۾، ميان الا،
لاهِي لوڪَ مَيارون.

## ڪافي 8

ٻَلِي ٻَلِي مون تي ٻولي ٻولي، يارَ سَجَڻ تنهنجي ڪارڻ.

Gul Hayat Institute

چڙهي لاڳاپا لوڪَ جا، اسان تا پانهنجَ ٻولي.
ٽيَس ديوانِي دوستَ اوهان لئہ، ڪري چيهاڙيون چولي.
اچِي اَچانڪ اندر اسان جي، حُبَ مچائِي هولي.
اصل لاڳُون آهي اوهان جِي، هيءَ غريبِ سنا گولي.

## ڪافي 9

مون وٽ يارَ پيارا، آءُ تُون پاڻُ سُجاڻِي!

حال مِڙيوئي معلوم توکي،
دنيا سا ڪوڙ ڪهاڻي ـ آءُ تون پاڻ سُجاڻِي.
ٿيندِيَس گولي، در در ڳولي،
جانب ڪاڻِ جوڳياڻي ـ آءُ تون پاڻ سُجاڻِي.
سِڪندي تو لئه سُهڻَا سائين،
روئندي سا رات وهاڻِي ـ آءُ تون پاڻ سُجاڻِي.
”سَچَلُ“ آکي صحي ڪِيتو سي،
پِرتِ جي ناهه پڇاڻِي ـ آءُ تون پاڻ سُجاڻِي.

Gul Hayat Institute

# داستان ٽيون

(1)

ڪِي جو لِکيائين، سو مُلان وِجِي واچيو.
هِڪ سِٽَ پڙهيائين، ٻيءَ سٽَ سُڏڪن ۾ پيو.

(2)

ڪِي جو مُحب لِکيو سو مُلان واچڻ نہ آئيو.
پَر هُئڙو اڳ سُکيو جنهن مطالع نہ ڪيو.

(3)

ڪوليو ڏٺي خطُ، آيس جو عجيب ڏنهُن؛
روئي اکين رتُ، ڪري مطالع مَن سان.

(4)

پُرزو پَڙهڻ آئيو اُٿِي مُلان مَسِيت منجهائُ؛
سُورن سندو ساءُ، آيُس سَپ ڪنهن سِٽَ مَون.

(5)

هِڪ سِٽَ پڙهيائين، تنهن ٻِي واچڻ نہ ٿئي؛
اِئين اُتائِين، تہ هيءَ جَر جيري نہ جهليان.

(6)

نامي مَون نِروار، ٿِي هيءَ جَرَ جيري سَنديءِ
تنهن پَلڪ پڙهڻ وارَ ٿيو سَڙي ڪاريو ڪنگرو.

(7)

رقعي منجهان رازُ مڙيوئِي معلوم ٿيو.
تنهين منجهہ نيازُ طرحين طَرح لِکيو.

Gul Hayat Institute

(8)

پهرينءَ سِٽ سَماءُ، ڏنو واچِيندڙ کي؛
اُنهيءَ خطَ منجهاءُ، چِپيون جيري ڪيڍيون.

(9)

ڏوڙو ڏک پيوس، پَنــي جي پڙهڻ سان؛
وچئون ساهہ ويوس، هَي هَي ڪندي ڪاڪيون.

(10)

جو نامَن منجھ لِکيو سا هُئي جيري جِي جَر؛
منجهَون سيِ شَهر، واچيندڙ ڪو نہ لَيي.

(11)

پَنو ڪيرُ پَڙهي، جو پُڻ مُڪو سجڻين؛
لکيو منجھ لَڙهي، متان پُڏندڙ پُڏي مَري.

(12)

واچيو جنهن ورقُ، جو پُڻ لکيو سَجَڻين؛
سو جَڻ ٿيو غرقُ، دردن جي درياهہ ۾.

(13)

سگهي ڪيرُ پڙهي، هو جو نامو نيهَن جو؛
سِرَئون سِر چڙهي، موجَ مٿو تنهن ناهِ ڪو.

(14)

وتِي خطُ هليو ساٿِي سَلامن جو؛
وچ ئي منجھ جهليو، ورهَہ ڪوڙيو واٽ تي.

(15)

وتِي هليو خطُ، پانڌي پار پرينءَ جي؛
روئي روئي رٿُ، تنهن هلندي حال وڃائيو.

Gul Hayat Institute

(16)

اُلو هُيَڙو عشق جو سو ساڻيءَ ساڻ نِيو،
اُهو ڪامِي پاڻ پيو جو هو خوني خط پِرينءَ جو.

(17)

هُن پانيو نامو پر شعلو هُئَڙو شوق جو،
جِندُ سارو جامو تنهن جو سيپ سڙي پيو.

(18)

پِريَن ڏانهہ نيو تنهن ڪو خط خَبَرَ جو،
پڙهندي ڏسُ هِنيو تِنهن ڦڙڪندي ڦاٽِي پيو.

(19)

ڪو نامو نَيهن نِئين، پِريان سندي پارَ ڏي،
هَلي ساڻ هِئين، ماڻَ اُنهن کي ارمان ٿِئي!

(20)

رهبر روانو ٿيو پريان جي پارَ ڏي،
شلَ پهچي پَروانو سلامت کي سَڄڻين!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

اوري ڪانگل آءُ، ڪِيئَن جي خبَر ڏي ڪاءُ!

پريان سَندي پارَ جو لَهِي اَچُ سَماءُ،
ڳالهين تنهُجِن مَون سَريَر ڪي، اچي منهنجي ساءُ،
مُنهنجو ٽئي هِت ڪينڪِي، باجهون هوتَ هَلاءُ،
سُوَرن ڪارڻ سُڻ ڙي ساٿِي، جيڪُس ڄٽيم ماءُ،
"سچو" دوستَن جي دَرَ جو اَصلَون آهہ غريب گَداءُ.

## ڪافي 2

اَچ سَجَڻ پارِ اِيندئِي،
جَن لَئي نِهاريَئي ٿي واٽان!

مَتان لاهين آسرو حال يائِي اِچي ٿِيندَئي،
عجيبن جي اچڻ جون، ماڻهو مُبارڪون ڏيندَئِي،
پَڪا پَڪن سامُهان، آٽي دوست آڏيندَئِي،
مَتان ماندي تون ٿئين، گوشي پارَ گڏيندَئِي،
تو ڪي جاٽِي پانهنجو "سَچو" يارُ سَڏيندئِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

پانڌِي پيغامَ پُهچاءِ، مُنهنجا محبن ڪي، ميان!

اَڪَڙين ڪي اصل ايڏهين جو وڏو اوسِيڙو آهِہ،
ڏاها وِچِ ڏيهہ اُنهِيءَ ڏي، جاتي جانِبَ جاءِ،
اَدا ڙي ساٿِي پارون اسان جي، پانڌُ ڳچيءَ ۾ پاءِ،

راتو ڏينهان آهي ڏهاڙيون، هنيڙي کي هاءِ هاءِ
دوستن سندي دَر جو اَصلون "سچو" سگ سَڏاءِ

## ڪافي 4

منهنجا واقف يارَ سدائين تون جيئندين!

راتو ڏينهان روح منهنجي کي، تنهنجي سارَ سنيارَ.
تحفو هِن کي آهي اهو ئي، تنهن جي پيرن جي پيزار.
اَچڻ اوهان جي جي وينا وجهايون، فقيرن ڪون ڦار.
ڳالهيون سنڌيوَ ساريو "سچوءَ" کي اچي ٿي اُڇنگار.

## ڪافي 5

ياد مون کي اُهي آيون، وو
يارَ ڪيئي ڳُجهيون جي ڳالهڙيون!

اوهان جي پِيي، وو اَچڻ جون، ٿيون وري هِت وايون.
دردمنديءَ جي، وو دِل کي، وِرهه وِجي ڪِي لائيون.
نانوَ سائينءَ جي سُهڻا سائين، چِٽُ نہ وَڃُ مون تان چايُون.
آءَ تا ڏينهڙا گڏ گذاريون، هِت وينا وِرهه وَسايُون.
ڏوهَن "سچوءَ" جن ڏي نہ ڏسو هِت تا سندوَ سَڏايون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 6

پور پرينءَ جي هَي ماريان،
عِشق سَجَڻ جي چاڙهيان!

دوست بنا درماندي، دَمُ هِتي ڪيئَن گهاريان.
سِرُ سَجَڻَ تون صدقي، واربو آءَ واريان.

ڳالهيون ڳُجهَه اندرَ جون، آءُ پِرين سان پاڙيان.
سِگهو موٽج سپرين، ڏهاڙيون وينِي نهاريان.
محڪم محبت وِڌيون، جاڙيءَ مَٿي جاريان.
هو جي ڪَيَم پاڻ سان، ڳالهين اُنهِن ڳاريان.
مَجلِس محبوبَن جِي، ساعت ساعت ساريان.
"سچيڏنا" ساهڙَ ريءَ، ڏَم مِڙيئِي ڏاريان.

## ڪافي 7

هِن جيَڻ مُنهنجو جيڏيون، سُکَ ڪيها سَجَڻ ريءِ!

سُکن وِڌيَس سَرتيون، آءُ پِريَن ڪانءُ پَري.
ڏُک چَڳِيرا دوستَ جا، جي قادر ڪَرِم ڪري.
سو ئِي عاشق ڪونجي، جو محبت مَنجهِه مَري.
ڪاڪيون مون کي ڪينڪي، تي ساجن ريءَ سري.
جيڪا اَديون عشقَ جي، آئِي هيٺ آري.
تَنهين جان جُٺو قربان ڪَيو زُودَون مَجهه ڏري.
"سچو" سوز اُنهن جي، ڳاري منجهه ڳري.

## ڪافي 8

هُوت ڪڏهن هِت اِيندو؟
ڪهُه ڪانگا ڪَل ڏي ڪا!

چئہ ڪِي ويهَندو هتهين، ڪِي ساڻ نماڻِي نيندو؟
هيڪندِ اَچي هوتُ مُون، هِن ٿَڪيءَ سان ٿيندو.
پاڻُ پنهنجو سُپرين، ساڻ غَريبِ گَڏيندو.
پَڪا پاجاڻين کي، اوڏا يارُ اَڏيندو.

Gul Hayat Institute

هوتُ پنهنجا هَتڙا، هَن ڏکيءَ کي ڏيندو.
سَنگَتِ پنهنجيءَ سُپرين، "سچوءَ" کي بہ سَڏيندو.

## ڪافي 9

زار روئِي ڪَيم زاري،
دوستَ ڙي توريءَ تا نہ سَريا!

محبت تنهنجي، وو ڪِيَس مستاني، بارُ بِرهہ جو باري،
دوستَ ڙي چَوي لوڪ چَري.
هِن بنديءَ کي، وو بخش بلوچا سائين، هوت اَچِي هڪ واري،
دوست ڙي سَندءِ ذوقَ ذري.
مـِيلائي لَڳي، وو محب اَوهان جي، واجهہ وجهي وبچاري،
دوست ڙي ويجان تا مَ مَري.
آهي مِڙيوئِي، وو توکي معلوم سائين، حال حقيقت ساري،
دوستَ ڙي وجُ مَ يارَ وري.
جيڪي آهين، وو سو تا تون هين سائين، حڪم سندءِ آهي جاري،
دوسَت ڙي پِيَڙم خبَر کَري.
"سچو" آهي، وو اَوهان جو سائين، ڏجو تنهن دلداري،
دوست ڙي وڃَن ڳَجَ ڳَري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (10)

سِگهَڙي پِريَن جي پار جِي، ڪانگا خبر ڪا مون ڏئين،
دوست جي ني ديس ڏي، ڪيئن ڪالهہ تون اُڏري وئين!

اَول اسان جي حال جا نازڪ نوان نيايا نِئِين،
ساري سنيها سوز جا، هَي هَي سيئي لائج هِئين.

ماري ميان مشتاقِ ڪي، ڪيئن يارَ تون ياڪِي ٿئين،
پُورن مَنجهِين پرديسِ جي، ٻاجهون اَوهان آهيون اِئين.

آءَ جي مُئِي تا گهوريس، جانِي سدائين تون جئين،
”سچُو“ سِڪي ساري توکي، تون پِي ٿِهين سان هو ائين.

## ڪافي (11)

ڪانگي قريبن ڏنهن، خبر آندِي وٺِي وهندو وري.

خطَ منجهون معلوم ٿِي، ساري خبر ڪِيئَن جي ڪري،
دوستَ دلاسا لکيا تا ”تو اسان ريءَ ڪيئَن سَري؟“
”آءُ تا گهڻو تو سايان، ڳالهيون ڪرين ڪهڙيون چَري؟“
سچُو“ تو سان آهي منهنجي، اُها ذوق مُون دل جي ذري“.

Gul Hayat Institute

# داستان چوٿون

(1)

ڪاغَذ لکي ڪالَ، مُڪم جو محبوبَ ڏي،
ڳالهيون سنديون حالَ، ٽيندیون پڙهڻ مان پڌريون.

(2)

آيو راتِ رقَمُ، مون ڏي محبوبن جو
تہ دوستيءَ وارو دم، ڪڏهن تون نہ وسارئين.

(3)

لکيو موتي مُون، ڪاغذ قريبن ڏي،
اَتم تون هِي تون، ٻئي جو ناهم آسرو.

(4)

حَبيبن ڏانهُن هِيئَن، اَديون لِکجي آئِيو
تہ تون مون سان جيئَن، آءُ تيئن تو سان آهيان.

(5)

Gul Hayat Institute

نئُون لِکيو آيوم، پرِيان سندي پار ڏنهن،
سو لُونءَ پَريو لايوم، وِٺي حال هيانوَ سان.

(6)

جيڪر لِکي موڪليان، هَي خط هزارين،
پڙهي مانَ منهنجا پِرين، هِي سگ سنپيارين،
سَل وار نہ وسارين، اِهو اَتم آسرو!

(7)

لکي خط مُنجان، هِي پِريان سندي پار ڏي،
تہ منهنجون لکَ هُجان، توسان آهن تو جيئن.

(8)

پانڌي پهچائي، ورُ عَريضو عجيبَ ڏي،
قاصِد ڪونچائي، متان سورَ وجهين ساهَہ کي.

(9)

چئو ڪِيم تَکو مون کي پارؤن پرينءَ جي،
سرتيون سڀ سِکو جيڪر لائڻ لُنءَ ڙي.

(10)

ليلائيندو آئيو پانڌي اَڄُ پَراءِ،
ورتس دردَ ڏُراءِ، جو مَت وڃائي آئِيو.

(11)

اَڳِيَئون مُحب مَٿِي، متان ڪا منهنجي ڪرين،
وهندو ورُ ونيِ، ساٿِي خبر ڪِيئن جِي.

(12)

وڃِي ڏيهہ ڏنو ڪِي تو سندو سڄڻين!
چڱيءَ طرح چِنو پانڌي ڏنئِي پِرينءَ کي؟

(13)

Gul Hayat Institute

سورَ پيري سِٽ جا هُئِي، سا ساٿِي ڪين سِکيو،
تہ متان ڏئي لَهَس لِکيو جو پڻ مُڪو سڄڻين.

(14)

سندو رازَ رقعو آيو جو عجيبَ ڏنهُن،
سا سِٽَ پڙهندي سَرتيون، ڳالهائڻ چُڪو،
عاشقَ جي ارواح کي، چڻ لڳو تِير ٽُڪو،
مون ڏي مُحب مُڪو چڻ ساٿِي سلامُ جو.

(15)

حَبيبَن هيڪارَ آئين وري موٽئين،
باپِيهَلَ پيهارَ اَچي ويهه اَڪين تي.

(16)

وري ڪانگ وريو پريان سندي پارَ ڏنهن،
لامين لڳِي لُونءَ جو تنهن ڏاڍو سُر پريو.
ڪاڪيون ڪنِ ڪريو جو ٿو ڏئي سنهيو سَڄڻان.

(17)

سنيها ساري، منهنجا چَوي محبوبَ کي:
پرين ٿُنهنجي پارَ جِي مدت مون ماري،
مُنج ڏهاڙي مون مٽَين، اهو ڏاهو ڏياري،
مَرُ سِگهَڙو سَنياري، ڏئي سِڪ سَنِيهڙا.

(18)

سنيهو سان سُورَ چَوي ٿو چهنبَ سان،
پَون پاڙيچن پُور، ٻولِي ٻُڌي تَنهن جِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آءُ ڪانگا ڪا پِرين جي ڳالهه ڪَر،
وعدو ڪيُئِي ڪالهَه سو پَر حال ڪرا

ڪِيئَن ڏنو تو دوست منهنجو ديس ۾،
خوش ڏٺو هو ئي يار ڪهڙي ويس ۾؟
سا خَبر مون سان وري في الحال ڪر.

ڪِي پُڇيائون خَبر منهنجي حالَ جِي،
ڪي ڪيَئي آگاهه هِن احوالَ جِي،
سو مون سان ڏاها اِهو اَحوال ڪَر.

هِت فراقَ آهي ماريو مان ہيو چا چَوان،
سور منهنجي ساهه کي نِت نِت نوان،
آءُ ادا خاطر منهنجي خوشحال ڪر.

ڪِي اُڏاڻو هُئين پِرينءَ جي پارَ ڏي،
ڪِي نياپا هِي نِيا هُئَي يار ڏي؟
ڪا مَدد مُنهنجِي ادا في الحال ڪَر.

دوستن جي مَنجهه حضور حاضر ٿئين،
زاغ زاريءَ مَون نياپا هي نِئين،
لڳ سائينءَ سارو "سچو" جو سوال ڪَر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

اي پرين ٿون پاڙ پنهنجا، قولَ جي تو ڪالهه ڪيا!

مَنجهه جدائِيءَ تانهنجي، هِت آسان هِي حال ڪيا.
مون تا مِلڻَ لئہ تانهنجي، ڪوڙين ڪهڙا ئي خيال ڪيا.
حالَ مُنهنجي ڪي ڏسي، ڪيئَن پلا تو پالَ ڪيا.
سڏَ "سچوءَ" سِڪ سوزَ مون، جانِي اوهان ڪي جالَ ڪيا.

## ڪافي 3

مُنهنجو هاڻي مون وٽ اِيندو هاريون واقف حالَ جو!

ڪِين چڏيندو ڏيرين، نال نماڻِي نيندو.
شالَ مقام مُٺِيءَ جو ٿر وچِي نِي ٿيندو.
درسن سندو دائما، ڏاڻ ڏکيءَ کي ڏيندو.
"سچوءَ" پار پرينءَ جي، ورهَ وارو ڪو ويندو.

## ڪافي 4

هِن غريب جو حالُ، توکي معلوم آهي!

صدقي ڪنديس سِر سائِن تون، ٻيو سڀ مِلڪ ۽ مالُ.
دوست اَوهان ريءَ ديس ۾، جيڻ آهي جنجالُ.
چئِي ٻڌايان ڪيترو آرياڻِي اَحوالُ.
مَج "سَچوءَ" جو سُپرين، سائينءَ لڳ سوال.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 5

پَرديسي گَڏيا دوستَ، لَٿو هِجر هلاڪِي،
آيا اڱڻ مُنهنجي، جن ڪيو هو فراقِي.

جَن ڪاڻِ سِڪيَس سالَ، وينِي واٽڙين تي،
مُون ساڻ اَچِي پاڻ، ٿِيا محب ملاقِي.

پَرديس لَگ مُون تي، پانڌي روز پُڇايا،
مون کي ڪان پَئي خَبَر، اَچِي سي ٿيم اوطاقِي.

پيغَام پَهريئون پانڌن هَٿ پاڻ مُڪائون تي،
هاڻي هِڪُ ٿيا مون سان، جي يارَ هئا ياڪِي.

آهي سَگ "سچو" دوست جي در جو اَصلَ کَون،
تنهن ڏيڻ ڏوراپو ناهي مَستُ ميثاقِي.

## ڪافي 6

تون تا وسين مُنهنجي مَن، ميان تو کي ڇَڏِي پَڏايانِ ڇا!

هوتَ سنديَوَ آءُ حاضري، پيوَن سي ڏنڙم ڀَن.
مقصد منهنجو تون ٿِئين، بيا ڪعبي نيتَ ڪَن.
آءُ گهٽو گهوري تَن جي، ڪيو سِرُ صدقي جَن.
عرضَ اِلاهُون عاجزنِ، ڪوهُ نـ ڪرين ڪَن.
اَکيُن عامُ نـ اَوڙِي، توکي جاني ڏنو جَن.
آهي "سَچوءَ" کي سَدا، طَلَبَ تُوهان جي تَن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 7

يارَ اسان کي تيون مارين، تنھنجيون آلغرضايون!

دانھُن تي، سائين ھِي ڪميٽيون ڪارين.
ٻاھيوُن تنھنجي بِرھَہ جون، ٻارڻُ دِل ۾ ٻارين.
ڪِيئَن جون ڏنئون خَبران: ”سچو“ تو ھُتِ سارين.

## ڪافي 8

جڏھن پِريَن ڀاتيم جھاتِي، تڏھن حاجَت ناھي حج جي!

آچرڻ ساڻُ اُنھن جي يارو عشِق ڪئِي اثباتِي.
سڀ ڪُجھ تيڙم حالَون محرم، وسريَم ذڪر ذاتِي.
چوريءَ چوريءَ يار سَجَڻ سان، ڏس ”سچو“ دل ڦاٽِي.

## ڪافي 9

دوست تُنھنجي در جي، ھيءَ ڳالھ آءُ ڪنھن سان ڪريان!

چڏ پِرين پَرڏيھہ تون، ميان ذڪَ آوھان ٻاجھون ڏريان.
دوستَ رھہ ھِن ديس ۾، ميان، سُر منجھُون سُورن ڀَريان.
لَڪ سَيَئي وينـي لنگھيَس، ميان، ڀوريم اوريان ڀَريان.
ساڻ چرخي چِتَ جي، ميان، ورھَہ جا ڏاڳا وريان.
سِرُ ”سَچو“ ڇَوي پانھنجو ميان، دوست تو آڏو ڏريان.

## ڪافي (10)

دوستَ کي دانھون سُٽي، مَنَ مِھَر ڪا مون ڏنھُن ڀوي!

دردمندن جي دَرَ اُتي، ٿو ڪانگ لاڪِيٽو لَوي.

Gul Hayat Institute

پيغامَ پرين پارَ جا، چَشمن اُتي ويهو چَوي،
عاشق آهي اُڪنديو گهڻو تو راند روئڻ جي روَي،
سِرَ يَرِ اسين ايڏنهن اَچون، يا ڪي اوري ايندءَ اوهي؟
”سچو“ سَدا سِڪَ سوز کَڻ، پيو ماڻُ محبت جو مَوي

## ڪافي (11)

اوڏنهن آئين ڪانگل اَدا، لنئن تون چڱي اَج لات ڪا،
ڪِي هُت هئي محبوب کي، مشتاق جي مصلحات ڪا؟

هيڏي اَچڻ جي ڪا هُين، ڏي تون مون کي تسلات ڪا،
مون هن نماڻيءَ وٽ اُهي، رهندا اَچي هِت رات ڪا؟

بي تان هوندي هيٺي ادا، ظاهر نہ جهڙيم ذات ڪا،
پيغام مون ڏنهن پرت جا، ساٿي آندوَ سوغات ڪا!

شب روز عاشق رئڻ جاڻن نہ هَڏ بي بات ڪا،
جاني جدائيءَ جيهڙي، آهي نہ بي آفات ڪا!

هيڪند هئڻ جي هوت سان، سئين ڪندم ساعات ڪا،
دلبر ٻاجهون هڪدم ”سچو“، بيهي اُها برسات ڪا؟

Gul Hayat Institute

# داستان پنجون

(1)

ڏار چڙهِي ڏاهي، ڪَي جو چيو ڇُهنب سان:
اِهو مون آهي، آڏرُ ڙي آرواح کي:

(2)

ڏاهو ڏار چڙهِي، لَسين تو لاتيون ڪري:
ڪو نئون سبق پڙهي، اَڄ پڻ آيو اوڏنهُون.

(3)

ڏاهو مَٿي ڏارَ، عَجب اَڄ لاتيون ڪري:
تو "سچو" ڏئي سنيارَ پريان سندي پارَ جِي.

(4)

ڏاهو ڏار چڙهِي ڪري، ڪِي تو ڇهنب ساڻ چوي:
آديون سَڀ اُهي، آهيو پُڏرَ واريون.

(5)

ڇهنبَ ساڻ چوي، ڪِي پيو ڪانگل ڪاڪيون:
پورن مَنجهه پَوي، تو سُٽِي ساهه سنهيڙو.

(6)

مُحبن ڏنهن مَسين، اڄ پڻ ڪانگل آئيو:
لاتيون واهَه لَسين، ڏاهو ڏار چڙهِي ڪري

(7)

لاتيون ڪندئيِي، ڪانگو هيئڻ ڪِري پيو:
هَي هَي هَنڏيئِي، ساٿيءُ ساهه مٿي ويو!

Gul Hayat Institute

(8)

ڳهيو هيئَن ڪانگي، آئُون چيائين ڇهنبَ سان.
تہ سَجَڻ ڪنهن سانگي، وري اِندءِ اُتهين.

(9)

ڇُهنب ساڻ چئِي، ڪاجا ڪانگل ڳالهڙي؛
ساري آتڻ سان انهيءَ، ڳهڙي ڏِسُ ڪَئِي؛
پُورن منجهه پئِي، سڀ ڪنهن اَئت ڦتو ڪيو.

(10)

ڏاهي چڙهي ڏارَ تي، ڪا جا لتِي لاتِ؛
ڏک ڏنائين سڀ ڪي، وائِي آٽي واتِ؛
پَيون مِ هيهاتِ، آتڻ واريون اُتهين.

(11)

ڏاهو چڙهِي ڏارَ تي، ڪري هيءُ مذڪور،
سنهيَن مِ سورُ، چوي تو ڇهنب سان.

(12)

سُٽو سنِيها سَرتيون، تو چڙهيو ڏارَ ڏئي؛
سارو ساهُ نئي، تو نازڪ نِياپَن سان.

(13)

ڏاهو ڏارَ مٿي چڙهيو تو ڪري بِرهَہ بيانُ،
آتڻ تي احسانُ، ڪري ڪلامن ساڻ تو.

(14)

ڏاهيون سڀ ڏسو جو آيو ڪانگ قريبَ ڏنهُن؛
وجي جان جڻو نيو نياپَن ساڻ تو.

(15)

وتيون مِ ويڙهي، تو ڪاريون ڪانگ وهائي؛
روحُ نئين ريڙهي، سڀ ڪنهن جو سرتيون.

Gul Hayat Institute

(16)

ريڙهيو روح نئين، ڀسو سَپ جو پان ڏي؛
سنيها جي سَڄڻان، سي چڙهيو ڏار ڏئي:
آتڻ ۾ افسوس ٿيو تنهن جي پيرَ پِئي؛
ڳتي سگهي ڪانڪا، ڪَؤن وهلور وهِي؛
کهڙيءَ طرح ٿئي، وري سَنباهو سَرتئين!

(17)

وبس ٽَندُ ڇڃِي، ڀهو ڀَٽِ ڪري پيو؛
سُٽِي سنِيها نيهن جا، پَئِي جهوريءَ منجهہ جهڃي؛
اِنهيءَ ڀَٽِ ڀَڃِي، پيسَ روئندي ڪپڙا.

(18)

وبڙهي وتندي ئِي، ڪانگي ڦهر ڪمائيو؛
ڪاڪيون ڪتندي ئي، ڀيم پوڙُ پريان جو.

(19)

صدقي ساهُ ڪريان، هِنَ ڪانگي ٿون ڪاڪيون؛
جي ڏئي سنيها سَڄڻان، سي سانيِي ساهہ ڏريان؛
پلي پيرَ پَريان، اُنهيءَ وبلي اوڏهِين.

(20)

آٽي ڪانگَ ڏنياس، ڪتابَت قَريبَ جِي؛
ڀمَو ڪتيندي پَٽ پِيُس، چوهون ٽَند ڇُنياس؛
پيڇون پيچ ٿياس، روئندي چولي چڪِ ۾.

(21)

هَلِي ڪانگي هِڪَ، ڪا جا ڪَيس ڳالهڙي؛
تنهن مامَ ٻُڌڻ سان روئندي، چولِي ڪيائين چڪِ؛
سَنيهي مَون سِڪَ، پاڻهِي ڪيائين پڌري.

Gul Hayat Institute

(22)

ڏاهي چڙهي ڏارَ تي، ڪا ٻولي هيءَ ٻولي؛
سا ٻُڌي روئِي رت سان، چڪِ ٽيس چولي؛
جڻ هينئڙي ۾ هولي، تنهن آئي هندن جي هنئي.

(23)

سَڄَڻ ڏنهنُ سَنيهَہ، تنهن آٽي آتڻ ۾ ڏنا؛
جڻ ڏنائين سَين کي، ڄُريءَ ٻاجهون ڇيهَہ ؛
ڏک ڀَريائين ڏيهہ، ماريون اِنهيءَ مامر سان .

(24)

سُٽو سنَيهہ سَپي، ماريون مَحبوبن جا؛
لَکن مَنجهہ ليَي، ڪا شوُرائِتي سارَ سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آءَ تا ڪالھ اُڏامِي، وڃي پَيَس پِرين وٽ!

هت قبوليم تنهن جِي حلقھ بگوش غلامِي.
مِهر مٿو ئِي ناھ ڪو، عاشق تِڄ ٿون آرامِي.
اَصل لاڳُون اَن جو هِي پاڇِي آهي پيغامِي.
ويَس برابر اوڏِهين، ويٺيس ڪين وسامِي.
مون کي ڪيائون پنھنجو "سچو" يار سلامِي.

## ڪافي 2

ڪڏهن اِيندين هِڪُ ٿِيندين،
نِت نِهاريُون سنديَئِي واٽَرِيُون!

سانوَلَ ڪنهن سانگَ سان، اَڱڻَ اسان جي اِيندين.
اِهو اٿئون آسرو بَديون تا بخشِيندين.
ڳنهن ڏينهن هِن ڏکيءَ کي، دوست دلاسو ڏيندين.
پِرين نيندين پاڻِ سان، ڇَپَر، تا نہ ڇڏيندين.
ٿوري گهٽي ڏينهڙي گولي ساڻ گذيندين.
پَکا پَکن سامُهون، اوري آٽي اَڏيندين.
سو ڏينهُن ٿيندو ڳهڙو "سچو" ڪري سڏيندين!

## ڪافي 3

مَنُ موهي منهنجا جانِي، گهٽا لائي ڏينهڙا!

صورتَ تنهنجي سُپرين، مورت ڪئِي مَستانِي.
پِرين اوهان جي پارَ جو گوندر ٿيو گُذرانِي.

Gul Hayat Institute

روز اَزل کَون ڏنُو اسان کي، نيهن پنهنجو نِيشانِي.
اگڻ اسان جي آءُ پيارا، محب ڪريان مهمانِي.
پِيريءَ جا "سچو" ڏينهن وسارج، ٿِيئي جَمالُ جوانِي!

## ڪافي 4

يارَ سَجڻ ڪئين سَرِي، تو کي اَسان ٻاجهون!

اسان نِماڻَن ڏي سُهڻا سائِين، دوستَ نِهارِج وري
تو کي قدر ناهي ڪو پَلو چيتڪ ڪِيڙس چَرِي
اَچِي "سَچوءَ" جِي ايڏِهين، سَندي درَ ذري

## ڪافي 5

مون سان تو ڪيون ڪيون، سُهڻا اُهي ڳالِهيون ڳالِهيون!

سي نہ وِجن وسري، پلو ميان،
چڱيون اَوهان جي چَيون چيون.

اوهان ٻاجُهون سُپرين، ميان،
نِيهن وهايون نَيون نَيون.

لِڪُون ڪيون سين لوڪَ کَون، پلو ميان،
پَڌر اُهي اَڄُ پَيون پيون.

ڳُجهيون سي ڳالهيون يارَ "سچوءَ" کَون،
ڪِين وسري سي وِيُون ويُون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 6

ياد مون کي اَڄُ پيون،

مِنيون ڳالهيون سُهڻا تُنهنجِيون!

رهيون آهن روحَ منهنجي ۾، ڪين وسري سي ويون.

وينا ڏسون تا واٽ اوهان جي، دوستَ دلاسو ڪو ڏيون.

”سچو“آهي سَگ درَ تنهنجِي جو ميان نالِ نِباهي سو نِيون.

## ڪافي 7

آءُ تا تنهنجڙِي آهيان، يار مون کي ڇو ٿو ڇڏين!

تون تا منهنجو آهين اَصل کَون، ڪنهن نہ ٻئي در ڪاهيان،
هوتَ اِيندين هت ڪڏين.
آءُ نماڻي عيبن هاڻِي، سَگُ نہ ساڻُوَ ساهيان،
پَڪا اوري آڻي آڏين.
توڙي سُڃاڻِين توڙي نہ ڄاڻِين، لالچ تا بِي نہ لاهِيان،
ساڻ گوليءَ پاڻ گَڏين.
آءُ تا ٻانهي تون تا سائين، آءُ غريب سا چاهيان،
نانءَ ”سچو“ ڪري سڏين.

## ڪافي 8

اُنهن جادوگر چشمن بيران ڪيوسين!
اِنهن نيڻن سندي نازن حيران ڪيوسين!

راتو ڏينهان دل کي هِيءَ آهي پريشانِي،
اُنهن غمزن ڳُجهن رمزن ديوان ڪيوسين.

هَي هَي هِيءَ فرياد وي يارو ڪنهن کي سُڻايان،
خونِن هِن خمارن، مَستان ڪيوسين.

Gul Hayat Institute

ميدانَ منجهہ ”سچو“ تَہ دليون آيو آهي،
اِنهن تارن سَندي تِيرن نيشان ڪيوسين.

## ڪافي 9

زاريون ڪيو زار زار ميان،
وينـي رائان، ٻَڙي جيڏيُون!

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان،
ڍياڪِي سو تيڙم يارُ ميان.
راتو ڏينهان ڳالهہ اِنهيءَ جو
جيڏيون ڙي جِيءَ کي جار ميان.
پاتو اَتم لَڳ پِرينءَ جي،
ڳَلِ هَنجُڙ جو هارُ ميان.
عاشقن کي سوز ”سچو“ ڙي
آهي سَدا سِينگار ميان.

Gul Hayat Institute

# داستان ڇهون

(1)

آءُ ڪانگا ڪارون، تو سان ڪيان ڪيتريون،
جو پُهچائن پيغامَ ٿو پريان جي پارون،
ڪي "سچو" سنيارون، تو ڏاها ڏهاڙي ڏئين.

(2)

ڪارون ڪيئن نہ ڪريانس، جو تو ڏئي سَنيها سَجڻان،
پُٺي پَرَ پَکيءَ جا، ساڻ جواهِرَ جَڙيانس،
موتين ۽ لَعلن سان، پينَر ڪنبي پريانس،
پيرين دست ڏريانس، جو آهہ نياپا ڏيندڙ نيهَن جا.

(3)

پَکي سوئي پَرَ، تو اُڏري پار پِرينءَ جي،
خوشيءَ جِي بہ خبَرَ، مانَ وِني آچي ڪا اُڏهون.

(4)

چڙهيو لامَ لَنئي، اَڄ تو ڪانگل قريبَ جو،
سنِيها سَجڻان، سي ڇهنب ساڻ چِٽئي،
پورن منجهہ پَٽي، تو ساهہُ منهنجو سَرتيون.

(5)

چڙهيو لنئي لامَ تو بوليون باجهاريون ڪري،
ڏئي سَنيها سَجَڻان تُريو مَٿي تامَ،
ماريون ماري مامہ جا تو ڏئي لِڪائي لوڪَ ڪَون.

Gul Hayat Institute

(6)

پرِيان جا پيغامَ،تو ڏئي مڙِيئي مامَ ۾؛
سَوين مُنجَن سَلامَ، جو ڏاهو ڏاهَپَ سان ڏئي.

(7)

چِپيو رهي چانيين،تو ڏئي سنيھا سَڄڻان؛
آيل اولانايين، تو ڳالهائي ڳُجھہ ۾.

(8)

سِگھو اُڏامِي آءُ، تون پَکيَڙا پِريَن جا؛
سپ کنپ ڪريان تانھنجا، ساڻ جواھر جَڙاءُ؛
عِطر ڪٿوري اوتيان، ٻيا ماڙِڪ تو مَٿاءُ؛
ساري سنيھاءُ، ڪي آڻي ڏيج عجيبَ جا.

(9)

ماريون مام منجھي، ڪِي تو ٽُريو تاريءَ تي چَوي؛
سَڄڻ ڏانھنَ سنجھي، ڏاهو ڏکڄِي ۽ آئيو.

(10)

آڻي ڪانگ ڏنوس، ڪو عريضو عجيب جو؛
پيئڻَر سَپ ڀنوس، ڳاريندي ڳوڙهن سان.

(11)

مون ڏي ڪالھہ مُڪو دلبَر دلاسَن جو؛
سندو رازَ رقعو سو پڙھ واچيو وھان.

(12)

واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حالَ ڪَون؛
نامي تنهن نِياس، پاڻ لکيو جو سَڄڻين.

(13)

ڪانگا ڪتابَتَ، ساري سارج ساهَہ سان؛
اِها اَمانَتَ، ٻئي ڪنهن عامَ نہ آڇئين.

Gul Hayat Institute

(14)

ڪٿوريءَ ۾ ڪَنيَ، لوبان لاڪيٽي سَيَئِي؛
جو ڳالهيون ٻُڌي تانهِجيون، ڇَپَرؤن وهن ڇَنيَ؛
تا پُڻ اُتي ٿَنيَ، ويهو ٿو وايون ڪري.

(15)

اَڄُ نہ انهيءَ ڏارَ لامين لَنوين ڪانگڙو،
جيڪس پِريان پارَ، ڏسندي سو ڏکَ پَريو.

(16)

زاغَ نہ ٿيءُ زبون، ونءُ اُڏامِي اوڏهين؛
نہ تہ خاصو مُنهنجو خون، پوندو ڳچيءَ تانهنجي.

(17)

ڪاغذ قربَن جو اَڄ مون کي آئيو،
ساجن ڪيو سعيو اَچڻ جو هن پارَ ڏي.

(18)

لِڪو ۾ لامين، ٿو لاڪِيٽو لاتيون ڪري؛
ٿهڪندو تامنين، ڏئي سَنهيو سَڄڻان.

(19)

Gul Hayat Institute

چڙهيو مَٿي ڇانيَ، ائين چوي ٿو جيڏيون؛
ڪج سِيني ۾ سانيَ، ساري سَنيهن جِي.

(20)

ساري ڳالهہ سَچي، ڪانگي ڪئي قريبَ جِي؛
ريهي دل رچي، تنهن نازڪ نياپَن سان.

(21)

آٽيو ڏنا ڳر، ساٿِي يارَ سَنيھڙا،
منھنجي پارؤن پَکِيَڙا، وڃ دوسياٽي در،
جو سِڪَ آهي مون سَرَ، ميان محبوبن جِي.

(22)

ڏنا ڳر آٽي، سدا سِڪَ سَنيھڙا،
هِينئڙو مون هاٽي، آهہ "سچو" سوداءَ ۾.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

مانَ پِرينءَ پَهچائي، هِي نياپو ڪو نيئِي!

ٻَچِيءَ پائي ڪپڙو پاجياٽي پَرچائي،
حال ڏسي وچ هيئي.
پرين ڏسج پاڻ ڏي، چِتُ نہ وڄُ مون تَون چائي،
يارَ اسان ڪان پيئي.
الله ڪارڻ آءَ تون سائين، ٻانهي تِي ٻاڏائي،
بخش اسان کي پيئي.
اوهان ٻاجهون سُپرين وبني سو ورهَہ وسائي،
ڪانگ اڏائي ڪيئي.
در اوهان جي جو دلبر سائين، ”سچو“ تو سگ سڏائي،
ٻَڌي ٻانهُون پيئِي.

## ڪافي 2

هِينئن ڪانگ اَڄ ڳهِي وبو ”اِينڊءِ صبحُ سَويل.“

Gul Hayat Institute

ڳالهيون ڪري سَجَڻ جون، اَڄ رات هِت رهي وبو.
هو حال منهنجي جو سَماءُ، هِنَ لوءِ مون لهي وبو.
ڳالهيون ٻُڌي ڏکن جون، ٻولي تَنهِين ٻهي وبو.
پرين جي پار اُڏاڻو ڪيئن سورَ هِي سَهي وبو.
”سَچو“ سجڻ مِلايَئِين، هِنَ ناهَہ تي نَهي وبو.

## ڪافي 3

آءُ اسان وٽِ يارَ تون، آهي هِت اَسان جو حالُ هِي!

اُباڻڪو آهِيان گهڻو توريءَ پِرين پرديسَ ۾،
آءُ مِڙبوئِي معلومُ ڪر، عاشق سَندو اَحوالُ هِي.

آهِه اوسيڙو اوهان جو شب روز اکڙين ۾ ميان،
جانِي سَندءِ مون جاڳندي، آهه خواب ۾ بہ خيالُ هِي.

دوست تُنهنجي درَ اُتي دونهين وجهي وِيهِي رهان،
منهن ڏيکارج محب مون کي، نہ تہ آهہ ويهڻ هت وبال هِي.

دردمَند جي در پيهِي، آءُ دوستَ دل خوشحال ڪر،
صدقي ڪريان سِرُ ساهَ سان، ها مِلڪ ۾ پيو مالُ هِي.

وينِي نِهاريان واٽَڙي، تنهنجي اَچڻَ جي لئہ ميان،
لَهُ سُڌِ سَنديَم ساجن اَچي، نہ تہ آهہ جِيڻ جنجال هي.

پاڻون پَري نہ ڪريو مون کي، ڪي دوستَ دلداريون ڏيو،
هوءِ تون سَدائِين ساڻ مون، آهي "سچوءَ" جو سوالُ هِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

هِنيون هوتَن هٿ آهي آهي،

ڪيرُ چوي تا نا هي نا هي!

فَهمُ فراستَ، عقل ارادتَ، نيهَن بِنا ناهي ناهي.
مست ٿيا مخمور اتاهِين، ڳل نہ پَئِي ڪنهن ڏاهي ڏاهي.
ڏوڙا طالِعَ تِين اُنهن جا، بارُ جنِهان نون چاهي چاهي.

وسُ مِڙيوئِي يارَ سَڄَڻ جو هيءَ نماڻي چاهي چاهي.
سَڱ سِياپو يارَ سَڄَڻ سان، ڪير ”سچيڏنا“ ساهي ساهي!

ڪافي 5

آيو مُنهنجي گهر يار
جنهن جي ڪارڻ مون تي ساتي سَنپايا!

در پيهي مون آئيو، اڄ دوست مِنو دلدار.
سوئِي گڏيو سُپرين، هو جنهن جو جيءَ کي جار.
بالڪل ڪِيائون پانهنجو، ڏنائون قول قرار.
معاف ڪِيائون مِهَر سان، مون تي هُئو ميار.
”سچو“ سرهائِيءَ ۾، چڏ روئڻ زارو زارُ.

ڪافي 6

راتِ پِرينءَ ڪاتي پيئِي، اڙي ساتِي سُڌ ڏيجو!

پُڄاڻا پِرينءَ جي، آسان هِت هيئِي،
سارُ تَڪي هِڪ ٿيجو!
پَسَڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪانگ اُڏايم ڪيئي،
نالِ وني هيءَ نيجُو!
عرضُ آرياڻيءَ کي، نانءَ ڏٽيءَ هِي نيئِي،
پانهون بَڌي چڳيان چيجو!
”سچوءَ“ ياران ساٿيو ڪين ڏوراپا ڏيئِي،
پيرين پانڌيو وجي پيجو!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 7

دوست دلاسا ڏيئِي، ڏک ڏوڙو وري ڏيندئي!

متان ويهين ماٺ ڪري، يار سَجڻ سان تو پيئِي،
ساڻ نيڻن دل نيندئِي.
مون تا ڏنا ڪيترا، ماريا سي ڳجلين ڪيئِي،
اَڄ صبح تو وٺ اِيندئِي.
"سچو" آڏو سَجڻان، ٻانهون ٻڌي آءُ بيئي،
سڀُ بديون بخشيندئِي.

## ڪافي 8

هِيئن مَ وڃُ تون ماربون، هوتَ نماڻيءَ کي، ميان!

سِڪ تُنهنجيءَ سُپرين، ڪُوڪان هِن ڪي ڪاربون!
پِرين پَري چو وڃين، ٻارڻ دل ۾ ٻاربون؟
ٻَاجھ ٻاروچا تو پوي، سُٽِي ضعيف جون زاربون.
جايون ساري جيءَ ۾، ورهه اَوهان جي واربون.
ميان مشتاقن جون، سَهُه آرباٽِي آربون.
سُک اُتي ٿيو سُپرين، ڏک هِتي ڏيهاڙيون.
راتو ڏيهان ٿو روئي، "سچو" توکي ساريون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 9

سَجڻ تنهنجو بِرهه باري، آسان جِي ساڻ تو ياري،
آءُ ٻانهِي تون تا سائِين، ٻڌي ٻانهان ڪِيم زاري،

اَچانڪ لَنئُ جا تو لائِي، پِئِي تا ڪَل نه مون ڪائِي،
وٺيئي ڄائِي ڪَبئِي سائِي، پاتِيسُون ڳل ٻَچيءَ ڳاري،

وڏوسين طلبَ ۾ توئِي، نہ هو هِت حال مون ڪوئِي،
چوان هِي حال ڪنهن روئِي، معلوم آهي تو کي ساري.

اُلانڀِيون عشقَ جي لايون، ويون وسري سَڀِئِي وايون،
اسان جي طرف ڏي آيون، ڪئِي سڀ لوڪَ بيزاري.

لِڪان ڪيئن ڳالهہ هِن دمَ جي، ڏاڍي آهي راهہَ هِن غم جِي،
ملامَت ڪُلِّ عالم جِي، اَسان تا اَصل اِختياري.

"سچو" گر سَوَ شڪرانا، پُڇي تا بِرهہُ بيگانا!
توڙي هِت سي ٿيا ديوانا، ملي سين دوست هِڪواري.

## ڪافي 10

يارَ مرشد تنهنجون ديدان، مشتاقن کي مارنِ ٿِيون!

چِڪي تہ هَٽن ٿيون چوهَہ منجهاران،
ڪان بٺيءَ جو بَڇائن ٿيون.

ڏسڻ سان ڏور وجهن ٿيون،
دام دِلين جو دہائن ٿيون.

شهبازن جان ڳَرن ستونا،
گهورَ اُنهيءَ سان گهائِن ٿيون.

جاڏي چَڙهن تاڏي بِرهہ بُراقان،
پيير رڪيب نہ پائن ٿيون.

"سچوءَ" جهڙا سَوين هزارين،
ڪي ئِي ڪُرنش منجهہ ڪنبائِن ٿيون.

Gul Hayat Institute

# داستان ستون

(1)

چڙهيو سَر چانڊوڪين، لَنوبن جي لاتيون ڪري
تہ سنيها سائيين، جي تا مُڪَئي سَجڻان.

(2)

تِڪيو تي تاريءَ، لَنوبن جي لاتيون ڪري؛
ڏئي سان زاريءَ، اُپِي سنيها سَجڻان.

(3)

پارانيا پوبون، وجهي ٻوري ٻچيءَ ڪانگ جي؛
ڪيڏي آبُ اکين مان، نيهن نِچوبون؛
لُڙڪن سان لوبون، تي هئين لائيس هنڙا.

(4)

چڙهيو ڏار ڏئي، سنيها جي سجڻان؛
تو جَڙ روح رڳن مَون، نياپن ساڻ نِئي؛
جڻو جاءِ ٿئي، سڻين پارانيا پِرينءَ جا.

(5)

اَڄ ڪانگَل آيو ماٿ ڪندي مونجهہ مَون؛
سو تا منهنجي ساهَ ڪي، سرتيون سيبايو؛
هيڏي هَلايو اڄُ محبوبن مِهر سان.

Gul Hayat Institute

(6)

آڄ ڪانگا چئہ ڪِيئن، سَرها ڏنئِي سُپرين؟
حالَ اسن هِت هِهڙا، ڪِي هُت پِي هُئا هِيئن!
جهامَر ڏئـي جُهڙ جِيئن، تِيئن تِي اوتَ اکين جِي.

(7)

ڏاها تيءُ نہ ڏور، ويهُہ مون ڪي تي ويجهڙو،
ڪر ڪالهوڪِي ڳالهڙِي، جان هُئين رات حضور،
دوستَ اڳين دستور، ڪِي تعظيمان توکي ڏنيون؟

(8)

زاغ زبانون ڪيِي، اِهائِي وائِي،
پريان سندي پار جِي، آهہ توکي واڏائِي،
پڇي حقيقت حالَ جِي، هُت سجن سَيائِي،
تہ ڪِي عاشق خوش اسان جو، ڳل ڏئين ڪائِي!
مون سان بيحد پلائِي، ڪئي پرينءَ پاروُن تانهنجي.

(9)

الله لڳ اُڏامُ، تون موتي محبوبن ڏي،
وڃِي ڏيج پِرينءَ کي، اِهو پاڃيءَ جو پيغام،
ڪري قدمن تي پَئي، سَوَ لَک ڏيج سلامَ،
آهي اوهان ريءَ سپرين، هِت مِڙيوئِي ماتام،
اَچڻ جو اَنجام، ڪَر سِگهو طرف "سچوءَ" جي.

(10)

نا تہ مري وِيندو هيءُ، الله لڳ اَچيج تون،
تو ٿون آهي هِن جو جانِي صدقي جيءُ،
لاهِہ فراق فقير ڪَون، والِي ويجهو ٿيءُ،
تون پڻ ان جو ٿيءُ، جو نوڪر تنهنجي نانوَ جو.

Gul Hayat Institute

(11)

سَيئِي ڏيج ساري، سنيها کي سَجَڻان،
اَوهان ٻاجهون سُپرين هُت گوندرَ گُذاري؛
گهڙي نا گهاري، ميان محبوبن ري،

(12)

پَکِي سو ئي پَرَ، اَج اُڏاڻو اوڏهين؛
رسيو وڃي اُتهين، سو پانڌي منجهه پَهَر؛
آڏو عجيبن جي، ڪيائين سڀ خبَر:
هُت عاشِقَ کي اَوهان بنا، هِنيڙي منجهه حَشَر؛
تو اوتي اکڙين مَون، باراني بَحَر؛
هاڻي ڏيو دلاسو دلبر، متان عاشق اُت مَري وڃي.

(13)

ڏار چڙهيو ڏاهو تو ڏنيم دلاسا دل کي،
تہ صبح سانباهو هو اَچڻ جو عجيب کي.

(14)

پکيڙا پُوياڻ، لَڙهان موتين سَنديُون؛
آءَ اُڏامِي اوڏڙو تا جهوليءَ ۾ جهولياڻ،
سَيئي کَنپ کتوريءَ ۾، لاکيڻان لوباڻ؛
پوءِ سارو سَمهوباڻ، هِڪ هِڪ ڪري هَٿَن سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

آيا ڏنَوَ آيا ڏنَو چئہ ڪي پانڊِي آيا!

پِرينءَ ڪي هِن پار ڏي، سَلِ ڪي ساڻِي سَعيا!
طرف اسان جي ڪَهُ ڙي ڪانگَلَ، ها روح سندن جا رايا!
وري سگهو ميان ونءُ اوڏاهين، جو سُورن اَسين ستايا.
"سچو" ساري مِيان گهڻو سَنيِاري، سَجَڻَ پِي ڪي ئي سِڪايا.

## ڪافي 2

چَشمن يارَ جي مون تي، چئہ جا چوٽَ چلائي!

دردمندن جِي دل اَچانڪ، آڻي عشق آڙائِي.
اَسان نماڻن تي روز ازل کَون، چَؤ تنهن جي حُسن هلائِي.
بِنهي اَکڙين سيف ستم جِي، چَو جا آڻي چمڪائِي.
بَڙڇي بِرهَہ جِي سِيني اَندر، "سچو" هِن خِيالُ کُپائِي.

## ڪافي 3

منهنجي زاري زاري، سُهڻا سائين تو سان!

Gul Hayat Institute

معلوم تو کي ڳالهہ اسان جي، يارَ سَجَڻ سا ساري ساري.
هِيءَ تا هيٺِي واءَ وهيٺِي، بِرهہ اوهان جو باري باري.
دوستَ هِئين ۾ يار سمائين، گهوٽَ نہ وجهج گهاري گهاري.
اَصلَ لاڪون آهي اوهان سان، يارَ اسان جِي ياري ياري.
طرفون تنهنجي يارَ "سچوءَ" کي، آهہ ڳڇيءَ ۾ ڳاري ڳاري.

## ڪافي 4

يارَ توسان ڪي تا ڏينهڙا لَنگهايَم!

راتيان ڏينهان سِر تي ڪيئي، ڏکَ جا مينهڙا وسايمَ.
پُڄاڻا آوهان جي ڏاها ڏاڍا سي پور پرايم.
سَڪ تنهنجي سُپرين، سارائِي سورَ سَلايَم.
پرين تنهنجي پارَ جا، ڏيهاڙي سي پنڌڙا پُڇايَم.
"سچو" سي ئي آيا جَن لئہ، فالان ئي روز وجهايَم.

## ڪافي (5)

پانڌي منهنجي يارَ کي، ساري ڄَئِج سَلامَ.

ڄَئِي مُڪا هئا ڪيترا، مون پرتِ وارا پيغام.
اوهان جي نِي اَچڻ جا، هُلَ پَوَن هَنگامَ.
محبت منهنجِي روز اَزل کَون، تو سان مُحب مُدام.
"سَچُوءَ" جيها ڪيترا، دَرَ تُنهنجي تہ غُلام.
ڪڏهن ڪندين يارَ آسان ڏي، اچڻ جا اَنجامَ.
عشقَ اوهان جي شورُ مَچايو هُل پون هَنگام.
بانهي گولي يارَ سچڻ جِي، مُلهہ خريد مُدام.
روز اَزلَ کون "سَچُو" آهي، سائين سَنديو سام.

## ڪافي (6)

دوستَ کي دانهون سُڻِي، مَنَ مهرَ ڪا مون ڏنهن پَوي!

دردمَندِ جي دَرَ اُتِي، تو ڪانگ لاڪيٽو لَوي.
پيغامَ پِرين پارَ جا، چَشمن اُتي وبهون چَوي.

Gul Hayat Institute

سِرَ پَر اَسين ايڏهن اَچون، يا ڪِي اوري ايندؤ اَوهي.
”سَچو“ آهي اُڪنديو گهڻو، تو راند روئڻ جي رَوي.

## ڪافي 7

تو سان يارَ سَچڻ، منهنجي پِرت اَصل کَون پيئي.

اَصل اسان جو عشق تو ئي سان،
ڪوڙيين آهن ڳالهيون ڪيئِي.

ڪڏهن مُڪو ڪو نہ اسان ڏي،
ڏکين نياپو ڏيئِي.

اَسين تو ئِي سان هِڪ ٿيندا سين،
وچون وائي هِجر جِي ويئِي.

سي ئِي سانيِج ڳالهيون اَسان جون،
جانِي ڪِيڙم تو سان جي ئِي.

جي ئِي ڪيا هَم قولَ تو ئِي سان.
”سچو“ پاڙيندس سي ئِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 8

ويهي هِت ڪِيئَن وسارين؟
پِرين تو کي پاڻ پُڇَن ٿا!

”جيهو تيهو آهہ اسان جو“، چئہ جو دوستَ چَون ٿا.
ڪڏهن ماندو متان ٿين تون، تنهنجي اَڱڻ اَچَن ٿا.

جڏهن ٿين ٿيون هُت پچاران، تڏهن هِت پورَ پَون ٿا.
پِرين تو کَون پَري نہ آهن، ويڙهي جَڙُ تہ وَسن ٿا.
ماندو مَتان ٿين، خوش ٿِي ”سچو“، هو اَڄُ گوش گذارن ٿا.

## ڪافي 9

مانَ پِريَن کي پوي، ڪِنِ فرياد آسان جِي!

عشقَ جون ماربون سُٺو سَيبيِڙِي،
اديون ٿِي ناهِيو آوي
هن نماڻِيءَ جو يارَ سَجَڻ کي،
حالُ وجي ڪو چَوي
هِيءَ تا تَن، ريءَ راتو ڏينهان،
راند روئڻ جِي روي
در دوسَن جي ڪيئي آهن،
”سچوءَ“ جيها سَوي

## ڪافي 10

ساٿِي تون يارَ مُنهنجي کي،
نيئي پَهچاءِ سَنهيو هي!

Gul Hayat Institute

تہ ”قيدالماءِ جي قسمت، وڌي دوري تو کَون مون کي،
سي پاڙج واعدا پنهنجا، ڪيا هُيئي يارَ جانِي جي.

ڪتابَن ۾ وڌم مُنهن ٿي، تہ ٿي خورسَندگي حاصل،
لڳي دل اوچتِي توسان، وساري بِرهِہ بي تي ٿي.

مون کي تو تا فِراقي ڪيو اِها فرياد ڪنهن کي ڏيان؟
هو جي ڳالهيون ڪِيُئي سانولَ، ”سچوءَ“ کي ياد آهن سي .

# متفرقہ ڪلام

## دوها

شَي آهيان ڪاڪيون ڪهڙي، جا سمجهي نہ جاڻان!

بعضي پايان پُتلي، يا آهيان گُڏيءَ ڏور،
يا گوءِ آهيان هٿ يارَ جي، يا وانگيءَ وانگر زور.

يا تا محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهہ،
ٻوليون ڪري ڪيتريون، ٿو در نئون داناهہ.

يا تا گهوڙو آهيان، جو هَلائي هَوار.
يا تا موج درياهہ جِي، جا ٻوڙي ٿي ٻاهار.

يا مِهنديءَ گل تا آهيان، جنهن اندر لالائِي،
يا آهيان گل گلاب جو جنهن سِر ۾ سرهائي.

يا تا چشمو آهيان، جو آبر پُريو آب،
تنهن ۾ سايو سج جو، يا پاڇوئي مهتابُ.

يا تا پاڇوئي حق جو آءٌ اَصل ڪَون آهيان،
جنهن ۾ ڳالهہ ناهِ تا، سوبي تا ناهيان.

ڳالهہ ”سچوءَ“ تا سَمجِهي، ڪَون هاديءَ اِها ٿِي،
تا غير خدا جو ناهين، آهين صاحب سِدائي.

Gul Hayat Institute

## هدايت ا

رمزان سي هاديءَ جون، ميان، جيڪي ڇپائون مون کي سي سَلَڻَ ناهن،
هوءِ هوءِ ڏريون آهن دل تي!

ڳالهيون ڪري ڳُجهه جون، ٿا صاحبَ سَمجهائِين،
”لاالہ“ کَون اڳنان ٿا هادي هلائِين،
سَمجهڻ ”سَمع بَصَير“ جو ٿا فائِق فرمائِين.

”خوديون خاص نہ پائنجو هِي نِت نِت نمازان،
جاڻو پَلي ڳالهڙي هِي سوز و گدازان،
اَڻو اَنَاالحق جا اِهي عِبرت آوازان.“

هَي هَي هِڪڙي ڏينهڙي، ٿا هادي اِئين چَون،
”جن نہ سمجهي هِت ڳالهڙي سي سُيان گهڻو رون،
جَن سُڃاتو هتهين، سي هُت پِي اِئين هُون.“

”جيڪي پَليون ڳالهڙيون، اُنهن پُڄڻ پَري آهہ،
ڪوڙا قصا ڪُهہ پڙا يارسُڃاڻ سَواءِ،
پُرجهڻ آهي پاڻ کي، بي پَلي بات نہ ڪاءِ.“

هاديءَ حقيقت جي، يار، موتِي هيئڻ ڇيو:

”آتا آهي هيءَ ادا آهي ڪو نہ بيو
جي ٿِي لنگهيا سَبَ کَون، يارُ مقصد تن ٽيو
سائين ساڳيو سو آتُو جو وجودُن ويو.“

Gul Hayat Institute

## هدايت 2

مرشِدَ هادي رهنما، ٿا سَمجهائِن اِئين:

”هُو تُون جاڻج پاڻ کي، متان هيءُ ٿئين،
وحدت جي چوگان ۾، اِها گوءِ نِئين.
”سچو“ ساڻ يقين جي، هِي حال ڏي هِئين.“

## هدايت 3

هادي ويڙهي آيو هاٺي سائينءَ هِيئِن سمجهايو والِي ويڙهي آيو!

”ڪڏهن ٿيو ڪونڪو عاشقِن آرام، ميان“،
”راتو ڏينهان تن اُتي محبت جو ماتام، ميان.“

”خاڪون هَلج خاص تي ڪر پاٽيءَ ڪون پرواز ميان،
چڙيءَ چنبو ماريُئي، تي شاهين ۽ شهباز ميان.“

”جيڪو اَصل آهي، ٿيو هاٺي سو سلطان، ميان،
گهوري چڙهندڙ گم ٿيو پيو گهوڙي ۾ جولان ميان.“

”گرد ڳجهو ڪيو طالبو اهو گهوڙي جو هسوار ميان،
گهوري وارو گم ٿيو اُپريو گرد غبار، ميان“

Gul Hayat Institute

”آيو بحر جوش ۾ تڏهن موج پئي پاهار، ميان“،
”هَي هَي آيو نانءَ ۾، ٿيو ساوڻ جو سينگار، ميان.“

”لَڙَ منجهَون ٿيو اَڇو ڪارو، اَصل سو درياهه، ميان،
”بيحد رنگ گهڻا ٿيا ٻاهر، هرڪو ٿيو گمراهه ميان.“

”سانوڻ لٿو هڪ ٿِي، تنڌن پاٽي موتيو پوءِ، ميان“،
ڪارو اڇو لُڙ ٿيو اهو سارو سموندوءِ، ميان.

”نانءَ لَهِي ويا ٻاهريان، اهو باقي رهيو نام، ميان“،
”ڪوران، ڪسيان، واهڙان، هت ڪلي ٿيا گمنام، ميان.“

”هِت سَپِيئِي درياهه ٿيو، ٻيو ڪوڙا لتا نانءَ، ميان“،
”اول آخر هڪ ٿيو ويا وچائون گنا، ميان.“

”اصل جيڪي هوس آءُ آهيان پِي سو ميان“،
آخر ٿيندس وجي اُهو ئي، هڏ آهِيان ڪو نه ٻيو ميان.

”اڪيون اکڙين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سُجاڻ، ميان“،
”پوي نظر جت تانهنجي، تت پنهنجو چشم چال، ميان.“

”اڪيون اکڙين ۾ رکين، تا هِت هُت ’تون هين ’آءُ، ميان“،
جي خبر اکين جِي لَهين، تا تون نرالو نانءُ، ميان.“

”اکين مون معلوم ٿئي اِهو صورت جو سينگار، ميان“،
”سچو“ سارو سچ ٿيو ٻيو ناهي تفاوت وار، ميان.“

Gul Hayat Institute

# جهولڻو (1)

جاني آءُ ڙي جاني، ميان،
آءُ تا روز پُڇان تِي پانڌيئَڙن.

تنهنجي اَچڻ ڪاڻ هِت، پوٿيون تِي پٿايان،
سنجهي صبح سَرتيون، تِي پانڌي پُڇايان،
ڏاها تنهنجي ڏيهَ ڏي، ڪانگَل اُڏايان.

پِرين تُنهنجي پار ڏنهُن اچي قاصد جي ڪوئِي،
حالُ سڻايان پانهنجو تَنهن رهَبر کي روئِي،
جانِي جال اسان جي هاڻي هجر ۾ هوئِي.

دلَبَر تنهنجي ديس ڏي تِي ڏسان ڏيهاڙيون،
نانوَ تنهنجو سُپرين اَسين وَس نہ وساريون،
ڳِچيءَ پائي ڪپرو زور ڪريان تي زاريون.

اُٿي وينئي اوتيان آءُ پنبڻين مان پاڻِي،
اَچي ڏسج سپرين تون حال منهنجو هاڻِي،
دردمَنديءَ جي دل ۾ تنهنجي سِڪَ تا سامائِي.

تاڪَوَن سَجَڻ تانهنجِي هِنيڙي حيرانِي،
ڏيئِي ڏکيءَ کي وئين تون نينهن تہ نِشانِي،
سدا "سچو" آهي، ميان، تُنهنجي ڳِچيءَ ڳانِي.

Gul Hayat Institute

# جهولڻو (2)

ساڻِي ساري سَنيها، چِئجِ پُنهونءَ کي،
بيراڳي آهِيان، ووا

حالُ ڏسيو تو جو وچين، سارو عرض ڪرين، وو
دلاسو ڪو دوست ڏنهن، ونئي جلد ورين، وو
ڪارو ڪج نہ ڪيچَ کي، ڇَپَر تا نہ ڇڏين وو
ٻانهي چاڻِي پانهجِي، گولِن سارَ ڳڏين، وو
تو سان عمر گُذاريان، جان ڪِي هِت هُئان، وو
ڳالهين تُنهنجِن ٻاري آهيان، جان تِي رت روئان، وو
ڏوربندي مون ڏونگرين، گهڻا ڏينهن ٿيا، وو
ٻڌا هوندا هوتَ تو جي ”سچوءَ“ سَڏَ ڪيا، وو

Gul Hayat Institute

## ڪافي 1

اَج تون اسان وٽ آءُ، تون مينهن وَلَ ميهارَ، ميان!

پاڻي اُپڙڻُ نا ڏئي، هڪ ويريون ۾ ييو واءُ، ميان.
ڪاري، ڪُن لَهريون لسان، دورَ وڏي درياءُ، ميان.
ساهَڙَ سبون تانهنجي، سَرتيون ڏين نہ ساءُ، ميان.
پِرين وڙئُون پانهنجي، "سچوءَ" لَهُہ سماءُ، ميان.

## ڪافي2

لُڙ وهي لوهاٽو يارَ وي!

سا ڪيئن ترسي تار ۾، جيءَ جنهين جهوراٽو.
ڪاهيو پوي ڪُنن ۾، ڏِنس عشق اوراٽو.
ساهَڙَ ٻاجهون ساهَہ ڪي، ڪيو ورهَہ ويڳاٽو.
سانولُ سدا آهِہ مُون، اوهِين سِپِيئي ٽيون ڇاٽو.
پچندو اَچي پاڻهين، "سچل" يارُ سِڀاڻو.

## ڪافي 3

ساٿي ڙي ديس دلبر جا، سِگهو وڃ پار پرين جي.
خَبر ڪا خيرَ جي آڻين، آهي خوش خاص سو مَظهر!

پانڌي پيغامَ هي ني تون، سنياري دوست کي ڏي تون،
ڳالهيون ڪر ياد پِي ڪي تون، آهيئم تون دل گهريو دلبر.

عاشق ايڏهن نهاري ٿو، تو لئہ گوندر گذاري ٿو.
سَجَڻ تو سَرس ساري ٿو اَوهان لڳ آهِہ مُنتظر.

Gul Hayat Institute

زيادهہ ٿو ڪري زاري ڪيائين سؤ ڳچيءَ ڳاري،
مَ ڪج تنهن ڪَون تون بيزاري، ڏسي ڏوهن سندو دفتر.

دردَ دل ۾ بَجانو ٿيو اُتي يَڪدل يِگانو ٿيو
وٺي نياپا روانو ٿيو رسيو تاروءِ وجي رهبر.

اڳيون پِي ٻاجَهہ هوت پيئي، وائي تا هجر جي وٺِي،
دلاسا دوست ڪيا ڪيئي، لِڪڻ ڪون هِن اُهي ٻاهر.

آهي سڀ خيال هِي منهنجو اوڏنهن ويو حال هي منهنجو
”سچُو“ ري سوالُ هي منهنجو حضوريءَ ۾ ٿيو حاضر.

ڪافي 4

يار ٿئين وڃي ياڪي، متان هيءَ وسارين، ميان!

ٻيو سَيو مون وسريو برهُ رهيو هڪ باقي.
تنهنجي طالب آهيان، محبَ مون تا ميثاقي.
ڪم منهنجو ڪيجَ ۾ هاڙهو سڀُ هَلاڪِي
لاهج پنهنجي لطفَ سان، گوليءَ ڪونَ غمناڪِي.
ڪَر پاجاٽي پنهنجي ”سچُو“ هيءَ ڪساڪِي.

Gul Hayat Institute

ڪافي 5

تنهنجي چشمن چيٽڪ لايو آءٌ هاٽي ڪئن ڪريان!

ڳلَ نہ مون کي ڪا هئي، عشق اَچانڪ آيو.
دل اسانجڙيءَ لعل لپيٽيو رمزن جو رنگ لايو.
مدا ڳُهرجي ”سچوءَ“ کي، محبت جو نِي مايو.

## ڪافي 6

عِشق پنهنجي جي خَبَر، جي ڪَنهِن اَدا عاشِق آهي،
مُشرڪ ۽ مُرتَد آهي، توڙي اهو تارڪ آهي.

جو ٿيو گُم يار ۾، پاڻ ئِي کون لا تعلقّ آهي،
پانهنجي هُوَنَّئون اُهو هَر فعل فارڪ آهي.

ڪُفر ۽ اسلام کون، لاڙو اُنهيءَ لاشڪ آهي،
رمز تا هِن راز جي، سَمجهي سوئي سالڪ آهي.

دائم دُوئيءَ وارن نظر، هڪ خلق ٻيو خالق آهي،
اُپٽي جو عبرتَ جون اکيون، تنهن کي مڙيوئي مالڪ آهي.

جِيئَن هاديءَ فرمائيو سوئي سَيو برحق آهي،
سو "سچوءَ" مُرشد سچو جو پير عبدالحق آهي.

## ڪافي 7

دِل چَپَنِ سان جي چُمين، پير مُغان جو آستان،
محَبت سچي محبوبّ جِي، بانڪا وجي تون باس تان.

Gul Hayat Institute

ڪي ڏينهن مون دلدار لئہ ورد ۽ وظائف ٿي پڙهيا،
جڏهن عشق آرانيا ڏنا، ٿيون خدا جون خواستان.

جڏهن شوق مون شامل ٿيو، ٻيو خيال خاطر کون ويو
هڪ واسطو تنهنجو رهيو وسري ويون ٻيون واسطان.

راهون سيئي گمراهہ ٿيون، جي مون پڇين تون ڳالهڙي،
ڪر گُذر بي گوڙ کان، آئِي راهہ رب جي راستان.

رنگ روح کي جيڪو لڳو دنيا ۽ عُقبيٰ پئہ پڳو
غمزي تنهين گم ڪُل ڪيو. وهواهہ بيا وسواس تان.

عشقَ جي ڙي جيڏيون، ناهي تمامِيّت ادا،
چاهون چوائي ٿو گهڻو هِي درد مون کي داستان.

”سچو“ سدا سِڪَ ۾ رهين، متان تون جهلين روٺيُون اکيون،
هت درد وارن جي پرين، پاڻهين ڪرن ٿا پاس تان.

ڪافي 8

ڪَنهِن سان ڪَيَمِ نہ ڳَالَ، جو سودو آندم پانَ سان.

سودو ڪَنهِن نہ پُڇيو آيس ۾ مشڪل.
گران قيمت ڪَون سيَئي، موٽيا تنهن مَهَل.
سودي هِهڙي جي اُتي، لاهن سڀ نقل.
ميڙو موڙن تي ڪري، عالَمَ ڪَئِي اُڇَلَ.
حال ڏسِي تا هُنَ جو جِمَّڙو منجهہ جَنجَلَ.
ڏوهہ نہ مون کي ڪو ڏيو پئِي خَلقَ منجهہ خَلَلَ.
”سچوءَ“ سَرفَراز ڪيو آٽي سو عشقِ اَجهَل.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 9

صحيح سڄاتو تي، هاڻي اَصل اسان جو تون آهين!

عاشق متان اوتيين، پنڀِڻين مون پاڻي.
ڪڏهن اسان جي ڳالهه ڪون، عذر متان ڪو آڻي.
عاشق مِني ڳالهه جي، ميان، وَري ٿا ڏين وراڻِي.
ڏينهن ئون نئين آهي سا، ميان، ناهي سا پرت پُراڻِي.
تن ۾ تنهنجي اصل اَسان جي، "سچو" ري سِڪ سَماڻِي.

## ڪافي 10

آهيان اوهانجَڙو آئين، دوست چَوين ڪير آهين؟

پِرين ڏسج تون پارَ ڏي، آءٌ ٻانهو تون سائين.
پنهنجي درئون سُپرين، پـير منهنجي در پائين.
ڳچيءَ پائي ڪپڙو ميان، پِرينءَ کي پَرچائين.
آءٌ اَوهانجڙو آهيان، چِت نہ مان ٿون چائين.
ديدان ڪَرُ تون مَتي الله لَڳ، ميان "سچوءَ" کي سَرچائين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 11

دل جا دلبر يار، سگهو سگهو اِيندو رهين!

اسان نماڻن جي نانءَ سائينءَ جي، لَهين تون سار سَنيارَ.
بار اوهان جي ڪيئي مڪاسين، قاصد سَوَ هزار.
اوهان ٻاجهون يار پيارا، آچن ٿا اُوتار.

سي تون پاڙج پرين پانهنجا، ڪَيو جي قول قرار.
هوءَ جا هيڙي متي منهنجي تي، ڪرين سا معاف ميار.
”سچو“ اوهان لئه يار سياڻا، روئي سو زارون زار.

ڪافي 12

مڙس ٿي منصور چئه، نه ته ڪيم چئه منصور هان.

منصور جي منزل اتي، ڏاڍا تماچا تهتمان.
سگهه نه جي ساري سگهين، منهن رکين تنهن تي متان.
چو چوڪراٺيءَ ۾ پئي، رانديون روين راتو ڏيهان.
احوال سڀ اسرار جو سائين عشق کي آهي عيان.
نڙڪو نگيءَ ۽ ناهه جو ناحق ڪرين ٿو ناتوان.
هِن کي چيو هُن کي چوين، ”آهيان لاهوتي لاطمع“!
منصور جي تنهن ملڪ تي، آهن سدا نوڪان نوان.
سُڻ ”سچو“ تون سمجهه رک، تو کي چڱائي ٿو چوان.

ڪافي 13

اوهين پنهنجو پاڻ آهيو، ننگَ نباهڻ وارا!

Gul Hayat Institute

هيءَ نماڻي عيبَن هاڻي، هٿ مَٿئون مون نه لاهيو
نيڻ وهايائِن نارا.
عاشق سندوَ آهن اُداسي، چاهه منجهون سي چاهيو
جي ورهه ڪيا وبچارا.
ميلائي جو مشتاقن سان، ناهه ڪو سِگهڙو ناهيو
مَر تا ڪرن نظارا.

اَصل لاڪون آهن اوهان تي، پاڻ پرين نباهيو
ڳم "سچوءَ" جا سارا.

### ڪافي 14

ٿي تون رهبر راهي، پِريان سندي پار ڏي

ڏيهه انهيءَ جي ساٿي تون سگهڙي، آءَ لهي آگاهي.
تِر نہ هڪڙو ترس اِتاهين، والي آهي تنهنجو واهي.
هِن نماڻيءَ سان ناڻءَ سائينءَ جي، ڪرين تون هيءَ همراهي.
درد اسان جي جِي اڳيان دوستن، ڏيندا هي نيڻ گواهي.
يار مسافر سگهو "سچوءَ" سان آڻي تون ميڙ اِلاهي.

### ڪافي 15

جاني جدائيءَ ماريو ڏينهن ڏهلا سي گهوريا!

اَصل لاڪون آهيان اوهان جي، ويچاريءَ نہ وساريو.
ناڻءِ سائينءَ جي اسان نماڻن سان، اَچي سو ڳنڍ ڳذاريو.
مشتاقن ڏي مهر پئي تا ڪٽي نيڻ نهاريو.
پري نہ پاڙون يار ڪريجو پنهنجيءَ وٿ ويهاريو.
سَڳ "سچو" آهي در تنهنجي جو پنهنجي سو ڪڍ قطاريو.

### ڪافي 16

ٿورا ڪيڏا مون سان لايا، يار سانگِيڙي ميان!

جيئن چيوسي تيئن مچيائون، موتي نہ تن موٽايا.
چُپ چپاتي ويڙهي اسان جي، اَچ اَچانڪ آيا.

Gul Hayat Institute

دل سان لايم هو جي دلبر سچا سخن فرمايا.
ڏکن سکن ڏي ڪين ڏنائون، توڻي عاشق ٿي آزمايا.
"سچو" هئاسي اُداسي جَن لئہ، سي موليٰ محب ملايا.

## ڪافي 17

اڄ جو جوڳي آيو ناٿ، تنهن جو نہ ٿي جاڻان!

سر جهنائون جوڳن واريون، لڳين تنهن بسمو لايو.
ذري جوڳي، ذري سنياسي، تنهن ساميءَ ناٿ سڏايو.
ذاتِ اِنهيءَ جي نہ ٿي سڃاڻان، چندين پاڻ ڇُپايو.
ڪڏهن نہ ڏنم ڏيهہ اِنهيءَ ۾، موليٰ سو آڻي مِلايو.
ڏسڻ سان تنهن جوڳيءَ جي، مون ڏاڍو پور پرايو.
سيرين بازارين گِهڻ گِهڻ گهنگهرو ڇم ڇَم تنهن ڇمڪاين.
سوئي ساڳيو رانجهَنُ هُيڙو "سچوءَ سِرَ سُٽايو.

## ڪافي 18

هُتئَون هَلِي هِت آئين، ڪرڻ واپار ڙي وڻجارا!

Gul Hayat Institute

وچ بازار جي چوسُولَ وچ ۾ پِڙي پِرت جي پائين.
شاهہ پنهنجي سان وعدو جو ڪَيڙءِ ڏينهن سمجهي چت لائين.
شاهوڪاريءَ جي ڪوني جا پاڻئي، سا ويهج ڪِيمَ وَسائين.
وڻج ورهہ جو ٿئي موتي لعَلان، بي گهور سا ڪيمَ گُهمائين.
سودو سَچَ جو آهي "سَچو" هِيِ، ڪوڙَ ڪنگڻ ڪَچ ڪائين.

## ڪافي 19

حُجَ ڏِٺي ڪِيَم هَاٺي، ماريس تنهنجي ماٺي،
الله ڄاڻي!

تنهن ڏينهن لاڪُون يار آوهان سان، لايو نيڀُن هِن نماڻي،
الله ڄاڻي!
وِيني ڏسان واٽ اوهان جِي، آءُ پَلا هِن پائي،
الله ڄاڻي!
جيهي تيهي آهيان اوهان جي، سائين تو ن پاڻَ سجاڻي،
الله ڄاڻي!
راتيان ڏينهان يارَ سَجَڻ مِيان، ٿَن توئي ڏي تاڻي،
الله ڄاڻي!
ڏوڙا طالع ٿِيَن "سَچوءَ" جا، الله جي توکي آڻي،
الله ڄاڻي!

## ڪافي 20

حال اَچي ڏس هاٺي، وَهي تو پنبڻيئون پاڻي.
پاڻ ڄاڻين.
آءُ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، سائين تون پاڻُ سُڃاڻين،
پاڻ ڄاڻين!
سُڌ لَهج تون سِگهَڙي تنهن جي، جاني ڪَيو جوڳياڻِي،
پاڻ ڄاڻين!
ڏيئِي ڏيکاري پاڻ ڇُپايُوَ پلي اِها تو کي پاڻي،
پاڻ ڄاڻين!
روز ازل کون درَ تنهنجي والِيءَ سا هِيءَ وڪاڻي،
پاڻ ڄاڻين!

Gul Hayat Institute

سيني اندر يارَ "سَچوءَ" جي، سِڪ سَندءِ ساماڻي،
پارڻ چاڙين!

## ڪافي 21

ڪم نہ عاشِقَ سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي،
ڪَنُ ملامت ڪا متي، مَرُ ڏيهہ تو طعنا ڏئي.

بِرهَہ ۾ بَدنام ٿيءُ، بيو ڪِين ٿئي ڪَسبَن ڪِئي،
عشقَ جي دَرياهہ جي، چولي ڇڪي مَرُ تہِ نِئي.

پوءِ تا ساري خبر دوست جي هِرَ پَنڌَ پَئي،
راهہ گم ڪر پانهنجي، وَئون وڪَ نہ ڪَنهِن ٻَهگُڻَ ٻئي.

پَچ حِجابان پڌر پَئہ لونيو تو ڪي ڪهڙي لِئي،
چا ٿيندو پوءِ تا "سَچُو" هَي هَي اِنهيءَ ورهہ وئي.

## ڪافي 22

سلَ ڙي سوداگَرَ، تون آئين وِني هِٽ سودو ڪهڙو؟

هُتَئون آڻي هِت لڪايئي، ڪَٽِي مُشڪَ عطرَ؟
هوڪو هِت بيو ڪيهو گُهمايئي، ڪري تا گُم ڳوهَرَ؟
هِهڙي جوهَرَ جي هِتي، ڪَنهِن سان نہ ڪَيئي ڪا خَبَر.
پنهنجي اڳيون ڪَيُئي مِڙيوئِي، سارو مُلڪ مَشهر.
چا ڪَون تو تا شاهہ چُپائِي، هِيئَن سا هَٿَ مُهر.
لڪِي ڏنا تو ڪَينرا، مُلَن ڪي مَحضَر.
لعلان لَڪين ڪيون پڌريون، "سچو" وي سَروَرَ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 23

ڪهي ڳريان مهماني، يارُ اڱڻ منهنجي آيو!

دوست ڳڏيو دلجاءِ تي، هينئڙي لٿي حيراني.
هن وڙَ لائق هوسِ نہ آءُ، محبَ ڪئي مهرباني.
مشڪل جا هُئي ڳالهہ اسان کي، اُها ڪيئون آساني.
فضل ڪرم سان پاڻ بخشيائون، ”سچوءَ“ کي سُلطاني.

## ڪافي 24

عاشق جي اَحوال جي، تون ڪوهہ پُڇين ڪلَ؟

راتي ڪارڻ تِي روئي، محل چڙهي مومَل.
سُهڻِي گهڙي سِيرَ ۾، آٽي عشق اَجهَلَ.
سَسئيءَ گوندر گهاريا، پُنهوءَ ريءَ هتِ پَلَ.
ڪڏهن ٻُڏي ڪانڪا، جهانگيڙن تي جهَلَ.
سِڪَ ”سَچوءَ“ کي سرتيون، ڪيا هِنيڙي اندر هَلَ.

## ڪافي 25

ڙي جيڏيون، منهنجي يار سجڻ سان زاري زاري!

Gul Hayat Institute

هيءَ نماڻي عيبن هاڻِي، بِرهہ سَندن آهي باري باري.
حاضر ٿيندِيَس در دوستن جي، پائِي ڳچيءَ سا ڳاري ڳاري.
پوءِ تہ ياڪي يارُ ٿيو سي، پهربون لائي ياري ياري.
هَٿ سجڻ جي اَديون ڙي آهي، ڳالهہ ”سچوءَ“ جِي ساري ساري.

## ڪافي 26

اڳڻ اسانجڙي سائين، ڪر پَلا تون پيرو!

نانءَ ڏٺيءَ جي دلبر سائين، پاند ڳچيءَ ۾ پائين،
ڪج فقير ڏي ڦيرو.
سدا سؤ لڳ يار سجڻ وي، جايون سي بنائين،
وجهي منهنجي در ديرو.
حجت رکڻ ساڻ اَوهان جي، ٻولُ اِهو ٻولائين،
ناهيم اِيڏو سو جيرو.
واڻ اَوهان جيءَ جو ڪَنئِيو "سچوءَ" ڏينهن اُنهيءَ کان اَج تائين،
پيرادِن جان پيرو.

## ڪافي 27

لک ڪريان توڙي زاري، دوست چَوي "تون ڪهڙو!"

هَٿين پيي پَوان پيرين پِيي پوان، پايان ڳچيءَ ۾ ڳاري،
آءُ اُهائِي يار اوهان جي، تنهنجي محبت ماري،
روز آستان منهنجي آهي، يارَ اوهان سان ياري،
اسان يتيمن کي يارَ پيارا ڏيج اچي ڏيکاري،
ورهِہ مَٿي تي وينِي وسايان، دوست ڏيو دلداري،
آءُ اوهان ٿون سُهڻا سائِين، واري وجان لک واري،
توڙي سڃاڻي توڙي نہ ڄاڻين، دوست نہ آهيان ڌاري،
ڳَلَ اصل کَون آهي اوهان جي، ڳالھ "سَچوءَ" جِي ساري،

Gul Hayat Institute

## ڪافي 28

مون کي نہ وسار ڍوليا، آءٌ تا تنهنجڙي آهيان!

نانءٌ سائينءَ جي اسان نماڻن ڏي، ڪٽِي تون نيڻ نهار.
پِرين وڙئون پانهنجي، گڏ غريبِ گُذار.
ڪَيَوَ اسان سان جي يارَ پيارَلَ، پنهنجا سي وعدا پار.
اَڱڻ آسان جي سگهو ڪِي اِيندين، والي سو ڪهڙيءَ وار.
دَرَ پنهنجي جو دلبَرَ سائين، "سچو" سو سگ سنپار.

## ڪافي 29

آءٌ تا گڏ گذاريون، وي، ڏکيا سي سکيا ڏينهڙا!!

ڳالهيون ڳيئي جي ڪالهہ اسان سان، ڪيئن تو يارَ وساريون.
ڳچيءَ پائي ڪپڙو سائين، دوست ڪريان تِي زاريون.
راتو ڏينهان توکي دلبر، سانوَل وينا ساريون
اَچڻ سنديون تانهنجون، سائين واٽان نِت نهاريون.
پِرين پَنهِنجو پاڻ سان، "سچو" سو سَگ سَنپاريون.

## ڪافي 30

"دَعْ نَفسَڪَ وَتَعَالَ"، اَتِي ڳجهي اِها ڳالهہ.

Gul Hayat Institute

خاڪِي جسم ڪَون ڪر جدائي، بَحرَ عَدَمَ جي ۾ جال.
خيال وجودي چو نہ وسارين، ڪرين بي قيلَ مَقالَ.
ڳالهيون ڪوڙيون سَتِ سِپيئي، پئہ تون خاص خيال.
ڪڏهن نہ ٿيندو حق سو حاصل جي تو بُت بحال.
گرد غبار ۾ ڪاءُ نہ غوطا، "سَچُو" ري پاڻ سَنپال.

## ڪافي 31

ڏينديَس ڏوراپو آءٌ وڃِي وراڻو روبرو.

پريان سَندي پارَ ڏي، ڪو نئي نياپو.
اوهان ٻاجهون سُپرين، آءٌ ڪريان ٿِي ڪاپو.
سوڏل توئِي سارِ آهه، منهنجو سَڪ تہ سِياپو.

## ڪافي 32

منهنجو نيهُن وڏايو نازَ نيڻن نيڻن جي، ميان!

تيغان آهن يا تہ سِتم جون، تنهنجون اکيون ڳجليون ڪاريون.
آلا سائين، يا تہ بَحري بازَ.
دردمندِ جي دلڙي دلبَرَ، ڏاڍي زور سان آندي،
آلا سائين، نيڻن منجهؤن نياز.
مانَ ٻون ڪِي ڳن اَوهان جي، اوهِڪي واري،
آلا ميان، عاشقِ جا آواز
ٻَئِي ٻانهون ٻَڌي ”سچو“ وج، تون ساڻ يقيني،
آلا ميانَ، درَ مٿي ڪارساز.

## ڪافي 33

ڪنهن وِيلَ نہ ٿا وسارن، عاشقَ نہ تَج تون ماندو!

”نَحنُ اَقرب“، اِها اشارت ڳَڏ توئِي سان ڳذارن.
اَصل لاڪون طرف تنهنجي، نِتَ نِت ڳهڻو نهارن.
جيَ تو اُڪنڊ اُن جِي، سي پِي تو ئِي کي سارن.
ڏينهن اِتهين چو تو لائين، تو هُت ”سچو“ سنڀارن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 34

تنهنجي اَچڻ جون واٽڙيون، نِت نِت اُيي تہ نهاريان.

لَنءِ لِڪايو لَوڪَ ڪَون، هَنجَ ۾ هنجون ٽِي هاريان.
سي ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪريان، جيڪي سَڄڻ ٽِي ساريان.
داغ تنهنجي درد جا، ڏيهہ کي تہ ڪيئن ڏيکاريان؟
”سچو“ چَوي سائين شوق تنهنجي ۾، ڪو دم ڪين وساريان.

## ڪافي 35

چِڏ غصو غمناڪ سان، اچي مِل تہ ماندائِي لهي.

سُڏِ سيا توکي پِرين، جيڪا واڍوڙين سان وهي.
سور سيباٽن جهڙو پر جيءُ جُدائي نا سَهي.
پاڻون آيا هِن پور هي، ڪِي تو مُڪا پِريَم پَهي.
”سچو“ وهاربو وٺ ۾، هِي ناهہ تڏهين ڪونهي.

## ڪافي 36

منهنجو ناهِہ ڪوئِي اِختيار هَي يار ويا

مون تا سِر تي چائيو باري بِرهہ جو بار،
هَي يارَ ويا
راتو ڏينهان تيڏي ڪارڻ، روئڻ زارو زار،
هَي يارَ ويا
ڪيئن ڏنو تو سُپرين، جاني جيءَ کي جارُ
هَي يارَ ويا
”سچو“ سارو سمجهين، عشق سندو اِسرار،
هَي يارَ ويا

Gul Hayat Institute

## ڪافي 37

تنهين ڏينهن ڏِنائون، ساهہ منهنجو ساهَڙ کي سرتيون.

دردمنديءَ جي دلڙي، نازن ساڻ نيائون.
هيڏي هوڏي نا ويو سوگهو ساهہ ڪيائون.
سُٽي سنيها يار جا، عاشق تيڙيس آئون.
جيءَ وڏائون جارِ ۾، ڪاڪيون تن ڪڏاهون.
ميهَرَ سندي معرڪي، هِيءَ غريب گڏيائون.
جِيءَ منهنجو جيڏيون، ويِرن منجهہ وڏائون.
”سَچُو“ ڪيُ سرير مُون ميڙي سڀ مدايون.

## ڪافي 38

جيءَ جون ڳالهيون هيون جن سان،
هَي هَي سانگ چرهي ويا سي ئي!

ماريَس اِنهيءَ مامري، هيءَ پوءِ اُنهن کان پيئي.
وني ويندِيَس اوڏهين، حال پنهنجڙو جو هي ئي.
اِيندا، اِتم آسرو جيءَ گُهريا تي جي ئي.
مون ڏي مڪائون ڪيترا، ڏک ڏوراپا ڏيئي.
جيءَ وڏو آهي جار ۾، تَن نياپن نيئي.
”سچُو“ سنيها ٻُڌِي تَن جا، ٻَڌ ٻانهون تون بيئي.

## ڪافي 39

مان تان محبن کي، ڏيان ڪيها ڏوراپا!

ڪيئن شِرڪت آءُ ڪندي، سرتيون سان سائينَ!
آءُ نماڻي آهيان ڇا، ڪيئي سَوين سِڪن.

Gul Hayat Institute

ڏوڙا طالع مون ٿين، جي ويڙهي هِنَ وسن.
ڏسِي حال حقير جو اگهڻ مانَ آچن.
ڪين ڇڏيندا ڪڏهين، ”سچوُ“ سَڳُ سندن.

## ڪافي 40

مون کي ڏور ڇوڏِسِن، سرتيون ديرو دوست جو.

جي مون سٽو سرتيون، هو سدا وچ وسن.
اکيون عجيبن کي، پل پل ٿيون پسن.
محب مشتاقن جي، ٿا کليون دل ڪسن.
”سچُو“ سوزن واريون، وجي روءِ رَسن.

## ڪافي 41

اڄ اگهڻ اِجهي ايندم، سُکيا سانگي گڏيم شال!

ڏِسي حال حقير جو سَوَ دِلاسا ڏيندم،
هو جي کُهِي ويڙم ڪالهه.
پنهنجي وڙون سپرين، حال پائِي اچي ٿيندم،
جَنلگِ وجهايم فال.
لِکِي ساري لوڪَ کَون، گوشي پاڻ گڏيندم،
اُهي ڪندا پلائي پال.
سَڳ جنين جو سڏجي ”سَچُو“، سيئي سڏيندم،
جِيءُ جيءُ چونديس جال.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 42

وٽيوسين وَهہ واهہ، پڙهندي پروانو پرينءَ جو!

اوڏا مِنهَن ملهارَ ٿيا، گُل ڪِلن ۾ گاهہ.
سِي ئي سجڻ ٿيا سامهان، حال پائِي همراهہ.
محبت منهنجي من ۾، چوريءَ مچايو چاهہ.
سِڪ تا جٽن جي، اُجهايو آڙاهُ.
ديس ڇڏي پرديس ويا، دوست پرين داناهہ.
هوتن ڏانهن نہ هڪڙي، مهڙَ مِڙئِي مان ڏانهہ.
پرينِ جي پيغامَ ڪيو آرامِي اَرواح.
قاصدَ تو تان آءٌ ڪريان، هي سِرُ صدقي ساهہ.
اڳڻ آسروند جي، آئيديونِ اَللہ.
"سَچُو" ڇوي رب ميڙي، روز پُڇان آءٌ راهہ.

## ڪافي 43

پانڌي آيم اَج پيهِي، پِريان سَندي، وو پارَ جو!

ڏوٽ ڏوراپا ڏيئِي مُڪائون، تَن ڪَئِي ديوانِي ديهي.
ڳالهيون اُهي يارَ سَجَڻ جون، ڪيئن وِساريَئي ويهِي.
جهڙياڻِي آهي جيءَ تنهنجي سان، هُتِ بہ گذري جيهي.
هوش "سَچوءَ" جو نِيو نِياڻِن، ڳالهہ ڪريان بِي ڪيهِي.

## ڪافي 44

هيئن اَجُ ڇَئِي مُڪائون، "عاشِق اَچون تا ايڏنهُن!"

هِنَ جِيءَ جَڏي ڪي جيڏيُون آڏر وڏي ڏنائون.
"تُنهنجي ديس اَسين اَچون تا، عاشق نہ تِج اُبائون."

Gul Hayat Institute

مون هن نماڻيءَ سان، ميان، ڪيڏا ڪرم ڪيائون.
”مطلب ٽُنهِين جو آءُ آهيان، ٻيون ڇڏ مِڙئي مُدعائون.“
دلاسي لئہ دردمندِ جي، قاصد ”سَچُو“ ڪڍيائون.

ڪافي 45
اَڄ ڪِي صبح اچن ٿا، نروار ڇئو نجومي!

مون هِت نماڻيءَ جو پِرين، حال ڪِي سچڻ پُڇنَ ٿا.
هِن پارَ ڏي، اچڻ جو ڇئو ڪِي سڄڻ ڇوَن ٿا؟
پِريَن آهن پنڌَ ۾، ڪِي ويڙهي پنهنجي وَسَن ٿا؟
”سَچوءَ“ جِي پِي ’ڏِ لَهڻ لئہ. قاصد هيڏي ڳڏِن ٿا؟

ڪافي 46
ڳالهہ پنهنجي حال جي، تو ريءَ وجِي ڪنهِين کي ڇوان؟

جوش تنهنجا جان ۾، نت نت آهن مون کي نوان.
ڪيئن جي پڇان پوءِ ٿي خبر، پانڌي اول پيرين پوان.
پاڻون آيا هِن پور هي، ڪِ هِن مڪا مون ڏي اَوان؟
”سچو“ مٿيان آءُ ڪينڪي، هي سور سُڪَن سان سنوان.

ڪافي 47
”مڪاسين قاصد ڪالهہ، اِجهي جاڻج آيا آيا!“

”آهي تياري ايڏهن اسان جي، آهيون سو مَنجِهہ خيال.“
”اُڪَندَ تنهنجي اَصل اسان جي، آهي سا جيءَ ۾ جال.“

Gul Hayat Institute

"عاشق تو تي ڪرم ڪيوسي، سڻي سنڌءِ اَحوال."
"پنهنجي لطف سان ڌاڻ لاٿاسين، تو تَون ڪُل ڳشالَ."
"اچي لهون ٿا اِجها تنهنجڙي، سچو ري رات سنڀال."

## ڪافي 48

آهي ههڙو حال ويچاريءَ جو سهڻا ڪر ڪي ڪرم ستاريءَ جو!

لئہ پنهل جي ڪانگ اڏايان، ڪونيو پوتيدار پتايان،
ورُ وري، ورَ واريءَ جو.
حال ڏسي پنهنجو پال پلائج، پِرَ پچاڻو ورهہ ورائج،
ڪج ڏيپ دارون ڏک واريءَ جو.
درد فراق جا دونهان دکن ٿا، مَج مَگَر هن من مچن ٿا،
شل ورُ وري ويچاريءَ جو.
سڪ "سچل" جي توکي ساري، ڪيچي ايندم نرٺون نهاري،
ساهہ سڪي، سڪ واريءَ جو.

## ڪافي 49

جيءُ نچ آيا، پلي ڪري آيا، ساٿي سجڻ جي ڏيهہ ڏنهن!

مون تا چاتو وات واهو پر مون ڏي سي هوت هلايا.
ڏينهن پچاڻو پانڌي پرين جا، ساڻ غريبِ گڏايا.
پاڻ مٿائن ڪريان قرباني، لکين ٿورا جَن لايا.
اَول دلاسا ڏيئي انهن هي، پوءِ پيغام سڻايا.
طرف تنهنجي اهي عجيبن، سچا سخن فرمايا.
"اُٺ ترڻ اها ئي آهِ اسان ڪي، ڏکيا تو ڏينهن لنگهايا"
"پيا اسان وٽ هاٽي تنهنجا، سچو ڙي پنڌ سجايا".

Gul Hayat Institute

## ڪافي 50

ڳالهہ ڪريان ٻي ڪيهِي، تنهنجي مُڙگن ماري آهيان!

پرين وڙئون پانهنجي، ميان الا، آءٌ پڪي هِن پيهِي.
پاڙي ساڻ پرين جي، ميان الا، ورهہ وهايم ويهِي.
پلئہ لڳي پِرين جي، ميان الا، جيهِي سا آهي تيهِي.
ڳالهہ ڏسيائون سا تا ناهي، ميان الا، "سچُو" سلڻ جيهِي.

## ڪافي 51

جاني تو نہ جڳائي، رُسڻ نِماڻيءَ سان!

دوست اوهان جي دَرَ تي، ويٺي ورهِہ وسائي.
ٻاهر ٻانهِي تانهنجي، سانولَ هيءَ سڏائي.
اَچڻ لاءِ اوهان جي، پانڌي روز پُڇائي.
ڦالان فلَڪ فراق جون، وو وَريتِن ڪان وجهائي.
سُوال "سچوءَ" جو سپرين، عجز ساڻ اَگهائي.

## ڪافي 52

سِڪَ هُئي جنهن جي سِر، وو دوست آيو اسان جي در!

پِرين وَڙُئون پانهنجي، ڪَئي ويچاريءَ ڏي ور.
هيءُ سِرُ ڪريان صدقي، گُهوٽ اَچي مون گهر.
ڏنم هِن آکين سان، ٻِرين موچاريءَ پَر.
جاءِ ڪيائون جيءَ ۾، نَهريا هَڏِ نہ نَرِ.
تُربَ ڪارڻ سُڻ "سچو" ري، ڪوشش ڪائي ڪر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 53

### ڏنو هِي پانڌيءَ پيغام: ”تنهنجي اَڱڻ اَچ يار اَچي ٿو“!

”عاشق عجيبن جو توکي سَوَ لک آهي سَلام.“
”سيِ قبوليو سُپرينءَ، جيڪو ڪَيُوَ ڪلام.“
”پڪو آهي پِرينءَ جو توسان اَچُ اَنجام.“
”روءِ نہ رت اکِين مَون، عاشقَ ڌڪر آرام.“
”سچو“ گڏجن، پوءِ پيي آهِہ نہ طَلب تمام.“

## ڪافي 54

### مون ڪَر تا ڪِين پُڇيائون، هاڻي ڪانگَل ڪَلَ ڪا ڏيِ!

ڏوتَ ڏوراپا وو ڪيترا، ميان آلا، سي سخت مڪائون،
هِت حالَ اسان جا هي.
سگها ايندا وو سُپرين، ميان آلا، ڪي تا پاڻ اتيائون،
جڏو جيءُ جيارن جي.
ڏاها ڏيهہ وو پِرين جي، ميان آلا، آهيان اپاڻڪو آئون،
منهنجو هِي نياپو نـي.
طَعنا طَرفَون وو تانهنجي، ميان آلا، هِن ڏکِيءَ کي ڏنائون،
سائِين سيَ قبولِيم سي.
سي نہ وسارج سُپرين، مين الا، ساڻ ”سَچوءَ“ سَمجهائون،
اُهي قولَ ڪيا هي ڪي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 55

آءُ ڪوهيارلَ ڪاڻِين، وري ويڙهو وسائِج، ميان!

ٻانهون ٻانهَن جان ٻڌي، مينا آلا. پاند ڳچيءَ ۾ تي پائين،
مون تون چت نہ چائج، ميان.
مونهون مَدايون ٽِيڙيُون، ميان آلا، تِيَس اِيلازڻ آئِين،
پِرين پاڻ پسائِج ميان.
آءُ ڪنيزڪ تانهنجي، ميان آلا. تون تا منهنجڙو سائِين،
پيو عيب نہ لائِج، يان.
ڏيئِي حالُ حلاجَ جو ميان آلا، "سَچوءَ" کي سمجهائِين،
سارو سِرُ سُٽائِج، ميان.

## ڪافي 56

آءُ اَچي رَهہُ رات، پَلو منهنجا يارَ ويءُ!

راتيو ڏينهان روحَ کي، آهِي اوهانجڙي تاتِ.
مَشر آهي مُلڪَن ۾، سَنديو ڏاڍي ذاتِ.
اَچڻ ريءَ اوهان جي آهي، هِينيڙي کي هيهات.
"سَچوءَ"، کي تِنهن سِرَ جِي، ڪاڏهون ٿيندي ڏات.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 57

وسئونَ تا نہ وساريو پلو يارَ ڙي،

آءُ اوهانجڙي آهيان، پلو ميان!

سِڪائيءَ ڏي سُپرين، ڪٽي نيڻ نهار،
هيڏي نہ چڏين، پنهنجي ڪَڍ قطار.

توکي ڏسان مون ڏَسين، پِرين کهڙي پار.
”سچو“ صَبر ۾ رهِي، گوندر ڏينهن گذار.

## ڪافي 58

هُئِي نہ مون ڳَلَ ڪائِي، سِرُ اِنهيءَ جي ڙي جيڏيون!

اڳ نہ سُيَم ڪڏهين، هِيءَ وراڻي واري وائِي.
ڳالهہ نہ ڳُرهڻ جهڙي، سائين جا سمجهائِي.
ڏوهَہ ثوابَ جِي ڳالهڙي، سڀ وڃائِي.
سائِي حقيقت حالَ جِي، سِر اَچانڪ آئِي.
”سچو“ سانيِج ڳالهڙي، پريِنِ جا پُرجهائِي.

## ڪافي 59

رهبر روز بروز اَچن مون ڏي يار جا!

ڪنهن کي سَليان سَرتيون، سُپريان جو سوز!
اَندر منجهہ عجيب جي، ڪيڙو سِڪ سروز.
هيڪَند ڪارڻ تِي ڪريان، خاطر اندر خوض.
شال ڪنهين تي نہ ٿئي، سندو جانب جوز.
”سچو“ اجهو آئِيو آرياڻي اِمروز.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 60

دل جون ڳالهيون، ميان ، آءُ تا توسان اوريان!

ڳُجهيون ڳالهيون ڪريان ڪَن سان،تَڪَ وِيني تِي توريان.
سَڀو تنهنجي سيڪ جو ميان، ساهہ اَندر تِي سوريان.

سڪ اوهان جي سَر تي، ميان، ڏيهه سارونِي ڏوربان.
راتو ڏينهان ڪاڻ اوهان جي، چت ۾ چرخو چوربان.
اڳڙ "سچوءَ" جي آءُ تون پيارا، پاڻُ گهٽوئِي گهوربان.

## ڪافي 61

رهو مون وٽ رات، آڙي پانڌيو پرين جا!

آءُ اوهان تَون صدقي، جا وائي مِنو وات.
پَسان اَڪَڙين روح سان، بآروچاڻِي ذاتِ.
راتو ڏينهان روح ڪي، تن جِي آهي تاتِ.
هُئي هميشه ساٿيو "سچو" سَندوَ ساٿ.

## ڪافي 62

مون ڪي تايو طبيبن، ميان، ٻن ٻُڪيون وجهان تَن جون!

نَظَر ساڻُ نهال ڪيو هاريون حَبيبن، ميان.
آزارئون آزاد ڪيو، اَچي عجيبن، ميان.
دل ڪي دلاسو ڏنو ڪاڪيون قَريبن، ميان.
ڏيندا "سچو" سيرين، گوش پيي غريبن، ميان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 63

نينهن ڏاڍي سان لايوسي،
آءُ تا هاڻِي ڪيئن ڪريان!

عشق سَولو سَرتيون، هِت پينر پايوسي.
پُڇي اسان جا پَڪڙا، آديون اجهو آيوسي.

پيئَر شهر پنپور جي، هِت طعنن تايوسي.
جو ڏنائون جيڏيون، سو پَلئہ پايوسي.
سوئِي ”سچو“ سِر تي، هاٽي چُمي چايوسي.

## ڪافي 64

محبت مست مجنو ڪيا، ڪَئين خاصا خماري، لو...

اصل ڪُون عاشقن آهي متي سُوريءَ سواري، لو...
هِتَئون مُنهن سا نہ موڙبندي، هوندي جا ورهہ واري، لو...
سڻو جا مير محبت جِي، ڪُنَن ڪي ڪوٺَ ڪاري، لو...
جنين ڪي جوشَ جاڳايو تنين ڪهڙي تياري، لو...
چَڏي هِي عيشَ عالَمَ جا، هليا سي هيڪ واري، لو...
پيا سي هُوءِ حيرتَ ۾، چڏيئون سُڌ سارَ ساري، لو...
بِرهہَ جي بابَ ڏس تن ڪي، سيا وائِي وساري، لو...
سدا تن آهي ساجَن جي، اَچڻ جِي انتظاري، لو...
”سچيڏنا“ سَمجھ ڪِي هَتهين، مَتان تِئين هُت مياري، لو...

## ڪافي 65

اي اَچِي ڏس حالُ مُنهنجو، آءُ اَچِي سُڻ عرض هي!

نيهَن تا مون کي نيو طاقت نہ ڪا تَنَ کي رَهِي،
مشتاق جي مارڻ سَندو، آهي اوهان کي غَرض هي.

ڏاها وڃِي پڻا چو پُڇان، مون تا پروڙي ڳالهڙي،
درد پيو مون کي نہ آهي، محب تنهنجو مَرض هِي.

Gul Hayat Institute

دل کَسي مون کَون وئين، موتي نہ آئين چا چوان.
سُڌ لَهو ساجَنَ اَچِي، آهي اوهان تي قَرض هِي.

آءُ اچِي امام ٿِي، توتي اَسان نِيَتِي نماز
سِرُ ڪَرِڻ صدقي آوهان ٿون، آهي "سَچُوءَ" تي فرض هي.

ڪافي 66

پرين نا پار، ميان، جانبَ تنهنجي جان ۾، آخوند ري!

سبق ڏئين نہ سورَ جو خَتابي نہ ڪار.
حرف صحيح ڪر هيڪڙو وَرَق سِپِيئي وار.
نينهن وارن کي ناحقي، مُلا هِيئن مَ مار.
راتو ڏينهان آهي توئي کي ڪتابَن جي ڪار.
ٻاجهَون نالي نينهَن جي، "سچو" سبق وسار.

ڪافي 67

پرجهي پاڻ نہ جاڻان، ڪير آهيان، يارَ ڙي ميان!

Gul Hayat Institute

مورَتَ موہِکائِي ڪئِي، صورَتَ تا نہ سُڃاڻان.
ڪَنهِن تا ڳالهيئون، ڪاڪيون، ٿياسي هِت نماڻا.
جان جڙ دل سيوئي، آڏا ٿِيَم آڏاڻا.
ڏنم ڏاڍي ڏک سان، عشق جا اوراڻا.
خام خيالَ نِي، "سچُو" ري، اِنهيءَ فِڪر اُڏاڻا.

## ڪافي 68

اهو بَر پِـي بازر آهِ، جتي ديرو دوستَ جو!

ڏونگَرُ ڏولِي پائيان، سپيريان جي ساءِ!
چُمنديس چَپَن سان، ميان، سندي جانب جاءِ
محبت محبوبن جي، ڪاري هينيڙي کي هاءِ
وبنِي ڪانگَ اُڏايان، لَڪين لالڻ لاءِ
مون کي ڪيچَ وٽَن ۾ نيئي پانڌيڙا پهچاءِ
ساڻِي سُپرين سان، هِيءَ گداگر گڏاءِ
”سچُو“ سَجَڻن کي ميان، پاند ٻَڇيءَ ۾ پاءِ

## ڪافي 69

حال معلوم توکي هي ٿِي، آءٌ تا وسِ نہ وبنياس!

پرين تنهنجي پار ڏي، قاصد مُنجان ڪيئِي
ايڏانهن منهن ڪيو بِينِياس
چڏي وچ نہ ڇپرين، مُنج دلاسا ڪي ڏيئي
تنهنجي محبت ماريائس
چئي ٻڌايان سرتين، هن سپاجها سي ٿي
آءٌ تا وار نَہ وسرياس
پاڻٿئون پري نہ ڪرين، آءٌ پنيءَ اوهان جي پيئي
تنهنجي پکي ني پينياس
ساڻِي ڏيج ”سچوءَ“ اِهي نِياپا تون نيئِي
آءٌ تا گهڻو اُڪنڊياس

Gul Hayat Institute

## ڪافي 70

منهنجو پنڌڙو پهه آهي، پلو سر تيون سانول سڻ!

سو تا چنڻ جيهو اَصل ڪَون ناهي،
آهي سَگ تہ پُنهونءَ ساڻ.
ايندو اَڄ آسَرو آسَر هَڏِ نہ لاهي،
ٿيندو مُئيءَ جو مِهماڻ.
چڏي شهر ڀنڀور کي، ڪيچ ويندي هِيءَ ڪاهي،
لڳم پاروچي جو پاڻ.
هِيءَ ڪميٽي ڪوڙي سگ ساٿن ساهي،
پر پرين ڏسندا پاڻ.
"سچو" جاڻ صحيح ڪري، توڙي باب سَندن هِيءَ ناهي،
تہ پِي نِيندا سباجها ساڻ.

## ڪافي 71

عين اَٿو اِنسانُ، پيل مَتان پُلي ڪائي!

دَلقُ درويشِي پهري آيو صورت هِن سلطان.
آهي جَڳ ۾ سُٽو ري، جيڏيُون، صاحبَ جو سيلان.
ڏسِي تَماشو يارَ سَجڻ جو هَر هَمہ حيران.
واهہ عجائب جيهو ڪيائِين، "سَچو" ري سامان.

## ڪافي 72

صحيح سُجاڻج ساري، خود آهين وري خُدائِي!

لڪين سِتارا گم ٿيا، روزَ ڪَئِي روشنائِي.
ڪوڙين قطرا ڪارونيارَ، ڪِي سَمونڊَ سَمائِي.

Gul Hayat Institute

سُڌُ تنهِين سِرَ انهيءَ جِي، مٿي جنهين جي آئِي.
تخت هَزارو اوري رهيو پَري رهِي بُلي شاهي.
"سَچُو" سَچِي ڳالهڙي، پاڻ پِريَن پُرجهائِي.

## ڪافي 73

تون آءُ اسان وٽ يار: تنهنجي اَچڻَ ڪاڻ.
جِيئڙو جُڪي ٿو ساهڙو سِڪي ٿو!

بَس نہ وَهڻ ڪَئِن ڪَرن، هي نيڻَن سَندا نارَ.
ماٺ ڪندي ٿِي چاڙهيا، بِرهہ اسان تي بار.
پِرين پاڙج پانهنجا، جي ڪيئَي قولَ قرار.
چُمِي چَشمَن تي ڪَنيم، تنهنجو عشق الله توهار.
باهہ جيهو آءُ پائِيان، جو دمُ تو هَئون ڌار.
راتو ڏينهان تانهنجي آهي، "سَچُوءَ" سار سنڀار.

## ڪافي 74

دردمندن جي دل، ميان، شوقِي وو يارُ شڪاري!

يار سُهڻي جون ڏسو ڏهاڙي، ڪَن ٿيون خون خماري.
سوز وارن ڪي سِيني آندر، ماري ڪيبر ڪاري.
چشمان چوٽَڪ ڏاڍو لائن، ڪجليان هَن قهاري.
بانهون سي بڌيم اڳيون انهن جي، زاري سَوَ لَڪَ زاري.
دل اسانِ جي وو لُٽ نِيَن ٿيون، ٻَئِي چشمان چاري.
پاٽان جائي ظاهِر ڪيائين، هرءِ هوءِ حُسن هزاري.
جِيءَ "سچوءَ" جو جار وڌائون، ڏيئي پاڻ ڏيڪاري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 75

سِگھا اِيندا، سِگھا اِيندا، پانڌي پِرين جا ڪِي تا!

سڪائيءَ سان سرتيون، الا، ڏکَ ياڻِي اَچي ٿيندا، پَلِي اِيندا.
دردمنديءَ جي دل کي، ميان، دوست دلاسا ڏيندا، پلِي اِيندا.
ڪين چَڏيندا چَپرين، ميان، نال نِماڻِي نِيندا، پلِي اِيندا.
پَکَا پَکن سامُهان، ميان، آڻي پاڻَ آڏيندا، پلِي اِيندا.
پاڻ پنهنجو سُپرين، ميان، ساڻ غريب گڏيندا، پلِي اِيندا.
سو ڏينهن ٿيندو ڪهڙو، جو "سَچو" نانءُ سَڏيندا، پلِي اِيندا.

## ڪافي 76

تنهنجي محبت موهيو رمَزن ريهيو هِي تا ساهُه،
آڻِي اَللهَ!

طرف تنهنجي راتو ڏينهان، چِتِ گهٽيرو چاهُه،
آڻِي اَللهَ!
پيو پناري تانهنجي ميان، هي ڏوهاري ڏاهُه،
آڻِي اَللهَ!
واڪا ڪيون تو وهي دل اندر درياهُه،
آڻِي اَللهَ!
ڪشي ڪَري ڪپڙا "سَچُو" مَلِيندا پاهُه،
آڻِي اَللهَ!

## ڪافي 77

هاري سو پاڻُي هار، تا آءَ چام چنيسَر آوڙانِ!

جنهن دوستُ کسايو دَمَ ۾، سَٺ اُهو سِينگار.

Gul Hayat Institute

هَٿَيُون پَٿِي تنهنجي آهي، روئين چو زارو زار.
ڏوهہ تہ تنهنجو ڪو نہ هو پَرَ نينهن ڪيو نروار.
پَلنگٿون پئينءَ پَٽ تي، ڪَري گوندَرَ گفتار.
”سچو“ صحي جي ڪَرين، هِيءُ هو عشقَ جو اسرار.

ڪافي 78

هارَ چنيسَرُ جام، ليلان ڪسايو دَستؤن پنهنجي.

ڏاڍو مٺيون هو ڪَسوٽي، جو دل جو ٿِي پيو دام.
نَظَر وڌِي تا غيرُ تي، تيلهان تون ٿِئين تمام.
پُلِي پولي ۾ پئينءَ، هار پانيئِي آرام.
تنهِين ڏينهن آندئي پاڻَ سان، سورن جو سرانجام.
”سچو“ رَهہ صَبر ۾، عشقُ ٿِيئي انعام.

ڪافي 79

ڪِيئن چوين ٿو ڪِئن چوين ٿو!

لوڪ ناهي پيو، ڪِيئن چوين ٿو؟

لوڪُ سَپوئي اُهو آهي، ڪيئن پيائيءَ مَنجهِ پوين ٿو؟
اَجاڻ بنائي پاڻ بيهاريُئي، غمزي اِنهيءَ ۾ چو نہ گوين ٿو؟
ساڻ سچي تا ”سَچو“ گُذارين، راند روئڻ جي ڪيهي رَوين ٿو؟

ڪافي 80

سال مون سان وريون، ڪانگ ڪَرين مِهيون ڳالهيون!

جدائِيءَ جون جان جسم تي، ڪيون پورن پَريون پَريون.
دردَ سَڄَڻَ جي دل منهنجيءَ ڪي، زور ڪيون ڏريُون ڏريُون.

Gul Hayat Institute

ڏکن واريون ڳالهيون، اسان پيي دل پائي ڏريون ڏريون.
وايون وصل جون يار "سچو" تون، متان ڪرين ڍريون ڍريون.

## ڪافي 81

متان تون مون کي ڇڏين، سونها ڙي سَڄڻ جا!

مَ جاڻان ڏينهن اُهو تا، ٿيندو آلاجي ڪڏهين.
نانءُ موليٰ جي محبوبن سان، نئِي غلام کي ڳڏين.
حاضر ٿِئين حضور ۾، نانءُ "سَچُو" ڪري سَڏين.

## ڪافي 82

اهو آهي آهي، يار ساڳيو ساڳيو!

اوهين جاڻو ساڻ يقيني، پيو سو ناهي ناهي.
ميخاني وچ مست هميشہ، ڪيئن سو ڪعبي ڪاهي.
لوڪ سارو ٿي هِت جو آيو سَڀ حجابان لاهي لاهي.
ظاهر باطن آهي اُهوئِي، جان جڏهن وري چاهي چاهي.
نانءُ "سچوءَ" جو آيو صفت ۾، ڏانُ ڪيو ڪيهو ڏاهي.

## ڪافي 83

ڪڏهن قاصد وري ويندين، ديس پاروچان جي، ميان!

Gul Hayat Institute

خَبَر خوشيءَ جي وٺي اُتاهُون، سِگهو اسان ڏي ڪِي اِيندين.
دردمنديءَ جي دِل کي، هاڻي ڏاها دلاسو ڏِيندين.
سپرين جي ڳالهہ ڳُجهيءَ جو، وڃِي سو واقف ٿِيندين.
سوزَ فراقَ جي، يارَ، "سَچوءَ" جو، تون هِي نِياپو نيندين.

## ڪافي 84

آئين قاصدَ ڪالهہ پِرينءَ جي پارَ ڏنهُن،
آندئِي جي سَنهِا سَل اُهي ئِي!

هارِيا هِنَ جي حالَ جِي، ڪا هُئِي هُت قَيلَ مَقالَ؟
پاڄيءَ ڪي پَرديسَ ۾، سِڪندي ٽِيڙا سال.
پِريَن ڪِي مون پُڇيو ڪا خَبَر ڏي خوشحالَ!
ڪِي گڏِندا هجر فراق ڪي، ورندَا واءَ وصالَ!
”سَچُوءَ“ سندي ساهَہ جِي، ڪا هئي هُت ڪين سَنيالَ!

## ڪافي 85

عاشق ڪَر آرام، پِرينءَ گهڻو پُڇيو تنهنجو خوشيءَ ۾ رَهُہ ري!

”طرف تنهنجي آهِہ اَچَڻُ جو، اسان جو اَنجام“.
”رهَبَر عاشِقَ ڪي وَجِي، سَوَ لَکَ ڏيج سَلامُ“.
”اِڳيان آهي تانهنجو سَرهائِي سَرانجام“.
”جيڪِي چَيُوَ تانهنجو آهي، ڪُلِيَّ قبول ڪَلام“.
”سَچُو تنهنجي ساهَہ ڪي، آهِہ محبت بخش مُدام“

Gul Hayat Institute

## ڪافي 86

يار منهنجي ڪي ڪريو مَنَت وڃِي ڪائِي!

پَرڏيهہ وڃ نہ مون پِرين، يارَ تو سان مون تا لائِي.
ڏسو اوهين ٿيون، دل ڏاڍي سان، اَديون، آ مون اَٽڪائِي.
چَڱا مِڙيئِي ميانِ آئين چون تا، لائِي تہ توڙ نيائِي.

هِجَرِ منجهارؤن ٽِيندي وصالت. اِها ڳالهه "سَچُوءَ" آزمائي.
خَبَر خوشيءَ جي وٽي اُتاهُون، سِگهو اسان ڏي ڪِي اِيندين.
درد منديءَ جي دِل کي، هاڻي ڏاها دلاسو ڏيِندين.
سپرين جي ڳالهه ڳُجهيءَ جو وجِي سو واقف ٿِيندين.
سوزَ فراقَ جي، يارَ "سَچوءَ" جو، تون هِي نِياپو نيندين.

## ڪافي 87

ساجن اِنهيءَ سير، اِيندئِي ڙي اجا!

سي ٿِي پهتيون پرينءَ سان جي ڳهڙيون اِنهيءَ گهيڙَ.
سپيريان جي سِرَ ۾ هيجَؤن هِنيڙو هير.
پُڏي نچج نيهَنَ جي، چاتِيءَ چاتِيءَ چيرَ.
"سچو" سائين جي پُڇين، ٿندَ سَيپئي ڦيرَ.

## ڪافي 88

"توکي عاشق پنهنجو ڄاڻان، تو کي سَون ۾ سُڃاڻان!"

"اسين تا توسان آهيون سدائين، وجهج ڪِين وڃاڻا".
"آهي تا آهن نظر اسان کي، اَچِي جي در وڪاڻا."
دستئون ڪري ڏِنوَ هي مان کي، يارَ دارؤن جا داڻا.
سَهِج "سَچُو" ساڻ يقيني، محبوبن جا ماڻا.

## ڪافي 89

اوڏاهون قاصد جي آيا، هُلائِي هِيءَ وائِي:

"هاڻي هوتياڻِن جي هُئِي تو ڏي تياري".
"واٽان پُڇِي ٿانهنچون تو اَصل ڪان آري".
"ڏاري، سنديو حال جِي هٿ معلوم سَيائِي".

Gul Hayat Institute

"اهو رَکج آسرو جو اَج توڏي اِيندا".
"ڏيهِي ٻانهون ڳلِ تو وري پِرين پَرچائيندا".
"هيڪنَد ٿيندينءَ هوتَ سان، تون جاڳندي جاءِ".

"مارئِي ماندي نہ ٿِيءُ، چو گوندر گذارين".
"واتان اَچڻ ان جون ٿِي نِت نِت نهارين".
"جهڙي تون هِت آهين، آهين هُتِ پِي اُهائِي".

"وبو وڇوڙو وچ مُؤن، تون گڏيئن سئينءَ ساڻ".
"تو سان آهن سُپرين، پَري پاءَ نہ پاڻ":
"سچو" ٿِيندين سيگهڙي، اِها وائِي سوائي!

## ڪافي 90

منهنجي اڱڻ اَج آءُ، پرديسيئڙا ڙي يارا

والي شالَ وصال جو ڪو وري لڳي واءُ.
اڃي هَڏ نہ هِتَهين، سانوَلَ تو ريءَ ساءُ.
ميان مشتاقن جو، اَچي صاحِبَ لهہ سَماءُ.
دانهون ڪري دردَ ۾، جا ٿَتي فِراقاءُ.
ٿيون مَدايون ڪيتريون، سائين "سَچُوءَ" ڪانءُ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 91

ڪيچي ڏنم اَج اِتي، اوهين تا ڇا تا پانيوا

سال لنگهِي ويا ڪيترا، ڪاڪيون ريءَ ڪِتي.
اَج تا وينديَس ڪاڏي ڪِينڪي، هُو سو تا، منهنجو هتي.
منزل محبن جي جتي هوندي، ميان، هونديون سَرهايون تتي.

موڳائيءَ جي مونجهه ۾، سائين الا، ڪان ڏسي گپ ۾ گتي.
سودو سيٽڻ سان حال ٿيندو، ميان ”سَچُو“ سِرَ ڏتي.

ڪافي 92

اَڄ اوڏانهين سي آيون، مون ڏي خبران خير جون!

”پيو تا توسان دوستَ وي، ڪون برابر پايون.“
”لکِي مَؤن معلوم ٿيو، هاٽي پير ايڏانهين تا پايُون.“
”سَنپري توکي ميان ڏيهه سنڌِ، لَکَ ٿورا تا لايون.“
”سورن واريون سيئي ساعتون، توتان لَکَ لنگهايون“:
توکي ٿينديون هاٽي حاصل، ”سَچُو“ ري سَرهايون.

ڪافي 93

منهنجِي حجت توسان ناهه، توکي موليٰ ميڙي يار!

مون هِن نماڻِيءَ کي، آسَر سَندُوَ آهِ.
اندر ٻاهِر تا تنهنجِي، جانبَ آهي جاءِ.
ڏونگَر ڏورڻ آئيا، ساجَڻ تنهنجي ساءِ.
”سَچُو“ آهي سِڪَ ۾، لالَن تنهنجي لاءِ.

Gul Hayat Institute

ڪافي 94

پُڇن ڪوهه طبيبَ، او سوزَ واريون سرتيون، پلو الوَ!

پيدا ٿيندا پاڻهين، ڪول آبَس قَريب.
ڏِيَن ڏيکاري ڏِيلَئون، آچانڪ عجيبَ.
”سَچُو“ وَسَن سي سدا، هينيَڙي منجهه حَبيبَ!

## ڪافي 95

آلاَ باري بِرهہ ڍولڻ هي، دل ديواني منهنجي ڪيئي!

اوري آتَڪ نہ رهي، خاص پِرين پڪيئِي.
پياريائون پُر ڪري، پِي سڀ وائِي ويئي.
راتيان ڏينهان روحَ ۾، ”تَيا تَيا“ آهي ٿيئي.
اکيون دل ”سَچُوءَ“ جِون، پاڻ سِکيون ڪِيئُون بيئي.

## ڪافي 96

يار لايو رنگ، ڏِس تون، جي هُيَئين ڳنهن حالَ ۾!

محڪم رهين آحوال ۾، قائل نہ ٿي تون قالَ ۾.
خيالَ باجهون خاص تنهنجي، هُئي جِيڻ جَنجَال ۾.
جي هُئين ڪو دَم اِتي، تا هُج تون خاصي خيالَ ۾.
اَصل ۾ يڪتا ٿِئين، عاشِقَ چئو اَمثالَ ۾.
محبت مَگر مرشد سندي، آڻين اِنهي اَحوالَ ۾.

## ڪافي 97

”تو ڪِيئن اُهي وسري ويا، جن ڪي تو ٿي ڪارون ڪيون؟“

Gul Hayat Institute

پانڌيءَ پِريَنءَ جي پار ڏنهُن، آندي خبر اها يار ڏنهن.
آيو اصل اسرار ڏنهن، دوسن سندي دربار ڏنهُن.

”ڪيئن تون پئين بيءَ ڳالهہ ۾، هِي جيءَ وجهين جنجالَ ۾.“
”چئہ، آهين ڪهڙي خيال ۾؟ رهہ تون هميشہ حالَ ۾.“

”ڪانئن پاسي ڏينهڙا پيئي، سي ڳُڻَ سَندن وِسري ويئي!“
”سچا سخن سانپَڙ ٿِيَئي؛ سڌ ڪين ڪڏهن نا هَيئي.“

”ڳالهيون سَجَڻ جون ياد ڪر، دل ساڻ ٿي عاشق آيو“.
”تا تو اچي نازڪ نظر، هَيءَ هَيءَ متان ٿئين بيخبر.“

”جيڪس فِراق جي فال هُئي، ڪا ڪين تنهنجي ڳالهه هُئي“.
”تو ڳڌُ جِيڻ جي جال هُئي: اَڄ تو نہ تن سنڀال هُئي!“

”اِتي وِساريئي ڪيئن ويهي، جي ڏيهَہ هئا تنهنجا ڏيهِي“؛
”تو ڪي آئِي مَصلحت ڪيهِي؟ هاڻ پاڻَ ايندا اڄُ پيهي.“

”سچو“ متان دلگِير ٿئين“. اَڄ پاڻ فرمائِيون ائين،
”طالب وجي تَسلا ڏئين، معافي مَدايون ڪيون مئين!“

## ڪافي (98)

وعدا اُهي اَڄ ياد پئيا، مون سان قريبن جي ڪيا!

ڳالهيون ڳجهيون اُهي يارَ جون، اصلون ٻُڌيم اِسرار جون.
سي ٿيون عطا اعتبار جون، دل ۾ رهيون دلدار جون.

واليءَ اِهو وعدو ڪيو، جو ڪم ڇيوسين سو ٿيو.
”هڪ ٻول تو سان، نا ٻيو وِسري نہ مون ڪَون سو ويو.“

فائِق وري فرمايو، ”تو سِرُّ اسان جو سائيو“،
”اهو ڏسڻ مون آئيو دل ساڻ سو مون لائيو“.

”سَچُو“ سدا سَرهو رهين، هِن ٻولَ اسان جي تي ٻهين“،
”تون ناهہ تا هِن تي نهين، سِر بار برهي جو سَهين!“

Gul Hayat Institute

## ڪافي (99)

ڪاڪيون مون ذي ڪالهه، دلبر لِکيا دلاسا!

اِيندا اَڱڻ سي تانهنجي، جَن لاءِ سِڪينءَ ٿي سال.
هاريون! هجر فراق جو واربو ورق وصال.
سَرهو ٿيڙءِ ساهُہ مون، لاٿؤن ڪُل ڪشال
ڪَرم ڪيائون پانهنجو مُنهنجي نِي ڇا هي مجال.
نِرّ نہ ماندو تون ٿئِين، لَهندءِ "سَچو" سنڀال.

## ڪافي (100)

ديواني هِن جي دل ڪِيَو: ڪو دوست دلاسو ڏيو!

تو ٻاجهَون سانول سائين، ڇئو ڪير ڪو ڇڄندو ٻيو؟
تو هون الاجي ڪيئن سائين، سو واعدو وسري ويو؟
گُهرجي سعيو تنَهن جو گهڻو جو پيش اوهان جي پيو.
ڪنهن کي ڏيان هِيءَ دانهڙي، هَي بِرهہ بيراڳي ڪيو.
هَي هَي نِي ههڙو حالڙو اَي يار تان توريءَ ٿيو.
هِيءُ ساهہ منهجي سَريرمؤن، هَي تان تنهنجي نازن نِيو.
نِجهري نِماڻيءَ جي اَچي، هڪ ڏينهن پاءِ لالڻ لِيو.
ڪيو ڪالهہ هادي قول تو مِڙنئِي اڳيان مون سان اِهو.
هوندس "سچو" تو سانن آءُ، تو ٻِيرُعبدالحق' ڇيو.

## ڪافي (101)

عشق آکين نيئي لايو مَستانن محبوبن سان!

سِر مٿي مون سَرتيون، وِرهي مينهن وسايو.

البت ويندیس اوڏهين، پَلُ پاڙيچون نہ پاين.
آءُ ڪيئن ويهان ماٺ ڪري، سورن هٿ سِجهايو.
جا سِيبايَوَ سرَتيون، ڳالهہ اُهائي ڳايو.
حاصل آهہ حبيب جو "سچوءَ" تي سڀ سايو.

ڪافي (102)

مون کي مِهڻا ڏئي، مَرُ ڪا پارؤن پِرينءَ جي!

هيءُ تا حبيبن ري پيالا زهر تِي پئي.
ڏوڙو ڏک مون پرائيو هَي دوست جي وئي.
روز پرينءَ جي پار ڏي، مون کي نينهن ٿو نئي.
سارو ئي ڪم "سچو" ٿيو ، پُنيءَ دوست جي پِئي.

ڪافي (103)

دمَ دمَ جا ڏيدار وو آيَر آسان جي نار تي!

بگا ڏاندَ پڏائون پيئي، تَن جِي ڳالهہ ڪريان آءُ ڪيهِي،
وهَن ڏارو ڏارَ ڳاڏيءَ جي ڳِنڪارَ تي.

ياروني هِڪڙي چَڪريون پيئِي، آرا انهن جا آهن اِهي ئي،
وهن بارو بارَ وو لَٺ واريءَ للڪارَ تي.

ڦرهيون ونگڙون آهن اوياريون، اِرڙيون سونهَن مالَهہ موچاريون،
جَهلڻ جا جهَلڪار وو لوڻن واريءَ ڏڏڪارَ تي.

ڍِڍِي چونڪ جوئر جا نِسري، ڳنا تنهن جا ماکِي مِصري،
کِيرن جا بہ خمار وو آهن پيهيءَ واريءَ پونجار تي.

Gul Hayat Institute

ڪانگَن ڪانگيرو وهِينَ واهيرو ڪَہَرن، ڳيرن ڪير اَچي گهيرو
ڳوڙهن جا وسڪارَ وو جهرڪين جي جنسار تي.

آيو نيسرَ پارَڇ ۾ پاڻي، مرشد اپني ٽيڙمِ ساڻي،
سا جوئر پَچايم جار، وو آهن ڪم"سَچل"جا ڪلتار تي.

ڪافي (104)

توڏي هُيَن ڪا تياري،

اِجهي اَجُ سي اِيندئِي، مان!

رکج وڏو آسرو جي تو محبت ماري،
اُهي نال تہ نيندئِي، ميان.
آچي اَڱڻ تانهنجي، ڏيندئِي سي دلداري، ميان.
سُنوان طالِع ٿيندئِي، ميان.
وٽي گهٽي يارَ کي، زور نہ زياده زاري،
وري پوءِ نہ ويندئِي، ميان.
آهي هَٿِ حَبيب جي، ڳالهہ "سچوءَ" جِي ساري،
ڏاڍا ڏان سي ڏيندئِي، ميان.

ڪافي (105)

Gul Hayat Institute

هيڏي اَچڻ جِي آهہ، ڙي، پانڌي يارَ پِرينءَ کي!

پِريان ريءَ پَرديسَ ۾، آهي آسان سان ڌاءِ ڌاءِ ڙي،
وِهَن ڪارڻ يارَ سَجَڻ جي، چِت ۾ جوڙيَم جاءِ، ري
پوٺيون هِت پٽايان، لَکين لالَڻ لاءِ، ڙي
سِڪ سَجَڻ جي ساهَہ ۾، سا ٿِي تا نہ سَماءِ ڙي
سالَ "سچوءَ" کي آهي ٿي، دوسن جِي واءِ وِاءِ، ڙي

## ڪافي (106)

ڪاڏي ويٽڙا، ووءِ پرين پاڙيچا!

جاڏي هَليا، ٿهڊِل تاڏي، هَلُ تون هِنيڙا، وو.
محبن مون سين عَجَب جيها، ڪيئي ڳُڻ ڪيڙا، وو.
گوندر گاڏائون ڏينهڙا، هت جالڻ جيئڙا، وو.
هِن آجايا اُنهن ٻاجهون، جي پلڪ پيڙا، وو.
"سَچوءَ" سَندا سانوَل ٻاجهون، هي حال هَي ٿيڙا، وو.

## ڪافي (107)

آئين هَلِي هِن جاءِ، وي،

هِڪ ساعت ڪارڻ تون سانگِيڙا!

ڪا گھڙي نيباهُ نہ جاڻج، پيچ نہ تَنهن سان پاءِ، وي
"الدّنيَا سَاعَةُ" اِهو نُڪتو دل سان تون لاءِ، وي
جاڏنهن آئين تون وڻجارا، وري وڃڻ اوڏنهن آءِ، وي
دنيا ۾ دَمَ ڪيئي گذاريئي، "سچو" سچڻ جي ساءِ، وي

Gul Hayat Institute

## ڪافي (108)

پاڙيچون ني پِرين جو مون کي پُور اج نِي پيو.

انتر جنتر مَون تي هَي نيهڙي نيو.
جيڪي ڄڀيو نجوميءَ، سو تا صحيح ٿيو.
چرخو پَچي چيهاڙيون، مون تي ڪاڪيون ڪيو.
هِن جان ٿئي جميعت، لالَڻ جي پائي لِيو.

ڪو ڏس اچي پريئن جو هِن ڏاھ ڪي ڏيو.
جي در اچي سو دلبر، تا جِيءُ ”سچوءَ“ جو جيو.

## ڪافي (109)

آءُ وڙي تون تان ويھُ، سڄڻ آءُ تان تنهنجڙي آهيان!

آهون عاشق جون سُڻي، چڏ پرين پَرڏيھُ.
پکي پاڇيائين جي ميان، آءُ پرين تون پيھُ.
اَصل لاڪون آهي ئي، هِي ڏاها تنهنجڙو ڏيھ.
”سچو“ جو ئي سپرين، آءُ ساري ساٽيھ.

## ڪافي (110)

گھوري جانيءَ ري جدائِي، گڏ گھاريون، هوءِ هوءِ!

معلوم توکي پرين، سائين سا ڳالھ سيائِي.
شالَ ڪنن سان نہ سُڻان، تنهنجي وڃڻ جي وائِي!
تو ساڻ چِنڻ ڪارڻ تان، يار نہ مون لَڙھ لائي.
پَن ويچوڙي جي شاهِي، دلبرَ، وَر سان گڏ گدائِي.
ساڻ ”سچوءَ“، هو ميان سُپرين، سائين تون گڏ سدائِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي (111)

دارُون نہ ہيو ڏئين، آهي طبيبُ عشق منهنجو!

ديليون دارونءَ سنديون، موٽي نال چو نِئين؟
ڳالھ اِهائي عاشقن جِي، هيءَ لاءِ سان هِنئين.
اوڏنهُن اولانيو آئِيو چو وڃ ڏي وئين؟
رَک ”سچو“ ڙي سوز سيني ۾، تان تون سچو ٿئين.

## ڪافي 112

مُحبن مُڪَا مون ڏي وري، اج ڏوٽ ڏوراپا ڏئِي!

سُٽي سَنِيها يارَ جا، ٻولي ٻَڌيُم ٻانهون ٻَئِي.
دل ديري ڏي دوست جي، وهندو اِنهيءَ وبلي وئِي.
مون کي وساريو ڪيئن اَڻئي، مون پرت توئي سان پئِي.
تنهنجي اسان جي وڇُوڙ، ڏس ڏينهن ويا گذري ڪئي.
مون تان ڪيون تو ساڻ جي، سانيج "سچو" ڳالهيون سَئِي.

## ڪافي 113

اَڄُ اَڱڻِ اِجهي آيم، پَرديسي گڏيم، ميان!

پيهِي پڪي آئيا، لَنؤ جنِين سان لايَم.
ڪوڙين قاصِد ڪيترا، هوتن پار هَلايَم.
پُڇيم جَن لاءِ پَنڌڙا، سي واليءَ پوءِ ورايَم.
اُنهن ڪارڻ سرتيون، سِرَ تي سورَ سهايَم.
سيئَي "سچو" آئيا، جَن لاءِ ڪانگَ اُڏايَم.

## ڪافي 114

ڏِس ڪھڙين ڦيريون پائي، اهولِڪ لِڪوتي يارُ سچڻ!

غمزي هن غيرت تِي، جو عشق لَڪَن سان لائي.
عِلم عقل ويو اڏري، عين عشق جي آئي.
طَبل ٻيا سڀ تم ٿيا، جڏهن نوبتَ نِيهُن وڄائي.
نحو صرف ويو وسري، جاتي پاڻ خيال کُپائي.
رَمز پنهنجي راز جي، تو "سچوءَ" کي سمجهائي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 115

اڙي مهر پئي، مون کي يار سَڄڻُ، دارون ڪو دل جو ڏئي!

قدر پيو مون کي ڪاڪيون، ني وو وو، ويڄن وِئي.
آٿر منهنجي درد جو اديون، شال طبيبن ٿِئي.
ورهيہ ويڙا گذري، هِن عاشق آهون ڪِئي.
وِرهہ وهايم جيڏيون، پوئتان پُرجهڻ پئي.
ٻُڪي ڏين جي ٻاجهہ جِي، تان جِيءُ "سچوءَ" جو جِئي.

## ڪافي 116

محبت جي مِي ماريو ڙي مون کي،
ڪاڪيون ڪنهن سان ورهہ وراهِيان!

عقل علم سڀ ڇوڙ ڏنو سي، عشق ڏنو اولارو.
اکيان کول تہ ظاهر ڏيکين سير سڄڻ جو سارو.
پُرجهي پير ايڏاهِين پايو هوت آٿو هاڪارو.
محبت مون منصُور وڄهايو ڳچيءَ جي وچ ڳارو.
سَنبرُ "سچيڏنا" جي يار سدائِين، ووهَہ ڪيو جان وارو.

## ڪافي 117

Gul Hayat Institute

ياڪي ٿيو يار آسان ڪئن، دل نِماڻيءَ جِي ڪِسي!

وينِي ڏسان واٽ اوهان جي، مانَ ڪو رهبر رسي!
آَچڻ هِن جو يار ايڏاهين، ڏيهہ منديِ ڪو ڏسي!
سِر "سچوءَ" جي يار سدائِين، ورهَ جو مِينهڙو وسي.

## ڪافي 118

ڳالهيون ڳارن ٿِيون، ميان، دل کي دوستن جون، ميان!

ياد اَچن جي ڳالهيون، اُهي ڪوڪان ڪارڻ ٿِيون.
هو جو ڪيائون ڳُجهه ۾، اُهي مامان مارن ٿيون.
ڳُٹن واريون ڳالهڙيون، اُهي ہارڻ ہارن ٿيون.
ٻَسَرڻ ڪارڻ آڪڙيون، صاحب سارن ٿيون.
ٻاٹِيءَ گاڏون رتَ جان، هنجون هارن ٿيون.
اکيون ڏسَن نہ غير کي واحد وارن ٿيون.
"سچو" اُهي ڳالهڙيون، نِت مون کي مارن ٿيون.

## ڪافي 119

تنهنجِي آهيان آءٌ، پنهنجي ڪري ڄاڻ!

جاڏي تاڏي توهين دلبر، ڪاڏي ڪاهيان آءٌ،
هونديس اوهان ساڻ.
آءٌ ڪنيزڪ تون تان سائِين، سَگ نہ ساهيان آءٌ،
چيٹڪ ڪَيس اَچاڻ.
سِڪن ڪيئِي تو لَءِ سانوَل هِڪ تا چاهيان آءٌ،
صدقي ڪيمُ پاڻ.
تو هَئون ٻاهر سُڻ "سچو" ري ڪنهن دم ناهيان آءٌ،
پنهنجو جهلِج ٻاڻ

## ڪافي 120

تنهنجي ڪارڻ ڪاريو هوءِ هوءِ هوليڙوا

ڪنهن سان ڪريان سُپرين، تنهنجين ڳالهين ڳاريو.

Gul Hayat Institute

ڪنهن در ڏيان دانهڙي، تنهنجي محبت ماريو.
آگ عِشق جي اَندر اسان جي، ڏاڍو بارڻ باريو.
آءُ اوهانجڙي آهيان، والِي ڪِيم وساريو.
پاڻئون پاسي نہ ڪريو، سگ "سچو" پنهنجو ساريو.

ڪافي 121

سُهڻا توکي ڪيهو هاڻِي هاڻِي،
ڏوراپو ڏيان، پلو مَن موهَڻا؟

وس ويچاريءَ جو ناھ اَصل ڪَون، تون پرين پاڻِهين جاڻِي
اَندر منهنجي وو آهي اوهان جِي، ڏاڍي سا سِڪ ساماڻِي.
اَوهان ٻاجهون وينئي اوتيان، پنبڻين مان پاڻِي.
"سچو" اَوهان جو آهي اَصل ڪَون، پنهنجو سو سگ سُڃاڻِي.

ڪافي 122

چو تو چڏين چو تو چڏين، مون کي هاڻي،
آءُ تا تنهنجڙي آهيان!
پارڻُ پنهنجو پاڻهين، سارڻُ غريبن گڏين.
پکا پکن سامُهان، اوري سي دلبر آڏين.
"سچو" نهاري واتڙبون، ايندين صاحب ڪڏهين.

ڪافي 123

رهجِي آچي منهنجي يارَ توسان!

آءُ چا چاڻان عشق منجهارؤن، ٻِرهي والڙا بار.
طرف ٻئي ڪنهين خيال نہ پانيان، آهي سدائِين يار.

Gul Hayat Institute

هوندين هميشه گڏ اسان سان، نيٽن وهايم نار.
ٻانهن "سچوءَ" جِي سُهڻا سائِين، پرتِي آتئي سردار.

## ڪافي (124)

تون تا ڪڏهن اِيندين، يار،
تُنهنجِي روز نهاريان راهه!

سِرَ تي چاڙهيا سُپرين، بِرهَه تنهنجي جا بارَ.
راتو ڏينهان روح کي، تنهنجِي سارَ سنڀارَ.
وهَن ٿا واڪا ڪيو نينن سَندا نارَ.
آءُ تا هڪڙو ناهيان، تنهنجا عاشق لکَ هزارَ.
سورَ سَندءِ ميان سُپرين، مون کي ڪوهِه هڻن قهارَ.
پِرين پارِج پانهنجا، جي ڪيئِي قولَ قرار.
ڏوهه ڏيان ٻئي ڪنهن کي، آهي مون ئِي سِر مَيارَ.
اندر منهنجو آڏ ڪيو جانِي اِنهيءَ جارَ.
اَٿ ئي پَهَر تي وجي تُنهنجِي تَند تنوار.
مُئِيءَ کي ماري اِتهين، تون وئين ڏئُهن وٽڪارَ.
"سچو" سَگ اوهان جو تو روئي زاروزار.

## ڪافي (125)

Gul Hayat Institute

ناهي هِنَ درد جو دارون، تو ئِي وٽ يارَ طبَيبا!

تِرَ تفاوت درد نه ڏيندءِ، چوڙين جا سِرَ سَرارُن.
ڦڪي ڏيڻ سان جي وجي ٿو هينرو هاٽي هيڪارُن.
سوز گداز نِيٖ وي، غم فراقان، لائن ٿا قول قطارُن.
دوا درد جيٖ سوئي ڏيندو جر ايندو پرين جي پارُن.
ناز پرين جيون يار "سچوءَ" جي، هِن تان ساهِه سنڀارُن.

## ڪافي (126)

منهنجو شرم سَيوئي آهي، جيڏيون تان پِير مُغان تي!

وري ڏنائون پاڻ ڏي پاڙهين، نا تہ هئا حالَ اسان هي.
اُهي پاڙيائون پاڙهي پانهنجا، هو جي قول ڪيائون ڪي.
جَن پيارو پُر پيالو شالَ ساقي جِيَن سي.
سَدا اُهي وسَن آسان وٽ، جاني جِيءَ جا جي.
سِرّ "سچوءَ" کي ڏَسيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هَٿؤن ڏي

## ڪافي (127)

آهي صبح انجامر پرين، تنهنجي ٻِلا پار ڏي!

آسان ڪنيو تان تنهنجو سِرَ تي ڪُل ڪمامُ.
دانهون ڪري درد مؤن، بِرهُہ نہ ڪر بدنامُ.
جي تون پُڇين ڳالهڙي، طلب نہ ڪج تمامُ.
اڳڻ اچن ٿا تانهنجي، عاشق ڪر آرامُ.
"سچوُ" سَيو تانهنجو ڪيوسي قبول ڪلامُ.

## ڪافي (128)

يار چڱي تو تان مون سان لائي، ڙي دلبر، لائِي!

دوست دلاسي جي دردمندن ڏي، مُج ڪتابَتَ ڪائِي ڪائِي.
تنهنجي آچڻ جي يار پرين ڙي، هِتِ وري تي وائِي وائِي.
جا وٽيوَ دل پنهنجيءَ کي، ڪيو سانول سائِي سائِي.
خبر خوشيءَ جي پارؤن اوهان جي، آَج اسان وٽ آئِي آئِي.
حال ڏسي ڪري يارَ "سچوءَ" سان، تيءُ آچي ڏکَ يائِي يائِي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي 129

اِجهي آيا، ڪِلي گڏيا سي، جن جي ڪارڻ پانڌي پُڇياسي!

فلڪ فِراقي ڏينهن ڏُهيلا، اُهي سي ئي وسري ويا سي.
پاٽؤن جاٽي، سي پيهي آيا، جن جي ڪارڻ چِلا ڪياسي.
اَسان پانيو تان آرام ٿيوسي، ناز نيٽن جي ناگهه نِياسي.
جيئن وٽي ڪين تيئن ڪرن سي، وس پِرين جي وجي پياسي.
ويڙهي اسان جي "سچو" آيا سي، طرف جنهين جي قاصد ڪيياسي.

## ڪافي 130

متان تون مون کي ڇڏين، سُونهان ڙي سجڻ جا!

محبوبن سان ناٺءَ ڏٺيءَ جي، نيئي غريب کي گڏين.
نٿو جاٽان ڏينهن اُهو ٿي، ٿيندو الاجي ڪڏين.
جڏهن تون حاضر ٿئين حضورين، ناٺءَ "سچو" ڪري سڏين.

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻچاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

Gul Hayat Institute

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)

Gul Hayat Institute